دلين جو ميلاپ

گجراتي ناول

ليکڪ

پنا لال پٽيل

انواد ڪ

شيوڪ پوجراج

ساهتيه اڪاديمي، نئين دهلي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دلين جو ميلاپ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Dilyun Jo Melap : Sindhi translation by Shewak Bhojraj of Panna Lal Patel's Gujarati novel Malela Jeeva. Sahitya Akademi, New Delhi (1971).

SAHITYA AKADEMI
REVISED PRICE Rs.10-00

حق واسطا
ساهتيہ اڪاديمي ١٩٧١

ملڻ جو هنڌ
ساهتيہ اڪاديمي
رابندر ڀوَن
٣٥، فيروز شاه روڊ،
نئين دهلي - ١

مڪيہ ايجنٽ
هندستان ڪتاب گهر
١٩ - ٢١ حمام اسٽريٽ
فورٽ، بمبئي ١.

پرنٽرس
سندر پرنٽنگ پريس
ڪيسر گنج، اجمير.

SAHITYA AKADEMI
REVISED PRICE Rs.10-00

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نويدن

(ڪتاب جي پهرئين، ٻئي ۽ چوٿين
ڇاپي ۾ لکيل ڀومڪائن جو سار)

”ڦول ڇاٻ“ (گجراتيءَ ۾ اڳي نڪرندڙ هڪ پتريڪا) جي دعوت کي مان ڏيئي ڀيٽ پستڪ لکڻ جي جريت ڪري ته وينس، پر اڄ ”ڦول ڇاٻ“ جي گراهڪن توڙي ٻين ساهتيه پريمين اڳيان هيءُ جيڪي مون لکيو آهي، سو جڏهن پستڪ جي روپ ۾ پرسڌ ٿي رهيو آهي، تڏهن انهيءَ جريت لاءِ پڇتاءُ پڻ ٿئيم ٿو.

هڪ ته انهيءَ ۾ اتهاس جا اتارا ۽ سي به وري شري جهويرچند ميگهاڻيءَ جي قلم مان، پوءِ باقي ڇا چئجي؟ مڃاڻان انهيءَ ڪري اهڙي رونقدار قلم جي هريل ”ڦول ڇاٻ“ جي گراهڪن کي منهنجو هيءُ لکڻ سوادي ڪونه لڳي، سو سڀاويڪ آهي. پر انهيءَ خيال کان پاڻڪ جيڪڏهن ڪتاب جي پوئين صفحي تائين پهچي وڃن ته ايتروئي منهنجي لاءِ سنتوش دايڪ چئبو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي ههڙي جهڙي لکڻ کي ٺاهي ٺڪي پستڪ جي روپ ۾ آڻڻ جي جفاڪشي ۽ محنت جيڪا شري نرنجن ورما ورتي - شري جئمل پڻ بيشڪ - ۽ ڪاريالي ۾ ڪاريگرن جي ڪشمڪشا ته مون پنهنجي اکئين ڏٺي هئي؛ سوايتري سڀ هوندي جي سندن نالو هن ڪتاب سان ڪين جوڙيان ته آءٌ ڪرتگهن چئبس. شري ميگهاڻيءَ جي همٿ افزائيءَ ۽ شري ناٿا ڀائيءَ جي مدد لاءِ آءٌ انهن ٻنهي جو به اتينت آڀاري آهيان.

* * * *

"مليلا جيو" هڪ پاسي ساهتيه سرشٽيءَ ۾ منهنجو پير کپايو ۽ ٻئي پاسي مون کي سنيما جڳت ۾ کينچي ويو. ڊئريڪٽر شري اين آر آچاريه جي هٿن سان منهنجي ڪلپنا ۾ جڏهن رنگولي چٽجي رهي هئي- ڪاغذ هاڻ سيلوُ لائڊ تي اُتري رهيو هو- تڏهن اهو ڏسي "مليلا جيو" منهنجو حوصلو وڌائي ٻيڻو ڪري ڇڏيو.

۽ ڪيئن نه ٻيڻو ئئي؟ منهنجي خيالي پاترن جيويءَ ۽ ڪانجيءَ کي جيئرن جاڳندن انسانن جيئن هلندو چلندو، نچندو ڳائيندو، پريت ونڊيندو ۽ وري وجوڳ جي ويدنا ۾ برهه جا ڀڙڪا ڏيئي ٻرندو جلندو، مون کي خود پنهنجي اکين سان ڏسڻ جو وجهه مليو.....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو انڀؤ ۽ ”الجهن“ نالي سان ڪا فلم نڪتي هئي. سا ڳالهه پڻ سمي گذرڻ سان ڪداچ ڀلجي وڃجي ۽ پر ان وقت جي ڊئريڪٽر شري اين آر آچاريه - اڙي اصل ساري سندس اسٽاف - جو ان ۾ بنهه غلطان ٿي وڃڻ، تنهن سواءِ سردار اختر جي ائڪٽنگ، اهي ڳالهيون ته ڀُلي به ڪين ڀلائبيون.

* * * *

”مليلا جيو“ جي هن چوٿين ڇاپي لاءِ خاص طور بمبئي يونيورسٽيءَ جس لهڻو. ڪتاب جي پسند ڪندڙ ودوانن توڙي بمبئي يونيورسٽيءَ جو آءٌ تهدل شڪرگذار آهيان. باقي هونءَ جيڪڏهن ڪنهن به انسان کي ڪهڙي به وقت هن مان ڪا به پريرڻا ملي، تڏهن ئي ليکبو ته لکندڙ جو اوتري قدر پورهيو سڦلو ٿيو.

پنا لعل نانا لعل پٽيل

ڏونگرپور - راجستان سنگهه،

مانڊلي: ٧ مئي ١٩٥٠

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انوادڪ جا ٻہ اگر

آزاديءَ جي هلچل وقت آءٌ جڏهن جيل ۾ باند هوس، تڏهن وقت جي پوري فائدي وٺڻ ۽ وندر ورونهن لاءِ مون ديس جي جدا جدا ٻولين جو اڀياس ڪرڻ شروع ڪيو. نمونو اهو ورتم، جو هرڪنهن ٻوليءَ جي چند ڪتابن مان خصوص ننڍين ڪهاڻين جو انواد سنڌيءَ ۾ ڪرڻ لڳس.

واندڪائي هئي ۽ صبر بہ هو، سو آهستي آهستي ويس ٻوليون سکندو ۽ پڻ پنا چٽيندو. تن ڏينهين سنڌيءَ ۾ ڪتابن ڇپائڻ جي همٿ ڪانہ ٿيندي هئي. آکاڻيون اخبارن ۾ پڌريون ٿيون ۽ پر ڪم نصيبان انهن جا نقل بہ مون وٽ ڪين رهيا. اجهو ائين منهنجون گهڻيون لکيتون غائب ٿي ويئون.

١٩٣٤ع ڌاري جڏهن سنڌ ڇڏڻي پيئي ۽ آءٌ بمبئيءَ ۾ آيس، تڏهن گجراتين جي صحبت ۾ اچڻ ڪري، مون کي گجراتي ڀاشا جو وڌيڪ مهاورو ٿيو. آءٌ گجراتيءَ ۾ ڳالهائيندو ٻولهائيندو رهيس ۽ ليک بہ لکڻ لڳس. گجراتيءَ ۾ هڪ ٻہ ڪتاب لکيم، سي بہ ڇپيا. بمبئيءَ ۾ گهڻا ماڻهو مونکي گجراتي ڪري سمجهندا هئا.

ساهتيہ اڪاڊميءَ مون کي شري پنالعل پٽيل جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گجراتيءَ ۾ لکيل "مليلا جيو" جو ترجمو سنڌيءَ ۾ ڪرڻ لاءِ آڇ ڪئي. مون هوش سان اها آڇ قبول ته ڪئي، پر جڏهن قصو پڙهڻ شروع ڪيم، تڏهن معلوم ٿيم ته اهو ڪنهن الڳ رنگ ڍنگ جو آهي. قصي ۾ ڳوٺڙن جون ڳالهيون ڄاڻايل آهن، سو ته ٺيڪ، پر ان جي پاترن جي ڀاشا به ٺيٺ ڳوٺاڻي آهي. اُن منهنجو هوش هيڪاري وڌايو، جو اڄ ڪلهه آءٌ رهان ئي هڪ بلڪل پٺتي پيل ڳوٺڙي ۾ ٿو.

قصي ۾ ڳوٺاڻي جيون جي سادگي ۽ سرلتا، ماڻهن جي ورتڻ ۽ وشواس، ريتين رسمن ۽ ڀوتن پريتن جون ڳالهيون ۽ پڻ عملدارن جي ڪارنامن جا احوال چڱيءَ طرح چٽيا ويا آهن. ٻولي بلڪل ڳوٺاڻن جي واپرائي ويئي آهي. ڪٿي ڪٿي سخن ۽ گاريون به انهن وانگر ڪڍيل آهن. ويندي لفظن جي هِجي به جئين اهي ڳالهائيندا آهن تئين ڪئي ويئي آهي، تنهن ڪري ذرا ڪٺنائي بيشڪ ٿي. ڪي لفظ ته ڊڪشنريءَ ۾ به ڪونه لڀندا. پر انهيءَ ڪري مون کي ڪيترو ڪي سکڻ لاءِ مليو ۽ ڪيڏو نه لاڀ ٿيو!

آکاڻي شروع ٿي ٿئي هڪ ميلي سان ۽ پوري به ٿي ٿئي ميلي سان. واتاورڻ آهي کيتن جو، کوهن جو، مچانن جو ۽ ميدانن جو. وچ وچ ۾ لوڪ گيت واپرايا ويا آهن، جن پاڻ ڪهاڻيءَ جي رونق وڌائي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون انهن لوڪ گيتن جو ترجمو گيتن ۾ ئي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ڪير ڄاڻي ڪيتري قدر ڪامياب ٿيو آهيان!

پريم جون ڳالهيون ته هميشه ئي نراليون آهن. پر هن قصي جي ڪهاڻيءَ ۾ پريت جي ريت تيهائين عجيب ۽ انوکي ڏيکاريل آهي. ٻن ڄڻن جو پيار هڪ ٻئي سان ٿئي ٿو. ذات پات جي ڀيد ڪري هو شادي نه ٿا ڪن. پر ٻئي هڪ ئي ڳوٺ ۾ رهڻ نعمت ٿا سمجهن ۽ آخر ۾ ڪيئن انهن ٻنهي دلين جو ميلاپ ٿو ٿئي، سو ڏيکاريل آهي. آکاڻي پڙهندا ته پتو پوندو.

انواد ڪرڻ ۾ اتفاق ڪري دير پئجي ويئي. ٻالڪن جي ٻاريءَ جي ٻارڙن سان ناسڪ جي سفر تي ويو هوس. اتي هڪ ٻالڪ کي گوداوري نديءَ ۾ غوطن کائڻ کان بچائڻ لاءِ ڊوڙيس ته پاڻ ڌڪو کاڌم ۽ ٽنگ ڀڄي پيم. شڪرانا ايشور جا جو ٻالڪ بچيو؛ پر آپريشن ڪرائڻ کان پوءِ پنج ڇهه مهينا کٽ وٺي وهڻو پيم- حقيقت انهيءَ ۾ به ڪا ڀلائي هئي. ڪيترا گجراتي دوست گڏجڻ ايندا هئا ته انهن کان ڪن لفظن جو مطلب پڇندو هوس. ڏسڻ ۾ آيم ته خود انهن ۾ گهڻا هڪ مت جا ڪين هئا ۽ ڌار ڌار معنائون ٿي ٻڌايائون.

هاڻ رهيو دستخط اتارڻ جو ڪم. سچي ته اهو مون کان ڪين پڄي. هڪ دوست مدد ڪرڻ جي آڇ ڪئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر گهڻي مدت گذري ويئي ۽ تڏهن به پرن پاڙي ڪين سگهيو. ايشور جي قدرت جو ٻيهر وري ڌڪو کاڌم ۽ ساڳي ٽنگ ڀڄي پيئي. ڊاڪٽر مورڳو ئي ٽڪر ٽڪر ئيل گوڏي جي ڍڪڻي ڪڍي ڦٽي ڪئي. بستري ۾ ٻيهر ڪتاب جو دُور ڪيم.

اجهو اهڙيءَ طرح ٽي چار دفعا ڪتاب سڌاريو اٿم ۽ هرڪنهن ڀيري ڪي نه ڪي ڦير ڦاريون ڪرڻ ضروري پئي لڳيون. نيٺ ڪنهن سڄڻ دستخط اتارڻ ۾ به واهر ڪئي. هڻي هنڌ ته ڪيم، پر آخر انواد ڪيئن اچي بيٺو آهي، تنهن جو فيصلو ته ڪندا پڙهندڙ. آءٌ پنهنجي سر پرسن آهيان ته مون کان جيتري قدر محنت ٿي سگهي آهي، اوتري ڪئي اٿم.

گجراتي ”مَليلا جِيوَ“ جو اُلٿو آهي ”دلين جو ميلاپ“ — سو پڙهو هيءُ قصو ته ڪيئن ٻه دليون پاڻ ۾ مليون ۽ هڪ ٿي وَيئون!

شيوڪ ڀوڄراج

ٻاپوُ گانءُ

دواران دهانوُ روڊ
ضلع ٿاڻا — مهاراشٽر
١ آڪٽوبر ١٩٦٨

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرڪرڻ پهريون

مؤلڪي ملاقات

ڪاوڙيا پهاڙ جي واديءَ ۾ جنماشٽميءَ جو ميلو لڳل هو. ڀڳوان کي سنان ڪرائڻ لاءِ تازي پاڻيءَ جي ڀرجي آيل برسات وسئي ٻه پهر ئي ڪونه ٿيا هئا ته بند به ٿي ويئي. جبلن جهڙا بادل لڏندا لمندا اوڀر طرف پسار ڪري رهيا هئا. سوريه پڻ ڌرتيءَ تي براجمان ٿي رهيو هو.

خاص ڪري جوانن ۽ جوانڙين سان اُڀامندڙ وادي ٻارهن ٻارهن مهينن جي مؤن ورت کان پوءِ اڄ ساعت ۾ ئي ڳائيندي ٻڌڻ ۾ ٿي آئي، ۽ ڪنهن وقت وري ڄڻ ته بنسريون ٿي وڄائي، ائين پئي لڳو. پهاڙ جي اوٽ ۾ آيل مهاديو جي پراڻي مندر جو گهنڊ ته هڪ ڪروئي وڄي رهيو هو. واپارين جا آواز ڪنهن ڪنهن مهل انهيءَ ڪولاهل مٿان تري ٿي آيا.

جوانيءَ جو مدوئي مستيءَ ڀريو آهي ۽ سا به وري هاڻ ته ميلي تي اچي مڙي هئي. ڪنني کان پار نڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيل نديءَ جي پُور وانگر اها جوائي اڄ ڦوهه ۾ هئي. ڪن ڪنگڻيون ٿي خريديون، ته ڪن وري داڻن ڀريل ڪپڙن جا ٽڪراٽا ٿي ورتا. جوانن پڻ گلن وارا ڦندڻ وٺي بنسرين جي جوڙن کي ٿي سينگاريو. ڪنهن ناريل ٿي ڳڌو ته ڪنهن وري ناريل جي ڪاچليءَ سان ٿي پنهنجو من پرڀايو ۽ اهو "ڪم" خلاص ڪري رهيل ماڻهو آمهون سامهون وارن ڪاوڙيا پهاڙن تي پانڊون جي مندر ۽ ڪلشيري ماتا جي درشن ڪرڻ لاءِ وڃي رهيا هئا. ٻنهي پهاڙن جي وچ ۾ ڄڻ ته ماڻهن جي لڏندڙ پل ٻڌجي ويئي هئي.

مهاديو جي برابر سامهون ٻئي پهاڙ جي اوٽ ۾ کپايل چوڏيل وٽ، جيئن جيئن ڏينهن جهڪو ٿيندو ٿي ويو، تيئن تيئن آخرين مزي ماڻڻ جي خيال کان جوانن جوانڙين جي ڀيڙ وڌندي ٿي ويئي.

اُلهندي واري ڏس کان ايندڙ گيتن ۽ گنڀير سر وارين مرلين ڪيترن ماڻهن جو ڌيان کينچيو. ڪي چوڻ لڳا: "اوهو هو، ڄاڻ ڌرتي ڦاٽي، اهڙا ٿا آواز اچن!" ته ڪن ڪن کلي به ٿي ڏنو. چي: "ميلو ته ڇڙوکر ٿيڻ لڳو آهي، پوءِ اجايو ڇو ٿا ائين ريل ڇيل رلندا وتن!" هڪڙي ڄڻي جواب ڏنو: "اهي پري پري کان آيل ٿا ڏسجن." ۽ ٻئي چيو: "پر هنن کي ته جلد پٺيان پير ڪري موٽڻو پوندو، پوءِ باقي سندن اچڻ جو فائدو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ئي ڪهڙو؟"

پر چئن جوانڙين ۽ پنجن جوانن جي هن ٽوليءَ جو روف قدري نرالو هو. کن پل ۾ خريدي به ڪري ورتائون ۽ ٻنهي پهاڙن جي چڪر جو ويچار ڇڏي، اچي چوڏيل وٽ بيٺا. پنهنجو پاڻ ۾ چوڏيل جي موج وٺڻ جي صلاح مصلحت به ڪري ورتائون. انهن مان چار ڄڻا اهڙا هئا، جنکي چوڏيل ۾ وهڻ ڪري چڪر ايندو هو. باقي رهيل پنجن ڄڻن، ٽن جوانن ۽ ٻن جوانڙين، چوڏيل ۾ جاءِ وٺڻ لاءِ ڪمرڪشي.

ٽوليءَ ۾ سهج ئي اوچ آستان ماڻيندڙ جوان پنهنجي ڏهن سيرن جيتري وزن واري مڻين ڀريل ڇٽي هڪ ڇوڪريءَ کي ڏيندي چيو: "وٺ ڪاڙي، هيءَ ڇٽي. ذرا سنڀالجانءِ." ۽ آکيائين: "چوڏيل بيهي مس ته هڪدم پالڪيءَ ۾ ٽپو ڏيئي چڙهج نه ته اِتيئي ٽنگي بيٺي هوندينءَ." ۽ پاڻ ڏانهن نهاريندڙ هنن ٻن جوانڙين کي چيائين: "توهين چونديون هونديون ته ڪانو ڀائي اسان کي ويهاريندو ۽ اسين سولائيءَ سان ويهي رهنديونسين، پر اهڙن خيالن مان اڄ نه ڪجهه وٽينديون، نه سٽينديون." ائين چئي سائي جوان کان ورجائي پڇيائين: "ڪيئن هيرا؟"

"ها ها وري هنن کي وهارڻ لاءِ ترسون ته ههڙيءَ ڀيڙ ۾ سارو ڏينهن گذري وڃي، تڏهن به ڪو وارو ايندو؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اِنهيءَ ڪري ته مون نابري ٿي واري ؛ ڇوڪريون، هڪ ته دير ٿي ويئي آهي، ٻيو وري ٿيون اسان سان برميچيو. پر ته به ڪين مڃيوَ، هاڻي چکيوَ ميلي جو مزو!“ چئي، ڪانجي کلڻ لڳو.

ڪانجيءَ جي عمر ۲۵ سال کن هوندي. جهڙو قداور جوان هو، تهڙو سندس بدن به سڀر هو. سندس مزاجي اکين ۾ جيتري مسڪراهٽ هئي، اوتري لاپرواهي پڻ ڏسڻ ۾ ٿي آئي. پيرن ۾ اڍائي سير وزن جي نعلن لڳل، ڦندڻن وارو گهيتلو پيو هوس. مُرن تائين ڌوتي، رنگين خميس، مٿان اَڇو ڪوٽ ۽ سر تي گلابن جي گلن سان ڳتيل ڳاڙهو پٽڪو هوس. پٽڪو ٻڌل ڪنهن خاص نموني جو هو ۽ انهيءَ جي ڦندڻ جي نزاڪت ڄڻ پنهنجي مٽ پاڻ هئي. تنهن سواءِ پنيان ڊگهي پڇڙي، جا گلي ۾ ويڙهي هئائين، تنهن اؤر رنگ ڄمايو هو. نوَن ڦندڻن ٻڌل بنسريءَ جو جوڙو ان جي گلي ۾ لٽڪي رهيو هو. بنسريءَ تي ڪتريل گلڪاريءَ جي ڪم سندس بنسريءَ سان شوق جو اِظهار ٿي ڪيو. ڪي ڪي جوان اُنهيءَ بنسريءَ ڏانهن يڪ ٽڪ ڏسي رهيا هئا. ٻن چئن ڄڻن جي من ۾ ته، ”ڀائي! ذرا وڄائي ته ڏيکار، ڪهڙو ٿي سر ڪڍي، ٻڌون ته سهين،“ ائين چوڻ جي اڇا پڻ جاڳي. ايتري ۾ چوڏيل چڪر پورو ڪري بيٺو. ڪانجيءَ انهن جوانڙين جي ٻانهن پڪڙي کين پهرئين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پينگهي ۾ وهاري ڇڏيو. هيري ڏانهن نهاريندي، چيائين: ”هاڻي ڀلي جک ماري، توهين پنهنجو پاڻهي وارو وٺجو، هيرا.“

پر ائين چوڻ بعد پڻ هن حليم سڀاءَ واري منوهر کي پهريائين وارو ڏنو. هيٺ ايندڙ پينگهي ڏانهن نظر رکندي، چيائين: ”هيرا، هيءُ پويون پينگهو اٿيئي، هان!“ ائين چئي ٻانهون کنجي بيٺو. پينگهي ۾ ويٺل ٻن جوانڙين جيئن ئي هڪ اٿي بيٺي مس، تيئن هڪدم ”هيرا، ويهي رهه نه ته رهجي ويندين“ چوندي، هو چڙهي پيو. هوءَ اڃا لهي ئي لهي، تنهن کان اڳ ئي هو ته اندر ٺهي ٺڪي به ويهي رهيو. پر جان ڏسي ته هوءَ اڌ اٿي بيٺل ٻي جوانڙي ته ”اڙي مڻي، هڪڙو ڦيرو ته کاءُ، ڇو ايتري ۾ لهي پئينءَ؟“ چوندي، پاڻ اندر ئي ويٺي رهي. هيري گهڻي محنت ڪري پينگهي جي سيرانڌي جهلي، سو ته وات ڦاڙيندو ئي رهجي ويو. ٻاهر نڪري آيل مڻيءَ اکين سان ڪي، ته وري وات سان ٻيو ڪجهه، ”هاڻي ڇا ڪجي! پهريائين چوين هان نه؟ هاڻي ويٺي هج تون ئي اڪيلي!“ ائين ٿي ڀڻ ڀڻ ڪئي. ايتري ۾ چوڏيل واري، ”پيسو ڪڍو، هلو جهٽ ڪريو،“ چوندي هٿ ڊگهيريو. پينگهي واريءَ جوانڙيءَ ”هاءِ هاءِ، مون وٽ ..... اڙي پيسو ته ڏي،“ ايترو چيو ئي ڪين ته ڪانجيءَ چوڏيل واري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي هٿ ۾ ٻه پيسا کڻي وڌا. ڦٽ ڦٽ ڪندي پينگهو مٿي چڙهي ويو. هيرو ۽ مڻي هيٺ اڀا اڀا ڪانجيءَ جي پينگهي ڏانهن يڪ ٽڪ نهارڻ لڳا. چوڏيل آهستي آهستي تيز رفتار پڪڙيندو ويو.

ڪانجيءَ سان گڏ ويٺل جوانڙيءَ چيو: ”هيٺ لهون ته مان توهان کي پيسو ڏيندس، هان.“

ڪانجيءَ جي وات تي آيو: ”روپيوڏجي ته به چوڏيل ۾ هيئن گڏوگڏ وهڻ واري نه ملي، ته پوءِ؟ پيسو ڪهڙي ماجرا آهي؟“ پر اهو اندر ۾ ئي کائي، ايترو ٻوليو: ”توهان کان ڪو پيسو وڌ آهي ڇا؟“

چوڏيل تيزيءَ سان چڪر ماري رهيو هو. پينگهي ۾ ويٺل ڪي جوانڙيون ڳائي رهيون هيون، ته ڪي جوان وري بنسريون وڄائي رهيا هئا. هيٺ بيٺل مڻي، ”اڙي جيوي؟“ پڪاريندي، چيخون ڦاڙي رهي هئي. پر جيويءَ جو جيءُ هينئر ٻئي ڪنهن هنڌ وسي رهيو هو. ڪانجيءَ جي اک سان ٽڪرائيندڙ پهرينءَ نظر کان ته اُن پاسو ڪيو، پر ٻئي دفعي ته خود بخود هوءَ ڪانجيءَ پاسي لڳاتار نهارڻ لڳي. ٿورو ٿورو مشڪندي ڪڇيائين: ”هيءَ بنسري ڏيکارڻ لاءِ رکي اٿو يا وڄائڻ لاءِ؟“

”پهريائين ڏيکارڻ لاءِ، پوءِ وڄائڻ لاءِ.“ ائين چوندي ڪانجيءَ بنسري وات تي رکي. هڪڙيءَ مشهور ڪوتا جون ٻه سٽون وڄايائين:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڦڳڻ جي واءُ آئي، جواني جوش ۾ رهي،
ويساک جي واءُ آئي، ويچاري ويندي رهي.“

پوءِ بنسري بند ڪري، جيويءَ ڏانهن ڏسندي ڪانجيءَ پڇيس: ”سمجهيءَ ڪين اصل بس؟“

جيويءَ سمجهيو يا نه سمجهيو، سو ته اُها ڄاڻي، پر ان ڪانجيءَ پاسي اک ٽيٽ ڪري ضرور ڏٺو. انهن اکين ۾ ڇا هو سو وري ڪانجي سمجهي نه سگهيو، پر اکين ملنديئي سندس هنئين مان ڄڻ ڪجهه نڪري چڪو هو. موٽ ۾ ڀانءِ ته ڪجهه اُتي ڇڏي به ويو هو، اِئين پڻ ڪانجيءَ کي لڳو ٿي. ٻيهر ٻنهي ڄڻن هڪ ٻئي ڏانهن نهاريو. پوءِ وري اهي چار ئي اکيون هيٺ ڍرڪي وييون. هاڻي ته ڄڻ چپن کي به چنو لڳي ويو. هنئين جو حال ئي ڦري ويو.

تمام جهوُم سان ڦرندڙ چوڏيل ڌيمو ٿيڻ لڳو. جيويءَ جي پٺيان ڪانجي هيٺ لٿو. هيٺ لهڻ جو خيال تڏهن آيس، جڏهن مٿي ويٺل هيري چيس: ”ڇو ڪانجي؟ ايتري ۾؟“ پر هاڻي ڇا ٿي ڪري سگهيو؟ جڳهه ڀرجي چڪي هئي. جڳهه هجي ها تڏهن به ڪداچت هينئر هو ڪين وهي ها. سرڳ ۾ پهچي وڃڻ جو جيترو آنند هوس، اوترو ئي انهيءَ سرڳ رفو ٿي وڃڻ جو رنج پڻ هوس.

بوتي جيئن بيهجي ويل ڪانجيءَ جي ڪنن تي وري اهو مٺو آواز پيو: ”وٺو پنهنجو پيسو.“ ائين چوندي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيوي هٿ ڊگهيري بيٺي هئي. ڪانجيءَ نيڪيءَ ڀريءَ نگاهه سان جيويءَ طرف نهاريو. کلندي چيائينس: ”ٺهيو، رکو نه پاڻ وٽ. ائين کڻي سمجهجو ته هڪ دفعو منهنجي طرفان توهين ويٺا.“

جيويءَ به ڪجهه گڙ ٻڙ ڪرڻ کانسواءِ پنهنجو هٿ پٺتي هٽايو، پر پاسي ۾ بيٺل مڻي ڳالهائڻ کانسواءِ رهي نه سگهي. ”ائين ڄاڻ پڇاڻ بنا ڪنهن جو ڪير پيسو رکندو هوندو!“ چئي، هوءَ کلندي کلندي، ڪانجيءَ طرف ڏسڻ لڳي.

”ڄاڻ پڇاڻ ڪانه هجي ها ته سندس پيسي ڏيڻ لاءِ منهنجو هٿ ئي ڪيئن وڌي ها؟“ چئي، ڪانجيءَ مشڪندي جيويءَ کي اک ڀڳي ۽ سندس سڀاڳي هٿ ڏانهن ڏسڻ لڳو.

”هل ڙي هل. نه وٺي ته هلي!“ مڻيءَ جيويءَ کي اڳيرو ڪري، هلندي هلندي چيو: ”ايتري جو کوپرو وٺي کڻي کائجانءِ، ٻيو ڇا؟“

”هل ڙي، هاڻي ماٺ ڪر!“ چوندي، جيويءَ پٺيان نهاريو ۽ وري ٻيهر ڪانجيءَ کي اک ٽيٽ ڪري ڏسي ورتائين. جيسيتائين ڏسڻ کان غائب ٿي ويئي، تيسيتائين جيويءَ جي پٺيان ڪانجي ڏسندوئي رهيو.

ڀر ۾ بيٺل ڪاڙي ۽ ٻي هڪ جوانڙي گهڙيءَ ۾ هڪ ٻئي ڏانهن ته گهڙيءَ ۾ ڪانجيءَ ڏانهن ڏسي مرڪڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳيون. ڄڻ ته چئي رهيون هيون: ”هن ۾ ڪهڙي مڻيا ڏٺي اٿس جو ڪانا ڀائي يڪ ٽڪ نهاريس ئي نهاريس پيو!“

پر سچ پڇو ته جيويءَ جي شڪل ۾ مڙيوئي ڪا مڻيا هئي. عمر ويهن جي آسپاس هيس. سهڻي ساڳ جي سونٽي جهڙي سندس بيهڪ هئي. ان جو سرير سندر هو ۽ سٻر هو. منهن گول گول هوس، تنهن ۾ سندس چمڪندڙ اکيون ٻاراڻيءَ لجا ۽ نوجوانيءَ جي مستيءَ وچ ۾ ڄڻ ڀٽڪ ڀٽڪ ڪري رهيون هيون ۽ انهن ۾ وري ڪجل ۽ سرمي ته ڪو خاص جادو ڀري ڇڏيو هو. ايتري سڀ هوندي به ڀانءِ ته ڪا ڪاڻ رهجي ويئي هئي جو نيرانجهڙيءَ ڇيٽ جي ڪوٽي ۽ پولڪو پهريو هئائين. سيٽي ٻڌل ڪپڙن جي چڻن ۾ موتين ڀريل بوندين، گلن جي ڀاڳ تي راند ڪندي، سندس لچڪيدار هلڻ هڪ عجيب قسم جي رونق ٿي وڌائي. ڪانجي شايد انهن گلن ڏانهن ئي نهاري رهيو هو.

چوڏيل مان لهي، هيرو ڪانجيءَ طرف آيو ۽ چيائينس: ”ڏس ڀائي، پهاڙ پاسي درشن لاءِ هلڻو آهي ته هاڻي نڪرون“ ۽ اُتر اوڀر ڏانهن ڪنڌ ڦيرائيندي، وري چيائينس: ”مينهن نه ته رستي تي ئي کڙکڙات ڪري وسي پوندو.“

”انهيءَ سواءِ ميلي جو به چشڪو پورو ڪيئن ايندو؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ائين چئي، ڪانجيءَ هنن جوانڙين جي جٿي پاسي نهاريو ۽ اڳتي وڌيو.

ٻنهي پهاڙن جا چڪر ماري هيٺ آيا. ايتري ۾ سوريه پڻ صفا لهي ويو. ميلو هينئر ٽٽڻ تي هو، تنهنڪري گوڙ شور پڻ وڌي ويو هو.

”اچو ته آخرين هڪڙو چڪر ماري اچون.“ چوندي، وري ٻيهر ڪانجي بزار ڦرڻ لاءِ نڪري پيو. هونءَ جو گاڏيءَ ۾ ٻڌل ٻن ڍڳن وانگر هيرو هميشه ڪانجيءَ سان گڏ ئي هوندو هو، سو ڪير ڄاڻي ڪڏهن ڪڏهن پٺتي پئجي ٿي ويو. هڪ مهل ته ڪانجيءَ کي پهچڻ به مشڪل ٿي پيس.

ڪانجيءَ کي هيڏانهن هوڏانهن ڦان ڦان ماريندو ڏسي، هيري چئي به ڏنس: ”اسان ته پٺتي پئجي ويا آهيون ۽ تون اڳيان اڳيان ڇا ٿو ڳولهيندو وتين؟“

ڪانجيءَ کلندي فقط ايترو وراڻيس: ”مون ٿي ڀانيو ته توهين اڳتي نڪري ويا آهيو.“

وري ٻيهر واديءَ جي ٻنهي پاسن کان ماڻهن جو وهڪرو شروع ٿي ويو هو. پر هن دفعي نه هئا بنسرين جا هڪ ڪرا سر ۽ نه هئي گانن جي لهر.

ڪانجيءَ جي ٽولي پڻ هلڻ لڳي. ناڪي اورانگهڻ تي هئا، جو اوچتوئي اوچتو ڪانجي بيهي رهيو. ”اڙي، رتنيءَ واسطي ڀاڀيءَ ڪنگڻين آڻڻ لاءِ چيو هو، سو ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وسري ويم! توهان هلندا ٿيو، آءٌ بہ اجهو آيس ڪي آيس" چئي، پٺتي موٽيو.

هيرو تہ کيس ڏسندوئي رهجي ويو، ڀانءِ تہ اڄ پهريون ئي دفعو ڪانجي هيئن کانئس ڌار ٿي ٿيو. پنيانئس وڃڻ جو ويچار بہ آيس. پر هي سارو سنگهاٺ، خاص ڪري عورتن کي ڇڏي وڃان تہ ڪانجهي متان ڏڙهي نہ ڏي، تنهنجو ڊپ ٿيس. ذرا خفي وچان ڪانجيءَ کي رڙ ڪري چيائين: "ڏسجانءِ، جهٽ واپس ورجانءِ، اسين هن نهر وٽ ٿا ترسون." ۽ ڀڻ ڀڻ ڪرڻ لڳو: "ڀاڀي بہ ڪمال جي آهي. ڏنائين رڳو ٻہ آنا ۽ تن مان بہ وري ڇوڪريءَ لاءِ ڪنگڻيون وٺندو اچجانءِ!" ٻئي ٻوليو: "اهڙي گهر ۾ تہ ڪانو ڀائي ٿو گذر ڪري سگهي. مون جهڙو تہ پاءُ پلڪ بہ ڪاٽي ڪين سگهي."

هيري چيو: "ڇا ڪري ڀائي! سمجهوُ ماڻهوءَ کي تہ سڀ ڪجهہ در گذر ڪري ئي هلڻو آهي، نہ تہ هونءَ اڌ حصي جو حقدار آهي. سا ڪا وڏي ڀاڻس کي خبر ڪانهي ڇا؟ پر هو ويچارو بہ ڄاڻي ٿو تہ گهٽ وڌ ڳالهائبو تہ زال هلي ويندي پنهنجي پيڪي. پوءِ پيهڻ، ڇنڊڻ، سوئڻ، صاف ڪرڻ، سا سڄي مصيبت اچي مٿانئس پوندي!"

"پر اهو سڀ تہ ڪانو ڀائي سهي ٿو ۽ بگڙي ڪونہ ٿو، هڪ وار جي بگڙيو تہ ڀاءُ ۽ ڀاڄائي سڀ جيڪر ٺن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٺن گوپال رهجي وڃنس." ڪاڙيءَ ٻاڦيو.

هيري آکيو: "پر ڪانجي ائين ڪري تڏهن نه؟"

۽ تنهن بعد ڪانجيءَ جي مائٽيءَ لاءِ سندس ڀاءُ ڀاڄائي ذري به ڪوشش ڪانه ٿا ڪن، انهيءَ ڳالهه کان وٺي ويندي آخر ۾ حصو به ڪونه ڏيندس. اهڙا ذات ذات جا انومان ڪڍندا، سڀ پهرينءَ نهر وٽ اچي پهتا، ۽ اتي ڪانجيءَ جي راهه تڪڻ ويهي رهيا.

اتر اوڀر مان نڪرندڙ ڪارن ڀنورن جهڙا بادل آسمان جي وچ تائين اچي پهتا هئا. انهن بادلن ۾ ڇپي وڃڻ جي خوف کان سوريه جوُد جوُد ڪندو جلد ئي هليو ويو.

هيٺ مٿي نظر ڦيرائيندي هيري چيو: "اٺن ڪوهن جو رستو ڪاٽڻو پيو آهي ۽ ڪانجيءَ جو اڃا پتو به ڪونهي."

"اسان وٽ ته ڇٽيون آهن، سو تڪليف ڪانه ٿيندي، باقي سچي تعدي ته هنن چئن ڄڻين سان ٿيندي!" منوهر چيو.

"اهي ڄاڻن، انهن جا ڪم ڄاڻن تون اها پنهنجي ڇٽي کڻي نه کولجانءِ. اسان کي ته ڪانا ڀائيءَ جي هيءَ هڪ ڇٽي ئي ڪافي آهي،" چئي، ڪاڙيءَ منوهر وٽ ڪانجيءَ جي ڇٽيءَ ڏانهن اشارو ڪيو.

"توهان کي ڏيندو ته پوءِ پاڻ ڪيڏانهن ويندو؟" منوهر چيس.

ڪاڙيءَ اکيون ڦوٽاري چيس: "پر تنهنجو توکي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇو ٿو فڪر ٿئي؟ تون پنهنجيءَ ڇٽيءَ ۾ موج سان آرامي ٿج. ڪوئي ڪتو به انهيءَ جي آسائش ڪانه وٺندءِ!"

۽ منوهر ڪو جواب ڏئي، ئي ڏئي، تنهن کان اڳ ۾ ئي هيري چئي ڏنو: "بس اُٿو، هلو. هو اچي پيو ..... ها، ها، ڪانجي ئي آهي. هلندا ٿيو ته هو به اچي گڏ بو."

۽ کيت مان لنگهندي لنگهندي، ڪانجي اچي سندن ڀيڙو به ٿيو. ان جهڙپ سان اڳتي وڌندي چيو: "هلو، ذرا تڪڙا تڪڙا."

"ڀلا، ڪانا ڀائي، ڪنگڻيون ته ڏيکاريو! ڪيتريون وٺي آيا؟" ڪاڙيءَ پڇيس.

"پوءِ ڏيکاريندوسانو. هاڻي ذرا وک وڌايو نه!"

پر انهيءَ وک کي ته هيرو پڻ ڪونه ٿي پڄي سگهيو، تنهن چيو: "پر ايتري ساري اُتاوڙ ڇا جي لاءِ؟ رات آهي پنهنجيءَ تات کي، وچ رستي واري ڪنهن وڻ وٽ ته ڊاٻو ڪونه هڻڻو آهي نه؟"

پٺيان ايندڙ جوانڙين مان هڪڙيءَ چيو: "ايتري اُتاوڙ ته ڪانا ڀائيءَ ايندي وقت به ڪانه ڪئي هئي!"

"هن ڀلي پرش کي ڪنهن قسم جي ڳڻتي ٿي ڏسجي!" ڪاڙيءَ ٽوڪ جي نموني چيو، پر ڪوئي سمجهي ڪونه سگهيو.

ڪانجي ذرا اَڌيمو ته ٿيو پر سندس نظر اوتريءَ ئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهڙپ سان اڳتي ڊوڙي رهي هئي. جيڪي نہ چوڻو هوس[1]، سو چئي ڏنائين: ”ٿوري واٽ تہ تڪڙو تڪڙو پنڌ ڪريو؛ پوءِ هلنداسون آهستي آهستي.“

هيري کي پڻ انهيءَ ۾ ڪجهہ ڀيد ڀاسڻ ۾ آيو. چيائين: ”ها، ها، سچ ٿو چوي. ڏينهن آهي شينهن، سو ذرا وکہ وڌايون تہ واهہ واهہ.“ پوءِ هو ڪانجيءَ کان بہ وڌيڪ تيز اڳتي وڌندو هليو.

اهو سڄو ئي رستو ماڻهن جي ڪل ڪلاهٽ سان ڀريل هو. ڪا ٽولي تکي ٿي هلي، تہ ڪا ڌيري ڌيري کل چرچا ڪندي هلي رهي هئي. ڪي ڪي وري آرام لاءِ ويهي رهيا هئا، ۽ ڇا ڇا خريديوسين ۽ ڪٿي ڪٿي گهمياسين ڦرياسين، اهي ڳالهيون ٻوليون ٿي ڪيائون ۽ ٻڌائون.

اُنهن سڀني پاسن ڏانهن ڏسندي، ڪانجيءَ جي نظر دور ويندڙ ٻن ڇوڪرين تي پيئي. من ۾ چيائين: ”ها! اهيئي آهن، انهن کان سواءِ هيڏانهن منهن ورائي پٺيان نهارڻ وارو ٻيو ڪير ٿي ئي ڪونہ ٿو سگهي!“ نہ معلوم ڇو سندس اڌيرتا وڌندي ويئي.

ڪانجي هيتريءَ عمر ۾ ڪيترين ئي جوانڙين جي صحبت ۾ آيو هو، ڪيترين سان تہ گهرائي پڻ ٿي هئس، پر اڄ جيان ”پير ترڪيو تہ اَوس سرڪيو،“ اهڙي حالت ڪڏهن ڪانہ ٿي هيس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ٻئي سان مستي طوفان اُڏائيندڙيون اهي ٻئي ڇوڪريون ڪجهه ويجهو آيون ته سندن هلڻ جهڪو ٿي ويو. پنيان منوهر ٿي ڍرڪندو آيو، تنهن پڇيس: ”ڇو ڍرو پئجي وئين، ڪانا ڀائي؟“

ڪانجيءَ کان اول ئي هيري چئي ڏنو: ”هي جيڪي پنيان اچي رهيون آهن، تن جي ڪري ئي.“ ۽ وڏي واڪي ٻوليو: ”ڇوڪريون ذرا وک وڌايو. ائين ٽلي ملي هليون ته سڀ ڪارج راس!“

ايتري ۾ ڪانجيءَ آڏي اک ڪري جيويءَ کي ڏسي ورتو.

آهستي پر ٻڌڻ ۾ اچي اهڙيءَ طرح مڻي چئي رهي هئي: ”مردن جي مراد ئي کوٽي. چڱا چوکا هجن، تڏهن به اڌ وات تي ڦٽو ڪري هليا وڃن.“

”ڇو توهان کي اهڙو ڪو اَنڀؤ ٿيو آهي ڇا؟“ اڳتي وڌندي، هيري ذرا آهستو پوندي پڇيو.

”ائين نه ته ٻيو وري؟ ڏسو نه، اسان سان ڪو ساڻ هلڻ وارو به آهي؟“ چئي، مڻيءَ جيويءَ پاسي نهاريو. جڻ ته پڇي رهي هيس: ”ڪيئن سچ ٿي چوان نه؟“

”اوهو، تون اهڙو ڏک ڏوراپو ڇو ٿي ڏين؟ هل ته اسين ٿا گڏجي هلونءِ!“ چئي، ڪانجيءَ جيويءَ سامهون ڏسندي چيو: ”پر پوءِ توهين ڪين اسان کي وچ وات تي ئي ڇڏي ويندڙيون، اهو قبول هجيوَ ته.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڻيءَ کي ٺونٺ هڻندي، جيويءَ چيو: ”هاڻي هل نہ، جي هلڻو اٿيئي! واٽ ويندڙن جو وري سنگ ڪهڙو؟“

انهيءَ جي جواب ڏيڻ سواءِ ڪانجي رهي نہ سگهيو: ”هڪ ڀيرو سنگ ڪري تہ ڏسو، پوءِ اڌ رستي ٽي ڇڏيُونَ تہ چئجو کڻي. ڪيئن، هيرا؟“

هيري وراڻيس: ”پر ائين تہ مان بہ ٿو چوان نہ! هلو، ساڻ هلڻو هجيوَ تہ وکہ وڌايو.“

مڻيءَ چئي ڏنو: ”وکہ تہ وڌايون پر گهران بہ ڪي پڇيو اٿوَ!“

”گهر ڪوئي هجي تہ پڇجي نہ؟“ ڪانجيءَ بہ چئي ڏنو.

”هلو ڙي هلو، چپ چاپ هلو! ڪير ڄاڻي ههڙيءَ طرح ڪيترن کي ڦاسائيندا وتندا هوندا!“ چوندي، ذرا ٽپڪو ڏيئي، مڻيءَ وکہ وڌائي.

”ڇا اِهو ويچار آيءِ تہ گهر هلي متان پاڻي نہ پيارڻو پوي، سو اڳتي هلندي ٿينءَ! پر ڙي ڀائي، اهڙو زوريءَ پاڻي پيئڻ لاءِ ڪو واندا تہ ڪونہ وينا آهيون؟ توهان تہ هينئر جو هينئر پنهنجي گهر وڃي ٿانئيڪيون ٿينديون، باقي اسان کي تہ اڃا ست ڪوهہ لتاڙڻا آهن،“ ڪانجيءَ چيو.

”ڪهڙي ڳوٺ؟“ جيويءَ پڇيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اوڌڙيا - ڪڏهن ڏٺو اَٿوَ؟“ هيري پڇيو.

”اوڌڙيا ڳوٺ جا آهيو تنهنڪري ئي اوڌڙيا (اوڌر تي ڪم ڪرڻ وارا) ٿا لڳو نه؟“ مٽيءَ چيو.

”پر روز جي مزوريءَ سان ته ڪنهن جو به هوند ڏيوالو نڪري وڃي، سو ڪي سمجهو ٿا؟ ٺهيو، اُڌاري بنايو ته اوهان ٻنهي کي مزو ته آيو!“ ڪانجيءَ پهريان اکر ته مٽيءَ کي چيا، پر پويان اکر ڳالهائيندي هن جيويءَ ڏانهن نهاريو.

پر ههڙي ٿڌي پهر ۾ اهي ٺڙا ٺڪاءَ گهڻو وقت ڪونه هليا. ايتري ۾ جيويءَ ۽ مٽيءَ جو ڳوٺ به اچي ويو. مٽيءَ ته ”اچجو، وري ڪڏهن ملو ته ياد رکجو،“ چوندي وداع ڪري ڇڏي؛ پر جيوي چوڻ بنا رهي ڪانه سگهي: ”هلو نه ڳوٺڙي ۾، چپو چورو نه ڪريو ته نه ئي سهين، پر پاڻيءَ ڍڪ ته پي وڃو.“

”پاڻيءَ جي هنن ڏينهن ۾ ڪهڙي ڪمي آهي،“ چئي، ڪانجيءَ ٽهڪ ڏنو، پر تمام ڦڪو ٽهڪ.

”ته تماڪ پيئجو.“ ۽ ڪانجيءَ کي ذرا هٻڪندو ڏسي آکيائين: ”دير ڪانه لڳنديو، هي سامهون ته گهر بيٺو آهي.“

”چڱو تڏهن،“ چئي ڪانجيءَ منوهر کي چيو: ”توهين هلندا ٿيو، منوهر! اسين بيٺي بيٺي چام ڦوڪ ڏيئي ٿا اچون.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”واپس جلدي ورجو، ڏاڍي چلم پيئڻ جي عادت پئجي ويئي اٿوَ!“ ڪاڙيءَ منهن سڄائي چيو ۽ ڪانجيءَ طرف غم ڀري نگاهه سان نهارڻ لڳي.

”اسين تہ اِجهو آياسون ڪي آياسون،“ چوندي، ڪانجيءَ وک وڌائي. پنيان هيري پڻ.

هيڏانهن مٽي ۽ جيوي ڪنهن ڇڪتاڻ ۾ پئجي ويون هيون. مٽيءَ ٿي چيو: ”هي ماڻهو منهنجي نيات جا آهن، تنهنڪري ڇو نہ منهنجي گهر اچن.“

هوڏانهن جيويءَ کين پنهنجي گهر وٺي وڃڻ لاءِ ٿي زور ڀريو.

آخر ۾ جيويءَ جي جيت ٿي.

ڳوٺ جي بنهہ ٻنڀي وٽ ئي جيويءَ جو گهر هو، جنهن ۾ گهڙڻ سان مٿو پٽڪائي، اهڙيءَ ننڍيءَ ڏيڍيءَ ۾، جيويءَ جو ٻڍو پيءُ کٽ تي ويٺو هو ۽ حقو پي پيتائين. باهہ ۾ ٻرندڙ هڪ ٿلهي بنڊ مان دونهون نڪري رهيو هو.

ڌار ٿيڻ ويلي جيويءَ مٽيءَ کي ڪي چيو، ۽ ”ڏس، جهٽ اچجانءِ“ جي تاڪيد ڪري، هوءَ ڏيڍيءَ پاسي لڙي. ڀت سان لڳل کٽ کي سنئون ڪندي چيائين: ”ويهو.“

”ڪير آهي ڀائي؟ اچو.“ ائين کيڪاري، اُن ٻڍي ڀرُون ڀڪوڙي ڏسي، سڃاڻڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”هيءُ، بابا اوڌڙيا جا پٽيل آهن. ميلي تان گهر ئي موٽيا، سو آءٌ هتي کين تماڪ پيئڻ لاءِ وٺي آيس.“

”وٺي ته اچڻ ئي گهرجي، ٻيٽي! گهر ٺاهي ويٺا آهيون، سو تماڪ کان به وڃون ته باقي مانڪ جنم ڪم ئي ڪهڙي جو؟“ چوندي، ٻڍي تماڪ ڪڍيو.

”توهين خيال نه ڪيو، اسان وٽ آهي!“ چلم ۾ تماڪ ڀريندي، هيري چيو.

ڪانجيءَ هيري سان سس پس ڪئي: ”هنن جو ڪين واپراءِ نه تڏهين!“

”ها وري توهان وٽ ته ضرور هوندو.

”پر هتي اسان جي گهر آيا آهيو ته ائين ناڪار ڪرڻ واجبي نه آهي، ڀائي!“

پوءِ ته ٻڍو اچي ڳالهين ۾ ڇڙيو. اوڌڙيا ۾ گهر ڪٿي اٿو، ڪنهن جا ٻار آهيو، وغيره، پڇندي چيائين: ”توهان جي ڳوٺ ۾ ڀڳوکواس جيئرو هو، تڏهن ته آءٌ گهڻائي دفعا ايندو ويندو هوس، پر اهو گذاري ويو ته پوءِ منهنجو اچڻ وڃڻ گهٽجي ويو. سندس پٽ اُتي آهي برابر، پر ڀڳوکواس پنهنجي مٽ پاڻ هو، هان ڀائي!“

ڪانجي ڳالهين جي ڌن ۾ ته پئجي ويو، پر سندس اکيون ۽ ڪن ٻئي ڪنهن پاسي هئا. جيويءَ ٻاٽلو ئي مليو، سو ڏسي هو سمجهي ويو. هيري کي اشارو ڪري اٿي کڙو ٿيو. چيائين: ”چڱو، توهين ويهو، اسين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُهاڻي ٿون ٿا.“

”ايتري ۾! توهين پهچندا ڪڏهن ڀائي؟ اڄوڪو ڏينهن ته ترسي پئو. ٻه گهڙيون ڳالهيون ٻولهيون ڪنداسون. هرو ڀرو تڪڙ هجيوَ ته کڻي اَسر جو سويل ئي راهي ٿجو.“

”نه نه، اسان جا سنگي ساٿي وڃي رهيا آهن. ساڻ وري زالون به آهن، تنهنڪري .....“

”پر مان هيءَ چانهه جو ٿي ٺاهيان؟“ ٻاٽلو کڻي ايندي، جيويءَ چئي ڏنو.

”سچي ڳالهه آهي، گيارس جو اُپواس هوندو. آيا آهيو ته هاڻي چانهه پي وڃو. نياٺ وارا ته ڪنهن به ڏينهن اچن وڃن، پر توهان ڪڏهن وري اسان جي گهر اچڻ وارا آهيو!“

”پر هن مهل ڪُوَقتو کير ڪٿان ملندو؟ اجائي ڌانڌل کڻي ڇڏيو ....“

ڪانجيءَ جي وچ ۾ ئي جيويءَ چئي ڏنو: ”اهو سڀ توهان کي ڏسڻو آهي ڪين اسان کي؟ ويهو، گهڻي دير ڪانه لڳندي.“

ڪانجيءَ کي ويهڻو ئي پيو.

جيويءَ ٻاهرينءَ چلهه ۾ ئي باهه دکائي. لڪڙيون کڻي آڻي ڀنڀٽ ٻاريائين. ايتري ۾ ٻه لوٽا لوڏيندي مڻي به اچي سهڙي. هڪڙي ۾ پاڻي هو، ٻئي ۾ کير. گهڙيءَ ۾ چانهه تيار ٿي ويئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر اُنهيءَ چانهه کي ڪانجيءَ جي نڙيءَ ۾ ويندي قدري ويرم لڳي. اندران ڪنهن عورت جو آهستي آواز سان ڪڙاڪو اچي رهيو هو، سو اُن جي سرلن ڪنن کان ڳجهو رهي ڪين سگهيو.

چانهه پي، ٻڍي کي رام رام ڪري ٻئي ڄڻا اُٿيا. مٽي ۽ جيوي اڱڻ تائين کين اُماڻڻ آيون. جدا ٿيڻ ويلي ڪانجيءَ جي اک جيويءَ جي اک سان ملي. پير چورڻ کان اڳ ۾ مٽيءَ کي سامهون ڏسي، اُن آهستي چيو: ”ٻنهي ڄڻين گڏجي چانهه ته پيئاري پر ڪڏهن ڪو موقعو مليو ته وري توهان کي به چانهه پيئڻي پوندي، سو نه وسارجو.“

”توهين نه وساري ڇڏيو.“ ڏسجو ياد رکجو باقي اسان ته هاڻي ئي وساري ڇڏيو!“ جيويءَ چئي ڏنو.

”چڱو ڏسي وٺبو!“ چوندي ڪانجي هلڻ لڳو.

تنهن بعد مٽي پڻ ”هل ڀلا، پاڻي جو آڻڻو آهي. آءٌ مٽڪو کڻي ٿي اچان.“ چئي هلي ويئي. هوڏانهن جيوي اڃا ڪانجيءَ پاسي سنئينءَ اک نهاريندي کڙي هئي. ڪانجيءَ سڌي وات ڪانه ورتي هئي. پريان کيتن جي وچ مان پار لنگهندي سندس پٽڪي جي پڇڙي جيسيتائين ڏسڻ ۾ ٿي آئي، تيسيتائين هوءَ بيٺي رهي. پر جڏهن اُها پڇڙي به غائب ٿي ويئي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تڏهن ٽي پنهنجي هن عجيب روش جو ڪيس پان ٻيو. هڪڙو اونهو ساهه ڪڍي هوءَ ٻيهي وٽ آئي. ڪيتن پاسي وري هڪ وار نهاريائين ۽ پوءِ تڏو شوڪارو ڀري گهر ۾ اندر گهڙي ويئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرڪرڻ ٻيو

اَڻ ڄاڻيو اَثر

جيويءَ کان ڌار ٿي ڪانجيءَ ۽ هيري چوماسي جي ڪري، آڏو ٽيڏو ويندڙ لنبو مارگ ڇڏي، ننڍي واٽ پڪڙي. ڪانجي اڳيان بيشڪ ٿي هليو، پر رستو ته هيرو ئي ڏيکاري رهيو هو. سواءِ انهيءَ جي ٻئي ڄڻا مڙيوئي چپ چاپ هئا.

سوريه اَست جي سميه هئڻ سبب ڪرڻن جو تيج جهڪو هو. آسمان ۾ بادل ڀرجندا ٿي ويا. دور دور اُفق ۾ ڪجهه گڙ گڙاهٽ شروع ٿي چڪي هئي. پر اُٺن جهڙيون ٻرانگهون پائي هلندڙ هنن ٻن ڄڻن کي ڀانءِ ته اُن جو ڪو سماءُ به ڪونه هو، ۽ جي کڻي هون به سهين، تڏهن به انهيءَ لاءِ ڪنهن قسم جو فڪر ته کين بلڪل ڪين هو.

نيٺ سڌيءَ سڙڪ تي اچي پهتا ته هيري ڳالهائڻ شروع ڪيو: ”آهي ته نائيءَ جي ڇوڪري، پر ڪهڙي نه هوشيار آهي!“

”ذات پات تي ٿوروئي مدار آهي، هيرا! ماڻهوءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ملهه ته سندس اکين مان ٽي ظاهر ٿيندو آهي."

"هائو، نه ته هوءَ مٽي اسان جي ذات جي ڪانه هئي؟"

هيري جي انهيءَ ڪٽ لاءِ ڪانجيءَ کي اعتراض هو. ڪيس ائين ٿي لڳو، ته هن ڳالهه ۾ مٽيءَ جي ويڪ ڪڍڻ بدران سندس واکاڻ ٿي ڪرڻ گهرجي. پر ان ساري جهنجهٽ ۾ نه پوندي، "ها" چئي، هو مات ٿي ويو.

نيابت وارن جي گڏجاڻيءَ يا ڪنهن ميلي ۾ وڃڻ ٿي اهڙين ته گهڻين جي سچائپ ٿيندي هئي. ۽ انهيءَ سچائپ جو چرخو "ڪهڙي نه نخري والي آهي!" "وجهه مليس ته وري ڪي جو ڪي ڪري ڏيکاري." ..... اهڙيءَ ريت گهڻي وقت تائين جاري رهندو هو. پر ڪير جاڻي ته ڇو اڄ نڪو ڪانجيءَ ٿي ڪجهه بوليو، نه هيري جي ٿي ڪا همت هلي.

حقيقتاً هيري کي اهو صبر ستائي رهيو هو. چيائين: "هيڻن: مات مات ۾ هلڻ ڪان بهتري ڪٿي وڃاءِ ته رستي جو ڪو پار ته اچي."

"اڙي، ڇو تو ائين پريشان ٿين؟ وٽ، وڃاءِ نه!" چوندي، ڪانجيءَ هيري اڳيان بهتري جهلي.

"آءٌ جي هلندي هلندي وڃائي سگهندو هجان ها نه پوءِ پريشاني ڇا جي! تون ٿي وڃاءِ نه! هو ٻڌندءِ ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندن هردي کي پڻ فرحت ايندي.“

ڪانجيءَ اوچتو ڇرڪ ماريو. چيائين: ”هو ڪير؟“

”ڪير وري ڪير؟ پنهنجا ڳوٺائي. هاڻي اهي گهڻو پري ڪونه هوندا.“ هيري چيو. ڪانجيءَ کان هڪ ٿڌو ساهه نڪري ويو.

ايندي وقت سڄي واٽ ڪانجيءَ بنسري وڄائي هئي؛ هاڻي هڪ ڦوڪ لڳائڻ ۾ به ڄڻ ٿڪجي ٿي پيو. چيائين: ”ڇڏ نه هاڻي؛ وڄائي هتي ڪنهنکي ٻڌائڻي آهي؟“

”تڏهن هيترا ڏينهن ڪنهنکي ٻڌائڻ لاءِ وڄائيندو هئين؟ آياسين ٿي تڏهن ته هڪ گهڙي به واٽ مان ٻاهر نه ڪڍي هيءَ؟“

”پر اهو ته ڏٺو پيو آهي ته جنهن هوش سان ميلي ۾ وڃبو آهي، تنهن هوش سان ڪو واپس ٿورو ئي وربو آهي؟“

”ائين هرو ڀرو ڪونهي....“ ۽ هيري چئي ڏنو: ”اڄ توکي ڪجهه مڙيو ئي ٿيو آهي، نه ته هر دفعي ته تون موج مزي ۾ واپس ورندو آهين.“

”هوندو ڀائي، جيئن توکي لڳي تيئن ٺيڪ،“ چوندي، ڪانجي کليو.

ائين ته هيرو انهيءَ ڳالهه جو پيڇو ڪڏهن ڪين ڇڏي ها پر ايتري ۾ سندس ڪنن تي- ”اِجهو آيا، هاڻي اُٿو!“ اهڙو آواز پيو، تنهنڪري هو چپ رهيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوريہ لهي چڪو هو. بادل پڻ چئني طرفن کان آسمان گهيري، وسڻ جي ويچار ۾ هئا، ائين ٿي گجگوڙ ڪيائون. هوا جو هڪ جهوٽو آيو ۽ ٻئي جهوٽي سان برسات پوڻ لڳي. جوانڙيون جوانن جي ڇٽين اندر وراهجي وييون، ۽ اهڙيءَ طرح اڌ پسندا، بجليءَ جي چمڪاٽ سان رستي جي خاطري ڪندا، ۽ سڄي واٽ چانهہ پيئڻ لاءِ پنتي پئجي ويل ڪانجيءَ ۽ هيري جي مذاق اُڏائيندا، رات جو دير سان ڳوٺ جي ڀرسان اچي پهتا. برسات بہ هاڻي بيهجي ويئي هئي.

اوڌڙيا ڳوٺ هڪ وڏي ٽڪر تي وسيل هو. ڳوٺ ۾ گهڻي ڀاڱي پٽيلن جي بستي هئي. هرهڪ پاڙي ۾ اَٺ ڪي ڏهہ گهر هئا. ۽ اهڙيءَ ريت ٺهيل ٽن پاڙن ۾ ڪل مڙيوئي چاليهہ کن گهر هئا. ڳوٺ جي آسپاس پکڙيل قريبن ويهہ ڇپرا ٺاڪرڙن جا هئا. ڳوٺ ۾ هڪ واڻئي جو دڪان هو. پاسي واري ڳوٺ جي هڪ برهمڻ جي مڙهي پڻ اُتي هئي؛ تنهن سواءِ نائي، درزي، واڍي ۽ لوهار جو بہ هڪڙو هڪڙو گهر هو. انهيءَ ڪري ٻين ويجهڙن ڳوٺڙن جي ڀيٽ ۾ اوڌڙيا ڳوٺ وڏو ڪري ليکيو ٿي ويو.

ڳوٺ جي حد شروع ٿيندي ئي هيري ڪاڙيءَ ڏانهن ڏسندي چيو: ”ڀڳوان توکي زال ذات ڇا جي لاءِ بڻايو! ڳوٺ جي ڪنڌي اچي پهتي آهين؛ ڪجهہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳاءِ تہ سهين!"

"ها؛ ٻين کي تڏهن ڪيئن خبر پوي، تہ توهين ميلي تي ويا هئا!" ڪانجيءَ ايترو وٺايس مس تہ ٻيا جوان بہ زور بار ڪرڻ لڳس: "ها، ها، وري ڳاءِ نہ تہ تنهنجي لڄ رکڻ لاءِ اسان کي ڳائڻو پوندو."

جوانڙين کي، ۽ اُنهن مان بہ خاص ڪاڙيءَ کي هن کان وڌيڪ ڪجهہ چوڻ جو ضرور ڪونہ هو. ٻنهي ڄڻين گڏجي گيت شروع ڪيو:

"اسين ميلي کيلي وياسين ڙي؛
جهنگل ۾ ئي منگل منايا سين ڙي!"—

پر جيئن ئي ٻيءَ کانپوءِ ٽين سٽ ڳايائون، تيئن ڳوٺ جي ناڪي وٽ ننڍڙي گهر مان هڪڙو ڪرڙوڍ، "ميلي وارا اچي پهتا ڇا؟" چوندو، ٻاهر نڪري آيو. پٺيانئس ٻہ چار جوان بہ اچي سهڙيا. ڪانجيءَ وٽ اچي ان ڪرڙوڍ آکيو: "جيئن چيو هوءِ تيئن ڪري تہ بيشڪ ڏيکاريءِ، ڪانجي! پر هينئر وڌيڪ دير نہ وجهجانءِ. چانهہ تہ اسين هتي ئي ٺاهي وٺنداسين، پر توهين سڀ جهٽ اچو تہ ڏاڍو سٺو. ڌڪڙ تي اٽو لڳي، بس! ايتري ئي دير آهي."

"توهين ذرا ٺوڪيندا ئيو ڀڳت؛ اسين بہ آياسين ڪي آياسين." چوندي، ڪانجي چرڻ لڳو.

ڀڳت هن ڳوٺ ۾ ڪنهن اؤر نموني جو ماڻهو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اصل ته انهيءَ ڳوٺ جو پٽيل هو، پر ننڍي هوندي هو گهر مان ڀڄي نڪتو هو. دنياداريءَ جي ڪنهن به سمجهه اَمجهه بنا، خالي هٿن پيرن جي ڀروسي ٻاهر نڪري آيل هن ڇوڪري سان ڇا ڇا نه وهي چڪو هوندو! حلوائيءَ کان وٺي ويندي پساريءَ تائين، ۽ رام ليلا کان وٺي ويندي ناگن ٻاون تائين، دنيا جا گهڻائي رنگ اُن ڏسي ورتا هئا. پر آخرڪار اهو سڀڪي ڇڏي ڪارن مان ڦري جڏهن اڌ اڇا وار ٿيس، تڏهن اڄ کان پنج سال اڳي، ان موٽي اچي پنهنجو ڳوٺڙو وسايو هو.

اوائلي نالو ته راهؤ هوس، پر ڳوٺ جا ماڻهو هينئر ڀڳت جي نالي سان ئي سڃاڻندا هئس. ڳوٺ ۽ نيات جي ريت رواجن پرماڻي ڀڳت اُتي جو ويس لباس پڻ ڌارڻ ڪري ڇڏيو هو. هر نه هلائيندو هو، ۽ زال ڪرڻ جي اڇا هجيس ها ته ڪا مائي به پاڻ وٽ وهاري سگهي ها. سبب اهو هو، جو ٻن سالن اندر ئي اُن جي ڳڻتري سياڻن ماڻهن ۾ شمار ٿيڻ لڳي هئي. سندس آبرو پڻ وچتر نموني وڌي ويئي هئي.

وچتر نموني اُنهيءَ ڪري جو ڀڳت وٽ پيسا ڪونه هئا ته به پئسي وارو ٿي ليکيو ويو. خود وياج خور به گهر ويٺي گڏجڻ ٿي آيس. ”آءٌ ته ڀائي، ڀڳوان جي ’ڀ‘ به ڪونه ڄاڻان!“ ائين صاف صاف چوندو هو، تڏهن به ماڻهو اُن کي ڀڳوان جا سڀ ڀيد ڄاڻندڙ سمجهندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئا. ڀوتن پريتن جا اُپاسڪ به اُن جي حاضريءَ ۾ گهبرائيندا هئا. سرڪاري عملدار پڻ کانئس ڪنهن به نموني جي بيگاري ڪانه ڪرائيندا هئا. البت ڪڏهن ڪڏهن رڳو ڀڄن ڳائڻ جي ويندي سو ضرور ڪندا هئس.

جوانن جي وچ ۾ ويهي ته ڀڳت موجيلو لڳي، ڪرڙوڍن ۾ ٺريل ٺپڪيل ليکجي، ۽ ٻڍن ۾ سياڻو سڏجي. ٽوڻن ڦيڻن توڙي دوا درمل لاءِ هوشيار سمجهيو ويندو هو، ۽ ڪو ماڻهو هروڀرو ضد ڪريس ته اُن کي ڏوريءَ جي ڳنڍ به ٻڌي ڏيندو هو. انهن سڀني ڳالهين کان سواءِ ساري ڳوٺ جي، ٻار کان وٺي ٻڍي تائين، هرڪنهن ماڻهوءَ جو جيڪڏهن ڪنهن ۾ وشواس هو ته هڪڙي انهيءَ ڀڳت ۾ ئي. ڪانجيءَ ۽ هيري جو وري خاص دوست ليکبو هو.

ٻهڪندڙ چهرو، ڪشادي پيشاني، اڌ ٽڪڻ کٿل، سدائين آنند ڀريون اکيون ۽ وچولي قد جو سرير، اها ڀڳت جي ٻاهرين بناوت هئي.

گهر اچي ڪانجيءَ ڪپڙا بدلايا. لڪڙي کڻي ٻاهر نڪرڻ جي تياري ڪري رهيو هو ته ڀاڀيءَ چيس: ”کائڻو هجيئي ته ديگڙي ۾ گجرن جي ڀاڄي پيئي اٿيئي.“

وراڻيائينس: ”ڪجهه کائڻو ڪونهي.“ پوءِ واپس وري وٽس آيو، ۽ ڪوٽ جي کيسي مان هڪ پڙيڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڍي جنڊ تي رکندي، چيائينس: "صبح جو رتنيءَ کي هيءُ کائڻ لاءِ ڏجانءِ."

"صبح جو روٽي نہ کائيندي، هيءَ مٺائي کائيندي؟ مون ناڪار ڪيس تڏهن بہ ڪاڪي جي زور تي گيارس رکيائين. بک ۾ ٿي پاهہ ٿي، هاڻي ذرا آرامي ٿي آهي...." ڀاڀيءَ کي انهيءَ بڙ بڙ جي جواب ڏيڻ بنا ئي ڪانجي ٻاهر نڪري ويو.

"اڃا تہ وري ڀڄن تي وڃڻو هوندءِ؟" ۽ ڪانجيءَ کي ماٺ ميٺ ۾ هلي ويندو ڏسي، ڀاڀيءَ ڀڙ ڪايس: "هاڻي سڄي رات ڍولڪ وڄائيندو رهجانءِ، پوءِ کيت جو ٿيو ڀلو!"

"اگر ائين آهي تہ تون ئي وڃي اتي جي سنڀال ڇو نہ ٿي ڪرين!" ويندي ويندي ڪانجيءَ چيو.

ڪانجيءَ جي ڄڀ تي ڏاٽي وهائيندڙ ڀاڀيءَ ڪانجيءَ جي بدران ويچارن پاڙي ۾ ستل ماڻهن مان ئي حق و ناحق ساڙ ڪڍيو.

ڪانجيءَ جي ڪٽنب ۾ سندس وڏو ڀاءُ، ڀاڀي ۽ هڪڙي ستن ورهين کن جي ڀائٽي، ايترائي هئا. هو پاڻ ننڍيءَ عمر ۾ ئي پرڻيو تہ هو، پر پرڻجڻ جي ٻن سالن کان پوءِ سندس پتني گذاري وئي. تنهن بعد هن ڪنهن بہ ڪنيا لاءِ اڇا ڪانہ ڏيکاري. ۽ ائين جو گهر وارا ئي بي درڪار رهن تہ جنهن نيات ۾ ڇوڪرين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي اڳي ئي اَڻاٺ، اتي ڪهڙي ڇوڪري کٽي ٽيندي هوندي، جنهنجا مائٽ پاڻمرادو انهن کي آڇ ڪرڻ ويندا؟ وڏو ڀاءُ جيتوڻيڪ ٻالو ڀولو هو، تڏهن به سندس انهيءَ ڀوليپڻ جو نتيجو ته هينئر ڪانجيءَ کي ئي ٿي ڀوڳڻو پيو؛ ڇاڪاڻ ته انهن ٻن سالن اندر جي ڪا وڌوا ٻڌوا ڪانه مليس ته شايد ساري زندگي ائين وانڍو ئي رهڻو پويس!

ڪانجيءَ کي ماڻهو چوندا هئا: ”ائين توکي ريل ڇيل رکي ان کي ته تومان ڪم ڪڍڻو آهي. کيس انهيءَ ۾ ڪهڙي ڪس آهي؟ رڳو روٽيءَ تي ئي راضي، اهڙو هاري مليو اٿس، پوءِ ڇا جي لاءِ ڪٿان پڇا ڳاڇا ڪرائي؟“..... وغيره.

پر ڪانجي ٿڌي سيني جواب ڏيندو هون: ”اڙي ڀائي، زال بنا ڇا ٿو ڪچو پڪو کائجي؟“ ۽ وڏي ڀاءُ جا ئي لفظ واپرائيندو هو، ”ليک هوندو ته بنا چوڻ جي ئي اچي چڙهندي، ۽ ليک نه هوندو ته هزارين گهرن ۾ پير گسائي اچبا تڏهن به ڪانه ملندي.“

پر سچ پڇو ته خود ڪانجيءَ جي ارادي ۾ ئي ڪوتاهي هئي، نه ته ههڙو سندس وڻندڙ سڀاءُ، سو ان کي هيستائين ڪا نه ڪا ضرور ملي وڃي ها. چئجي کڻي ته ڪنهن مڙس ڇڏي آيل استريءَ وٺڻ لاءِ ڏنڊ جي ٽن چئن سوَن ڀرڻ جي شڪتي ڪانه هيس سو برابر،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر جي پڪ ڪري ها ته ڪنهن وڌوا جو ئي ڀاڳ ڀرائي سگهي ها. ۽ پنهنجي ههڙي آتم وشواس تي هو ڪنهن مـن وڻندڙ استريءَ جي آشا رکي ڪونه ويٺو هو، سو به ڪنهن چيو؟

ڀاڀيءَ جي طعنن تنڪن کي ڪانجي هونءَ کلي درگذر ڪري ڇڏيندو هو، پر ڪير ڄاڻي اڄ کيس ذرا ڪٺن لڳو. سڌو ٻنيءَ ۾ وڃڻ جو ويچار ڪيائين. پر ڪنن تي ڌڪڙن ۽ جهانجهن جا آواز پيس تـه پنهنجي واٽ نهاريندڙ دوستن جـو خيال اچي ويس. اُن ڀڳت جي گهر طرف ئي رخ رکيو.

اُن کي ڏسندي ئي پندرهن ويهن جوانن جي ٽولي چوڻ لڳي: ”اجهو آيو ڪانو ڀائي....“ ٻن چئن ڄڻن ته ان واسطي جاءِ ڪندي، ائين به چيو: ”اڙي ڪانا ڀائيءَ کي ڌڪڙ ڏيو! توهان ته وڄائي ڍوَ ڪيا آهن!“

”ڪانجي، پهر يائين سڌو اندر ته اچ.“ اندران ڀڳت سڏ ڪيس. ڪانجيءَ اڳيان چانهه جو پيالو رکندي چيائينس: ”وٺ، هيءَ چانهه پيءُ.“

ڏينهن ۾ پنجن ڦلڪن کائيندڙ ڪانجيءَ جي پيٽ ۾ اڄ ٻن چانهه جي پيالن کان سواءِ ٻيو ڪجهه پيو ئي ڪونه هو؛ تڏهن به اُن کي اڄ بک جـو سماءُ ڪونه ٿي پيو. جي ”نه“ ڪري ها ته اُها سندس ناڪار هلي ڪانه هـا، تنهنڪري چپ چاپ ۾ چانهه پي ڇڏيائين. پوءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀڳت خواهه هيري ۽ منوهر جهڙن ٻين ٻن ٽن جوانن سان گڏ ايوان ۾ اچي منڊليءَ ۾ شامل ٿيو. خاص دل ڪانه هيس، تڏهن به ڌڪڙ پنهنجي حوالي ڪيائين. ڀڳت ۽ هيري جهانجهن جا جوڙا کنيا.

ڌڪڙن تي ڪانجيءَ جا هٿ اهڙا ته ٺيڪ ٿي هليا، جو اُنهن مان جهڙا ٿي سر چاهيائين، تهڙا ٿي نڪتا. ائين چئجي تڏهن به غير واجبي ڪونهي. ڌڪڙن کي ان هٿوڙيءَ سان ذرا ٺيڪ ٺاڪ ڪيو. هڪڙي گت وڄائي ڏسڻ بعد چيائين: ”چڱو هاڻي هلايو ڀڳت!“

”چريو ٿيو آهين، کريو ٿيو آهين؟ اسان کي ڌڪڙ وڄائڻ ايندا هجن ها ته اڌ رات تائين تنهنجي راهه ڇو ويٺا تڪيون ها؟ هاڻي ڇڏ اَنگل آرا، ڪر شروع.“ ڀڳت چيس.

”ائين ڪو ڪبو آهي ڇا، ڪانجي؟“ هيري به ٽيڪو ڏنو.

ٻي واهه نه ڏسي، ڪانجيءَ گڻيش جيءَ جي ڀڄن سان شروعات ڪئي. تنهن بعد ٻه ٽي ٻيا ڀڄن پڻ ڳايائين. ڀڳت، هيري ۽ هڪ ٻن ٻين جوانن به هڪڙو هڪڙو، به ٻه ڀڄن ڳايا. ۽ اهڙيءَ طرح پهرئين ڪڪڙ ٻانگ ڏني، تيستائين ڪيرتن چالو رکيائون. پر اُٿڻ وقت گهڻن کي ائين ٿي لڳو ته اڄ جي ڪيرتن ۾ جيترو رس اچڻ گهربو هو، اوترو ڪونه آيو. ڀڳت ته وداع ڪندي ڪانجيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي ايترو به چيو: ”تون مڃ، ڪي نه مڃ، پر اڄ توکي ڪجهه ٿيو ٿو ڏسجي، ڪانجي!“

”نه ڙي ڀڳت! مونکي ڇا ٿيندو؟“ چئي ڪانجي کلڻ لڳو.

”تون ڀلي ’نه‘ چؤ پر اسين ڪيئن مڃون؟“ وري ٻئي چيس.

پر اُنهيءَ وچ ۾ هيري اچي ڪانجيءَ جو پاسو ورتو: ”توهين به ڳالهه ڪهڙي ٿا ڪريو، ڀڳت! هڪ ته نرجل اُپواس، ٻيو سورهن ڪوهن جي مسافري، ٽيون ميلي ۾ ڦرياسين، پوءِ ٿڪ ٿيندو ڪين بس.“

ڀڳت ”ڳالهه ته سچي آهي“ چئي، چپ ته رهيو پر ڪانجيءَ جي شڪل ڏانهن ڏسندي سندس اکين اها ڳالهه قبول ڪانه ٿي ڪئي. موڪلائيندي چيائينس: ”بس، ذرا ننڊ ڪندين ته پوءِ اڳي کان اڳرو ٿي پوندين. مڃان تي ڪين وڃين ته هتي ئي سمهي پؤ!“

”نه، مڃان تي ته وڃبو. هل ڀائي هيرا، اچين ٿو نه؟“ چئي ڪانجي اڳتي وڌيو.

ٿڪ، بک ۽ اوجاڳو ٽيئي ڪٺا ٿيا هئا، تڏهن به اڄ ڪانجيءَ کي ننڊ ڪانه ٿي آئي. اکيون اڃا ٻوٽي ئي ڪين ته وري کلي پونس. ائين ڪندي ڪندي، نيٺ صبح ٿيڻ تي آيو، تڏهن ڪا ٿوري ننڊ آيس؛ پر مغز ۾ ته چوڏيل ئي چڪر ڏيئي رهيو هوس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڃا ڀنڀرڪو ئي هو جو ڪانجيءَ جي اک وري کلي پيئي. سڄو سرير سُڪو پيو هوس. مغز به ڄڻ خالي ٿي ويو هوس. اهڙيءَ حالت ۾ ڪير ڄاڻي، هو ڪيتريءَ دير تائين پيو رهيو. ايتري ۾ ڪنهن جو آواز ڪنن تي پيس، تڏهن ڀان آيس ته ”اڄ مون کي ٿي ڇا ويو آهي؟“ ائين چوندو، هو بستري ۾ اٿي ويٺو. ۽ پوءِ ڏندڻ وغيره جي ڪريا ۾ لڳي ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرڪرڻ ٽيون

موهه جي ممتا

بڊي جي جهڙالي رات، آڪاس ۽ پرٿوي تانڊو ناچ جي تياريءَ ۾، چئني طرفن کان اوندهه انڌوڪار ڇانيل، اڌ رات گذري چڪي هئي، تڏهن به ڪانجي اکيون ڦاڙي مچان واريءَ جهوپڙيءَ ۾ گودڙيءَ کي وهاڻو ٺاهي، ٽيڪ ڏيئي ويٺو رهيو. سندس ڪَنَ کيت جي ٻنڀي ڏانهن ڪين، پر اُفق جي ٻنڀي پاسي، ڪاوڙيا پهاڙ جي تٽ ۾ ٿي وسيا. من ڀٽڪي ڀٽڪي جوڳيپور جي ناڪي وٽ وڃي ٿي پهتس. جيويءَ جي سندر ٺاهوڪي سرير کان وڌيڪ سندس امرت ڀريون اکيون هرگهڙيءَ ٿي کيس ياد آيون. جيئن جيئن ڪانجيءَ انهيءَ ساري مانڊاڻ کي دور هڪالڻ جي ٿي ڪوشش ڪئي، تيئن تيئن سندس مونجهه پاڻ وڌيڪ ٿي وڌندي ويئي. زندگيءَ ۾ ڪڏهن رنو ڪين هئائين، تنهنڪري رئڻ ۾ به کيس شرم ٿي آيو ..... ڪانجيءَ ٿڌو شوڪارو ڀري پنهنجو پاڻ کي ڦٽڪاريو: ”اڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مورک! نہ تنهنجي نيات جي، نہ تنهنجي ذات جي؛ ڪٿي وڃي دل اَڙايءِ!"

پر تنهن بعد هرروز جيان اڄ پڻ ان خود پنهنجي ٺٺولي ڪئي: "پهاڙ تي ٻوٽيون گهڻيون ئي اڇيون، پر ڪم ڪهڙي جون! باهہ ٻارڻ جي ڪم ۾ بہ ڪين اچن!" تڏهن سندس هردي پنهنجو هرروز وارو آلاپ اڄ پڻ اُچاريو: "نہ نہ، آءٌ ان جي چهري جو ٿوروئي بکيو آهيان. شڪل ۾ تہ اسان جي ڳوٺ واري ڪاڙي بہ ڇا ۾ پوڻي آهي؟ ۽ انهيءَ تہ منهنجي پٺيان ڦان ڦان بہ گهٽ ڪانہ ماري آهي! پر نڪر، جوڳيپور واريءَ جي تہ ڪا مايا ئي نرالي آهي. هڪ دفعي ڏسڻ سان ٿي جنم جنم جي پياس مٽجي وڃي، بنهہ اهڙي آهي!"

۽ ڄڻ تہ جيويءَ کي هڪ دفعو ڏسي پنهنجي جنم جنم جي پياس مٽائڻ نہ ويندو هجي، تيئن ڪانجيءَ ههڙي مليل وجهہ جو پورو فائدو ورتو. ڪٽنب جي ڪنهن ٻڍيءَ کي سوتڪ هو. بنا چؤچاؤ جي ئي ڪانجيءَ ستن ڪوهن جي فاصلي واري ڳوٺ مان صابڻ وٺي اچڻ جو ذمو پنهنجي سر تي هموار ڪيو. هيري پاري کي تہ عجب ٿي لڳو تہ ڇا جي ڪري ٿو ناحق ههڙي جا کوڙ ڪري؟ هن کيمي پاري کي کڻي موڪلجي تہ اُهو نہ هوند صابڻ وٺي اچي ها! ۽ ڪانجيءَ کي ائين چيائين بہ تہ سهين پر ان ٽنڪ ۾ ئي جواب ڏنو: "ڪنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت ته اهڙو چڪر به لڳائڻ گهرجي نه؟ اسين بوتا بڻجي گهر ۾ ويهي رهون، ۽ سڀاڻي مٿان ڪا ٻري اچي ته انهيءَ مهل ٻيو ڪير اسان جي ڪم به ايندو!"

جيتوڻيڪ انهيءَ جواب سان هيرو راضي ڪونه ٿيو، تڏهن به "چڱو جيئن وڻيئي" چئي، هو چپ رهيو. اندر ئي اندر سندس من ۾ شڪ جاڳيو: "ڪيئن به هجي پر ڪانجي ڪنهن ٻئي ڪارڻ سان ئي ٿو وڃي!"

هيري جو شڪ سچو هو. ڪانجيءَ جوڳيپور جي واٽ ڏانهن ئي لاڙو رکيو. رستي ۾ کيس ائين به ٿي لڳو: "ڳوٺ ۾ ڪو سنگتي ساٿي هجي ها ته انهيءَ جي بهاني ئي سندس گهر کڻي وڃجي ها! هاڻي ڪهڙي اٽڪل ڪجي؟" پر آخر 'جي پوندا سوڙهي، تن لڳندا سيهه'، اهو ياد ڪري ان جوڳيپور ۾ پرويش ڪيو.

جوڳيپور ۾ پٽيلن جي بستي هئي ته سهين، پر اهي ٻيءَ ذات جا پٽيل هئا. تنهنڪري ئي ته ڪانجي، هيرو وغيره، انهيءَ ڳوٺ کان ۽ انهيءَ ڳوٺ جي ماڻهن کان اڻ واقف هئا!"

جيويءَ جي گهر طرف لڙندي ڪانجيءَ کي ته اهو سنگتيءَ ساٿيءَ سواءِ وارو ڳوٺ وڌيڪ پسند آيو. "هتي ڪير ٿو پاڻ کي ڄاڻي سڃاڻي جو چوندو ته پٽيل ٿي ڪري نائيءَ جي گهر ڇو ويو؟"

جيويءَ جي اڱڻ ۾ داخل ٿيندي ئي، گهر ۾ جيڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهيڙو جهٽو ٿي هليو، تنهن جو آواز ڪانجيءَ جي ڪنن
تي پيو. خيال آيس ته پنتي پير ڪري وڃان. پر ايتري
۾ ”گهر جو ڪم ته پاڻيهي پيو ٿيندو! مون کي پهريائين
ڪرڻي آهي بابي جي چاڪري، ٻيو سڀ ڪي پوءِ.“
چوندي، هٿ ۾ حقي سان، دروازي کان ٻاهر نڪرندڙ
جيويءَ تي نظر پيس. ڪانجيءَ کي ڏسندي جيويءَ
جا اکر به وات جو وات ۾ ئي سڪي ويا. ٻنهي جي
دلين مان ڪنهن جي دل وڌيڪ ٿي ڌڙڪي سو چوڻ
مشڪل آهي. پر ٻنهي جا منهن ڏسي ائين ٿي اندازو
لڳو ته جيويءَ جي دل ئي زيادهه زور سان ڌڙڪندي
هوندي. ڪن پل ۾ ئي جيويءَ پاڻ سنڀاليو، ڪانجيءَ
کي ”اچو“ جو آواز ڪري، ٻڍي پيءُ جي هٿن ۾ حقو
ڏيئي، چيائين: ”بابا، ذرا سري پري جڳهه ته ڏيوس.“
”هائو ڀائي هائو، اچو“ چوندو، ٻڍو اکيون
مچڪائيندو، کٽ جي پيرانڌيءَ پاسي چريو. پڇيائين:
”ڪير آهي ٻيٽا؟“
”اهوئي اوڌڙيا جو پٽيل.“
”ڀلي آيو، جيءُ آيو. نينگري، هن کي ذرا تماڪ
ته ڏينس ۽ جي ڦل نه هجيس ته ڏس نه هن جاري
۾ .....“
”نه نه، مون وٽ آهي“ چئي، ڪانجيءَ ڦل ڪڍيو.
جيويءَ جي هٿن مان تماڪ وٺندي، سندس هٿ قدري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏڪيو ٿي. انهيءَ ڏڪڻيءَ ۾ اُن جيويءَ جي آڱرين کي ذرا زور ڏيئي ورتو.

جيويءَ جي دل ڄڻ ته سڄو رت سندس منهن پاسي نه پچڪاريو هجي، تيئن ڪنن جي پاپڙين تائين هوءَ لعل لعل ٿي ويئي.

ڪانجيءَ طرف ٺپڪي ڀريءَ نگاهه سان ڏٺائين. پيءُ ڏانهن آڏيءَ اک سان نهاري، پٺي ڦيرائي، ٻيءَ نگاهه سان ڪانجيءَ کي ڄڻ صاف صاف چئي رهي هئي: ”سهنجو جيءُ ته جاءِ آهي!“

ڦل خلاص ڪرڻ بعد ڪانجي اُئي کڙو ٿيو، چيائين: ”هاڻي چڱو سائين، هلڻ جو سعيو ڪجي!“

ٻڍي گهڻو ئي زور ڀريس: ”گهران ته سويل نڪتو هوندين، ڪٿي کاڌو به هوندءِ، الاجي ڪين. کير ۾ ذرا اٽو اوٻاري ....“:

”نه، نه، آءٌ گهران کائي پي مُونپور وڃڻ لاءِ نڪتو آهيان. هي نه وراڪي وٽ رستو ڀلجي پيس. سوچيم ته اچي نڪتو آهيان ته اڳو پوءِ سائين جن سان ....“

”ڏاڍو چڱو ڪيءِ ڀائي! گڏجڻ مسجڻ ته هڪ ٻئي سان گهرجي ئي! انسان انسان جو خيال نه رکي، ته ڪم ڪهڙي جو، بابا!“

”سو ته سچ آهي، چڱو هاڻي رام رام“ چئي ڪانجيءَ وک وڌائي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڀلي تڏهن ڀائي، توکي مونپور وڃڻو آهي نه؟ هتان اولهندي پاسي....“

رسي ۽ ڏاڻو کڻي جيوي دروازي وٽ بيٺي هئي. چيائين. ”آءٌ اَنباواڙيءَ مان گاهه کڻڻ ٿي وڃان، سو هن کي به دڳ لڳائيندي ٿي اچان، بابا.“

”ها، ها، ڌيئڙي، چوماسي ۾ ته رستا سڀيئي اهڙا ڀول ڀولامڻيءَ جهڙا ٿي ٿا وڃن، جو ڄاڻو سڃاڻو به....“

ڪانجيءَ وري ’رام رام‘ ڪئي ۽ هلندو ٿيو. هو ويهن کن قدمن جي ويڇي تي هو ته جيوي پڻ ٻاهر نڪتي.

پٺيان گهر ۾ چوپچو هلي: ”ها ٻيٽا، ها نينگري! ڪري ڇوڪريءَ جو مٿو ئي ڦيري ڇڏيو اَئو، پر جي ڪنهن ڏينهن ڪارنهن جو ٽڪو نه لڳائي اچيو ته کڻي چئجو. مون ڇا ٿي ٻڪيو!“ انهيءَ ڪڙاڪي طرف جيويءَ کان وڌيڪ ڪانجيءَ جو ڌيان هو. ڳوٺ جي پار ڇيڙي تي پهچڻ سان جيويءَ کان پڇيائين: ”هيءَ تنهنجي ماٽيجي ماءُ آهي نه؟“

جيويءَ مشڪندي وراڻيس: ”توهين تڏهن گهڙيءَ ۾ ئي سمجهي ويا؟“ ۽ وڌيڪ آکيائين: ”اها منهنجي ماءُ پنهنجي ماسيءَ جي پٽ سان منهنجو اَنگ اَڙائڻ ٿي گهري. مون نابري واري آهي، تنهنڪري ته هيڪاري....“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪير ڄاڻي اَنگ اَڙائڻ جي ڳالهه نڪتي، تنهنڪري يا ٻئي ڪنهن ڪارڻ ڪانجيءَ کي اهو پرسنگ بلڪل ڪين آئڙيو وچ ۾ ئي چيائينس: ”جيڏانهن ڏس، تيڏانهن ساڳيو قصو لڳو پيو آهي!“ ۽ اڳتي ٻوليو: ”پر تون ناحق منهنجي پٺيان آئينءَ، جيوي! واٽ ته آءٌ ڪنهن کان به پڇي سگهان ها!“

جيوي ترڇي اک سان ڪانجيءَ پاسي نهاريو. کلندي چيائينس: ”ائين جي ڪنهن کان به واٽ پڇڻي هجيو ها ته مونپور جي بدران جوڳيپور به ڪين اچي نڪرو ها!“

ڪانجي سچ پچ منجهي پيو. جيويءَ ڏانهن ڏسندئي ٽهڪ نڪري ويس. پرولي ڀانءِ ته سلجي ويئي: ”توکي به ٽنهي جڳن جو ٿو سماءُ پوي، ائين ٿو ڀاسي!“

”نه ڙي، ڀائي! مونکي ته پنهنجي ئي جڳه جي خبر ڪانه ٿي پوي، ته پوءِ وري ٽن جڳن جي ڪهڙي بات؟“ چئي جيوي چهري تي ايندڙ اداسيءَ جي سرڪي پي ويئي. وري هڪدم چيائين: ”پر ٺيڪ ته ٻڌايو، مون جيڪي چيو، سو سچ آهي يا ڪوڙ؟“ ۽ نشي ڀريل نگاهن سان ڪانجيءَ ڏانهن نهارڻ لڳي....

اکين جون پنبڻيون مڻ مڻ وزن جون نه ٿي وييون هجنس، تهڙيءَ طرح ڪانجيءَ مٿي کنيون. ڏانهس ڏسندي، هڪ ٿڌو ساهه ڀري، چيائين: ”ڇا جي ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي منهنجي واتان ٻولائين، جيوي؟ ڪير ڄاڻي تنهن ڏينهن کان وٺي ڇا ئي ويو اٿم! پر سچ ٿو چوانءِ مونکان پيٽ ڀري ماني کائڻ به ڪونه ٿو پڄي!"

جيويءَ ڌيمو اڀو ساهه کنيو. واٽ تائين آيس: "ته هتي وري ڪنهن کان ٿو کائڻ پڄي!" پر ٻاهر ٻاڦڻ بدران ان کلندي کلندي ٻيو ڪجهه چيو! "ڪنهن جي نظر ته ڪانه لڳي اَٿو نه؟ ڪنهن ڀوپي ٻوپي کان پڇا ڳاڇا ڪري...."

گهڙي کن لاءِ ڪانجي بتال ٿي ويو. مگر وري هڪدم جيويءَ جي اک سان اک ملنديئي ٽهڪ نڪري ويس. پر سو ڪيتريءَ ويرم لاءِ؟ سهجيئي ٻوليو: "تو کي هيءُ سڀ چرچو ٿو لڳي؟ هان!"

"چرچو نه ته ٻيو وري ڇا؟ مڙس ماڻهو ئي ڪري هيتري هيڻائي؟"

"توکي جيڪي وڻي، سو چؤ! پر ڏسجانءِ، مونکي جي ڪنهن ڏينهن ڪاوڙ آئي نه، ته ستل ئي اُپاڙي ويندوسانءِ." چئي، ڪانجي جيويءَ ڏانهن نهاريندي کلڻ لڳو.

ٻنيءَ جو ٻنڀو آيو ته جيوي بيهي رهي. چپن ۾ مرڪندي، چيائين: "ستل کي ته ساري دنيا ٿي اُپاڙي سگهي، پر جاڳندي اچڪي وڃو ته چئجي ڪو دم اٿوَ" ۽ ڪانجي اڃا ڪجهه چوي ئي چوي تنهن کان اڳ کيس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چپ ڪرائي وڌيڪ چيائين: ”هڪڙيءَ زال جي خاطر پنهنجي ذات پات وڃائڻ ۾ ڪو شرم مرم آهي، ڪين آهي ئي ڪين!“

”دل وڃائيندي شرم نه آيو ته پوءِ ذات پات وڃائڻ ۾ ڇا جو شرم اچي؟ پر سچ ٿو چوان....“

ڪانجيءَ کي جوش ٿي آيو يا ٻيو ڪجهه ٿي ٿيو، سو ته هو پاڻ ڄاڻي، پر شڪل ۾ ذرا تفرقو ته آيو هوس. ڪيئن ڳالهائجي تنهن جي پروڙ به ڀانءِ ڪانه ٿي پيس.

جيويءَ ٻنيءَ جي ٻنڀي اورانگهيندي چيس: ”هتي رستي تي ڪجهه نه ڳالهايو، جيڪي چوڻو هجيو، سو کيت ۾ چئجو!“

پر ڪانجي اُتي جو اُتي ئي بيٺو رهيو، سو ڏسي هوءَ به روڪجي ويئي. وري چيائين: ”هلو نه، ٻه گهڙيون ڪي ڳالهيون ڪري....“

”سچ ٿو چوانءِ! مون سان ڳالهين ڪرڻ مان ڪهڙو ڏڙ تيل نڪرندو؟“ چئي، ڪانجي ڄڻ بيهوشيءَ ۾ نه بڪندو هجي، تيئن ٻنيءَ جي ٻنڀي طرف وڌيو. اندر گهڙندي گهڙندي ته اکين ۾ به آنڌي اچي چڪي هيس. آسپاس جاچيائين نه جاچڻ جهڙو، ۽ جيويءَ اڃا پٺي ٿي ورائي ته کيس پنهنجي ٻنهي ٻانهن ۾ کڻي جڪڙيائين- تڙ تڪڙ ۾ سندس چپن تي سنيهه جي ڇاپ لڳائي- بس، پوءِ ڇڏي ڏنائينس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيوي ڪرندي ڪرندي بچي ويئي. هوڏانهن ڪانجي ڄڻ گرما گرم نه ٿي ويو هجي، سو ٻنيءَ جي ٻنڀي وٽان ٻاهر نڪري ويو. جيويءَ ڏانهن اک ڦيرائيندي چيائين: ”ڪنهن ڏينهن اُپاڙي نه وڃانءِ ته چئجانءِ ته ڪوڙو ڪنهن جاءِ جو....“

ڪانجيءَ جي پٺي تڪيندي تڪيندي جيويءَ جي اکين ۾ ايندڙ ڳوڙها خوشيءَ جا يا ڏک جا، غصي جا يا مونجهه جا، يا وري ٻئي ڪنهن قسم جا، سو هوءَ پاڻ ڄاڻي، پر اهو پرسڌ هو ته ڳوڙها خوب اچي ڪٺا ٿيا هئس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرڪرڻ چوٿون

مايا جي مونجهه

ڪانجيءَ جي مچان تي ڪانجي، هيرو ۽ ڀڳت ٽيئي ويٺا هئا. هيرو مڪائي سنگ سيڪي رهيو هو. هٿ ۾ سنگ هوس ۽ ان مان هڪ هڪ، ٻه ٻه ڪڻا ڪڍي، وات ۾ ٿي وڌائين. ڪانجيءَ ڏانهن ڏسندي ائين ٿي لڳو ته هو وڏي ويچار ۾ غلطان آهي. هونءَ جهوپڙيءَ جي ٿنڀي کي ٽيڪ ڏيئي، ٽنگ ٽنگ تي چاڙهي ويٺل ڪانجيءَ جون اکيون سامهون آسمان ۾ کتل هيون. هيري هڪڙو سنگ سيڪي ڪانجيءَ کي ڏنو، ٻئي مان مٺ جيترا ڪڻا ڪڍي پنهنجي وات ۾ وڌائين، ۽ پوءِ وري باهه تي ٽيون سنگ ڦيرڻ لڳو.

”اهو سنگ کڻ نه، ڪانجي! اڙي اُڀ ۾ ڇا ويٺو ڏسين؟“ ڀڳت چيس.

”آءٌ انهيءَ سوچ ۾ پئجي ويو آهيان، ڀڳت! ته ڀڳوان هيءُ سڄو مانڊاڻ منڊيو ڇا جي لاءِ هوندو؟“

”ڇا جي لاءِ؟ رڳو ناس ڪرڻ لاءِ! انسان کي پيدا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇا جي لاءِ ڪيو اٿس؟ موت لاءِ ئي نہ؟" ڀڳت وراڻيو.

"انهيءَ ۾ ئي ٿو کيس مزو اچي، ڪيئن، ڀڳت؟"

چئي ڪانجي سنئون ٿيو. پاسي ۾ پيل سنگ کڻي وري اُن کي جاچڻ لڳو.

"پر اڄ ڪلهہ توکي هيترو ويراڳہ آيو ڪٿان آهي؟"

چوندي، هيري داڻن جي بي مٺ وات ۾ وڌي.

هيري جيڪي چيو، سو ڄڻ تہ ٻڌو ئي ڪونہ هئائين.

اهڙيءَ طرح ٿوريءَ دير بعد وري ڪانجيءَ چيو:

"هي سڀ مايا جي ڄار آهي نہ، ڀڳت؟

"مايا جو ڄار نہ هجي تہ انسان جيئي بہ ڇو؟"

چوندي، ڀڳت بہ ذرا سڌو ٿي ويٺو.

"پر گيتا ۾ تہ ڀڳوان مايا جي ڄار ۾ نہ ڦاسڻ جو اُپديش ڏنو آهي، ڀڳت؟"

"اهوئي تہ مايا جو ڄار آهي، ڀائي!" چئي، ڀڳت ڪجهہ هسيو.

ڪانجيءَ ڀڳت ڏانهن آس ڀريل اکين سان نهاريو. چيائينس: "نہ ڀڳت، ائين ڳالهہ کي ٽا ٽاري وڃو! پورو پورو جواب ڏيو."

"پورو جواب تہ مونکي بہ ڪونہ ٿو اچي. تون جهڙي گيتا پڙهندو آهين، تهڙي آءٌ بہ پڙهندو آهيان. جيڪي توکي سمجهہ ۾ اچي، سو تنهنجو؛ جيڪي مونکي سمجهہ ۾ اچي، سو منهنجو؛ ۽ هن هيري جي سمجهہ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجھ ڪين اچي ته اُن جو آهي به ڪجھ ئي ڪين.
ڪيئن، هيرا؟" چئي، وري ٻيهر ڀڳت هسڻ لڳو.

هيري ڀڳت کي ڏوهه ڪين ڏنو، پر ڏانهنس ذرا غصي سان ڏسندي، چيائين: سچ جي پڇو ته ڀڳت، توهان ئي اسان جي ڪانجيءَ کي بگاڙي رکيو آهي. توهان ئي کيس سيکاريو ڪيو ۽ هاڻ تازو ته گيتا جو پاٺ ڪرڻ لڳو آهي، سو به توهان جي ئي صحبت ۾."

"پر مون وٽ سکڻ ايندو هو، تڏهن ته 'سديونت ساز گنگا' ۽ 'گجرا مارو' (عمر مارئي ۽ سسئي پنهون جهڙا لوڪ گيت) پڙهڻ سکيو هو. انهيءَ وقت مونکي ڪهڙي خبر ته هو گيتا جي ممتا ۾ مگن ٿي ويندو!" چئي، خالي سنگ ٻاهر ڦٽا ڪندي آکيائين: "ڏي نه هڪ ٻه. نرم ڪو ڏسي ۽ هجي ته واهه، نه ته اُٿون."

هيري ڪهڙو سنگ ڀڳت کي ڏنو ۽ ٻيو ڪانجيءَ کي آڇيائين.

"مون وٽ ته آهي ۽ اهو تون کاءُ." ڪانجيءَ چيس.

"ڀلي، جيئن تنهنجي مرضي،" چئي، هيري پهرئين سنگ جا داڻا ڪڍي، خالي سنگ ڦٽو ڪري ڇڏيو. هٿ وارا داڻا وات ۾ وجهي، ٻيو سنگ کڻي، اُٿندي، چيائينس: "هاڻي اٿو ڀڳت! اوهان ٻنهي جي ڪير پناري پوي ته اُن جو ڀونگو ئي ڀينگ. هلڻو هجيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ته هلو.“

”اڙي هلان ته ٿو.“ چئي، ڀڳت به اُٿيو.

ڪانجيءَ کي وداع ڏيئي ٻئي ڄڻا هيٺ لٿا. ڪانجي اڪيلو پئجي ويو. سندس ڪن تي ڪانوَ جو ڪان ڪان جو آواز آيو. رڙ ڪيائين: ”وٺ ڙي وٺ! کائي وئين نه جيڪي هو سي ڀي!“

پوءِ اُٿي کڙو ٿيو ۽ پاسي ۾ پيل گليلو ۽ جنب هٿن ۾ کنيائين.

چوٽيءَ تائين ايندڙ مڪائيءَ جي سنگ مان هلندڙ هيري ۽ ڀڳت جي ڪاپار تان گوليءَ جيان ’س....ن....ن‘ ڪندو پٿر اُڏامي ويو. هيري چيو. ”اڙي ڏسجانءِ، متان اسان جو سر نه ڦوڙي وجهين.“

”اڙي ايترو ڏاڍو ٿو ڊپ ٿئيئي، ته سر ساڻ ڪري ڇو ٿو ڦرندو وتين! گهر ۾ ئي رکي اچينس ها نه!“ گليلي ۾ ٻيو پٿر وجهندي، ڪانجي کلڻ لڳو.

رستي تي پهچي، هيري ڀڳت کي چيو: ”مونکي ائين ٿو لڳي ته هي ڪانجي اوير سوير ساڌو بڻجي پوندو، ڀڳت! اڄ ڪلهه سندس هلت چلت هن ساري مايا جي مهاڄار کي تياڳڻ جهڙي پيئي لڳي!“

ڀڳت کليو. چيائين: ”مونکي ته انهيءَ کان ٻئي ڪنهن قسم جو ڊپ آهي، هيرا! مونکي الٽو ائين ٿو لڳي ته هو پاڻ مايا جي مهاڄار ۾ گهڻو گهڻو ٿو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦاسندو وڃي."

"نه، نه، ڀڳت! ائين ڇا هوندو؟" چئي، هيرو ويچار ۾ پئجي ويو: "ڀڳت ڪهڙي مايا جي مها ڄار جي ڳالهه ڪندو هوندو؟"

ڀڳت ڪنڌ هيٺ ڪري ٿي هليو. ڀانءِ ته ڪنهن اونهي ويچار ۾ هو. اهڙيءَ طرح وري چيائين: "تون مڃين نه مڃين، هن جي پيرن ڪو ٽواٽو لتاڙيو ٿو ڏسجي."

"نه ڙي ڀڳت، اهڙا سوين ٽواٽا اورانگي وڃي، تڏهن به ڪانجيءَ کي هوند ڪجهه ڪين ٿئي. هو خود ڀوتن پريتن ۽ ديوين ڏائڻين سان ٽڪر کائيندو آهي، تنهن جي ڇا توهانکي خبر ڪانهي؟"

ڀڳت کان ذرا ٽهڪ نڪري ويو: "آءٌ جنهن ٽواٽي جي ڳالهه ٿو ڪريان، سو انوکو آهي، هيرا!" چئي ذرا بيهي رهيو ۽ هيري سامهون نهاري چپن ۾ مرڪندي، چيو: "ڪانجيءَ جو هيءُ درد آءٌ پرکي ويو آهيان. ان جي اندر ۾ ڪنهن جيوتي ڏائڻ اچي واسو ڪيو آهي!" ۽ وک وڌائيندي ڄڻ ته ٽنهي ڪالن جو منجهه ٿي ڪڍيائين، تيئن چيائين: "ڪوئي وٽس مهمان بڻجي آيو هوندو، يا هو پاڻ ٻئي ڪنهن ڳوٺ ۾ ويو هوندو، يا وري واٽ ويندي ڪو ناتو رشتو ٻڌجي ويو هوندس. جيڪي هجي سو، پر تون ماٺ ڪري ويٺو ڏسجانءِ هيرا! جيڪڏهن ڪوڙ نڪري ته منهنجو نالو ئي مٽائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيو رکجانءِ!"

هيري جا جڻ ڪپاٽ کلي پيا. پندرهن کن ڏينهن ٿيا جو ڪانجي صابڻ وٺڻ نڪتو هو، سو هُري آيس. ڀانءِ ته سارو ڀيد ئي کلي پيو. من جو من ۾ ٻاڦڻ لڳو: "چؤ نه چؤ، پر ڪانجيءَ کي هن حجامڻيءَ جي ممتا ماري وڌو آهي. نه ته هيءُ ڪير جو صابڻ وٺڻ وڃي! جوڳيپور نه ويو هجي ها ته ايتري دير به ڪانه لڳيس ها!" هيري هڪڙو ٿڌو ساهه ڀري، ڪنڌ ڌوڻيندي چيو: "توهان جو چيو جي سچ نڪتو ته هاءِ، غضب ٿيو، ڀڳت!"

پر ڀڳت 'ڇا جو غضب ٿيو؟' اهڙو نه ته سوال ڪيو ۽ نه انهيءَ بابت ٻيو ڪجهه چيائين؛ ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ٻولياءِ "تون ته گهر ٿو وڃين نه؟ ته وٺ، آءٌ ذرا ٻنيءَ جو چڪر هڻي ٿو اچان،" ائين چوندي ساڄي هٿ کان لاڙ کائي ويو.

ڪير سنهڙي پيڃري تان آڻي پوءِ ٽن رستن واري اجاڻئي ٽواٽي تي ته جڻ ڇڏي هليو ويو هجي، تيئن ڀڳت ڏانهن هيرو وات ڦاڙي ڏسندو رهيو. چيائينس: "پر ڀڳت، توهين به سڄي ڳالهه ته سڻو. انهيءَ جو ڪوئي منجهه ته...."

ڀڳت روڪجي بيٺو. هيري سامهون ڪهل ڀريءَ نگاهه سان نهاريائين ۽ کلي چيائينس: "تون ته ڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀورڙو ٿو ڏسجين! اهو ته جنهنکي لڳي آهي، تنهنکي پاڻيهي ڪل پوندي. انهيءَ ۾ تون ڇو ٿو ايترو گهبرائين؟"

ڀڳت پاسي سرندي، هيرو چئي رهيو هو: "پر انهيءَ جو منجهه ته ڪنهن جو بابو به ڪڍي ڪونه سگهندو. سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو ته اٽلو وڌيڪ اَمنجهندو. توهين سڄي ڳالهه ته....."

هيري کي ڪجهه اڃا چوڻو هو ۽ هوڏانهن ڀڳت کي جڻ ته ٻڌڻو ئي ڪونه هو، سو وچ ۾ ڪپي چيائين: پر سڄي ڳالهه ٻڌي به آءٌ انهيءَ لاءِ ڪري ڇا سگهندس؟ ۽ تون به ڇا ڪري سگهندين؟ انهيءَ جو ته اهوئي پنهنجي سر پاڻ ڪو رستو ڳولي ڪڍندو. فڪر ڪرڻ جو ضرور ڪونهي- تون وڃين گهر ڀيڙو ٿيءُ ۽ ڪنهن ڪم هاج ۾ جنبي وڃ،" ائين چئي، ڀڳت وري هلڻ جاري رکيو.

هيرو ته ڀڳت جي پٺي تڪيندو رهجي ويو- هڪڙو ويچار آيس ته ڪانجيءَ وٽ وڃي ساڻس وڙهان: "هيءُ تو سوچيو ڇاهي ڪانجي؟" پر وري خيال آيس ته هيترو سارو وقت گذري ويو ته مون سان برابر ڇليو به ڪين؟ انهيءَ مَو ۾، "ڀلي جيئن هجي، پنهنجو سر پاڻ ڦوڙيندو!" ائين ٻڄڙندو گهر پاسي هلڻ لڳو.

پر ڪانجي جو هيري سان ڇليو ڪين هو، تنهن جو ڪارڻ پڌرو هو. جنهن ڳالهه جو ڪو اُپاءُ ئي ڪونه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هجي، اهڙي الٽي ڳالهه ڪري ڇو هيڪاري پاڻ کي ڇسو بڻائجي؟ جيڪي سوچ ويچار ڪرڻ جهڙو هو، تنهن جي ته اُن من ۾ ئي ڳڻ ڳوٺ ڪري ڇڏي هئي.

جيويءَ سان لائون لائڻ لاءِ هنکي پنهنجي نيات جي به پرواهه ڪانه هئي. وڏو ڀاءُ ملڪيت جو حصو ڪونه ڏيندو، يا ڳوٺ جا ماڻهو ڳوٺ ۾ رهڻ ڪين ڏيندا. تنهن جو به کيس خاص فڪر ڪونه هو. پر جيڪڏهن ڪو فڪر هوس ته هڪڙو وڏي ڀاءُ جي سر جو. تنهن سواءِ پنهنجي ڦوهه جوانيءَ تي به کيس اهڙو ڀروسو ڪونه هو. ۽ جيويءَ لاءِ ڇڪ متان هڪ قسم جو وهم نه هجي، سو ڊپ به ٿي لڳس. پر اُهو ڊپ پنهنجي سر پاڻ ئي اُڀو ڪيو اٿم، تنهن جي کيس پروڙ ڪانه هئي.

وڏي ڀاڻس جي نه فقط هڪڙي ٻانهن ڀڳل هئي، پر سندس سرير ۽ من پڻ اڌ ڀڳل جهڙا ئي هئا، ۽ تنهنڪري ٿي پنج سال اڳ جڏهن سندس پتا چالاڻو ٿي ڪيو، تڏهن اهڙي ننڍڙي ڇوڪري کي، جنهن کي اڃا مڇ جي ريهه به ڪانه آئي هئي، پنهنجي پاسي ۾ وهاري، وڏي لاءِ پارت ڪندي، چيو هئائين: ”ڪانا! ڀائي! وڏي ڀاءُ جي اٻوجهائيءَ جو خيال رکجانءِ، پٽڙا! سڀاڻي تون ٻارن ٻچن وارو ٿيندين، ۽ مونکي پڪ آهي ته تون زال وٺڻ کان سواءِ رهڻ وارو ڪونه آهين. پر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تڏهن به تون ڌرا پار ڪين ٿجانس. هان! زالن کي گڏ رهڻ ڪين وڻندو آهي، تڏهن به تون، پٽڙا! پنهنجي وڏي ڀاءُ کي نه ڇڏجانءِ! پر جي ڌار پار وڃي رهين ته به سندس گهر جو به بوجو تون پنهنجي سر تي کڻجانءِ. تنهنجي ڀاڀي به انسان آهي، سا ڀلي پيئي بڪي! پر تون ته پٽڙا، منهنجو ڏاهو نينگر آهين نه! ان جي ڳالهين جو خيال نه ڪجانءِ، ۽ پنهنجي وڏي ڀاءُ کي ڪنهن به طرح رنج نه رسائجانءِ!"

۽ ڪانجيءَ پڻ پنهنجو ورتڻ اڄ سوڌو اهڙو ئي رکيو هو. وڏي ڀاءُ کان وس ويندي ڪو ڪم به ڪين ڪرائيندو هو. ائين ڪندي، وڏي ڀاءُ جو ته هونءَ ئي رڳو ويٺي وقت وهامندو هو، ۽ تڏهن به "ڏسو نه، دادا، فلاڻي وٽ مهمان آيا آهن، ٻه گهڙيون انهيءَ وٽ وڃي ڀيڙا ٿيو. ڪم ڪاج ته آءٌ ۽ ڀاڀي گڏجي ڪري وٺنداسون،" ائين چئي چئي کيس وڌيڪ آلسي بڻائي ڇڏيو هئائين. ڀاڀي ۽ ڏير جو ساز هڪٻئي سان سٺو ڪونه هو، سو برابر، پر ڪانجي هن مهل تائين سندس گهڻ ڳالهائي سڀاءَ مان واقف ٿي ويو هو. ورندو جواب ڏئي ته تڪرار وڌي ڪين نه؟ اُٽلو ڪانجي من جو من ۾ ڀاڄائي کي سارهيندو هو. اهڙيءَ ٿوريءَ موڙيءَ واري ۽ سرير جي به ڄڻ ويٺل ماڻهوءَ جي گهر جو مانڊاڻ منڊڻ سو 'ناتري' ذات واريءَ استري لاءِ ساراهه جوڳي ڳالهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چئبي کري.

ان جي جاءِ تي ڪا ٻي هجي ها تہ گهر تالا والا ڪري شايد ڀڄي بہ ويئي هجي ها، سو ڪانجيءَ برابر ٿي سمجهيو. انهيءَ ڪري ئي ائين رڙورڙ مچائيندي بہ ڀاڀي سندس گهر سنڀالي ويٺي هئي، تنهن سدگڻ کان هو غير واقف ڪونہ هو. اهڙيءَ طرح ڪانجيءَ جا هي سدگڻ سندس وڏي ڀاءُ، ڀڳت، هيري ۽ ٻين چئن چڱن کان بہ نظرانداز ڪين هئا. انهيءَ ڪري ئي جهيڙي جهٽي وقت ماڻهو پنهنجي جوان ٻارن کي ڪانجيءَ جو ئي مثال پيش ڪندا هئا.

اِهو سڀ خيال رکي، هيري کي پڻ خاطري ٿي چڪي هئي تہ ڀلي جيويءَ سان ڪانجيءَ جي جيتري چئجي اوتري دل لڳي هجي، پر هو کيس پنهن جي گهر ۾ آڻي وهارڻ جهڙو ڪم قيام ڪين ڪندو! پر ٻئي پاسي ڪانجيءَ جي من کي ڪا شانت ملي، اهڙي اُپاءَ جي پڻ هيرو کوج ۾ هو. ۽ هڪڙيءَ رات اهو سندس اندر ۾ هرکي بہ آيو.

ٻئي ڏينهن صبح جو ان چانهہ پنهنجي مچان تي ئي ٺاهي رکي. رڙ ڪري ڪانجيءَ کي سامهون واري مچان تان سڏ ڪيائين. هئا فقط اهي ٻہ ئي ڄڻا. چانهہ پيئندي پيئندي، هيري ڳالهہ ڇيڙي: ”ڪانجي، آءٌ هڪ ڳالهہ پڇانءِ؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پڇ نہ ڀلي“ چئي، وسميءَ ڀري نگاهہ سان ڪانجي ڏانهنس ڏسندو رهيو.

”سچ ٻڌائيندين؟“

ڪانجيءَ هيري طرف پُرِ درد اکين سان نهاريو.

ڦڪو کلندي چيائين: ”ڪهڙي ڏينهن مون توسان ڪوڙ ڳالهايو آهي جو اڄ تون هيئن ٿو ورجائين، هيرا؟“

”نہ نہ، ائين ڪونہ ٿو چوان، پر مونکي ائين ٿو لڳي تہ هاڻي ويجهڙائيءَ ۾ تون مون کان مڙيو ئي ڪو ڀيد ڇپائي رهيو آهين. تنهنجي من ۾ ڪجهہ....“

”ڀيد جهڙو تہ ڪجهہ آهيئي ڪونہ، پر ڪا ڳالهہ ٻڌائڻ جهڙي هجي تہ ٻڌايانءِ نہ؟ چريائيءَ جي ڳالهہ ڪرڻ مان فائدو ئي ڪهڙو، هيرا!“

”تہ وري تنهنجو نقصان بہ ڪهڙو ٿيڻ وارو آهي؟“ چئي، هيرو کلڻ لڳو. ڪانجيءَ کي سن ۾ ڏسي، هو اڳتي وڌيو: ”ڪنهن سان چپ چورجي تہ ذرا هيئون بہ هلڪو ٿئي. اڪيلو ئي اڪيلو پيو اندر ۾ جهربو تہ ڪنهن ڏينهن هيڪاري دماغ ئي چرخ ٿي ويندو،“ سٺ ورهين جي پوڙهي وانگر گنڀير بڻجي، هيري چيس.

”پر هاڻ اهڙيءَ چنتا جو ضرور ڪونهي، هيرا! دماغ چرخ ٿيڻو هجي ها تہ اڄ ڏينهن تائين چرخ بہ ٿي وڃي ها. هيئر تہ مون انهيءَ ڳالهہ کي ستين پاتال جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پار پهچائي ڇڏيو آهي.“

”ته هاڻي پار پهچائي ڇڏڻ بعد ته ڳالهه ڪر؟“

هيٺ ڪنڌ ڪري هٿ ۾ آيل ڪاني ٽڪر موڙيندي ٽوڙيندي، ڪانجيءَ مرڪندي چيو: ”توکي سڀ سڌ ته آهي، پوءِ منهنجي واتان نه ٻولائين ته ڇا ٿيندءِ؟“

اهو ٻڌي هيري جو هينئون سچ پچ هلڪو ٿي پيو. کلندي کلندي چيائين: ”مون کي ته پڪ هئي ته ڍول اندر ڪو پول آهي. ناحق تون ان جي پٺيان چريو ٿيو هئين نه! ۽ انهيءَ ۾ لڀي به ڇا ٿو، جو ....“

”انهيءَ ۾ لڀي ڇا ٿو، تنهن جي ته مونکي به ٻيٽ ڪانهي، هيرا! پر ڪجهه ته مڙيوئي اٿس. پنهنجيءَ نيات جي هجي ها ته کيس گهر ۾ آڻڻ کان ڪڏهن ڪين گسان ها!“ ڪانجيءَ چيو. سندس چهري تي محڪمتا ٿي بکي.

”اڙي، جي نيات جي هجي ها، ته ٻيو وري گهر بو ڇا هو؟ ۽ هاڻي به بگڙيو ڇاهي؟ پنهنجيءَ نيات ۾ ته انهيءَ کان به ڀلون ڀل پييون آهن. تون رڳو ڪنهن جو نالو کڻ ته اُنهيءَ کي آڻي تو وٽ حاضر ڪريون. نيات ۾ ٻه ٽي سوَ ڏنڊ ڀرڻو پوندو، سو ڳالهه به ايتري نه؟ قصو ٻڌيو ته ڪاري چور وٽان به کڻي ايندا سون. هڪوار تون به ڪنهن کي پسند ته ڪر؟ سڀ ڪي سڻائي ٿي پوندي!“ چوندي، هير. سنئون ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪانجيءَ جون اکيون اُفق ۾ کتل هيون، سو ڌيان ڇڪائي، هيري چيس: ”چريو ٿيو آهين کريو؟ هوءَ ڌاريءَ نيات جي آهي، تنهنڪري ٿي ايترو سارو پيار ڏيکاريئي. باقي جي پنهنجيءَ نيات جي هجي ها ته ’نه ڙي بابا، منهنجي پيءُ جي آبرو ويندي،‘ ائين چئي، ڪڏهن جو رفو چڪر ٿي وڃيئي ها.“

ڪنهن نادان طرف نه ڏسبو هجي، تيئن ڪانجيءَ هيري سامهون پئي نهاريو. چيائينس: ”تڏهن تو اڃا کيس سڃاتو ٿي ڪونهي. منهنجي ۽ هن جي وچ ۾ جيتوڻيڪ اهڙي ڪا ڳالهه اڃا هلي ڪانهي، تڏهن به ايتري ته مونکي پڪ آهي، ته جي آءٌ کيس خالي کوهه ۾ ٽپي پوڻ لاءِ چوان، تڏهن به هوءَ کلندي کلندي جيڪر ٽپي پوي!“ ۽ هڪ لنبو ساهه کڻندي آکيائين: ”هيرا! ڀڳوان صورتن سان ته هيءُ سڄو سنسار سجي ڇڏيو آهي، ”سهڻا ٽوهه پٽن ۾ گهڻا“ پر اهڙا هردا ڪٿان ڳوليا لڀن؟ سچو ملهه ته من جو ئي آهي، ڙي مورک! هيءُ ڏوهيڙو جي ياد هجيئي:

’ملهه تنهنجو ڙي ڍڳا، تنهنجي سڱڙن سان،
وري گهوڙي جو ڪنن جي سنهين پاپڙين سان،
پر ملهه تنهنجو ڪٿجي ڪيئن، ڙي او انسان؟
تنهنجو من ته رهيو سمنڊ جي تري هو سمان.‘

ائين اٿيئي هيرا. ڍڳي جو ملهه سندس سڱن سان ٿيندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، اهڙيءَ طرح گهوڙي جو ملهه ڪنن جون پاپڙيون ڏسي ڪبو آهي، پر انسان جو ملهه ته ڙي پاڳل، ان جو من ڏسي پرکبو آهي. پوءِ ڀلي اهو اوچيءَ ذات جو هجي يا نيچيءَ نيات جو!"

ڪانجيءَ جي ڪوتا ٻڌي ۽ سندس منهن ۾ مڻيا ڏسي، کن ڀر ته هيري کي ائين اندر ۾ آيو ته چئي ڏيانس، ته 'پوءِ ڪر نه جيڪي وڻيئي.' پر ان سمجهو ٿي ته ائين چئي ڏيڻ سان ڪجهه ورندو سرندو ڪين ڪي. 'ذات پات، ڀاءُ ڀاڄائي ۽ سنگتي ساٿي سڀيئي ڇڏڻا پون ته ڇڏي سگهجن، پر پٺيان ٻار ٻچا ٿين ته انهن جي ڪهڙي حالت ٿيندي! انهيءَ ويچار ايندي ئي هيري هڪ ٿڌو ساهه کنيو ۽ چيائين: "اهو سڀ ٺيڪ ڪانجي! پر پنهنجي هنن بي عقل ماڻهن کي ٿورو ئي اهڙي بوجهه آهي؟"

۽ ڪانجيءَ، جو ٿورو گهڻو ڪي سمجهيو هو ته، انهيءَ تي پڻ هيري پاڻي ڦيري ڇڏيو: "اسين ڪو ذات پات يا مٽ مائٽ ٿورو ئي ڇڏي سگهنداسون!"

"انهيءَ ڪري ته اڄ ڪلهه مون سڀ ڪي درگذر ڪري ڇڏيو آهي! هي ته تو ڳالهه ڪڍي، تڏهن ٿو چوانءِ. باقي منهنجي مرضي ته اهڙي آهي ئي ڪانه هاڻي. ڀڳت ٿي چيو، تيئن من گهڻوئي سرڳ جو امبرت پيئڻ لاءِ ڊوڙي، پر آخر ته اهو سرڳ جو ئي امبرت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ! جيئري جاڳندي ٿورو ئي ڪڏهن پيئڻ لاءِ ملي سگهندو؟" چئي، ڪانجيءَ کلڻ جي ڪوشش ڪئي. چلهه تي رکيل ٻاٽليءَ ڏانهن اک ڪري چيائين: "ڏس، ڳالهين جو ڳالهين ۾ ئي پاڻي سڪي ويو. ٿورو ٻيو وجهڻو هجيئي ته وجهي پورو ڪر- مونکي ته اڃا ترن جي تپاس لاءِ ڪاس ۾ وڃڻو آهي."

"خود منهنجي ڪرت جو بہ انت ئي ڪونهي،" چئي، هيرو چلهه پاسي سريو. ۽ باهه پڄرائي گهڙيءَ ۾ چانهه تيار ڪري ورتائين. ٻئي ڄڻا وري ٻيهر ڪنهن ويچار ۾ پئجي ويا. چانهه پيئندي پيئندي، وات جي سرڪين واري آواز کانسواءِ چؤطرف سن سناٽ ڇانيل هئي. مٿان ڪانوَ بہ ڄڻ ته چورن جيئن چپ ۾ ٿي اُڏاڻا. انهن کان ڳچ اوچائيءَ تي اُڏامندڙ طوطن جا جهنڊ ڪي باتيون لاتيون ڪندا ٿي ويا. پر انهن جو آواز پڻ اڀرندڙ سوريہ جي تيج ۾ سمائجي ٿي ويو.

چانهه پوري ڪري هيري حقو ٺاهيو. اڌ جيترو تماڪ ختم ٿي ويو، تيستائين کيس ڪانجيءَ ڏانهن حقي ڦيرائڻ جو خيال بہ ڪين آيو. مغز ۾ ڄڻ ڪجهه وڄي رهيو هوس، سو ڪانجيءَ کي هڪ ٻہ دفعو اکہ ٽيٽ ڪري چيائين: "اي ڪانجي، انهيءَ ڇوڪريءَ کي پنهنجي ڳوٺ ۾ آڻي وهارجي ته ڪيئن؟"

"ڪٿي؟" ڪانجيءَ پڇيو. سندس چهري تي چڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ انتظاري ٻئي پسار هيون.

”ڪٿي وري ڪٿي؟ اسان جي ڳوٺ جو ڌُوليو نائي ويچارو اڃا واندو ويٺو آهي نہ؟ ٿي سگهي تہ اُنهيءَ سان ئي مائٽي ڪرائيندس.“ چئي، کيس حقو ڏنائين ۽ آکيائين: ”ويچارو عمر ڀر پيو آسيسون ڪندءِ، ڙي!“

”اڙي، ائين ڪو ڪنهنجي ڌيئرن جو آچار ٿو سنڌجي ڇا، هيرا؟ تون بہ ڳالهہ ڪهڙي ٿو ڪرين؟“ چئي، ڪانجي هسيو. پر انهيءَ هسيءَ ۾ ’ڪاڏي هو ڪانءُ ۽ ڪاڏي هوءَ ڪوئل (ڪاڏي منهن مريم جو ڪاڏي الله يار؟)‘ اهڙي قسم جو ڀاءُ ڀريل هو.

”پر تنهنجي ڳالهين مان مون ائين ٿي سمجهيو تہ تون جيڪي کيس چئين، سو هوءَ مڃي جيڪر ضرور وڃي. ۽ جي توکي ان تي پورن وشواس آهي تہ ڀلي تہ سندس ماءُ پيءُ وتن ڇيڻو ڇڻيندا! ڪا ويهاريل سيهاريل تہ ڪانهي جو ناين جي نيات بہ اُن تي آڪڙجندي.“

حقي مان ٻہ چار سوٽا ماريندي ڪانجيءَ چيس: ”اهڙي ڳالهہ متان ڪنهن سان ڪئي اٿيئي!“

پر انهيءَ ۾ عيب ڪهڙو آهي؟ اهو نہ تہ انهيءَ جو ٻيو ڪو ڀاءُ (چور نہ تہ چاڪي ئي سهين)، پر ڪنهن جي گهر تڙ وڃڻ سواءِ ٿوروئي وانجهي ويهي رهندي؟ تنهنڪري جي پنهنجي ڳوٺ جي نائيءَ جو گهر اچي وسائي تہ انهيءَ ۾ اهم ئي ڪهڙو؟ هن ويچاري ۾ اهڙو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دم ۾ ڪونهي ڇا جو کيس ٻي ڪا زال ملي ۽ سندس پيڙهه قائم رهي؟"

ڪانجيءَ کي ماٺ ۾ ڏسي، وري چيائين: "ٿي سگهي ته اهو ٽڻ ٺاهي ڇڏ. ننڍي ڪاڪي ته توکي ڀڳوان ڪري پوڄيندي!" ۽ کلندي کلندي، وري ٻوليائين: "۽ اسين سڀ ڳوٺاڻا تنهنجا ٿورا ڪو گهٽ ڪين مڃينداسون."

ڪانجيءَ اٿڻ جي تياري ڪندي چيو: "اُٿ اُٿ ڙي هاڻي؛ اُٿي وڃي پنهنجيءَ ڪرت کي لڳ."

ٻئي ڄڻا مچان تان هيٺ لٿا. ڌار ٿيڻ وقت هيري وري چيس: "آءٌ مسخري نٿو ڪريانءِ، ڪانجي! مون جيڪي چيو اٿيئي تنهن تي ذرا غور ڪجانءِ. ايڪ پنٿ دو ڪاج هوند ٿي سگهن. باقي هونءَ تنهنجي جيڪا مرضي!"

ڪانجيءَ جيئن جو تيئن چيو: "تون وڃ نه هليو ڇانو مانو!" پوءِ چپ ڀڪوڙيندو ۽ چپن کي چڪ پائيندو چوٽيءَ تائين ايندڙ مڪائيءَ جي پوک ۾ گم ٿي ويو.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرڪرڻ پنجون

من جو مانڌاڻ

ڪانجيءَ جي دماغ ۾ ڪيترن ئي ڏينهن تائين تنهن ڏينهن وارو هيري جو گفتو 'ايڪ پنٿ دو ڪاج' وڄندو رهيو. گهڙيءَ ۾ کيس هيري لاءِ ڌڪار ٿي آئي ته گهڙيءَ ۾ وري هن رستي ڏيکارڻ لاءِ هو مٿانئس ٻلهار ٿي ويو. قد جو ٺينگڻو، گول مٽڪي جهڙو منهن، ڪاريءَ ٻليءَ جهڙيون ڀوريون اکيون، اهڙي ڌوُليي جي صورت سندس اڳيان اچي کڙي ٿي، ته وري اُن جو جيءُ گهبرائڻ لڳو، من جو من ۾ چيائين: 'ءِ آهي به سڀاءَ جو ڏاڍو چڙ خور .....':

مگر ٻئي پاسي کيس ائين پڻ ٿيو ٿي: "پر انهيءَ جو ذمو به ڪنهن کنيو آهي، ته کيس ٻيو ڪو منهن ملوڪان جهڙو ٿي ملندو؟ تنهن ڏينهن ويچاريءَ چيو ڪونه ٿي ته سندس ماٽيجي ماءُ ڪنهن پنهنجي رشتيدار سان اُن کي اڙائڻ جي تياريءَ ۾ آهي! وروڌ ڪري ڪري به ڪيترا ڏينهن ڪندي، ۽ ڪندي تڏهن به

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هلنديس پڄنديس ڪهڙي؟ ويچاري ڪنهن ههڙي جهڙي گهر وڃي پوي، تنهن کان هن ڌوليي جو گهر ڇا ۾ گهٽ آهي؟ کائڻ پيئڻ جو سک، ۽ ..... پنهنجي اکين اڳيان ته هوندي!....'

۽ اهڙيءَ ريت هيترن ڏينهن جي ول ولوڙڻ کان پوءِ اهي پويان اکر سندس دماغ ۾، سندس دل ۾ چڱيءَ طرح نه اُڪري ويا هجن، تيئن اُن پڪ ڪري ڇڏي: 'هيرو پنيان پيو آهي سو ڀلي نه ائين ئي ڪجي. تنهن ڏينهن ويچاري ننڍي ڪاڪيءَ به ڇا ٿي چيو! ڪنهن جي پيڙهه هلندي هلي، تنهن کان وڏو ثواب ٻيو ڪهڙو آهي؟'

هڪ ٻپهريءَ جو ته هيري جي زور بار وس ٿي، ڪانجي جيويءَ کان پڪ پڪاڻي ڪرڻ لاءِ وڃڻ واسطي تيار به ٿيو. پر وڃڻ کان اڳ هيري وٽ ان پنهنجي ڊپ جو اظهار ڪيو: "هيرا! وڃان ته ٿو- ۽ مون کي پورن وشواس آهي ته جيوي منهنجو چيو ڪين موٽائيندي، پر ڏسجانءِ، اهو ڌوليو باندر جهڙو اٿئي، ڀائي!" ۽ ڪانجيءَ کي ڀانءِ اهو ڊپ ٿي ٿيو ته متان هو چئي ڏئي: 'تڏهن مرڻ ڏئيس نه ماريي کي!' سو چيائينس: "هونءَ ته آءٌ ته جيئن تون چون تيئن ڪرڻ لاءِ تيار آهيان!

"اڙي، اهو ڌوليو ويچارو ڇا ڪندو! هيڏيءَ عمر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾- ٽيهن کي ته اچي لڳو آهي، هاڻي ڪير کيس وٺي ڏيندو؟ ايترو ته هو پاڻ به ٿو سمجهي، ڪانجي!" چئي، ڪنهن ڀيد ڀريءَ هسيءَ سان هيرو ٻوليو: "ڀلن تي ڀلا ماڻهو به جڏهن مڇون مروٽيندا ٿا رهجي وڃن ته پوءِ ويچارو ڌوُليو ڪهڙيءَ قطار ۾ ڳڻجي؟"

هيري جي چوڻ جو مطلب ڪانجي شايد سمجهي ويو هوندو. کيس هيري تي ذرا ڪاوڙ به آئي. اک ڦوٽاري، چيائين: "نه نه، هيرا، تون مونکي ايتري قدر نيچ نه سمجهه. هان! باقي ايترو برابر آهي ته هوءَ پنهنجي نظر اڳيان هوندي ته پاڻ کي هڪ قسم جو ذرا آٿت رهندو، ٻيو ڇا؟"

"آءٌ به ته ائين ئي ٿو چوان نه! هيئن جو ڳجهه ڳوهه ۾ ستن ڪوهن جا چڪر هڻندو ٿو وتين، تنهن کان ته ڇٽي پوندين نه!" هيري چئي ڏنس.

هيري جڻ 'تنهنجي من ۾ سا منهنجي من ۾' واري ڳالهه نه کولي وڌي هجي، سو محسوس ڪري ڪانجي گنڀير بڻجي ويو. پنهنجو پاڻ سان ڀڻ ڀڻ ڪرڻ لڳو: "نه، تڏهن ته آءٌ قيام ڪين ويندس، هيرا! ڀلي ڌوليو ست جنم ڇو نه وانڍو ويٺو هجي، ۽ ڳوٺ ۾ جي نائيءَ جو گهر ته ڀريو ته انهيءَ ۾ منهنجو ڇا؟"

هيري جو منهن صفا لهي ويو. "پر انهيءَ ۾ مون توکي ڪي چيو ئي ڇا جو هيئن ٿو ڦري وڃين؟ ننڍي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاڪيءَ اڳيان سر بستي ڳالهه ڪري فيصلو به ڪيوسين، پوءِ هاڻي وري ....“

ڪانجيءَ وچ ۾ ئي چيو: ”اهو ته سڀ ٺيڪ، پر تنهن ڏينهن ننڍي ڪاڪيءَ جيڪي ٻاڦيو، سو تو ڪين ٿي ٻڌو ڇا؟ هڪوار جنهن مائيءَ پنهنجي زبان سان نابري وا ي، سو اهو ڌوليو کيس وڻندو ڪين هوندو، تڏهن ئي نه؟ انهيءَ کي وري شرمائي، ها ڪرائڻ ٺيڪ ته ڪونه ٿو لڳي، هيرا!“ ۽ لنبو ساهه کڻندي، چيائين: ”مرڻ ڏي ماريي کي، هيرا! اسان جي ڪا لين دين آهي ڇا، جو ناحق ....“

”اڙي چڱا مڙس، پر هن وٽان ته رڳو ٻه سؤ روپيا ڦٽائي ڪڍڻا هجن، تڏهن به ڌوليو ....“

انهن ٻه سؤ رپين جو اکر ٻڌي، ڪانجيءَ کي هيري تي ايترو ته غصو آيو، جو تماچو سو نه ماريائينس، پر ايترو ضرور چيائينس ته ”ڇا ڪريان تنهن جي بدران جي ٻيو ڪوئي هجي ها ته هاڻي جو هاڻي ٻه تماچا ماري ڪڍانس ها!“ اکين مان اُلا ٿي نڪتس. گهور ڪري نهاري، چيائينس: ”آءٌ ڪو جيويءَ جو سودو ڪرڻ ڪونه نڪتو آهيان، جو تون اهڙي ٿو لالچ بتائين!“

”پر توکي بتائي ڪير ٿو؟“ چئي، هيرو چپ ته ٿي ويو، پر اندر ۾ هورا کورا هيس: ’ته منهنجو وري ڇا وڃي! هيءُ ته تنهنجو حال ڏسي مونکي ايترو به چوڻو پيو. مونکي خيال آيو ته ائين ڌوليي جو گهر به ٺهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوندو ۽ هوءَ به اکين اڳيان هوندي، ته تنهنجيءَ دل کي به آٿت رهندو! هينئر ته پڪڙي اٿيئي گيان جي پڇڙي؛ پر ڪي ڏينهن گذرڻ ڏي، پوءِ مٿي ۾ ڌوڙ وجهي نه پٽين ته وينو ياد ڪجانءِ، هيري ڇا چيو هو....'

ڪانجيءَ اُڀو ساهه کنيو ۽ ڀِت وانگر بيٺو رهيو. هيري ڏانهنس ڏسي، هڪوار آخرڪار چئي ڏيڻ جي ارادي سان ٻوليو: "ڏس، جي وڃڻو هجيئي ته پنڌ پؤ، نه ته پوءِ اوير ٿي ويندءِ...." ۽ ڪانجيءَ کي چپ ڀڪوڙيندو ڏسي، وري چيائينس: "نه وڃڻو هجيئي ته تنهنجي مرضي، پر اڃا ته تون پنهنجو تن من هڻ. پنهنجي واتان ٻن اکرن ڪڍڻ سان جي ڪنهن جو ڀلو ٿيندو هجي ته انهيءَ ۾ مون کي ته ڪا برائي ڏسڻ ۾ ڪانه ٿي اچي! سوريه اَست ٿيڻ ۾ باقي ويرم ڪانهي، پوءِ تنهنجي دير سان وڃڻ مان به ڪهڙو کڙ تيل نڪرندو؟"

'هڪ ڀيرو وڃان ته سهين! انهيءَ بهاني سندس (جيويءَ جي) به پرک پئجي ويندي!' انهيءَ ويچار ايندي ئي، ڪانجي جهٽ پٽ مچان جي ڏاڪڻ لهي هيٺ آيو.

هيري کي پڇڻ جو خيال آيو: 'اڙي، اوڏانهن ٿو وڃين يا ڪنهن ٻئي پاسي؟' پر انهيءَ پڇڻ بجاءِ 'جيڪي هوندو، تنهن جي رات خبر پئجي ويندي' سو ويچاري،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چپ ٿي رهيو.

خود پنهنجيءَ ئي پريتم جي ٻئي ڪنهن ماڻهوءَ سان مائٽي ڳنڍڻ لاءِ ڪانجي سنڀري نڪتو هو. کيس واٽ تي ڪهڙا ڪهڙا نه ٿي ويچار آيا! ڪڏهن آڏي اُبتي رستي چڙهي ٿي ويو، ته ڪڏهن کڙ ٻڙ واريءَ سڙڪ تي نڪري ٿي ويو. اهڙيءَ طرح وڏا رستا ڪپيندو، ننڍيون واٽون وٺندو، هو جوڳيپور جي کوهه وٽ اچي سهڙيو. ڪو واٽهڙو ڏکيو پيچرو جهاڳي ٿڪجي ٽٽجي نه آيو هجي، تنهن وانگر هو کوهه جي ڪپ تي دابو ماري ويهي رهيو.

چوماسي جي فصل لڻڻ جا ڏينهن هئا، تنهنڪري کوهه جي ڪنڌيءَ تي اڃا ڪو ڏٺوئي ڪونه ٿي. پر اجهو هينئر هڪ پاڻيهاري ڳوٺ جي لاهي لهندي نظر آئي. ڪانجيءَ کي لڳو ته جيڪڏهن اُها ڪنهن اوچيءَ ذات جي نڪتي ته پاڻي پيئڻو پوندو، ۽ ائين پاڻي پيئڻ جي بهاني مٽائڻ بعد کوهه تي جهجهو وقت ويهي ڪونه سگهبو، سو جلد ئي لڪڙي سنڀاري اٿي بيٺو.

پوءِ هو ڀر واري کيت ۾ ويو. اٿي ڦل ۾ تماڪ ڀري، ڪسان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳو ۽ نظر کوهه پاسي پڻ رکيائين. اهڙيءَ طرح ڪافي دير تائين اٿي ويٺو رهيو. اگر ڇيڻن جي باهه جا هئا، تڏهن به ڦل ڇڪڻ مان کيس اهڙو مزو ڪونه ٿي آيو! دل هجيس ته ڪي وڻيس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻـ نـ؟

ايتري ۾ ڪائي مڻيءَ جهڙي مائي ايندي ڏٺائين. پوري پڪ ڪري، ڪسان کي 'رام رام' چئي، اٿي کڙو ٿيو. ڪڇ ۾ لڪڙي دٻائي، ڦل جو دم لڳائيندو، آهستي آهستي کوهه طرف چرڻ لڳو. مڻيءَ جي اکين سان سندس اکيون مليون. ڪانجيءَ کيس اک ٽيٽ سان ئي سانت رهڻ لاءِ سمجهائي ڇڏيو.

"ڪير، پٽيل آهيو؟ ذرا پاڻي پيارينداٿ؟" ڪانجيءَ مڻيءَ کان پڇيو.

"پيئو نه، ڀائي! کوهه تي ڪير پانڌيئڙو اچي نڪتو تـ ان کي پاڻي بـ ڪونه ڏبو؟" پاڻي ڀريندڙ ٻيءَ مائيءَ چيو.

پڇيائينس: "ڪهڙيءَ نيات جا آهيو، ڀائي؟"

"آءٌ آهيان ته پٽيل." ڪانجيءَ ڪڇ مان لڪڙي ڪڍي، پيرن تي ٽپڪائي، هيٺ رکي.

"ڀلي ڀائي، ڀلي،" چئي پويون پوُر ڇڪيندي اُن مائيءَ مڻيءَ کان پڇيو: "تون ٿي پيارينس ڪين مان؟"

"تون ڇو پنهنجي ڀرپور مٽڪي مان پاڻي گهٽائين؟ منهنجي هن گهاگهريءَ مان مٽڪي ڀرڻ کان پوءِ به پاڻي وڌندو، سو آءٌ ٿي پيارياٺس. آءٌ ته توکي کڻايان." چئي، خالي گهاگهري هيٺ رکي، مڻيءَ ان مائيءَ کي مٽڪي کڻائڻ ۾ مدد ڪئي. مٿي تي مٽڪو رکي موڪلايائينس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيون ٻه پاڻيهاريون ٿي آيون، ٽن جي فاصلي جو اندازو ڪڍندي، چيائين: ”ڪيئن، ڪاندا، ڪيئن اچڻ ٿيو آهي؟“

”مونکي جيويءَ سان خاص ملڻو آهي. هن نهر واري مهوُئي جي وڻ وٽ. چاهي ته چاري جو مِنهُ ڪري ئي اچي مون سان گڏجي؛ اِهو نه چڪي. ڀلي رات به پئجي وڃي، پر مونکي ملي ڪيئن به ڪري.“

”انهيءَ ڳالهه لاءِ توهان بي فڪر رهجو. مون کي گڏجي ويئي ته آءٌ هينئر ئي ٿي موڪليانس؛“ چيڙائڻ جي ورتي ڇڏي، مڻيءَ چيس. ٻيون پاڻيهاريون پڻ هينئر کوهه جي ويجهو اچي پهتيون هيون. مڻيءَ مسافر کي پاڻي پياريو، ۽ مسافر چيو: ”هڪڙي ڍڪ جي ڪري توهانکي سڄي ساري گها گهر ڇڪڻي پوندي!“ چئي، شڪرادائي ظاهر ڪئي. بوڇڻ سان هٿ اُگهي لڪڙي سنڀاليائين ۽ چيائين: ”چڱو هاڻي هلان، ڀيڻ.“

پهچي ويل ماين جي سوالن، ”ڪوئي هنکي سڃاڻي؟ ڪير آهي؟“ جو مڻيءَ جواب ڏنو: ”کوهه ڏسي، هتي پاڻي پيئڻ آيو هوندو.“ پوءِ سينهوڙو مٿي تي رکيائين، ۽ ڪانجيءَ پٺيان هڪوار نهاري، هلڻ هار ڪي ٿي.

ڪانجيءَ جنهن مهوُئي جي وڻ جو نشان ڏنو هو، سو مؤنپور واريءَ وات تي ئي هو. وڻ جي هڪ پاسي مينهن جي ڪري بيڪار ٿي ويل گاڏيءَ چارو هو، ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻئي طرف نهر جو دبو کڏ جهڙو هو ۽ کڏ جي پاسي ۾ ئي ٿوهر جو وڏو لوڙهو هو. ڪانجي وڻ جي ٿڙ ڀرسان ڪجهه وقت بيٺو رهيو. آجوُ باجوُ اکه ڦيرائي، کڏ جي پاسي لاهيءَ تي بوڇڻ جو وهاڻو بڻائي، گاهه ۾ ئي پاسيرو ٿي ليٽي پيو. ٽنگ تي ٽنگ چاڙهي اڳوڻيءَ ملاقات جي مٺي يادگيري ڪرڻ لڳو.

انهيءَ ويل واري پنهنجي اڻ ٺهائيندي هلت سنڀاريندي اڄ به هو پاڻ تي ڦٽ لعنت وجهڻ لڳو. انديشو هوس ته متان مون سان رسي نه ويٺي هجي! مگر سندس اندر وارو انهيءَ لاءِ ڄڻ ڪنڌ ڌوڻي ناڪار ڪري رهيو هو. 'نه نه، ٻيو ڪوئي ڀلي رسي وڃي، پر اها جانبڙي (جيوي) ٿي ڪڏهن رسي!' جيويءَ جي مورتي سندس اکين اڳيان ترڻ لڳي. هتي آيو، تنهنکي ڪا گهڻي دير ڪانه ٿي هئي، تڏهن به ڪانجيءَ جو ڀانءِ وقت ئي وڌي پيو هو. هڪ ٻه دفعو ته اُٿي نظر پڻ ڦيرايائين، پر ٽئين دفعي نظر ڦيرائيندي سندس پياسي اکين کي ٺار پيو. ڪلهي تي نوڙي ۽ هٿ ۾ ڏاڻي سان جيوي پرتي کان اچي رهي هئي.

سندس اکيون ملي چار ٿيون. ٻنهي جا چهرا مرڪ سان مهڪي اُٿيا. ڪانجيءَ هن طرف کان هيٺ لهڻ شروع ڪيو. ايتري ۾ جيوي ڪنارو ڏيئي مٿي آئي. چيائين: "ڇاجي لاءِ ٿا هيٺ لهو؟ اتي ئي ترسو نه.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن جي ڏسي ورتو ۽ چؤ چاءُ ڪئي ته منهنجي لاءِ ئي چوندا نه! توهين ڇوٿا ڊڄو؟" چئي، وڻ جي ٿڙ وٽ آئي. آسپاس نظر ڦيرائيندي، ٻوليائين: "هتي ته ڪنهن جي بلا به ڪانه ايندي."

وري ٻيهر ٻنهي جون اکيون مليون. ٻئي ڄڻا هسيا، ليڪن هن دفعي ڪانجيءَ جي هسيءَ ۾ درد جو قطرو ٿي ڀاسڻ ۾ آيو.

"ڀلا ويهو!" چئي، جيويءَ پٽ ۾ گاهه تي نوڙي رکندي، اکين سان ويهڻ جو اشارو ڪيس. پاڻ وڻ جي ٿڙ کي ٽيڪ ڏيئي بيهي رهي.

"پر مونکي توکان هڪ ڳالهه پڇڻي آهي. هتي ويهنداسون ته آءٌ بي اونو توسان ڳالهيون ڪري ڪين سگهندس،" ڪانجيءَ قدري لاچاريءَ سان چيو.

"تڏهن هلو منهنجي کيت ۾،" چئي، نوڙي کڻي کلندي، آکيائين: "اتي هلي جي گاهه نه ڪپايو ته من ڀري مٿي تي کڻائيندؤ!" پوءِ آڱر سان رستو ڏيکاريائينس: "هن ٿوهر جي لوڙهي جي اوٽ وٺي، جڏهن انبن جي جهاڙ وٽ اچو، ته اُنهيءَ جي پاسي واري کيت ۾ گهڙجو. ايتري ۾ آءٌ به هن ٻئي رستي کان اچي پهچنديس." چئي، پٺ ورايائين. هڪ ٻه قدم اڳتي هلي، وري چيائينس: "ڏسجو، رسي گهر پاسي نه لڙي وڃجو. ڇاڪاڻ ته رات پوڻ تي آئي آهي، پوءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويران ۾ آءٌ ڪٿان ڳولهيندي وَتنديسانوَ؟"

"ائين آهي ته آءٌ گهر پاسي ئي کڙي کڻان." بوڇڻ کڻي، پٺ ورائيندي، ڪانجيءَ چيو.

"توهين ته وڃو نه هلي!" چئي، جيويءَ پٺيان ڪنڌ ڦيرائي، ڪانجيءَ ڏانهن غصي ڀريءَ نگاهه سان نهاريو.

"ڏسون ڪير ٿو پهريائين پهچي؟" چئي، کلندي کلندي، پٺ ڏيئي هلي ويئي.

ٻنهي مان پهريائين جيوي پهچي ويئي، تنهن ٻڌائڻ جو ته ضرور ئي ڪونهي.

کيت جي بند وٽ، انبن جي جهاڙ هيٺان، ڪانجي ۽ جيوي ويٺا هئا. سوريه افق ۾ پهچي ويو هو ۽ ان جا سونا ڪرڻا مڪائيءَ جي ڏانڊين مان ڇڻجي ڇڻجي ٿي هيٺ ڪريا.

جيوي ڄڻ ليپي پيل پٽ ۾ نه ويٺي هجي، تيئن موج ۾ ويٺي هئي. گوڏن جي چوگرد ٻانهون وريل، آڱرين ۾ مونڊا پيل هئس. ساڙهي اڌ مٿي تان کسڪي ويئي هئس. ڪنن ۾ لڏندڙ سونهري رنگ جون سهڻيون جهمڪڙيون سندس مکاربند کي ڪا عجيب سندرتا ڏيئي رهيون هيون.

نيڻن ۾ نچندڙ مستيءَ جي پرڇائي سندس چهري جي چمڪ ڌمڪ ٿي وڌائي. هڪ ٻئي ڏانهن آمهون سامهون نهاريندي، اکين سان ئي باتيون ۽ لاتيون ڪري،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيويءَ مشڪي پڇيس: ”تنهن ڏينهن وانگر اڄ بہ ڀلجي پيا آهيو، ڪيئن؟“

ٽنگ سڌي ڪري، ساڄي هٿ جو سهارو وٺندي، ڪانجيءَ چيو: ”ڀلجي پيو آهيان يا ڏسي وائسي برابر دڳ وٺي آيو آهيان، تنهنجو تہ مون کي بہ پورو پتو نہ ٿو پوي! پر ....“ چئي، جيويءَ ڏانهن درد ڀريءَ نگاهہ سان نهاريائين ۽ مرڪڻ جي ڪوشش ڪندي، چيائين: ”هيءُ منهنڙو ڏسڻ آيو آهيان، تنهن جي تہ باڪل پڪ اٿم.“

”چڱو جو رڳو ڏينهن ڀر جي مسافريءَ جو رستو آهي، سو منهن ڏسڻ لاءِ ٿا ڀڄي اچو، پر سڀاڻي جو آءٌ ڪنهن پرانهين ڳوٺ ۾ هلي وڃان تہ پوءِ ڇا ڪندؤ؟“

ڪانجيءَ کي هٿ ۾ جيڪا لڪڙي هئي، تنهن سان زمين تي ليڪا پائيندي، ائين جيئن نہ ڪنهن ڳوڙهي ويچار ۾ مگن ٿي ويو هجي، تيئن ٿوريءَ ويرم بعد اُڀو ساهہ کڻي، چيائين: ”تنهن ڪري ئي تہ آءٌ آيو آهيان.“

”يعني آءٌ دور وڃان هلي، تنهن کان اڳ ڍؤ ڪري منهن ڏسي وٺڻ لاءِ يا وري ....“ ترت ئي جملعو بدلائي ويئي: ”صاف ٻڌايو تہ ڪجهہ سمجهہ ۾ بہ اچي نہ؟“

”صاف ٻڌائڻ لاءِ ئي تہ آيو آهيان. پر تنهن کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ ٿون وڃن ڏي نہ پوءِ بڌايانءِ."

ڪانجيءَ ڏانهن ڪٽاري نگاهن سان نهاريندي، جيريءَ پڇيو: "ڪهڙو وڃن؟"

"آءٌ جيڪي چوانءِ سو قبول ڪرڻ جو." ڪانجي هيٺ ڪنڌ ڪري ڳالهائي رهيو هو.

"ڪو وڃن ڪونہ ڏنو اٿم، تڏهن بہ هن مهل تائين ڪنهن ڳالهہ جي ناڪار تہ ڪانہ ڪئي اٿم. ڇا، اهڙو وشواس بہ ڪونهي اوهانکي؟"

"وشواس نہ هجي ها تہ هوند هيترا ڪوهہ بہ ڪهي اچان هـا ڪيئن؟ .... پـر هن ڳالهہ لاءِ جي ٿون وڃن ڏيندينءِ تہ منهنجي هردي کي ذرا همت ايندي!"

"ڇو وڃن ڏيئي بہ جي آءٌ قري وڃان تہ توهين مون کـي ڪهڙي ڦـاهي چاڙهائيندا؟" چئي، جيريءَ ٽهڪ ڏنو.

ڪانجي ٽنگون سيري پڪوڙي ويٺو. سنئون ٿي، ڪنهن سوريءَ لاءِ جيريءَ کي تيار نـہ ڪندو هجي، تيئن چيائيندس: "هيءَ ڪا ڪلي اڏائڻ جهڙي ڳالهہ ڪانهي، جيري!"

"پر نيٺ جيڪي هجي، سو چئي ڏيو نہ! وڃن ڏيان کي نہ ڏيان، تڏهن بہ جيڪي توهين چوندا، تيئن ڪرڻ ريءَ کو چٽڪو بہ آهي ڇا؟"

اٿين چوندي جيريءَ جو منهن تـہ اصل جهڙو ئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرڪندڙ ٿي ڏٺو، پر سندس اکين ۾ انتظاري ذرا زيادهه ڏسڻ ۾ آئي.

گولي ڇوڙڻ جي تياري ڪندي، آخرين چتاءُ نه جيئن ڪو ڏيندو هجي، تيئن وري ڪانجيءَ چيس: ”ڏسجانءِ! پوءِ نه وري ڦري وڃجانءِ. اڃا به نه چوين ته کڻي اتي ئي ڇڏيان!“

ڪانجيءَ جي هن بات چيت درميان جيويءَ جهڙي آشا ڀري پريتما ڪهڙا ڪهڙا نه گهاٽ گهڙيا هوندا! ’پاڻ کي وٺڻ ئي آيو ٿو ڏسجي، يا وري، ڪين ڀڄائي ٻئي ڪنهن ڳوٺ کڻي وڃڻ جي سٽ سٽي هوندائين؟ ڪا ٻي اڻ ٺهائيندي مانگڻي ته ڪانه ڪندو نه؟‘ وغيرهه وغيرهه.

پر اهڙن اهڙن ويچارن سان دڪ دڪ ڪندڙ جيويءَ جي دل، ڪانجيءَ جا پويان لفظ ٻڌي ۽ سندس ڪومائجي ويل شڪل ڏسي، ڍرڪڻ لڳي. چڙ ۾ چيائين: ”چوڻو هجيو ته چئي ڏيو نه! مڃڻ نه مڃڻ جي توهان کي ۽ مون کي، ٻنهي کي خبر ته پئجي ويندي؟“

”اءُ ته تنهنجي ٻانهن وٺڻ آيو آهيان،“ چئي، اکيون زمين ۾ کپائي جواب لاءِ ڪانجيءَ ڪن سرلا ڪيا.

جيويءَ جي دل هارجڻ لڳي: ”ڪنهنجي ٻانهن ڪو پاڻ ئي ڪڏهن وٺڻ ايندو آهي ڇا؟ چئي چپن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرڪڻ مشڪل لڳي.

ڪانجيءَ جي زبان بند ڪرڻ لاءِ جيويءَ جا اهي لفظ ئي بس هئا. جيويءَ جي شڪل ڏانهن ڏسي ها، تڏهن به شايد ائين نه چئي سگهي ها: "آءٌ پنهنجي لاءِ ٻانهن وٺڻ ڪونه آيو آهيان، پر آءٌ ته ... پنهنجي ڳوٺ جي ڏوليي نائيءَ لاءِ ٻانهن وٺڻ آيو آهيان!"

مگر ڪانجيءَ اهو چئي ته ڏنو، پر انهيءَ بعد نه ڪو اڪ مٿي کڻي سگهيو ۽ نه چيل لفظ واپس وٺي سگهيو.

"تڏهن ڏوليي جي لاءِ وچ وارا ئي آيا آهيو؟" اهڙو ڪي ڪين پيس. ليڪن اهو جيوي ئي چئي رهي آهي، تنهن جي ڪيس برابر خاطري ڪين هئي. شايد ان پاڻ اهو چيو هجي، تنهن جو پڻ ڪيس پوءِ وهم پيو. ڪانجيءَ مٿي نهاريو. 'نه نه، جيوي! هون چوڻ ۾ چوڪ ڪئي، اها سچي ڳالهه کوٽي اٿيئي.' ايتري چوڻ لاءِ هن زبان کولڻ جي ڪوشش ڪئي، پر تنهن کان اڳ ۾ ئي هڪ هٿ کي ٽيڪ ڏيئي، پلٽي ماري ويٺل جيويءَ ٻئي هٿ سان گاهه چنندي، چيس: "منهنجي ماءُ ٻيءُ کان پڇيو اٿو؟"

ڪانجيءَ کي وري همت آئي: "ڏوليي جي ماءُ چيو ٿي ته ٻڌي جي ته مرضي آهي پر تنهنجو ۽ تنهنجي مائيجيءَ ماءُ جو وڃار ڪجهه قدر ناڪار جهڙو آهي."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيمو پر اونهو ساهه کڻي جيويءَ چيو: ”منهنجو به ويچار ناڪار جهڙو آهي، اها ڄاڻ به هيو، تڏهن به .... واهه جو ٻانهن گهرڻ لاءِ اچڻ جي همت ڪئي اٿو!“

ڪانجيءَ خوشامد ڀريءَ مرڪ سان چيو: ”پر تون ناڪار ڪانه ڪندينءَ؛ تنهنجي ته مونکي پڪ هئي نه! انهيءَ ڪري ئي اهو ڪم سر تي کنيم. نه ته ڪڏهن....“

”چڱو ڪيو، جيڪي ڪيو!“ انهن لفظن اُچاريندي، جيويءَ ٿڌو شوڪارو ڀريو. ٻوليائين: ”پر انهيءَ لاءِ هاڻي نباهڻو آهي، ڪهڙيءَ ريت؟ پڇڻ ويندا ته منهنجو پيءُ ته مڃي ويندو پر منهنجي ماءُ ته ڪڏهن به قبول نه ڪندي.“ اَڃا به هوءَ آڏو ئي ڏسي رهي هئي.

ڪانجيءَ جيويءَ ڏانهن نهاريندي چيو: ”اهو ته سڀ هاڻي تنهنجي ئي هٿ وس جي ڳالهه آهي.“ ۽ جيويءَ کي ماٺ ۾ ڏسي، اڳتي ٻوليو: ”تون چئين ته اسين چار ڄڻا ڌن تيرس جي نما شام جو اچون، ۽ اچي هن مهوُئي جي ويجهو بيهي رهون.“

”ڀلي!“ چئي جيوي چپ رهي.

ڪانجيءَ کي ان کان وڌيڪ ڇا چوڻو هو؟ جيڪي ڪجهه چيو هئائين، اهو به ايترو ته گهڻو ٿي لڳس، جو هو خود پنهنجو پاڻ کي بلڪل نيچ سمجهي رهيو هو. پهريائين جو پريم، تياڳ يا گؤرؤ، وِرهه، ويدنا يا ويراڳ، انهن مان ڪجهه به کڻي چئجي، سو ان وٽ باقي بچيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪونہ هو! جيويءَ اڳيان وڌيڪ وهڻ بہ کيس ڪٺن ٿي لڳو. سندس من ۾ ٿي آيو: 'هن مهل تائين ڇو ۽ ڇا ٿي پڇيائين، سو هاڻي نہ چوندي ڇا؟ ۽ پڇيائينس: "ڇا تڏهن ڪهڙو ويچار ڪيءِ!"

"ويچار ڪرڻ جهڙو هاڻي آهي ئي ٻيو ڇا؟" چئي، جيوي اُڀي ٿي بيٺي، ۽ ڪانجيءَ سامهون نهاري، ڄڻ تہ ڪانجيءَ جي پڙهايل پاٺ جو سمرن ڪندي هجي، تيئن چيائين: "ڌن تيرس جي نما شام جو هن رستي واري مهوُئي وٽ مون کي حاضر ٿيڻو...."

ڪانجيءَ ٿي چاهيو تہ چوانس، 'جي تنهنجو من دکي ٿيندو هجي تہ ڇڏ انهيءَ ڳالهہ جي پچار.' پر جيويءَ جو منهن ڏسي هو ٻڙڪ بہ ٻاهر نہ ڪڍي سگهيو. ائين چوڻ ڇوڙيل تير وري ڪمان ۾ وجهڻ جهڙو ٿي لڳو؛ تڏهن بہ جي اڃا ترسڻ جو وجهہ مليس ها تہ وڌيڪ ڪجهہ ٻولي ها. پر ايتري ۾ جيويءَ ڀر ۾ پيل نوڙي ۽ ڏاٽو سيري پنهنجي پاسي ڪيا.

"آءٌ تڏهن وڃان،" چئي، ڪانجي پڻ کڙو ٿيو.

نوڙيءَ جا ڇيڙا ڇڪي، نوڙي ويڙهيندي، جيويءَ چيس: "ڀلا، وري اچجو."

"ڌن تيرس جي تڏهن پڪ پڪاڻي؟" ڪانجيءَ ٻيهر پڇيس.

ڪانجيءَ ڏانهن نهاريندي، جيويءَ جي اکين ڄڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ائين ٿي آکيو: 'ڇا هن ماڻهوءَ کي اڃا تائين اعتبار ڪونہ ٿو اچي؟' ۽ چيائينس: "پڪ پڪاڻي؛ ۽ جي ٻہ ڏن تيرسون هجن تہ انهن مان پهرين؛" چئي، کڙي ٿي بيٺي، ۽ ٻوليائين: "نما شام ٿيندي ئي انهيءَ مهوُئي وٽ اچي آءٌ ويهي رهنديس؛ توهان کي جڏهن وڻي تڏهن اچجو. هاڻي بيشڪ وڃو؛" چئي، پٺي ورايائين. اک نہ ڏٺو هٿ کي، ايتري ۾ هوءَ مڪن اندر گم ٿي ويئي.

ڪانجي بہ گهر پاسي لاڙو رکيو.

پوسريل ڪماريءَ وانگر ڳاڙهو لعل ٿي ويل سوريہ پڻ آسمان ۾ اُفق هيٺان اُتري هليو ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرڪرڻ ڇهون

پرائي ڪي پرڻي

ڪانجي جيويءَ سان پڪ پڪاڻي نه ڪري آيو، پر پوءِ وري سندس من ۾ گهبراهٽ پيدا ٿي: ’نه نه، آءٌ ٿي وڻس وڃي ناڪار ڪري ٿو اچان! هوءَ پاڻ ته ڇسي آهي ڪنهن جاءِ جي! ڪيس نه ٿي وڻيو ته نه ڇڏي ڏيڻ ۾ ڇا ٿي ويس؟ اهڙا ڪا گڏي گڏيءَ جي راند ڪيڏڻي آهي ڇا؟ هيءُ نه سڄي عمر ۾ جو سوال آهي!‘ پر وري پنهنجيءَ دل ٿي ٿي ڪيس ٽهڪ هنيو: ’ايتري ساري سمجهه هيءَ نه انهيءَ وقت ٿي، اٿندي ويل ٿي، ناڪار ڪري اُٿين ها نه؟ انهيءَ مهل ڇڏينس ها نه مون رڳو ٽنهنجو منجهه ٿي ڪيو، ته پوءِ هينئر ٻيهر وڃڻ جي متا ڪٽ ڪرڻي نه ڪانه پوئي ها نه؟‘

پر سچ پچو ته جيويءَ کي ناڪار ڪرڻ لاءِ وڃڻ جي هاڻي سندس همت ٿي ڪانه ٿي هلي. ٻئي پاسي اٿين پڻ ٿيس ٿي: ’نه نه، ڪيس وڻي ٿي ڪونه ٿو، سو ڪيئن ڇڏجي! ۽ اٿين هجي ها نه جنهن ٻڌي ٻيءُ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهن ۾ ناڪار ڪئي، سا منهنجي اڳيان نابري وارڻ ۾ ڪهڙي ويرم واري هـا! منهنجو ڪو ان جي مٿان حق داءُ ٿوروئي هو؟ هيءَ ته منهن ڏني جي پريت آهي! .... پر اهو ڪيس وڻندو به ضرور هوندو. ماءُ پيءُ کان لڪي ڇڏي اچڻو پوندس، سو ٿو مرڻو ماري، باقي هونءَ ته هيڪاري خوش ئي هوندي. مائيجي ماءُ جي پنجي مان الٽو ڇڏي پوندي. هوءَ بي مائٽي به پسند ئي ڪانه هيس نه؟ ٽڏهن سمجهيائين ڪيئن ته اُن کان ڏوليي واري وڏيڪ چڱي هوندي! گهڙيءَ گهڙيءَ وڃڻ سان ماڻهن کي جي خبر پئجي ويئي ته ويچاريءَ کي هونءَ جو هيڏانهن اچڻ لاءِ سورهن ئي آنا خيال هوندو ته اهو ٽڻ به ڏهي پوندو، تنهن سواءِ زندگيءَ ۾ ڪارنهن جو ٽڪو پڻ لڳي وڃيس ....' ۽ انهيءَ ويچار ايندي ئي پڪ ڪري ڇڏيائين: 'ڪيس نه اچڻو هوندو ته ڏن ڏيرس جي ڏينهن ئي ڪانه ايندي. انهيءَ مان ئي سمجهي سگهبو ته ڪيس قصو ڪين آڻڻو. هڪڙو ڦيرو ڪائڻو پوندو، بس ڳالهه به ايتري نه؟'

۽ انهن سيني خيالن جي آخر ۾ هيسيتائين واري هيري کان لڪايل ڳالهه به ڳالهوڙوئي رهي، اهڙيءَ طرح ڪجهه ڪرڻ جو ارادو ڪيائين.

"پر تون ڪري ڇا آئين؟" اهو هيري ٽيون دفعو سوال پڇيس. ٽڏهن ان جي جواب ۾ چوائيندس: "تون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڇي پڇي مون کي پاڻيءَ کان ٿو ڪڍين. پر اڃا ڪا پڪ پڪاڻي ڪانه ٿي آهي، هيرا ....“

”پر تون پنهنجي ڪچ ڪچائيءَ جي ته ڳالهه ڪر؟ ناڪار ڪئي هجائين ته ائين چؤ. اڄ کان وٺي ان جو نانءُ نشان به ڪونه وٺون. هو ڌوليو ته منهنجو جيءُ کائي ويو آهي!“

ڪانجيءَ کي ته هر طرح خاطري هئي ته جيوي ضرور ايندي. گول مول ڳالهين ڪرڻ جو جيڪو ارادو ڪيو هئائين، سو ڀانءِ ته ڀلي نه ويو هجي، تيئن اُداسائيءَ سان چيائين: ”هيرا! جيويءَ جي وات ۾ ڪپڙو وجهي ٻوٽ بند ڪري، کيس هتي آڻڻ لاءِ تيار ته ٿيا آهيون، پر ....“

هيري وچ ۾ ئي چيو: ”وات ۾ ڪپڙو وجهي ڇو؟ زور زبردستيءَ ڀڄائي اچڻي آهي ڇا؟“ ۽ اکيون ڦاڙي ڪانجيءَ ڏانهن نهارڻ لڳو.

”زور زبردستي ته چئبي نه! مون چيس سو هوءَ ڪڇي پڇي ڪانه سگهي. وچن ورتومانس، تنهنجي معنيٰ ته وات ۾ ڪپڙي وجهڻ جهڙو ئي ٿيو نه!“ چئي، ڪانجي چپ ڀڪوڙڻ لڳو.

”پر اُن اچڻ جي هامي ته ڀري آهي ڪين نه؟“ هيري ذرا خوش ٿيندي پڇيس.

”هامي ته ڀري اٿس ۽ ڌن تيرس جي نما شام جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن مهوُئي جي ڀرسان اچڻ جي پڪ بہ ڏني اٿس،
....."

"تڏهن تہ ڀلي جک ماري! پر هيترا ڏينهن جو ڳالهہ نہ ڪڍيءِ، سو ڪهڙو ٿي پيٽ ۾ ولوڙو پيءِ؟ ويچارو ڌوليو تہ ڪي ڍؤ ڪري ها. تون بہ عجيب آهين، هان، ڪانجي!" چئي، هيرو ڪانجيءَ سامهون نهاريندي، مرڪڻ لڳو.

ڪانجيءَ کي چپ ڏسي وري ٻوليو: "تڏهن پرهينءَ ئي هلبو. اڄ گيارس تہ گذري چڪي، سج لٿي ئي نڪرنداسين، ڪيئن؟"

ڪانجيءَ کي اهو پرهينءَ لفظ ڄڻ تہ دل ۾ ٺڪاءُ ڪري وڃي لڳو. هن مهل تائين جيوي پنهنجي ٿي لڳس، سا پرهينءَ پرائي ٿي پوندي، ۽ سو بہ ساريءَ زندگيءَ لاءِ! سندس سامهون اک کڻي نهارڻ جو حق بہ ڪين رهندو! گهڙي کن سوچيائين: 'آءٌ ئي کيس پنهنجي گهر ۾ کڻي رکان تہ؟ انهيءَ ۾ ڪهڙو هرج آهي؟'

۽ ڄڻ تہ پنهنجن انهن مورکہ ويچارن تي کل نہ ايندي هجيس، تيئن هڪڙو اونهو ساهہ کڻي کليو. چيائين: "ڌن تيرس جي ڏينهن هلڻو آهي، تنهنجي تہ پڪ آهي، ڀائي!" ۽ متان پاڻ وڌيڪ ڪجهہ واتان وهائي نہ ڪڍي، تنهن ڊپ وچان هيري کان ڌار ٿيڻ وقت چيائين: "ڪهڙي وقت نڪرون، تنهنجي سڀاڻي پڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنداسون."

لاباري لڻڻ جو ڪم زور شور سان هلي رهيو هو. خيالن جي ڌن ۾ غلطان ڄڻ آفيم کائي نه ڪم ۾ جنبي ويو هجي، تيئن مڪن جو تيار فصل ڪاٽيندو، اک ڇنڀ ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڪيرائيندو ٿي ويو.

پر ٻن پهرن جو کائڻ لاءِ آيل ڀاڻو ڪانجيءَ جي نڙيءَ مان ڪونه ٿي لنگهيو. کاڌو نه کاڌي جهڙو ختم ڪري، حقو ڀري، وري ڪنهن سوچ ويچار ۾ پئجي ويو. دونهين ڀيڳو ٿڌو ساهه کڻي، وڏي ڀاءُ کي حقو ڏيندي چيائين: "اڄ رات جو ته توهين هتي ئي سمهي آرام ڪجو کڻي، دادا؟"

وڏي ڀاڻس جي وهڻ جو ڍنگ جان تان نرالو ئي هو. جتي ويهندو هو، اتي بوڇڻ يا ڪڏهن ڌوتي ڪمر ۽ ٽنگن جي پنين چوڌاري ويڙهي، آرام ڪرسي ٺاهي، ويهندو هو. هينئر پڻ ائين ٿي ويٺو هو. حقو هٿ ۾ وٺندي پڇيائين: "تون ڪٿي ڏياريءَ جي دوهن ڳائڻ لاءِ وڃڻو آهين ڇا؟"

"ها." وڏي ڀاءُ اڳيان ڪانجي اڄ شايد پهريون ئي دفعو ڪوڙ ڳالهائڻ جو ساهس ڪري رهيو هو.

"چڱو، ڀلي، پر هن کيت ۾ خوف خطرو .... پر سو ته مونگهي کي چئي ڇڏيندس. رات جو هڪ اڌ چڪر هڻي ايندو، ۽ تون به سڄي رات ته ڏياريءَ جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گانا ڳائڻ ڪين ويهي رهندين؟ اُپڙڻ ويل هڪ اڌ چڪر اُتان ماريندو اچج.... ڏسجانءِ، جيڪس سڄي رات نہ لڳائي ڇڏجانءِ! ائين تہ وري ڪم جي بہ ڪيڏي نہ هاڏ ماري آهي، اوجاڳو ڪندين تہ بيمار پئجي پوندين."

"نہ نہ، اهو تہ اڄ ڌن تيرس آهي تنهنجي ڪري...."

چئي، انهيءَ ڪوڙ کي گهڻي وقت تائين لنبائڻ جي اِڇا ڪانہ هيس، ٻيو ڪو ڪارڻ هوس، پر ڪانجي پورو حقي پيئڻ لاءِ بہ ڪين ترسيو.

ويهہ تہ سهين. حقي جو ڪش تہ ڪڍ، ڪم تہ پيا ساري حياتي هلندا." چئي، وڏي ڀاڻس اُٿي کڙي ٿيندڙ ڪانجيءَ ڏانهن حقو ورايو.

ايتري ۾ سامهون کيت مان هيرو پڻ اچي سهڙيو. حقو پي، ڪانجيءَ پٺيان اهو بہ اُٿيو. ڪجهہ پڇڻ آيو آهي، ائين ٿي ڀاسيو، سو ڪانجيءَ بنا پڇڻ جي ئي چيس: "ٿوريءَ دير بعد مونکي ملجانءِ، هان ڪيئن!"

سوريہ است ٿيڻ ۾ باقي ڪي گهڙيون مس هيون، هيرو ۽ ڪانجي ٻئي گڏيا. هيري پڇيس: "اسين ٻہ ڄڻائي هلڻ وارا آهيون نہ؟"

"۽ هو نائي بہ ڀلي ساڻ هجي، پلاءَ کائڻا آهن تہ انکي ئي کائڻا آهن. اسين اڪيلي سر ڇو جان جوکي ۾ وجهون؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پر انڪي ساڻ وڃي هلبو ته جان جو جوکو هيڪاري وڌيڪ رهندو.“

”تنهنجي ڪا پرواهه ڪانهي. پر پاڻ ته ڪٿي پڪڙجي ٿا پئون، پوءِ؟ اهو ته ساڻ هئڻ ئي گهرجي.“

هيري کي پڻ اهو واجبي لڳو. ”چڱو ٽڏهن آءٌ ڪيس اطلاع ڏيئي اچان.“

”ها، ۽ ڏسجانءِ، هڪڙو ڪم ڪجانءِ. منهنجي گهران تلوار ڪٽي وڃي پنهنجي گهر رکجانءِ. آءٌ ڪٽي نڪرندس ته گهر ۾ شڪ پوندو، ۽ دادا کي پتو پئجي ويو ته ٻيڙائي پار.“

”پلي،“ چئي هيرو ڳوٺ طرف هلندو ٿيو.

ڪانجي پنهنجو ڪم ڪار اڌ ۾ ڇڏي مڃان تي وڃي وينو هو ۽ لهندڙ سوريه ڏانهن لڳاتار نهاري رهيو هو. ڪيتريءَ مدت تائين اهڙيءَ طرح ئي وينو رهيو. رات جي اوندهه ڇانئي، ٽڏهن اڪ پٽيس ۽ 'مونکي ته ڪا پوجهه ئي ڪانه ٿي پوي، پڳوان! ڪير ڇاٽي هيءُ ڪم آءٌ چڱو ڪري رهيو آهيان ڪي لڳو!' اهي ويچار ڪندي هو اڃي ڪڙو ٿيو. جهيٽي آواز ۾ چيائين: 'ڪرڻ ڪرائڻ وارو ٿون ئي، آءٌ ته تنهنجي پياري ٿو هلان!'

ڪانجي هينئر صفا لاچار ٿيجي پيو هو. مغز ۾ هزارين ويچار ئي ڦريس، جن گهبرائي رکيو هوس. ڪيس ڪجهه سجهيو ئي ڪونه ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳوٺ جي ناڪي وٽ ئي هيرو گڏيس: ”ڀلا، هاڻي باقي ڪيتري دير؟ اڃا تو تہ کاڌو بہ ڪين هوندو. اونداهي رات جا اٺ ڪوهہ ....“

”توهين بہ ڄڻا تہ نڪرو! انبن جي جهاڙ وٽ ترسجو. آءٌ بہ اجهو آيس ڪي آيس! کائڻ جي ڪا اڇا ڪانهي، سو گهڻي دير ڪانہ لڳندي. ڦيٽو تہ هيءُ بہ هلندو، پر جتيءَ سواءِ ڪيئن هلبو!“

ڌار ٿيڻ مهل وري چيائين: ”توهين واٽ وٺي هلو، آءٌ اچي ٿو پهچانو.“

گهر اچي مٿي تان ڦاٽل ڦيٽو لاٿائين. هيڏانهن هوڏانهن ڏسي، ’ٺيڪ آهي،‘ اهڙو ڪجهہ سس پس ۾ چئي، ٻئي هٿ سان ذرا ڇنڊڪو ڏيئي، وري ٻڌي ڇڏيائين. دروازي جي تاڪ پٺيان پيل جتي ڪڍي پاتائين ۽ ”آءٌ کائيندس ڪونہ، ڀاڀي،“ چئي، هلندو ٿيو ڀڳت جي گهر پاسي.

ڀڳت اجهو هينئر ئي کيت مان ٿي موٽيو هو. اڱڻ ۾ پيل کٽولو سڌو ڪري، ڦيٽي جو وهاڻو بڻائي، ٽنگ ٽنگ تي چاڙهي، آسمان ڏي اکيون ڪري ليٽيو پيو هو. ڪانجي ڳوري جتيءَ سان کڙڪ کڙڪ جو آواز ڪندو ٿي آيو، تنهن ڏانهن منهن ڦيريائين. هڪ پاسي رڙهي جڳهہ ڪيائين. ڪانجيءَ کي بيٺل ڏسي، چيائينس: ”ويهہ نہ!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڪيتريءَ گهڙيءَ لاءِ!“ چرندي، ڪانجي وينو. آسپاس نظر ڦيرائي چيائين: ”آءٌ نہ اوهان جي آسيس وٺڻ آيو آهيان، پڳٽ!“

”ڇا جي؟“ چئي، پڳٽ ڪانجيءَ جي لهي ويل منهن ڏانهن نهارڻ لڳو.

”اوهان سان هيري ڳالهہ تہ ڪئي آهي.“ چئي، ڦڪيءَ کل سان آکيائين: ”اوهان جي هن ٻاڙيسريءَ لاءِ زال وٺڻ ٿا وڃون.“

پڳٽ کي ماٺ ۾ ڏسي، وري ڪانجيءَ پڇيس: ”ڇو سن ۾ پئجي ويا آهيو پڳٽ؟ اوهان کي ڳالهہ وڻي، ڪانہ ڇا؟“

”ڇريو ٿيو آهين سڄو! منهنجو ڇا وڃي جو ڪانہ وڻي؟“

”واهہ تڏهن آسيس ڏيو تہ مان اُٿان!“ چئي، ڪانجي ڪڙو ٿيو. پڳٽ کي ذرا مشڪندو ڏسي، پڇيائينس: ”ڪيئن ڏيندا نہ؟“ ڪير ڄاڻي ڇو، پر ڪانجيءَ کي اڄ ڪو ڊپ وڙهي ويو هو. ڇا جو؟ سو خود ان بہ ڪونہ ٿي سمجهيو. انهيءَ ڪري ٿي هو وڌيڪ ٿي سمجهيو!

”پر پلا مڙس! سني ڪم ۾ آسيس جي گهرج ٿي ڪهڙي آهي؟ ڀري ڪم لاءِ تہ تون بہ ٿو ڄاڻين تہ ڪوئي آسيس ڏيندو ٿي ڪونہ!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪانجيءَ جي منهن جو پنو ئي لهي ويو: ”اوهان کي ڪيئن ٿو لڳي، ڀڳت؟“ هن پاڻ به ڪونه ٿي سمجهيو ته آءٌ چڱو ڪم ڪري رهيو آهيان يا لڱو!

”انهيءَ ۾ اهڙو ڇا آهي جو مون کي برو لڳي، ڪانجي؟“ چوندي ڀڳت اٿي ويٺو. ڪانجيءَ جي ڪلهي تي هٿ رکي چيائينس: ”وڃو فتح ڪري اچو ڌاريو ڳوٺ آهي، تنهنجو ڌيان رکجو ۽ سنڀال کان ڪم وٺجو. اتي ڪڻي ماتر به ڪو شڪ شبهه ڏسڻ ۾ اچيو ته هڪدم موٽي اچجو..... تڏهن ڀلا اٿ هاڻي، دير نه ڪر.“ چئي، ڀڳت به اُڀو ٿيو. ڪانجيءَ سان گڏو گڏ ٿوري مفاصلي تائين پنڌ ويو. موڪلاڻي ڪندي، همٿايائينس: ”غريب کي گهر ٺاهي ڏيڻ جهڙو ڪو ثواب ئي ڪونهي، ڪانجي! اهڙن ڪمن ۾ ته خود مالڪ به مددگار ٿيندو آهي. تنهنڪري ڪا ڳڻتي ڪانه ڪرڻي .....“

”ٺيڪ آهي، ڀڳت! هي ته اسان ڇپ کڻي ڏٺي ۽ وري هنجي به تقدير هئي جو اُها وڃي تز پنهن جي ٺڪاڻي لڳي. نه ته اسين به ڇا ڪري سگهون ها؟ ۽ اڃا ته ڪم جڏهن کان پار پوي، تڏهن ئي سمجهون ته ٿيو.“ چئي، ڪانجي، ”تڏهن ڀلا وڃان هاڻي“ چوندي هلندو ٿيو.

اوندهه ۾ بيٺل ڀڳت گهڻيءَ دير تائين ڪانجيءَ پٺيان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏسندو رهيو. جيويءَ سان ڪانجيءَ جي دل ملي هڪ ٿي چڪي آهي، ايترو ته هو هن مهل تائين برابر سمجهي چڪو هو، پر اڄ ڪانجيءَ جو چهرو ڏسي، اُن کان ڄڻ وڌيڪ ڪجهه سمجهيو هئائين، تيئن واپس ورندي، ٻولياءِ: ”هرقسم جي مايا ڏٺم، ڀڳوان! پر هن مائيءَ جي مايا ته ڪا عجيب ئي آهي!.....“

ڀڳت کان موڪلائي، ڪانجي ته گهڙيءَ ۾ ئي مقرر ٿيل جڳهه تي اچي پهتو. مٿي تان ڦيٽو اُتاريندي، ڌوليي سامهون نهاري چيائين: ”اڃا ور راجا ٿيڻ ۾ ته دير آهي، ڌوليا ڀائي! حال ته صدقي جي ٻڪري ٿيڻ لاءِ نڪتو آهين. هيءَ پٽڪي جي پڇڙي ڇوڙي ذرا ڏاڙهيءَ کي ويڙهي ڇڏ!“ ائين چئي، پاڻ به نقاب ٻڌڻ لڳو. ڌوليءَ جي لانگ چڱيءَ طرح ڇڪيندي، هيري کان پڇيائين: ”منهنجي تلوار آندي اٿيئي نه؟“

ڏاڙهي ٻڌي ڌوليو واپس آيو. چيائين: ”ڪيئن، ٺهي ٿي؟“ ۽ بغل مان تلوار ڪڍي، وڌيڪ ٻوليائين، ”هيءَ ته ڀائي توهان جي ئي هٿن ۾ سونهين. اسان لاءِ هيءَ لڪڙي ئي ٺيڪ آهي.“

”لڪڙي به هلائڻ ڪانه اچيئي ته ٺهيو، پر قابو ته جهلي رکجانءِ.“

هيري چئي ڏنو: ”هـــا ڙي ڀائي! نه ته وري ڍاڪئون ئي پڪو! تنهنجي ئي لڪڙيءَ سان تنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ تنهن سان گڏ اسان جي پٺي به سنوار جي ويندي."

"مهورت جي سمي ڇا اهڙا اَپسوڻ ڪيا آهن!" چئي، ڌوليي ڌرتيءَ تي پيل لڪڙي کنئي. "باندرن جو هنؤمان ئي اسان جو وسيلو آهي!" چئي، اُتر دشا ۾ رکيل هنؤمان جي مورتيءَ پاسي منهن ڪيائين. ٻنهي هٿن ۾ لڪڙي جهلي هٿ جوڙيائين. چيائين: "هي منهنجا مالڪ! ڪم جي فتح ڪري جي ٺاٺ ٺوٺ سان ورياسون ته پنج ناريل ڀڃي پرساد ورهائيندس ۽ تنهنجي آستان تي پنج براهمڻ کارائيندس."

"۽ اسان جو ٿيو ڀلو؟" ڪانجيءَ اڳتي وڌندي چيو.

"توهان کي به ڇو ڪين!" چئي، ڌوليو وڌيڪ ٻوليو: "توهان کي ته جنمو جنم کارائيندو رهان، تڏهن به ٿورو چئبو."

هيري چيو: "جنمو جنم ته واهه جو تون کارائيندين، پر اِنهيءَ جي هٿ جي، لڏونءَ بدران پاون پڙي ئي هڪ ڀيرو کارايءَ ته به گهڻو ٿيو! ڪيئن ڪانجي؟"

"بس بس، اها ته حد ٿي." ڪانجيءَ کان پڻ نڪري ويو.

"سو ته هاڻي آڻيونس تنهن کانپوءِ جي ڳالهه آهي نه!" چئي، ڌوليو ڀنگ پيتلن وانگر ٻڪواس ڪرڻ لڳو.

"اڙي هيرا ڀائي، تون ڪهڙي ٿو ڳالهه ڪرين! هڪ وار مونکي تون گهر ٻار وارو ٿيڻ ڏي پوءِ ڏسجانءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ موج مزا. نت نيم سان چانهہ تيار هجي ٿي ڪين نہ.
اڙي دوست، پنهنجي گهر جي ڪار ڪرت ڇڏائي بہ
تو جهڙي جانب جي گهر سنڀالڻ لاءِ موڪليندوسانس.
ههڙو اُپڪار بہ ڪير ڪڏهن ڀلجي سگهندو؟ ۽ ٻيو
ڪير کڻي ڀلجي بہ وڃي، پر هي ڌوليو؟ سو تہ
سڀني کان نرالي نموني جو آدمي اٿئي، ڪي سمجهيءَ،
هان؟"

ڪانجيءَ کي ڌوليي جي اِها چاپلوسي تر ماتر بہ
ڪانہ ٿي آئڙي. "ڀلا، بس ڪر هاڻي. رات جي وڳڙي
ڪوئي ٻڌي نہ وٺي." چئي، انکي ماٺ ڪرائي
ڇڏيائين.

ٽيئي ڄڻا چپ چاپ ٿي هلندا هليا.

تارن ڀريل سارو آسمان ٽمڪ ٽمڪ ڪري ڄڻ تہ
مٺاج سان مرڪي رهيو هو، ۽ هوڏانهن پرٿوي، "مٿي
هيترن ڏيئن جي جهرمر اپار، تڏهن بہ منهنجي اڱڻ ۾
اوندهہ انڌوڪار؟" اهڙو مؤنگو پرشن پڪاريندي،
ڪنهن اونهي ويچار ۾ نہ پئجي ويئي هجي، تيئن ماندي
ٿي لڳي. ڪانجي وڏيون ٻرانگهون وجهندو ٿي هليو.
هيري واريءَ موچيءَ جي سبيل جتيءَ مان 'چين چين'
جو آواز ٿي آيو. هوڏانهن ڳوٺاڻي چمار جي سبيل
ڌوليي واريءَ ڦاٽل جتيءَ جي تري 'ڦڙڪ ڦڙڪ' ٿي
ڪئي، ڪانجي تہ ڪنڌ جهڪائي ائين هلي رهيو هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڄڻ ته اونهيءَ ڪنهن ڌن ۾ هو. پر هيري جو ڌيان ڌوليي جي جتيءَ ئي ڇڪايو هوندو، سو پڇيائينس:
”هاي سگهين ٿو نه، ڌوليا؟“
”هائو، هائو، توهين ته هلندا ٿيو،“ چوندي، ڌوليي پنهنجي ۽ هيري جي وچ وارو اٺن ڏهن قدمن جو ويڇو ڇال ماري پورو ڪري ڇڏيو.
ڪانجيءَ جي من ۾ آيو، ’اَٺن بدلي اَسي ڪوهه نه ڀلي هجن، تڏهن به ڌوليو اڄ ڪو پوڻو پوندو!‘
ان بعد وري شانتي ڦهلجي ويئي. پيرن جون جتيون ڀانءِ ته ٻولي رهيون هيون ”بڪٽ لين مُون نار! بڪٽ لين مُون نار!“
ٻچڙوال گهر ۾ ته اڃا سمورو ڪم هاج به خلاص ڪين ٿيو هوندو، پر ايستائين هي شخص ان مهوُئي وٽ اچي وارد ٿيا. کن ڀر کڙا رهيا، پوءِ ڪانجيءَ کي لڳو ته هن جڳهه مقرر ڪرڻ ۾ مون وڏي ڀل ڪئي آهي. جي ٻنهي ناڪن کان گهيرو ٿئي ته پاڻ بچائي نڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پوندو. تنهن سواءِ اڄ کيس چئني طرفن کان خوف ئي خوف ٿي ڀاسڻ ۾ آيو. هيري جو پڻ ڌيان کينچيو. هيڏانهن هوڏانهن چوگرد نظر ڊوڙائي، چيائين:
”آءٌ اجهو اچان ٿو. پرئين پار هن پپل جو وڻ آهي، سو ڏسان جي چڙهي لهي سگهڻ جهڙو هجي ته واهه، نه ته آخر ۾ هيءُ ٿوهر جو لوڙهو ڪاٽي، ڪو ڀڄي نڪرڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو وسيلو ته تيار ئي رکڻو پوندو.“

”ها ها، ڀائي، خبردار رهڻ چڱو،“ ڌوليي چئي ڏنو.

ڪانجي ٻن ٻن ماڻهن جي قد جيتري اوچي ٿوهر واري لوڙهي جي وچ ۾ بيٺل پپل جي پاسي ويو. هڪ ماڻهوءَ جي اوچائيءَ تائين اچي پپل ٻن ڦاڪن ۾ ٿي ورهائجي ويو؛ پوءِ وڪڙ کائي وري ملي هڪ ٿي ٿي ويو. اهو چڱيءَ طرح جاچي جوچي، ڪانجيءَ مياڻ مان تلوار ڪڍي لوڙهي واريون ٿوهر جون ڏانڊيون ڪپي رستو صاف ڪيو، پوءِ پٺيان وري هيري کي چيائين: ”هاڻي ڀلي جک ماري. پپل جو ٿڙ ئي اهڙو آهي، جو ان مان سولائيءَ سان آرپار نڪري سگهبو. ٿڙ اڳيان جيڪي ڏانڊيون هيون، سي به ڪاٽي ڇڏيون اٿم.“

”ائين نه؟“ ڌولبي وچ ۾ چئي ڏنو: ”سو ته چڱو ڪيءَ، ڪانا ڀائي، ساوڌان رهڻ سان ئي .....“ پر هيري ان کي ٺونٺ ماري ڳالهائڻ بند ڪرائي ڇڏيو.

جيئن جيئن وقت ويو گذرندو، تيئن تيئن ڪانجيءَ جي اڌيرائي وڌندي ويئي. ڪن سرلا ڪري ويٺو هو. پر اڄ ته سندس ڪنن کي به سماءُ ڪونه ٿي پيو.

گهڙيءَ ۾ ڪنهن ماڻهوءَ جي ڳالهائڻ جو پڙاڏو، ته وري گهڙيءَ ۾ پيرن جو پرلاءُ ٻڌڻ ۾ ٿي آيس. دشائن جي پڻ ڦير ڦار ٿي هئي. کيس پنهنجو پاڻ تي کلڻ آيو. اندر ۾ اٿيس: ’سپ نه ماري سپ جو سراپ ماري!....“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايتري ۾ هيري چيو: ”پٺيان ڪير اچي پيو، ائين ٿو لڳي، ڪانجي!“

ڪانجيءَ تي تي ته اڳ ۾ ئي ٻرم جو ڀوت سوار هو. ذرا ڪن سرلا ڪري چيائين: ”اُٿ هيرا، هن لوڙهي جي هن پار نڪري هلون. پوءِ ته جڪ ماريندو وتي. کيتن ۾ ٿؤهر جي پوک آهي ڊگهي ڊگهي، سو ڪنهن به قسم جو ڊپ ڊاءُ ڪين رهندو.“

آواز ويجهو پوندو ٿي ويو.

پپل وٽ پهچنديئي ڪانجيءَ ڌوليي کي چيو: ”هيءُ کونچو اورانگهي پرينءَ ڀر هليو وڃ.“

”مان .....؟ پهريائين توهان مان ڪو ....“

”مر ڙي ڪانئر!“ ڀڻ ڀڻ ڪندي، ڪانجيءَ ٿڙ کي جهلي، پاڻ کي مٿيرو کينچي، سپ نانگ وانگي آرپار نڪري ويو ۽ آهستگيءَ سان هن ڀر ٽپو ڏيئي ويو. تلوار ڪڍي انهيءَ پاسي جون ڏانڊيون صاف ڪندي چيائين: ”هيرا، اُٿ، هن ڌوليي کي به چاڙهي پار ڪر!“

ڌوليي کي به ٿيڻ لڳو ته هاڻي جو پاڻيهي پار نڪري وڃان ته انهيءَ ۾ ئي کيپ کٽيل چئبي.

هيري سهاروڏيئي کونچي تائين پهچڻ ۾ مدد ڪيس. ڌوليي جو ڌڙ به هن پاسي نڪري چڪو هو، پر ڪنڌ ڦاسي پيس، سو اچي گهبراهٽ ورتس. ماڳهين نڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪونہ سگهندس، انهيءَ خيال کان ڪوشش ڪرڻ لاءِ بہ نا اُميد ٿي پيو.

ماڻهن جو آواز وڌيڪ ۽ وڌيڪ نزديڪ ايندو ٿي ويو. هيري چيس: ”اڙي ڇڪ ڏيئي نڪري وڃ نہ ٻاهر، ٿوريون رهڙون پوندءِ؛ ٻيو ڇا؟ پرهيئن تہ تون اسان تي بہ آفت آڻيندين. وٺ تہ آءٌ ٿيلهو ڏيانءِ. هڪ جي بدران سڀني کي مارائيندين. ذرا زور تہ لڳاءِ.!“

ڌوليي جو سارو سرير پگهر پگهر ٿي ويو هو. چوڻ لڳو: ”پر ڀائي صاحب!.... اوُن هوُن! نڪو....“

هيري کي غصو چڙهيو: ”اڙي پر ڪجهہ ڪوشش تہ ڪر. تنهنجا ڪاڪا تہ اجهو آيا ڪي آيا.“

”پر، مائي باپ....“

هنن ٻن ڄڻن جي رنجهہ ڪنجهہ ٻڌندي، ڪانجيءَ جون اکيون هن گهنگهور انڌڪار ۾ بہ تارن جيئن چمڪڻ لڳيون. ان ڏٺو تہ ايندڙ ماڻهو جهرڻي جو ڪنارو لڳہ ڀڳہ اورانگهي چڪا آهن. گهڙيءَ اڌ گهڙيءَ ۾ تہ ڄاڻ اچي پهتا. ڌوليي تي کيس ڏاڍي چڙ آئي: ”هيءُ بہ وني وٺڻ آيو آهي!“ چوندي، پنهنجو پير کنيائين، ”نڪرين ٿو ٻاهر، ڪي نہ ٿو نڪرين؟“ چئي ڌوليي پاسي چرندي، ڪمر مان تلوار ڪڍي ٻاهر ڪيائين. ”چڪ تڏهن مزو!“ چئي، سررررسرڙاٽ ڪرائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تيزيءَ سان مٿان ڦيرائي ٻوليو، ”اڙي.... تڏهن....“
پر تنهنکان اول ئي ”نہ ڙي.... مائي باپ، هي نہ....!“
رڙ ڪندڙ ڌوليي جو ڪنڌ زوم مان ٻاهر نڪري آيو.
ڪجهہ قدر ڏڪندڙ ڪنبندڙ ڪانجي ڀانءِ تہ هوش
۾ اچي ويـــو هو. اهڙيءَ طرح ٿي سوچيائين: ”ههڙو
هيءُ جي ڪين نڪري ها تہ وَيل ٿئي ها، ٻيو ڇا؟....
سچ پچ آءٌ تہ کيس ڳترا ڳترا ڪري ڇڏيان ها!“
سندس اَنگ اَنگ پگهر سان ڀـرجي ويو. ڌوليي
پنيان هيرو ٻاهر نڪري آيو، تنهن جي بہ ڄڻ کيس
شناس ئي ڪانہ رهي. سندس ڌڙڪندڙ دل اڃا ڀانءِ
تہ ٻولي رهي هئي: ”ويل ڪري ڇڏي ها ....“
رستي تـان لنگهندڙ چار پنج ماڻهو ڪن واٽهڙن
وانگر ٿي لڳا. جهڙو آيا، تهڙو ڳالهيون ڪندا ئي پسار
ٿي ويا.
ٽنهي ڄڻن کي هڪ قسم جي نرانت ملي. ڌوليي
جو ڪليجو تہ اڃا بہ ’ڌڪ ڌڪ‘ ڪري ڌڙڪي رهيو
هو. ڪانجيءَ ڏانهن نهاري چيائين: ”اي ڪانا ڀائي!
سچ چئجانءِ، آءٌ جو ڪين نڪري سگهان ها تـــہ ڇا
منهنجو ڌڙ ئي سسيءَ کان ڌار ڪري ڇڏين ها؟“
’ڌڙ سسيءَ کان ڪرڻ ۾ ڌار، ڪا ٿوري لڳڻي
هئي وار؟‘ تلوار ڪڍي تہ ٻاهر ڪئي هئم؛ ويرم تـــہ
باقي واپرائڻ جي هئي نہ؟“ چئي، هڪ لنبو ساهہ کڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪانجيءَ ٻوليو: ”ٻچي وئين. هاڻي وڃ! گهر وڃي ڪتن کي ٽڪرو وجهجانءِ ....!“

”نه نه! سچ چؤ، ڪانا ڀائي! مونکي ماري ئي ....“

هيءَ سڀ مذاق سمجهندي سمجهائيندي، هيري وچ ۾ چيو: ”چريو آهين، کريو آهين؟ چورن جي ته اڃا توکي ڪا سڌ ئي ڪانهي. هيئن تون هڪڙو ئي مرين ها، پر جي جيئرو ڇڏي وڃون ها ته توسان گڏ اسان جو به موت هو ڪين نه؟ تنهنڪري جي ٻاهر نه نڪرين ها ته تنهنجو سر ته اسين پاڻ سان ئي کڻي وڃون ها.“

۽ اهو ٻڌندي وري ڌوليو ڪنبڻ لڳو. من جو من ۾ ٿي وڦليو: ’مؤت جي چنبي مان بچي نڪتس!‘ ڪانجيءَ جو خوف ته کيس منڍ کان ئي ويٺل هو، پر هاڻ ته هو جنسي يم راجا جهڙو ٿي لڳس. هيري مان به وشواس جهڪو ٿي ويس. اندر ۾ ائين پئي ٿيس: ’کڏ پيئي، کوهه پيئي، زال نه ملي ته نه ملي! چڱو چوکو گهر ڀيڙو ٿيان ته ڄڻ گنگا جو سنان ٿيو!“

”توهين ٻئي هتي ئي ترسو، هيرا! آءٌ ٿورو هتان وڃي ٿو جاچي اچان. آئي ته هڪدم سڏيندوسانو.“ چئي، ڪانجي جتان آيو هو، تنهن رستي کان ئي هن پار نڪري ويو.

زبان کولي ڳالهه ڪرڻ جو موقعو ملندي ڌوليي چيو: ”جيڪي وڻيئي سو ڪر، هيرا ڀائي! پر مونکان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ کونچي مان ٻيهر ته ٻاهر نڪرڻ ڪونه ٿيندو!"

هيري کي ڌوليي تي سخت ڪاوڙ چڙهي. 'هي ته ماڻهو ڪهڙو آهي؟ ڪنهن جيڪر ڦندي ۾ ڦاسائي ڇڏي!' ائين پئي اندر ۾ هُريس. ڏند ڪرٽيندي چيائين: "گهڻو نه ڳالهاءِ، ماٺ ڪري ويهه نه هاڻي!"

"پر ڀائي صاحب، مون کان ...." ڌوليي جو آواز بلڪل ڌيمو هو.

"اڙي، پر تون ماٺ ڪري ته مر نه؟ اڃا نڪرڻ جو وقت ته اچڻ ڏي."

"چڱو تڏهن، ڀائي صاحب!" چئي ڌوليو پڻ ماٺ ٿي ويو.

مهوُئي وٽ اچي ڪانجي بيهي رهيو. اڌ پوريل اکيون ڪري ڳوٺ کان ايندڙ رستي ڏانهن نظر ڊوڙايائين. اصل ڇيڙي وٽ هڪ ڪارو پاڇو ڏسڻ ۾ آيس. ڪيتريءَ مهل تائين ته ڄڻ اهو اُتي جو اُتي ئي بيٺو هو، ائين ٿي لڳس. پر آخر سمجهه ۾ آيس ته اهو پاڇو ڌيريءَ چال سان هن طرف ئي اچي رهيو آهي.

ڪانجيءَ جي ڇاتي ٿڙ ٿڙ ڪرڻ لڳي. کيس خاطري هئي ته اها جيوي ئي هوندي. ڏسڻ سواءِ ئي سندس سٻاجهي صورت اکين اڳيان ترڻ لڳيس. سوالن مٿان سوال اٿيا: 'اچي ڪري هوءَ ڇا چوندي؟ ناڪار ته ڪانه ڪندي!' وري خيال ٿيس: 'ناڪار ڪري ته پاڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڱو.... نہ تہ آءٌ ئي کيس واپس وڃڻ جي صلاح ڏيندس!'

اهائي ڌيري چال چلندي، جيوي مهوئي وٽ اچي پهتي. ڪانجيءَ جو نقاب وارو ويس ڏسي شايد هوءَ کيس سڃاڻي ڪانہ سگهي هجي. پڇيائين: "ڪير آهي؟" آواز ۾ ڊپ جو نانءُ نشان بہ ڪونہ هو.

"اچي پهتينءَ؟" چوندي، ڪانجي سندس ويجهو آيو. جيويءَ کان ڪجهہ پڇڻ ڳاڇڻ جو ويچار آيس ئي مس، تنهن کان اڳ کيس اڳتي پير کڻندو ڏٺائين ۽ چوندو ٻڌائين: "اڪيلا آهيو ڪين ٻيو ڪو ساڻ اَٿوَ؟"

ڪانجيءَ هڪ اونهو ساهہ کڻندي ڪا ٻي ڳالهہ ئي ڪئي: "ذرا هن پاسي اچي ترس تہ آءٌ هنن ٻن ڄڻن کي سڏي اچان."

'ڪير آهن اُهي ٻئي ڄڻا؟ ڪٿي آهن؟' جيويءَ اهڙا ڪي سوال ڪيائي ڪونہ، ۽ رستي جي هڪ پاسي سري بيهي رهي.

ڪانجيءَ جي ڦوڙ ۽ "هلو" جي هيٺي آواز ڪنن تي پوڻ سان ڌوليي 'هوءَ اچي ويئي؟' انهيءَ سڀاويڪ سوال نہ پڇڻ بدران چيو: "هيرا ڀائي! ڀائي، تون مون کي ڪنهن ٻيءَ جڳهہ تان ...."

"چڙ تہ اهڙي ٿي اچي جيڪر اتي جو اتي ئي خبر وٺانءِ!" چوندي، هيري ٻنڀي وٽ اچي ڪانجيءَ کي چيو: "توهين هلندا ٿيو. اسين هن ٿوهر وٽان اچي ٿا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نڪرون." پوءِ هو ٻنڀي جي ڪني ڪني هلڻ لڳو. ٿورو اڳتي وڌڻ بعد تلوار ڪڍيائين. ٻه چار ڌڪ هڻي رستو صاف ڪيائين.

ٻاهر نڪرندي ڌوليي ڪانجيءَ جي پٺيان پٺيان ايندڙ هڪ پاڇو ڏٺو. ننڍڙو ٻار ڪو نئون رانديڪو ڏسي نه خوش ٿي ويندو آهي، تيئن ڌوليو خوشيءَ ۾ نه سمايو. ان جي منهن، ان جي رنگ روپ ڏسڻ جي کيس ڏاڍي آنڌ مانڌ ٿي. هيري جي ڀرسان ڄڻ ته ڪا نئين ڳالهه ڪري رهيو هو، تيئن چيائين: "هوءَ ته آئي آهي نه؟"

هيري ڌوليي ڏانهن ڪرڙيءَ نگاهه سان نهاريو. پاسي کان پرڀرو ڌوڪيندي چيائينس: "هلڻو هجيئي ته هيئن پرڀرو ٿي هل نه، چپ چاپ!" ڌوليي تي ايتري ساري چڙ ڇو ٿي چڙهيس، تنهنجي ته هيري کي به ڪل ڪانه ٿي پيئي.

ڌوليي جي من ۾ ڊپ جاڳيو: 'هي ٽيئي ڄڻا ملت ٿي واٽ تي منهنجو ڪم تمام ته ڪين ڪري ڇڏيندا؟ ماري جو پوري ڇڏين ته ڪنهن کي پتو پوندو؟ ۽ پٺيان جو وري ڳوٺ وارن جو ڀؤ نه هجيس ها ته انهن ٽنهي کان ڪافي وڇوٽي وجهي هلي ها، تنهن ۾ ته شڪ ئي ڪونه هو.

جيويءَ جي هلڻ واريءَ ٽور ڪري ڪانجيءَ کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلڪل آهستي پنڌ ڪرڻو ٿي پيو. انهيءَ ڪارڻ خفي
به ٿيو پئي. ٿورو روڪجي، جيويءَ کي ته ڪجهه ڪين
چيائين، پر پنيان هيرو ٿي آيو، تنهن کي چيائين:
”اڙي ذرا وک وڌايو. هيئن هلندا ته ڪڏهن رستي
جو انت ايندو؟“

جهٽڪو ماري، ڌوليو ”ها ڙي هيرا ڀائي!“ چوندو،
اڳيان وڌي ويو. هيري کي ته سهجي کل اچي ويئي.

اهي ٻئي ڄڻا جيويءَ کان اڳيرو ته ٿيا پر هوءَ ڪا
گاڏي ڪانه هئي جو ڍڳن جي زور تي پنيان ڌڪجي
اچي! هڪ ته اونداهي رات، ٻي روبڪار ههڙي، سو
جيويءَ کي پنتي ڇڏي ڪانجي اڳتي وڌي، ائين به
ڪيئن ڪري! من ئي من ۾ ٿي آڪڙيو: ’جي هيئن ئي
هو ته توکي ڪنهن زبردستيءَ ها ڪرائي هئي ڇا؟
انهيءَ وقت ئي نه چئي ڏين ها نه؟ ۽ هاڻ به ويل
ڪهڙي ويئي آهي....چوين ته واپس ڇڏي اچانءِ....!“

پر اهو سڄو غصو ڳيت ڪري پيئندي، ڪانجيءَ
چيس: ”هاڻي ذرا وک وڌاءِ نه!“

”پر توهين پاڻ ته هلو نه، آءٌ پاڻيهي پيئي ايندس
پنيان پنيان.“

”توکي ڇڏي اسان کان هلڻ پڄندو؟ اونداهي
رات....“

”مونکي ته مؤت به کائڻ ڪونه ٿو اچي!“ چئي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيويءَ ڪانجيءَ ڏانهن نهاريو.

”پر تون انهيءَ ۾ چڙي ڇو ٿي وڃين؟“ چئي، ٿوري دير ٺهري، ڪانجي وري ٻوليو: ”ائين هو ته گهران ٻاهر ئي ڪانه نڪرين ها!“

”جک ماري نڪتس ته سهين!“ جيويءَ جي آواز ۽ الفاظن ۾ جيڪو قهر، لاچاري، نرآڌاري ۽ ان جي باوجود محڪمتا ۽ درڍتا هئي، سو سڀ ته جيڪو سچو پريمي هجي سوئي سمجهي سگهي.

ڪانجي هڪدم روڪجي بيٺو. جيويءَ پاسي ٻه قدم پٺتي هٽائيندي، ٻوليائين: ”سچ ٿو چوانءِ، جيوي، جي تنهنجي مرضي ڪانه هجي، ۽ منهنجي چوڻ ڪري ئي ايندي هجين، ته وڃ واپس موٽي؛ جيئن آءٌ توکي وٺي آيو آهيان، تيئن ئي پهچائي ايندوسانءِ.“

”هلو نه هاڻي ماٺ ڪري، اجائي هوشياري نه ڏيکاريو.“ چئي، جيويءَ مٺي ٺپڪي ڀريل اکين سان ڪانجيءَ ڏانهن نهاريو. ”ڏسو نه وري!“ چئي، اڳتي وک وڌايائين.

ڪانجيءَ آڏو هٿ ڌريندي چيس: ”نه، بيهه ته سهين! ڏس اڃا به وقت آهي، هو ٺينگڻو ڏسين ٿي، سو پسند پوندءِ؟.... جيڪي چوئو هجيئي سو صاف صاف چئي ڏي! پوءِ هلي منهنجو ڏوهه ڪڍين، سو واجب ناهي.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”وچن وٺڻ آيا، تنهن وقت توهان جو عقل ڪيڏانهن اُڏامي ويو هو، جو اهو سڀ هاڻي ٿا پڇو؟ چڱو، هاڻي هلو، اڳتي وڌندا ٿيو؟“ چئي، جيويءَ ڪانجيءَ کي ذرا ٿڏڪو ڏنو.

کن ڀر لاءِ ڪانجيءَ کي ايترو ته ڏاڍو غصو آيو، جو ڀانءِ ته جيويءَ کي ماري، پوءِ پاڻ به مري وڃان! هڪ اُڀو ساهه کڻي، چپن کي چڪ پائيندو، هو جيويءَ جي پٺيان هلڻ لڳو.

ڌن تيرس جي اونداهي رات ڀر جوڀن ۾ نه هجي، تيئن ٿي وهامندي ويئي. آسپاس وارو جهنگل هنن رات جي مسافرن ڏانهن شنڪا ڀريءَ نظر سان نه ڏسي رهيو هجي، اهڙيءَ طرح سن سناٽ ۾ هو. بن ۾ ڦرندڙ گدڙ به هنن ماڻهن کي ڏسي چنبا ڀڪوڙي واپس موٽي ٿي ويا. پٺيان ايندڙ ڪانجي توڙي جيوي هڪ وڏي وڻ هيٺان پار ٿيا ئي مس ته هڪڙي چٻري ’گهوُ ئوُ....‘ جو گهوگهاٽ ڪيو. ڪانجيءَ جي ڌرڻ ڊپ جي ڪري نه، پر اَپسوڻ جي ڪري قدري ڌڙڪڻ لڳي.

هڪڙي تيز هوا جي جهوٽي وانگر ڪو ويچار آيس. اَکر گلي تائين اچي اٽڪي پيس: ’چڱو، هاڻي هل. ساڄي پاسي کان ڦر، ڀڄندا هلون. ڪنهن نه ڪنهن ٺڪاڻي ته پهچي ويندا سون!‘ ۽ اهي اکر ته ڄڻ جيويءَ

کي چئي چڪو هو. اهڙي ڀرم سان وڌيڪ ٻوليائين:
”ٺيڪ ٿو چوانءِ، واپس وڃ. اڃا به ويل اٿيئي.“
”ڇا جي؟“
انهيءَ ئي ويڳ سان ڪانجيءَ چيس: ”ڇاجي ڇاجي ڪيءِ نه گهڻي؛ موت کاءُ هن پاسي،“ چئي، جيويءَ کي ٻانهن کان پڪڙي ذرا ساڄي پاسي ڦيرايائين.
پختيءَ دل واريءَ جيويءَ کي، ترندي ٻڌندي لاچاريءَ ڀريي آواز ۾ وري چيائين، ”سچ ٿو چوانءِ، هان! مڙي وڃ! مونکي ۽ پاڻکي، ٻنهي کي ڇو ٿي ٻوهي ۾ وجهين؟ ڇو ٿي ڪلنڪ لڳارائين؟ ڙي پڳلي! هڪ وار نرڳ ۾ پياسين ته وري اتان نڪرڻ محال. هان، سچ ٿو چوانءِ. اڃا به ويل اٿيئي!“
ڪانجيءَ جي انهيءَ عقل تي اعتبار نه ڪندي، جيوي ڪاوڙ مان پاسي کان اڳتي وڌي. چيائين: ”هلڻو هجيو ته ماٺ ميٺ ۾ هلو، نه ته ڀلي پٺيان ايندا ٿيو! اڪيلا ئي اڪيلا.“
هڪوار ته ڪانجي شرمائجي ويو، پر جيئن جيئن رستو ڪٽجندو ويو، تيئن تيئن سندس عقل به واپس ايندو ويو. جيوي جلدي جلدي ڪري اڳيان نڪري ويئي، سو کيس پسند پوڻ لڳو. چهري ۾ چمڪ آيس. ’ماءُ پيءُ جو گهر ڇڏڻو پوي ۽ سو به هيئن لڪي ڇپي، تنهنکي ائين ته ٿيندو نه؟ هونءَ جيڪڏهن کيس اچڻو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ هجي ها تہ گهران نڪري ئي ڇو ها؟.... مون بہ بيوقوف ٿي کيس ڀڄي اچڻ لاءِ صلاح ڏني، پر هن ويچاريءَ کي ڪا خبر آهي تہ منهنجي پٺيان پڻ ڀاءُ ڀاڄائيءَ جو ڦاهو آهي، ۽ پرديس ۾ پهچي بہ ڪهڙا هيءَ ڪما گهڙيندي! ڪتي وانگر ڀٽڪي ڀٽڪي آخر مؤت جي منهن ۾ ....'

۽ اهڙن اهڙن ويچارن ڪندي هو ڀانءِ ايترو تہ هوش ۾ اچي ويو، جو انکان ٻہ گهڙيون اڳہ آيل کوٽن خيالن جي ياد ايندي ئي هو بنهہ ڏڪڻ لڳو. دل ئي دل ۾ هن سمجهدار جيويءَ جو اُپڪار ٿي مڃيو. تنهن ڏينهن اهڙي ئي هڪ قسم جي ڳالهہ نڪتي هئي، تڏهن ڀڳت جيڪي فرمايو هو، سو هُرکي آيس، ۽ اندر ۾ سوچيائين، 'سچي ڳالهہ آهي! جوانيءَ جي جوش ۾ انڌو بڻجي ڀڄي تہ نڪرجي، پر سو ڪيترن ڏينهن لاءِ؟ جوانيءَ جي رنگ کي ڀنگ ٿيڻ ۾ ڪهڙي ٿي ويرم لڳي! پوءِ تہ سڄي زندگي، مساڻي ويراڳ جهڙي سياڻپ. پنهنجي وويڪ جي وڍن کانسواءِ ٻيو ڪري ئي ڇا سگهبو؟....'

هيرو ۽ ڌوليو ٻئي ڄڻا ڪافي اڳتي نڪري ويا هئا. ڪنهن شينهن جي چنبي هيٺان پيل شڪار پاسي، آسپاس جي ٻوٽن وچان لڪي ڇپي تڪيندڙ چيتي وانگر هراس ۽ هيڄ ۾ ور ور ڪري پٺيان نهاريندڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڌوليو آخر رهي نہ سگهيو، سو هيري کي چيائين:
”هوءَ اچڻ کان شايد آنا ڪاني پيئي ڪري، هيرا ڀائي!“
ڌوليي هر گهڙيءَ منهن ورائي ورائي پنيان پئي نهاريو، سو ڏسي، هيرو ڪجهہ ڪڪ تہ اڳ ۾ ئي ئي پيو هو. هاڻي جو موقعو مليس، سو چيائينس: ”تون پاڻ تہ هلندو ٿيءُ نہ چپ چاپ ڪري. موٽي ويئي تڏهن بہ تومان ڪي ورندو ڪي سرندو؟.... جيسيتائين ڪانجي مددگار آهي، تيسيتائين توکي ڪو فڪر....“
ڌوليي خوش ٿي چيو: ”انهيءَ ڪري ئي تہ ڪانا ڀائيءَ ان کي اڳيان ڪيو ٿو ڏسجي!“ ۽ چپ رهڻ واجب ٿي لڳس، تڏهن بہ چئي ويٺو: ”هڪ ڀيرو منهنجي گهر پهچي وڃي نہ! پوءِ تہ ....“
هيري جي زبان تي آيو: ”هينئر تنهنجو ڀائي (ڪانجي) جي ٻڌي وٺيئي تہ سندس گهر ۾ پهچڻ کان بہ جواب مليئي ڪين نہ!“ پر ائين چوڻ بدران ڌوليي کي اکيون ڦوٽاري چيائين: ”تون پنهنجو پاڻ پڌري ڪرڻ کان سانت ڪر نہ هاڻي!“
ڌوليو سانت تہ ٿي ويو، پر سو بہ ”وٽ ڀائي، مئي ماٺ ڪئي؛ هاڻي تہ بس!“ واتان نڪري وڃڻ بعد ئي.
پهريون ڪڪڙ اڃا ٻانگ ڏئي ئي ڏئي تنهن کان اڳ، هي اوڌڙيا جي حد وٽ اچي پهتا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سواگت ڪندڙ ڀوري ڪتي کي ٻچڪاريندي، ڪانجي ڪچري جي ڍير وٽ گدامڙيءَ جي وڻ هيٺان روڪجي بيٺو. ڌوليي جو گهر گهٽيءَ جي ناڪي وٽ ئي هو. انهيءَ ڪري اڳيان واري دروازي کان وڃڻ ۾ به ڪو اعتراض اصل ڪونه هوس، تڏهن به ڪانجيءَ ڌوليي کي چيو: ”وڃ ڙي، وڃي پٺيون دروازو کول.“

۽ ٿوريءَ دير بعد هيري کي به چيائين: ”هيرا، تون وڃي واڙي جو ٻوڙو اگهاڙ ته ڪو بلو ٿيندو. هن مان ڪي سجهندو ئي ڪين.“

”ها ها، توهين هتي ئي بيهو، آءٌ ٻوڙو سوري ٿو سڏ ڪيانو،“ چوندو هيرو به روانو ٿيو.

ٻانهون ٻڌي ڪنڌ هيٺ ڪري بيٺل جيوي پير جي آڱوٺي سان زمين کوٽي رهي هئي. ڪانجيءَ ڏانهنس نهاريو. سڏيائينس: ”جيوي!“

جيويءَ ڪو به جواب ڪونه ڏنو. مهوُئي مان ڪرندڙ ڦل جي ’ٽپڪ ٽپڪ‘ جو پرلاءُ نه جيئن پوندو هجي، تيئن ڪانجيءَ کي ڀانءِ ته جيويءَ جي اکين مان ٽمندڙ آنسن جو آواز ٿي ٻڌڻ ۾ آيو. جيويءَ پاسي وک کڻندي اُن ڀڻ ڀڻ ٿي ڪئي يا من ۾ ٿي سوچيو، تنهنجي ته خود کيس به شناس ڪانه هئي. ’هن حياتيءَ ۾ ته آءٌ توکي پنهنجي هٿن سان ئي ٿو هڪالي ڪڍان! ڇا ڪريان؟ ....‘

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن هڪڙو هٿ جيويءَ جي پٺيءَ تان ڦيرائي سندس ٻانهن ۾ وڌو. ٻئي سان ان جو منهن ڇڪي ڇاتيءَ سان لڳايائين. جيويءَ جا ڊٻيل ڳوڙها ريلا ڪري وهڻ لڳا. روئندي روئندي سڏڪا ۽ اوڇنگارون ٻڌڻ ۾ آيون. کن ڀر تہ ڪانجيءَ جي اکين ۾ ڪٺيون ٿيل آنسون سڪي ويون. ”نہ وڻندو هجيئي تہ هل نہ ڀلا، هليا هلون.“ ائين چپن تي آيس، پر ٻيءَ گهڙيءَ چيائين: ’نہ نہ، ڪنهن جي وات ۾ پيل گرهہ ....‘

۽ جيويءَ جي کاڏي مٿي ڪندي، گلو صاف ڪري هوُ ٻوليو: ”تون ڇاجي ڪري ٿي چنتا ڪرين؟ ائين تہ آءٌ ٻ ڳوٺ ۾ ئي آهيان نہ؟ دنيا جي نظر ۾ ڀلي اسين جدا هجون، پر ...“ ڪانجيءَ جي ڪنن تي آواز پيو: ”ڪانا ڀائي، واڙي ۾ ....“

۽ ڌوليو ڪانجيءَ جي ٻک ۾ جيويءَ کي ڏسي دنگ رهجي ويو. ڪانجيءَ جيويءَ کي ڀاڪر مان ڪڍي ٻاهر ڪيو. هڪ ڪرڙي نگاهہ ڌوليي ڏانهن پڻ وجهي ڇڏيائين.

ايتري ۾ هيرو پهچي ويو. ڌوليي کي چيائين: ”مون پئي تنهن جي لاءِ گهر واڪا ڪيا ۽ تون تہ هتي بيٺو هوا کائين؟“ ۽ ڪانجيءَ ڏانهن نهاري چيائين: ”هاڻي هلو، ڪنڊن جو ٻوڙو ڪڍي آيو آهيان.“

هيري جا اهي لفظ ’ڪنڊن جو ٻوڙو ڪڍي آيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهيان، ٻڌي ڪانجيءَ کي ذرا کل اچي ويئي. هڪ اونهو ساهه کڻي چيائين: ”هاڻي منهنجو اتي ڪهڙو ڪم آهي؟ آءٌ ڀڳت جي گهر آهيان.“ چئي، ان قدم کنيو. هڪڙو هڪڙو قدم کيس مڻ مڻ جهڙو ڀاري ٿي لڳو.

ڀڳت جي اڱڻ ۾ پير رکندي ئي ڪانجيءَ کنن ۽ کنن ۽ ڪئي. ڀڳت کي بي آراميءَ ۾ پاسا ورائيندو ڏسي چيائين: ”ڪيئن ڀڳت، ننڊ اٿو ڪين جاڳو ٿا؟“

ڀُوري ڪتي جي ڀؤنڪ تي ڀڳت جاڳي پيو هو. اٿي وهندي چيائين: ”جاڳرت هجون، تڏهن ئي ته جاڳرت رهڻ جي ضرورت آهي. ننڊ اچي ويئي ته پوءِ ڀؤ ڇا جو؟“ چئي کڙو ٿي بيٺو. ڀر ۾ پيل سگريءَ ڀرسان وهندي، پڇيائينس: ”ڪيئن خوش راضي پرسن آهين نه؟“

”توهان جي آسيس ملي ته خوش راضي پرسن ئي هجبو نه ڀڳت! مونکي ذري تماڪ جي ته ڏيو،“ چئي، سگريءَ پاسي رڙهندي ٻوليائين: ”هڪ ته حقي ڇڪڻ بنا به اصل مري وياسين!“

حقو ٺهيو ته هيرو به اچي سهڙيو. ان جي پٺيان سامهون گهر هوس، تڏهن به قسمت سانگي ڀڳت جي گهر ليئو پائيندڙ، ڌوليو پڻ اچي وارد ٿيو. کيسي مان تماڪ ڪڍي، هٿ ڊگهيريندي، چيائين: ”هان،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وجهو نہ هيءُ تماڪ!"

ڪانجيءَ کي کل آئي. چيائين: "ڇا، هيءَ ڪا گڏهہ جي لڏ تہ ڪانہ کڻي آيو آهين نہ؟"

ڀڳت جي دل کي ذرا دک ٿيو: "هي ويچارو سڪ پائي کڻي آيو آهي، سو هيءُ پورو ٿئي تہ اهو وجهون!" چئي، ڌوليي جي هٿ مان تماڪ وٺي سگريءَ جي ڀر ۾ رکيائين.

ڌوليو بہ آهستي رڙهي سگريءَ ڀيڙو ٿي ويٺو. انکي ڪجهہ چوڻو هو، پر چئي ڪونہ ٿي سگهيو. اُجالو هجي ها تہ ڀڳت اول ئي چئي ڏئي ها؛ پر هاڻ تہ جڏهن سندس سرير جي سر پر، بي چئني وڌي، تڏهن ئي سندس ڌيان ۾ آيو. چيائين: "ڇو تون ٿڌو مانجهاندو ڪري ويهي رهيو آهين، هيرا؟ ڄاڻ چوڏس گذري. ڪن چئن چڱن کي گهرائڻو هجيوَ تہ انهنکي نينڊ ڏيئي وواهہ وڌي پتائي ڇڏيو نہ؟"

وري ڀڳت ٻوليو: "پر انهن ٻن چئن ڄڻن جو بہ ڪهڙو ڪم آهي؟ اسين پاڻ ۾ آهيون، سي ئي ڪافي آهيون. ها، باقي لاڏن ڳائڻ لاءِ کڻي هڪ ٻن ڇوڪرين کي سڏايو."

"پاڻ کان تہ اُٿي پاڻيءَ ڍڪ پيئڻ بہ ڪين ٿو پڄي!" چوندي، ڪانجي ڀڳت واري کٽولي تي ڊگهو ٿي ليٽي پيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ها ها، ڪانا ڀائي، تون بيشڪ سمهي رهه،“ چئي، ڌوليي اٿندي، هيري کي ويٺتي ڪئي: ”هيرا ڀائي، ڀلا تون ئي ته اُٿ. ڀائي! پنهنجي گهران ڪنڪوُ ڀاڀيءَ کي ۽ ناٿيءَ (هيري جي ڀيڻ) کي سڏڻ وڃين ته اتان وستا ڪاڪا جي گهر به ذرا نياپو ڏيندو اچجانءِ ۽ جيوي ڀاڀي (جيوي نه) ته اڪيلي هجي، تڏهن سندس ڪن ۾ به ڦوڪ ڏيئي اچڻي پوندءِ. ايترو ته تون ڪجانءِ!“

هيري تماڪ جو سوٽو ويٺي لڳايو، سو کل ۾ اچي ڇڙيو. ’ڦو ڦو‘ ڪندي واٽ مان دونهون ٻاهر نڪري آيس. ٿوري کنگهڪار به اچي ويس. ڀڳت کي حقو ڏيندي، چيائينس: ”چوندا آهيو ته ڌوليو ڀولو ڀالو آهي. ڀڳت! ٻن جي بجاءِ پنجن جي ته ڳڻتري ڪرايائين؛ اڃا جيسيتائين اُٿان تيسيتائين ڏسجو ويٺا!“

”ائين ته ٿيندو ئي آهي، ڀڳت ڪاڪا! پر هن پاسي مکيءَ جي گهر خبر نه ڏيون ته ان کي ماٺو ڪين لڳندو؟ باقي شاهوڪارن ۽ انهن سڀني کي ڪير ٿو سڏائي.“

”هاڻي تون سڄي سياڻپ ڇڏي، ڪنڪوُ، هار ۽ اهڙيون سڀ ضروري شيون تيار ڪر؛ جلدي ڪر،“ چئي، هيرو اٿيو ۽ ڪر موڙيندي، ڀڳت کي چيائين: ”هي مزو ته ڏسو، ڀڳت! هيءُ حجام ٿو چوي ته توهين منهنجا حجام ٿيو.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”وقتي ائين به ٿيندو آهي، ڪين، نه؟“ چئي، ڀڳت ٽهڪن ۾ اچي ڇڙيو.

”نه ڀائي، نه. تنهنجو ڇوڪرو پرڻجي تڏهن ڏسجانءِ؛ جي حقي جو هڪ ڦل ئي برابر ڀرڻ ڏيانءِ ته کڻي هن ڌوليي کي ڦٽ لعنت وجهجانءِ؛“ چئي، اکيون مچڪائيندو، ڌوليو گهر هليو ويو ۽ هيرو ڳوٺ پاسي.

ڪنهن گهور ويچار ۾ غلطان ٿي ويل ڀڳت ٿوريءَ دير بعد اٿندي چيو: ”منهنجو ته توکي ايترو ئي چوڻ آهي ڪانجي، ته هنکي آندو اٿئي، ته هاڻي آنديءَ جي لڄ پت رکجانءِ!“ پوءِ هٿ ۾ لوٽو ۽ ڪلهي تي انگرکو رکي، ”ائين هجي ته هن پاسي ڪنڊ ۾ کٽولو رک؛ هتي ته هاڻ گڙ ٻڙ گهمسان ٿيندو- ننڊ ٿي اچي، سا به اُڏامي ويندي،“ چئي، نت نيم سارو، پر اڄ ذرا سوير ئي نديءَ طرف هلندو ٿيو.

ڏسندي ڏسندي ئي ڳوٺ جي زالن سان ڌوليي جو گهر ڀرجي ويو. مکيءَ ۽ ٻن ٻين پٽيلن کي پڻ ڌوليي جو هڪ ڏهن ٻارهن ورهين جو ڀاءُ هو، سو سڏي آيو.

اصل ڳالهه هيئن آهي ته ڌوليي جو گهر هونءَ به سڻڀو ستابو هو، ۽ وري هاڻي نه ملڻ واري کي ٿي ملي- انهيءَ سواءِ راتو رات ڪنوار وٺي آيو هو، سو به ته سچ هو ڪين نه؟ تنهن ۾ به وري هيري جهڙو اُدارچت هرتا ڪرتا ڀيڳو ٿيو هوس- پوءِ ڀلا مستي ورهائڻ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪهڙي ڪوتاهي ٿيندي!

ههڙيءَ اَڻ مندائتيءَ شاديءَ جي شادماني ڪرڻ لاءِ ڪٺي ٿيل جوانن ۽ جوانڙين جي سيتل پرڀات وارن بلند آوازن آسپاس پاڙن ۽ ڀر وارن ڳوٺڙن جي ماڻهن کي هن طرح ويچار ۾ وجهي ڇڏيو: ”اڙي ڀائي، هن اوڌڙيئي ۾ ڪڪڙ جي ٻانگ سان ئي گانن جي رمجهٽ مچي ويئي آهي، سو اُتي آهي ڇا؟“

۽ انهيءَ جي جواب ڏيندڙ سامهون واري شخص به سوال ئي ٿي پڇيو: ”ڪنهن جي گهر ڇوڪر ٻاڪر ڄائو هوندو، تنهنجي ڪري ئي؛ ٻيو وري ڇا هوندو؟“

”ها ڀائي، اوڌڙيا جي جوانن جي ڪهڙي ڪجي بات! اهي ڇوڪر ڇتيءَ ذات جا، پرڻائيندا رڳو گڏا گڏيون ۽ ڌماڌم اهڙي مچائيندا، جڻ ڪنهن گهر ۾ هڪ ئي ٻار هجي، تنهنجو ٿو وواهه ٿئي،“ ڪو مانا کائي مٿي چڙهيل ماڻهو چئي رهيو هو.

ته ٻئي ڪنهن پنهنجي جواني ياد ڪندي ٿي آکيو: ”هوندو ائين؛ ٻيو ڪو موقعو نه هجي ۽ ههڙيءَ طرح شغل ڪري گانن جي ڪير محفل منائي ته انهيءَ ۾ کوٽو به ڇاهي؟“

پر اهو سوال خود جڏهن پنهنجي ڳوٺ وارن جي ئي اندر ۾ ٿي آيو، ته پوءِ پرانهن جي ڳالهه ئي ڪهڙي ڪجي؟ ڪير جاڳي ٿي اٿيو ته انهيءَ پاڙيسريءَ کي به

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي جاڳايو. اُن وري ٻئين ڪنهن کان ٿي پڇيو، ۽ ائين ڪندي آخر ۾ حل ڪرائڻ لاءِ ٻن چئن ڄڻن جو ٽولو ٺاهي ڌوليي جي گهر اچي ٿي نڪتا. هڪ وڏي ٿالهه ۾ مستي ڀري دروازي تي ئي بيٺل هيرو آيلن جي ٻڪن ۾ مستي وجهندو، کين جواب ڏيندو ٿي ويو: ”ڇا جو آهي، سو گهر ۾ اندر گهڙي ڏسو.“

گهڻن کي ته هيءُ سڀ اچانڪ سڄايل رام ليلا جي کيل وانگر ٿي ڀاسيو. ڌوليي جو چهرو ۽ پوشاڪ پڻ رام ليلا جي مسخري ويس ڌاريءَ جهڙائي هئا. مٿي تي ميري سيري پٽئي جي پڳڙي، ڏياريءَ تي پائڻ لاءِ سبائي رکيل نئون انگرکو ۽ بدن سان بيهڪ نه کائي، اهڙي لٻڙاٽيل بافتي جي ٿلهي ڌوتي وغيره. (ڌوليي جي هن پوشاڪ، مزوريءَ جي ڦاٽل ٽٽل ڪپڙن ۾، کيس ننڊ مان اُٿي آيل ڳوٺاڻن کان بلڪل علحدو ڪري ٿي ڇڏيو). ڪپڙن کانسواءِ آڱوٺي سان ڏنل گهاٽي ڪنڪوُءَ جو ڊگهو تلڪ، تنهنجي مٿان ڇٽڪايل مٺيءَ ڀر چانور ۽ گلي ۾ مڻين جو چئن پنجن آنٽين وارو هار، انهن سڀني چيزن ڌوليي جو ڏيک ويک ئي ڀانءِ ته بدلائي رکيو هو. وري ساڄيءَ ٻانهن جي ڪرائيءَ ۾ مالها ٻڌندڙ پڻ - البت، هيري ئي ڪا ڪنجوسائي ڪانه ڪئي هئي.

پر تنهن ۾ هيري جو ڏوهه ئي ڪهڙو؟ اُن ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهريائين رواج موجب ٻه سڳڙائي ٻڌا هئس. پر ڌوليو چوڻ لڳو: ”سڳڙن واپرڻ کان ڊڄجانءِ ڪين هيرا ڀائي! گهر ۾ ٻيو به مچو پيو اٿيئي.“ هيري کي ڪاوڙ آئي، تنهن اٽڪل ٽن اگرن جيتري ڪرائي ٿڦي ڌوليي جو شوق پورو ڪيو.

گهر ۾ ڪٺيون ٿيل زالون گهوٽيتيون ۽ ڪنواريتيون، اهڙيءَ طرح ٻن ٽولين ۾ وراهجي وييون. خوب لاڏن ۽ ٽپڙن جي ورکا ڪيائون. ڪن گيتن ۾ گاريون شڪن هئا ته ڪن ۾ صلاحون مصلحتون.

ڏيوڍيءَ ۾ ڳوٺ جا ڪرڙوڍ ۽ ٻڍا بحث ڪري رهيا هئا ته اهو قصو بڻيو ڪهڙيءَ طرح. آخر ۾ هيري، ڪانجيءَ ۽ ڀڳت - سو انهيءَ لاءِ جو ڀڳت کانسواءِ ڪانجيءَ ۽ هيري کي ههڙي ڪم ڪرڻ جي همٿ ئي ڪانه ٿئي ها، اهو خيال هون - تن ٽنهي جي ساراهه مان ئي ڪين ٿي ڍاپيا ۽ ڪن ڀنگ ويٺي گهوٽي، ته ڪن حقو پئي گڙگڙايو.

هوڏانهن حاطي اندر اهڙي ته ڌماڌم متل هئي، جو انهيءَ ڌمال ۾ جوانيءَ کان هٿ ڌوئي ويٺل نر ناريون پڻ اوندهه جو فائدو وٺي، ويندي جوانيءَ جي موج مزي ماڻڻ لاءِ گول بنائي ڪٺا ٿي ويٺا هئا.

سج اڀريو تڏهن مس ماڻهو ڪنهن هوش ۾ آيا. ’مون کي ته اڃا گانءِ ڏهڻي آهي.‘ اڙي، مون وٽ ته چپٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻه پيٺل اٽي جي ڪانهي. ته ڪا وري، 'هاءِ هاءِ، منهنجي ڌيئڙيءَ ته روئي روئي ڪن ڪيا هوندا.' ائين ڪندي سڀ اٿي کڙا ٿيا. ڏيوڍيءَ وارا پڻ. آفيم جي اثر هيٺ ته ڪين هئا، ڇاڪاڻ ته انهيءَ جي اثر ۾ اڃا دير هئي، پر ڍڍ ڀري کائڻ جي ڍوَ ۾، 'ڏاڍو چڱو ٿيو! ڀڳوان وڙ ڪيو نه ته ڍوليو ويچارو وانڍو ئي رهجي وڃي ها.' ته ڪنهن وري 'ڀڳوان شل ست پٽيتو ڪريس ۽ سدائين سکي رکيس!' اهڙين آسيسائن سان، حقي جون ڦرڪون ڏيئي گهرن پاسي اُسهڻ لڳا. اڳڻ جو گوڙ شور پڻ گهٽجي ويو.

وداع ڏيڻ لاءِ کڙي ڌوليي تي ٻن چئن استرين جي نظر پيئي ته اهي اُتي جو اُتي بيهي رهيون. ڌوليي ڏانهن ڏسي ڳائڻ لڳيون:

"ٻڌ ڙي ٻڍيءَ جا ٻار،
توکي صلاحون ڏيان ٻه چار. ٻڌ ڙي ....
ٻوهر جون ٽوڪريون پنهنجي ماءُ کي ڏجانءِ،
رات جي روٽي ڀيڻ جيويءَ کي سونپجانءِ. ٻڌ ڙي....
پاڻيءَ جا گهڙا سي ڀاڄاين کي چئجانءِ،
تالا ڪنجيون منهنجيءَ ڀيڻ ڏي رکجانءِ. ٻڌ ڙي....
توکي صلاحون ڏيان ٻه چار،
ٻڌ ڙي ٻڍيءَ جا ٻار."

۽ اهو ٻڌي ڌوليو ته ڦوليوئي نه ٿي سمايو، ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوڏانهن جيويءَ جو ڪهڙو حال هو؟ اَڄاڻي ڳوٺ، اَڄاڻي گهر ۽ اَڄاڻي ماڻهن ۾ اچي پيل ويچاري جيويءَ جي نيڻن مان نير ٽپ ٽپ ڪري ٽپڪڻ لڳو. هيترن سارن ماڻهن مان هڪڙوئي ڄڻو سڃاتل هوس، پر، 'اڙي ڪانجي ڪيڏانهن ويو؟' اهڙي ڪنهن جي سوال پڇندي، سندس نالي ٻڌڻ ريءَ هو خود ته نظر به ڪونه چڙهيو هوس.

۽ نظر به ڪٿان چڙهيس؟ کٽولي جي هڪ ايس کان ٻيءَ ايس تائين پاسي ڦيرائيندي ئي ڪانجي پاڻ به ٿي ڊنو. بنا ڏسڻ پسڻ جي ئي پنهنجيءَ شڪل لاءِ ايتري خاطري کيس ضرور هئي ته هيترن ماڻهن مان ڪنهن نه ڪنهن اڳيان اها پڌري ڪرڻ کان سواءِ ڪانه رهندي، پوءِ ڀلي هو کلي ڪي نه کلي، ڳالهائي ڪي نه ڳالهائي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرڪرڻ ستون

اندر جا اُڌما

ناگ-ڪنيا جي عجب عجائب ڳالهين وانگر جيويءَ جون پڻ ڳالهيون هلڻ لڳيون هيون. خصوصن هن ميلي وارن مان ڪنهن ٿي چيو: ’ڪانجي اُنکي پنهنجي گهر ڀرڻ لاءِ وٺي ويو هو، پر هيري ۽ ڀڳت کيس ڏاڍو گهڻو سمجهايو. هن کي به ڳچ مدت تائين ته ڀڳت جي گهر وهاري ڇڏيو هئائون.‘

’ڪانجي هٿ وس ئي ڪونه ٿي آيو، آخر سندس وڏي ڀاءُ کي سڏايائون. انهيءَ اهڙو ته ڪانجيءَ اڳيان رودن راڙو ڪيو، جو نيٺ ڪانجيءَ قبوليو ته سهين، پر رسي ٽنگون ٽيڙي پئجي رهيو. پوءِ ته ڀڳت ۽ هيرو ويچار ۾ پئجي ويا، هن هچا جو هاڻي ڪريون ڇا؟ ڪڪڙ ٻانگ ڏيڻ تي هو. واپس ڇڏڻ وڃبس ته ڏينهن ئي چڙهي ويندو، ۽ وري چون به ٿا ته هوءَ ويچاري وڃڻ لاءِ تيار هئي، پر ڪانجيءَ جي ڀاءُ کي ڀؤ هو ته اڄ نه ته سڀاڻي، ڪنهن نه ڪنهن ڏينهن ڪانجي اوس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کيس ڀڄائي کڻي ايندو. تنهنڪري ان ٺونٺئي، هن ڌوليي سان پيچ ٻڌائڻ جو بلو ڪيائون. ڌوليي ويچاري کي ته ڄڻ الله مليو، نه ته هونءَ وري ڌوليي ڀائيءَ جي نصيب ۾ اهڙي اندر جي پريءَ جهڙي زال ڪٿان لکيل هئي!'....

ته ڪن وري هيئن به ٿي چيو: 'هونءَ به هن ويچاريءَ کي گهر گهاٽ ڪهڙو هو؟ پيءُ اٿس، جو سڄو ڏينهن آفيم جي نشي ۾ چڪناچور ۽ ٻي اٿس ماٽيجي ماءُ، تنهنجي ته گهر ۾ سڀڪي هلندي چلندي نه؟ سو انهيءَ (ماءُ) پنهنجي ئي پيڪن ۾..... هوندو ڪوئي ڪاڻو، لوُلوُ، نه ته ڪو ٻڍو خچر! اهڙو ڪو هوندو، تڏهن ئي ته ههڙي ڇوڪري گهران ڀڄي نڪتي هوندي نه! نه ته هونءَ جي ڪوئي سٺو سهڻو هجي ها ته سوچڻ جهڙي ڳالهه آهي، هن ڌوليي ٺينگڻي سان ڪنهن کي ڪڏ کنيو هو، جو سندس لائون لڳارائي ها؟'

ته ڪنهن وري ڀڳت کي ئي ٿي انهيءَ لاءِ تلاهي ٺهرايو: 'اهي سڀ ڪارناما انهيءَ ڀڳتڙي جائي اَٿوَ. انهيءَ ئي ڌوليي تي ڪو ڦيڻو ڦيريو ٿو ڏسجي. زال ته ڪهڙي نه ڏسڻ پسڻ جهڙي آهي! پر هيئن ويچاريءَ جو جنم ئي اڪيارٿو ڪري ڇڏيائون!'

ڪن وري انهيءَ کي رد ڪد ٿي ڏنو: 'اڙي، هل ڙي هل! انهيءَ ۾ وري جنم ڇا جو اڪيارٿو ويو؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو نہ تہ ان جو ڀاءُ ڪو ٻيو، ڪير نہ ڪير تہ ڍونڍڻوئي پوي ها نہ؟ ۽ هرڪنهنکي ڪو مور جا کنڀ ٿوروئي ٿا ٽنبيل ٿين! سچ پڇو تہ سهڻا ٽوهہ پٽن ۾ گهڻا. اهڙي ڏيل واري مڙس کان تہ ههڙوئي چڱو ويچارو. تو مون پاري ڪا زال تہ اُن تي اڪن ڇڪن ڪانہ ٿيندي. ۽ اهڙي جي گهر ڌياڻي ٿي پنهنجي حياتي ٻوهي ۾ وجهندي!'

۽ هيڏانهن ڪاڙيءَ جهڙيءَ چوڏيل جو پينگهو ياد ڪندي، چپ چاپ چئي ڏنو: "هن ڌوليي جو تہ هِت هُت بهانو ٿي آيو آهي! ڪانا ڀائيءَ کي توهان ڪچو ڪين سمجهجو. ڏسجو نہ وينيون؟ جيئريون آهيون تہ ياد رکجو، تہ ڪاڙيءَ ڇا چيو هو!'

۽ اهڙيءَ طرح هڪ نہ پر انيڪ ڳالهيون هلي رهيون هيون.

خصوصن اهي ڳالهيون زالن جي انبوهن ۾، ۽ سي بہ خاص ڪري کوهہ جي گهاٽ وٽ خوب ٿي هليون. ۽ ٿورڙا ڪي ٻڍا کڻي ڇڏيو، باقي ٻين مرد ماڻهن کي وري اهڙين ڳالهين ڪرڻ جي اڄڪلهہ فرصت ئي ڪٿي هئي؟ هڪڙي طرف ڀنڊاري ۾ ساريون ٿي لتاڙيون، ٻئي طرف ربيع فصل لاءِ هر ٿي هليا. رات جي پهر ۾ ٻہ گهڙيون واندڪائي ملين ٿي. پر انهيءَ واندڪائيءَ جو وقت آدآناد کان هلندڙ رواج موجب اندر جي اُڌمن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳائڻ ۾ ئي ٿي ويتيت ڪيو ويو.

ڏياريءَ جو ڏينهن آيو ۽ ڳوٺ جو واتاوَرڻ بلڪل بدلجي ويو. ماڻهن مان جن کي ڀانءُ ته بونءُ ٿي آئي، اهڙن ايڪڙ ٻيڪڙ آدمين کانسواءِ ٻئي سموري ڳوٺ ٻن ڏينهن لاءِ ڄڻ ته موڪل ڏيئي ڇڏي هئي. اهڙي جهڙي ڏينهن سنان ڪرڻ مهل رڙورڙ مچائيندڙ ٻار به اڄ ڀنڀرڪي جو ئي سنان پاڻي ڪري ڀڀڪيدار ڪپڙا پهري، مکيءَ جي چوگان پاسي روانا ٿي ويا هئا. کٽولن تي جاڳي ويٺل آفيمي جيوَ پڻ اُٿڻ سان ئي واٽ ڦاڙي ڦاڙي (اوٻاسيون کائيندي) آفيم وٺڻ لاءِ پنهنجا حقا کڻي، مکيءَ جي چوگان تي اچي، ڀت کي ٽيڪ ڏيئي ويهي رهيا هئا. استرين کي جيتوڻيڪ هرروز جيتروئي ڪم هو، ۽ کين ڪنهن محفل ۾ وڃڻو ڪونه هو، تنهن هوندي به ’اڄ ڏياري آهي،‘ سا خوشي سندن هلڻ چلڻ ۽ منهن مان پڌري هئي ۽ جوانن جي ته ٻات ئي ڪيا! سڀيئي پنهنجون دلپسند ٽوليون ٺاهي، متوالي چال چلندا ۽ گانا بجانا ڪندا، مکيءَ جي چوگان پاسي اچي رهيا هئا. چوگان ۾ پهچنديئي پنهنجي گانن جا ڇند ڇڏي، اتي جيڪي گانا ٿي هليا، تن جي سرن ۾ ٿي سر وٺايائون، ۽ اهڙيءَ طرح انهيءَ ماحول ۾ پاڻ به ملي مگن ٿي ٿي ويا.

پر گانن جي اصلي مؤج ڪانه متي هئي. هڪ ٻن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مذاقي بزرگن ته چرچي ۾ چئي به ڏنو: ”اڙي، هيءُ توهين گيت ٿا ڳايو ڪين مخول ٿا مچايو؟ ذرا گلو ڦاڙي سر ته سوايو ڪريو!“

ته ڪنهن وري ورجائي ٿي ڏنو: ”هنن مان ڪي ورڻ سرڻ جو ڪينهي، تنهن کان ته هن لعل ٽوليءَ کي (ڪانجي - هيري جي ٽوليءَ کي اهو نالو ڏنو هئائون) اچڻ ڏيو، پوءِ ڏسجو رنگ!“

۽ ايتري ۾ محلي جي ناڪي وٽان ايندڙ ڪو آواز ڪنن تي پيو. دل مان گانا پرٽجي نڪرن، تن جو ميناج ۽ مستي ڪا اؤر ئي آهي! ڪانجي، هيرو ۽ هڪ ٻيو، ٽيئي ڄڻا هڪٻئي جي ڪمر ۾ ٻانهون وڪوڙي، ڄڻ دارون پي مدهوش نه ٿي ويا هجن، تيئن ٿي جهومندا هليا ۽ گيت ڳايائون. پٺيان اهڙي ئي نموني چئن جوانن جي ٽولي کين سر وٺائي رهي هئي:

”بن جهنگل ۾ .... هن شاديءَ جا شعال،
ويلوُ هڪڙي ۽ ٻيو ڀوڄو گوال.

ويلو ٿي پڇي:

’ڪٿان آڻيندي ڙي .... بن ۾ ساز،
ڀوڄا! ڪٿان شرنائي آواز؟‘

ته ٿو ڀوڄو جواب ڏئي:

’سوا سوُ گوال ويلو! نچڻ لئه ٿيا ڪنا،
تن ۾ اسان دهلارين جا پٽ به ڏنا!‘

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ائين ڳائيندي ڳائيندي، اها 'لعل ٽولي' چوگان وٽ اچي پهتي. چوگان جو واتاورڻ ڄڻ انهيءَ ٽوليءَ جي وس نه ٿي ويو هجي، سو سري پري سندن لاءِ جڳهه ڪيائون؛ ۽ پهريائين جن جوانن گانا ٿي ڳايا، تن پڻ انهن جي ٻن ڌرين ۾ پاڻ وراهي، سندن ئي گانا چالو رکيا.

گيت اڳتي وڌيو. ويلوُ هر قسم جا ٿي عذر اٿاري. ناريلن جي عذر تي به هوڏ ٻڌي بيٺي.

انهيءَ جو جواب پڻ ڀوڄي وٽ تيار آهي:

"اسان جي بن ۾ هِنِ جهاجهيريون ٻليون،
خوشيءَ سان ڪم ايندي يون سڀ منهنجون سهيليون!"

۽ اهڙيءَ طرح ويلو وڃي عذر اٿاريندي ۽ ڀوڄو ڏيندو وڃينس مـن گهريا جواب. آخر ڀوڄو ساڻس پرڻجي ٿو.

پرڪرڻ پورو ٿيو ته ڪانجي چپ ٿي ويو. سامهون ڀت کي ٽيڪ ڏيئي ويٺل ڀڳت کي چيائين: "ڀڳت، ذرا حقو ته ڇڪاءِ."

"اڙي ڀائي! وٺ نه، ڇو نه ڇڪين؟" ڀڳت جي پاسي ۾ ويٺل هڪ آفيميءَ چيو، ۽ حقي جو نڙ وات سان لڳائي ڄڻ تماڪ جو سڄو ست نه چوسي ڪڍندو هجي، تيئن ان جو ڪش ڪڍندي، جهڪي پيو. حقو ڪانجيءَ جي پلؤ تائين پهچائيندي، وري ٻـه سوٽا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀري ڪڍيائين.

چوگرد ويٺل ماڻهن سان گڏوگڏ ڪانجي به کل ۾ اچي ڇڙيو.

حقي تيار ڪرڻ لاءِ اڱڻ ۾ سڙگايل باهه وٽ جهنڊ بڻائي بيٺل ڇوڪرا ڦٽاڪا ڦوڙي رهيا هئا. ٻئي پاسي چوگان ۾ ڳاڙهي تماڪ جا ٻڪ ڀري پئي هڪٻئي ۾ ورهايائون. 'اڙي اڄ ڏياريءَ جي ڏينهن به ڪو ناڪار ڪندو آهي؟' 'منهنجو هٿ ڪيئن موٽائيندين؟' ههڙي ٻارهن ماهي ڏڻ واري ڏينهن تي ناڪار؟' اهڙن آگرهن سان سارو وايو منڊل ڀانءِ ته گونججي رهيو هو.

تنهن هوندي به ان گيت بند ٿيڻ جي ڪري هجي، يا اُن پريم ڪٿا جي رنگ ۾ رڱجي ويل جيوُ ورهه وڇوڙي جو ڪو انڀؤ ڪندو هجي - جيئن به هجي تيئن، پر هرهڪ ويڪتيءَ جي دل کي ڪنهن قسم جي سن سناهٽ گهيري ويئي هئي.

تنهن کانپوءِ مٺائي وراهي، ۽ اتان برخواست ٿيل سڄي محفل، ڌوليي نئين ڪنوار ڪئي، تنهن خوشيءَ ۾، سندس نينڊ کي مان ڏيئي، اتي اچي وارد ٿي. ڪانجيءَ جا گيت چالو ئي هئا:

ڀوڄي سان راند روند ۾ پرڻجي ويل ويلوُ اڄ ننڍي سڀان وڏي - هاڻ ته اهڙي سندر ٿي لڳي، جو سندس روپ تي موهجي راڻو ٿو ويلوُءَ جي پيءُ کي ان لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مائٽي چوائي. ڀلا، راڻي کي ڪير ناڪار ڪري؟ وري انهيءَ کان سٺو ناٺي ٻيو ڪٿان ملي سگهندو؟

راڻو ڀوڄي گجر کي ڄڃ ۾ اچڻ لاءِ نوتو ٿو موڪلي:

”ڀوڄا، گهوڙي تي زين وجهجانءِ،
منهنجي ڄڃ ۾ سگهيرو اچجانءِ.“

ڀوڄي کي، جهنگل ۾ ڍور چاريندو هو، سي ڏينهن، ۽ ويلوءَ سان ٿيل پنهنجي شاديءَ وغيره ياد ٿا اچن. هو خيال ۾ پئجي ٿو وڃي. من جي انهيءَ مونجهه جو جهالور گانءِ (ڪامڌينوءَ جهڙي گانءِ) اڳيان ٿو اُليک ڪري.

جهالور گانءِ جي صلاح پرماڻي پاتال ۾ چرندڙ ’مست‘ گهوڙي خريد ڪري ٿو اچي:

”راڻي جون شرنايون ڇٽيهه ڙي وڳيون،
گجر جي ڍول تي ڍمڪ ڍمڪ ڍمڪيون!“

راڻي جي ڄڃ ۾ وڃڻ بدران ڀوڄو پاڻ ئي ٿو ور راجا بڻجي. سوا سؤ گجرن جي سموهه ۾ سونهندڙ ڀوڄو پڻ راڻي جي ڀر ۾ اچي ٿو ڇانوڻي وجهي.

ويلوءَ جو پيءُ منجهي ٿو پوي. آخرڪار فولادي دروازي ٽوڙڻ ۽ قلعي ٽپي پار ڪرڻ جا سخت شرط ٿو وجهي. پر انهيءَ ۾ الٽو ڀوڄو ئي ٿو جيتي. ويلوءَ جي پيءُ جي مونجهه وري وڌيڪ ٿي وڌي.

ٻنهي ور راجائن ڪمان اڳيان اچي ديرو دمايو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راجا ڪمان تي زريءَ ڀريل ڌوتي وڌي ۽ هوڏانهن ڀوڄي گلن جا هار وڌا. اها ڳالهه ٻڌي ويلوُ ٿي چوي:

”ڌوتي پوتي او راڻا ويندين ڦاٽي ٿي ڦاڪ؛
منهنجي هنئين رهندي اُنهيءَ هارڙي جي هاڪ.“

ايتري هوندي به ويلوُءَ جو پيءُ پنهنجي ڌيءُ کي راڻي سان ئي ٿو پرڻائي ڇڏي. ويلوُءَ کي وٺي راڻو واپس ٿو وَري. پر:

”ٽن واٽن جو ڙي جڏي ٽِواٽو آيو،
ويهي رهي ويلوُ ٻائي رسي سوايو!“

۽ جا ويلوُ ويندي پرڻجڻ تائين پيءُ اڳيان هڪ ٻڙڪ نه ٻاهر ڪڍي سگهندي هئي، سا هن ويران جهنگل ۾ راڻي کي ڇيڪ ٿي سڻائي ڏئي:

”ڪيئن هلان توسان، ڙي راڻا گنجا،
منهن تي نه مڇ ٿئي، هڻانءِ ڇا پنجا!“

اها تڪ پوري ڪري، هڪ جوان ڏانهن نهاري، ڪانجيءَ چئي ڏنو: ”انهيءَ کي ئي چئجي کري ٻائي!“

”اهي ته ست جڳ جون ڪٿائون، ههڙي ڪلجڳ ۾ ته اهڙي ....“

ائين هڪ ٻن ڄڻن کير ۾ موري ٿي وڌي، ته انهن جي وچ ۾ ئي ڪانجي ٻوليو: ”سچ ٿو چوي، ماوا ڀائي! اسانجي زماني ۾ ته هيڪاري اهڙيون اسان جا سر ڦوڙائين!“..... ۽ پوءِ وارو آيس ته گيت ڳائڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شروع ڪيائين:

”ويلوُ چوي، راڻا! آءٌ وڃانءِ ٿي ڀڄي،
ڀلي وٽ ڳولهيندو، ويلوُ ڪانه ملندءِ سڄي!“

اتان ته ويلوُءَ کي نڪرڻو ٿو پوي، پر ايتري ۾ هڪ شراب جو گتو اچي ٿو وڃي. راڻي جا سنگي ساٿي شراب پي هوش حواس گم ڪري ٿا وهن. انهيءَ جو فائدو وٺي ويلوُ اتي شراب واري جي پتنيءَ وٽ پناهه وٺي لڪي ٿي وهي.

پٺيان ڀوڄو پڻ شراب پيئڻ لاءِ اچي ٿو چڙهي. ويلوُءَ جي پير جي کڙيءَ تي سندس نظر وڃي ٿي پوي. دارونءَ واري جي زال کان ٿو پڇي:

”سچ چؤ ڙي ڀاٿوُ، دارونءَ واري،
تو ڪهڙي گهر ۾ آ زال وهاري؟“

ڀوڄي ۽ ويلوُءَ جي پريت جي دارونءَ واريءَ کي ڪهڙي خبر، سا هڪ جا ٻيا بهانا ڪري، قصو ٿي ڪافور ڪرڻ چاهي، پر ڀوڄو مڃيس ڪونه ٿو. نيٺ ويلوُ سندس ور ٿي چڙهي.

۽ پوءِ جڏهن سکي جيون گهارڻ جا ٿا ڏينهن اچن، تڏهن ڌوليي دروازي مان سس ڪڍي ڪانجيءَ کي رڙ ڪئي: ”ڪانا ڀائي، ذرا هيڏانهن ته اچ.“ لاچار ڪانجيءَ کي اُٿڻو ئي پيو.

”اي ذرا مٺائيءَ ٺاهڻ جي ترڪيب ته ڏيکار؛ ڏس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ هيءُ هيترو اٽو....!"

"پر اهو سڄو سارو هيرو تو وٽ ويٺو آهي، پوءِ انهيءَ لاءِ مونکي ...."

"تڏهن به تون نظرداري نہ ڪر. اڙي، ٻيو ڪجهہ ڪين ڪرين تہ هتي ويٺي ويٺي حقو ئي ويهي ڇڪ."

هيري حقو اڳيان رکيس، ۽ پوءِ اٽي جا ٻڪ ڀري، ڪيترا سير هوندو، تنهنجي ڪٿ ڪرڻ لڳو.

ڪانجي کٽولي تي ويهي رهيو. سامهون ئي سامهون جيوي نوان ڪپڙا پهري، مٽڪي کي ٽيڪ ڏيئي ويٺي هئي. ناني ٻڍي اٽي جي ٽوپلي کڻي اٿي. جيويءَ جو منهن اگهاڙو ڏسي، هڪدم چيائين: "هاءِ هاءِ ڪنوار! سامهون هو ڪانو ويٺو آهي، ذرا منهن تہ ڍڪ!"

ڪانجيءَ کان ڇرڪ نڪري ويو، ائين چئجي تہ بہ غلط ڪونهي. منهن ڏسي راضي رهڻ جهڙو جيڪي هو، تنهن تي بہ اڄ کان وٺي سدائين لاءِ ٿي بندي پوي!' چئي ڏنائين: "چري ٿي آهين سڄي، ڙي ناني ڪاڪي؟ مون کان ڇا جو منهن ڍڪي؟ آءٌ ۽ ڌوليو تہ هڪجيڏا آهيون."

"تڏهن بہ تون مهنو ماس وڏو تہ ضرور هوندينس ڪين نہ؟ تنهنجي ماءُ مٿي پاڻيءَ وڌو، تنهن ڏينهن ئي منهنجي ڌوليي جو ...."

هيري چئي ڏنو: "اڙي سمجهيءِ ڀائي! ائين سال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻن جو تفاوت هجي ۽ منهن ڍڪجي ته ڳالهه ڪا ٻي چئبي!"

ڌوليي چيو: "۽ منهن ڍڪڻ ۾ ڪهڙي ڳالهه آهي؟ اهو ته ...." ۽ ٻڍيءَ کي پاڻ ڏانهن گهوُر ڪندو ڏسي، چيائين: "پر تون هينءَ منهنجو منهن ڇو ويٺي تڪين؟ اما! گيهه، ڳڙ ڪڏهن آڻيندينءَ؟"

ڪانجي ته اڃا انهيءَ منهن ڍڪڻ واري ڳالهه ۾ ئي غلطان هو. جو لفظ زبان تي آڻڻ لاءِ شايد مهينن جا مهينا لڳي وڃن، ۽ سي به گهڻي غور ڪرڻ بعد، سو ترت ئي واتان نڪري ٻاهر آيس: "نه ڙي جيوي 'ڀاڀي'، اهڙي مهيني ماس جي ننڍ وڏائيءَ ڪري منهن ڪونه ڍڪبو آهي. سمجهيءَ نه؟ ناني ڪاڪيءَ ته ائين ئي ...."

"ته آءٌ وري ڪو ان جي پٺيان پيئي آهيان ڇا؟ اهو ته اڄ منهنجي نظر پئجي ويئي، سو کڻي مون چيو. منهن ڍڪي ته چڱو، نه ڍڪيندي ته وري ڪهڙي اربع خطا ٿيندي!" گيهه جي واٽڪيءَ سان ٻاهر ايندي نانيءَ ٻڍيءَ چيو. ۽ پوءِ گيهه اوتيندي اوتيندي ذرا مرڪندي مشڪندي چوڻ لڳي: "هن هيري جي پيءُ سان ۽ مون سان به اهو تو جهڙو ئي قصو بڻيو هو. آءٌ اڃا تازو ئي ساهري گهر آئي هوَس. هيءَ جيوي ڪنوار ويٺي آهي، تيئن ئي آءٌ ويٺي هوَس ۽ هو به

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اچي جيئن تون ويٺو آهين، تيئن ويٺو. ايتري ۾ اندران منهنجي سس ....“

”ٻڙي، تون ڀلا ڪو ڳڙ به آڻي ڏيندينءَ؟“ ڌوليي جو خفو پڌرو ٿي پيو.

ٻڍي ڳالهه کي اتي ئي ڇڏي اُٿي کڙي ٿي.

اهو وجهه وٺي ڪانجي پڻ نڪري ويو.

ٻاهر گيت ڳائيندڙ جوان ويلوُ، ڀوڄي جي سهج ميلاپي جيون جو ڀاڳ پوروڪري چڪا هئا. چڱن چڱن جي ڪٺور هردن کي ماڳهين پگهرائي ڇڏي، اهڙي گاني جي پوئين ڀاڳ ۾ ڪانجي سر ملايو.

هڪڙيءَ نما شام ويلي دريءَ جي ڳلکڙي وٽ بيٺي بيٺي ويلوُ اولهندي طرف جو ديدار ڪري رهي آهي. گمان ڪگمان جي وچ ۾ غوطن کائيندي، سندس من ٿو پڇي: ”روز ته هن کان اول ئي ڍور اچي ويندا آهن، پوءِ اڄ ڇو دير ڪئي اٿن؟“ ايتري ۾ گانين جو ڌڻ بيٺل، کيت مان ٿيندو، هن پاسي ايندو ڏٺائين. ويلوُ ٿي ويچار ڪري:

”نت نت ٿي آيون واٽ وٺي ڙي پڪي،
هري ڀري ڌان ۾ پيون ڪيئن سي رڪي؟“

هاڻي ته جهالور گانءِ به اچي ٿي اتي پهچي. ان جا سڱ رڱيل ڏسي ويلوُ ٿي پڇي:

”ڪڏي سڱ رنگيا ماتاجي تو،
ڪٿي آهي ڀوڄو گوال تنهنجو؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گانءَ ٿي جواب ڏي:

”نانگن جو ٻر جيڪو آهي پرينءَ ڀر،
رنگيا سڱ اُتي مون خوشيءَ ۾ ٿي تر.“

وري ٿي ويلوُ اهو ئي سوال ڪري:

”رڱيا سڱ ماتا تو ڀلي ڙي ڀلي،
پر کوهيءَ ڪيئن گوال ڀوڄو ڙي ٻلي؟“

ڳچ وقت گپ شپ ڪرڻ بعد گانءَ ٿي ٻولي:

”نم جي هيٺان ڀوڄو سمهي جو رهيو،
تاڻي سوڙ ڊگهي سڌو ئي سڌو.“

گانءَ جا اهي اکر ٻڌي ۽ رڱيل خون سان ڀريل سڱ ڏسي، ويلوُ سمجهي ٿي وڃي. هڪوار ته گانءَ تي ڦٽڪار ٿي وجهي، پر هوش ۾ ايندي ئي، پنهنجو غم وساري، چوڻ ٿي لڳي:

”ڀوڄو ويو ته ماتا، ڀلي ڙي ويو،
پر ويلوُءَ جي وات تڪيندو رهيو!“

۽ گانءَ سان گڏ ئي ويلوُ بن طرف ٿي هلندي ٿئي.

ڀوڄي جي مئل سرير کي گود ۾ رکي چکيا جي اُڏامندڙ ڄڀين ۾ ويلوُ ٿي وهلور وڃي:

”خوش ٿي پرڻياسين ڀوڄا ڙي بن ۾،
هاڻي خوش ٿي سڙنداسين گڏجي کن ۾.“

۽ پوري ٿيندڙ پريم ڪٿا جي هرش ڀرين انهن دردناڪ تڪن ڪيترن جي اکين ۾ آنسون آنديون ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيترن کان مڻ مڻ جا شوڪارا ڀرايا. ڪانجيءَ هڪ اونهو ساهه کڻندي، ٿورو پرتي ويٺل ڀڳت کي چيو: ”انهيءَ کي چئجي ’دلين جو ميلاپ‘، ڪيئن ڀڳت؟“

”ها وري! دليون جڏهن هڪٻئي سان ملي ٿيون وڃن، تڏهن ڪنڊو لڳي هڪ کي ته اُن جو سور ٿئي ٻئي کي، بنهه اهڙو ٿو حال ٿي وڃي!“

”سچ ٿو چوين، ڀڳت! پريت ٿي لڳي ته سرير ٻه ڌار ڌار، دل هڪڙي، اهڙو ٿو حال ٿي وڃي!“ منوهر جي پيءُ پڻ ائين دهرايو.

۽ پوءِ ڪانجيءَ جي ڀاءُ ميرا ۽ نرسي ميهتا جا مثال ڏنا. انهيءَ تي، ’آءٌ به ڪجهه ڄاڻان‘، اهڙي خيال کان مکي چوڻ لڳو: ”اڙي پري ڪيڏانهن ٿا ڀڄو؟ دريوڌن جو ڀوڄن ڇڏي ودر جي ڀاڄي کاڌائين، سو به ته سنڀاريو؟“

۽ جي مٺائي به اچي وڃي ها ته سڌاما چرتر، ڌرو وياکيا ۽ اوکا هرڻ جو ڪٿائون به ڪير نه ڪير ڪڍي وهي ها.

نئين سال جي ڏينهن پڻ هڪ ٻن جڳهين تي محفل ته مڙي هئي، پر ڪانجي انهيءَ پاسي چريو به ڪين. گهر ۾ ڪو چئن ڪونه ٿي آيس، سو اُٿي، ’آءٌ ڍڳن جي نظر ڪري اچان.‘ ائين چوندو نڪري ويو.

ڪانجيءَ جي جيتوڻيڪ اها ڳالهه هئي ته برابر، پر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تڏهن به رڳو انهيءَ ڪري ئي هو ڪو سرحد تائين گهمڻ لاءِ نڪتو ڪونه هو. پنهنجو اندر جي کولي ڏسي ها ته هو پاڻ ئي سمجهي سگهي ها، ته مون کي هينئر ماڻهن جي وچ ۾ وهڻ نٿو وڻي ۽ نه ٿو ڪنهن سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ آئڙي. سندس دل جو دل ۾ ئي اُها ٿي تڪ گونجي:

”خوش ٿي پرڻياسين ڀوڄا ڙي بن ۾،
هاڻي خوش ٿي سڙنداسين گڏجي کن ۾.“

۽ انهيءَ وسارڻ لاءِ ان وس ويندي جا کوڙ ڪئي، پر جيئن هوا ۾ ملي ويل سڳنڌ الڳ ٿي ڪانه سگهندي آهي، تيئن رت سان رلي ويل انهن تڪن جو ڀاوُ ڀلڻ پڻ مشڪل هو.

ڍڳن کي سينگارڻ جي تياري ڪندڙ ڇوڪرن جي ڪن سوالن جي سمجهاڻي ڏيئي، ڪانجي واپس وريو. ڳوٺ ۾ گهڙيو، تڏهن ٻڍين کانسواءِ هرڪو اڀرندي طرف تيار ڪيل مندر واريءَ ڪمان پاسي وڃي چڪو هو. ڪانجي به سڌو مندر وٽ وڃي پهتو.

گانين کي ان ڪمان تائين پهچائڻ جو ڪم ٽپائي، استريون ۽ ٻالڪ ڳوٺ طرف وريا ۽ مرد هڪ جهوني پراڻي مهوُئي پاسي لڙيا.

سڀ گول چڪر ٺاهي ويٺا هئا. گهر گهر مان گهٽ ۾ گهٽ هڪڙو ماڻهو آهي، تنهن جي پڪ ڪري مکي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٿي بيٺو. چيائين: ”هلندا ٿيو، هاڻي ڪنهنجي ٿا وات ڏسو؟ هي سال وري به چڱو ٿيو آهي جو ڪنهن جو جهيڙو جهٽو ڪو نه ٿيو.“ ائين چئي، هو مشڪيو ۽ ڀر واري ماڻهوءَ سان ملڻ لاءِ مڙيو. مکيءَ سان ميلاپ بعد اهو ماڻهو به مکيءَ جي پٺيان ويو. سڀيئي هڪٻئي کي ڀاڪر پائڻ لڳا ۽ اهڙيءَ طرح هرڪنهن جو ملڻ جهلڻ پورو ٿيو.

اوندهه انڌوڪار ٿي ويو، تڏهن اهي ڳوٺ طرف وريا ۽ آخري گيت ڳايائون:

”جان جيئندا رهو پيا محفلون ڪجو،
مرڻ واري کي سڀني جو ست نام چئجو.“

اتهيءَ بعد ڏياري ۽ نئين سال جي رڳي هڪ ئي ڪريا باقي رهجي ٿي ويئي، ۽ اها هئي گهرن ۾ وڃي وڏڙن ۽ سنيهي سنٻنڌين سان ملاقات ڪرڻ جي. انهيءَ لاءِ جوان ڇوڪرا ڇوڪريون مٽن مائٽن کي گڏجڻ مسجڻ واسطي ڳوٺ ۾ نڪري پيا.

هرڪنهن ڏياريءَ تي ڪانجي وڏين ڀاڄاين، ڪاڪين ۽ ٻين کي ملندو ملندو لڳ ڀڳ ساري ڳوٺ جو چڪر هڻي گهر موٽندو هو، پر هن ڏياريءَ تي هو سڌو ئي گهر هليو آيو. ڀاڀيءَ کي گڏجي، سندس آشيرواد وٺي، دروازي وٽ پيل کٽ تي حقو ٺاهي ويهي رهيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهن کان پوءِ ڳوٺ جا ڪيترا جوان، ڌيئرون توڙي نهرون پڻ ڀاڀيءَ جي ملاقات ڪري وييون. جن کي ڪانجيءَ جو گڏجڻ لازمي هو، تن کي هو به ٿي گڏيو. پر ايتري ۾ جيوي آئي ته هو گهبرائجي ويو.

جيويءَ کي ڀاڀيءَ سان گڏجڻ بعد ڪانجيءَ کي پاڻ ئي اٿڻ کپندو هو، پر نڪو هو ئي اٿيو ۽ نڪو جيويءَ ئي اٿڻ جو رخ ڏيکاريو.

تڏهن ڀاڀيءَ چيو: ”ڇو ويهي رهيا آهيو، ڏيرم؟ جيوي ٻائي ته اوهان کان منهن ڍڪيندي ڪانهي، پوءِ گڏجڻ لاءِ ڇو؟....“

”گڏجڻ جو خاص ڪهڙو ضرور آهي؟“ ڪانجيءَ چيو: ۽ ائين چيائين، تڏهن به جيوي جو، ’چڱو ڀلا، آءٌ وڃان ٿي، دادي‘ چئي، هلندي نه ٿئي ها، ته ڪانجي شايد گڏجڻ لاءِ اٿي اڳيرو به اچي ها.

ڪانجيءَ کي پڻ اهو گڏجڻ هيئن ٽري ويو، سو ٺيڪ لڳو، ڇاڪاڻ ته انهيءَ ۾ کيس ڪجهه فريب جهڙو ٿي لڳو. جيويءَ سان ڪو ناجائز ناتو يا اهڙو ٻيو ڪي به ڪونه هوس سو بيشڪ، پر تڏهن به سندس ڏير يا ڀاڄائيءَ جهڙو سنٻنڌ ته بلڪل ئي ڪونه هو. ان پنهنجي من کي سرچايو: ”ڀلي ٻين ماڻهن وانگر ڀاڀيءَ کي به وهم هجي، پر هيئن - ڀڳت ٿي چيو تيئن - دنيا کي ٺڳجي سو ٺيڪ، مگر آءٌ پنهنجي پاڻ کي ته ڪونه ٿو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٺڳيان نہ؟'

پر هوڏانهن ڪانجيءَ کان ڄڻ ڀڳت ئي نہ ڪي پڇندو هجي، تيئن اندر ئي اندر ۾ ڪو پڇي رهيو هوس: 'ڇو ٿو چڱا مڙس، اهي ٺاهہ ٺاهين؟ هيري لاءِ تہ کڻي مڃي بہ وڃجي، ڇاڪاڻ تہ (سچ ڪوڙ سو ڀڳوان ڄاڻي، پر ماڻهو جيئن ڳالهيون ٿا ڪن) سندس پيءُ کي ۽ نانيءَ ڪاڪيءَ کي .... ۽ وري ناني ڪاڪي تہ هينئر بہ هيري کي خود پنهنجي پيٽ ڄائي ٻار جيترو پيار ڪانہ ٿي ڪري؟ انهيءَ ڪري کيس (هيري کي) تہ ڪداچت ڌوليي لاءِ لاڳڻي ٿي بہ سگهي ٿي، پر تنهنجي ۽ ڌوليي جي وچ ۾ ڪهڙو ناتو هو، جو اُتس ديا کائي تو زال وٺي ڏنيس؟.... ٻيو ڪين، تہ جيوي اکين اڳيان هوندي، ايترو بہ سوارٿ تہ ضرور هوءِ نہ؟'

۽ ڀوڄي - ويلوءَ جي پوئين تڪ ياد ڪري، اونهو ساهہ کڻندي کلي چيائين:

"ڀوڄو پرڻيو هو ڙي بن جهنگل ۾،
اسان ڄڃ ڪڍي هئي من منگل ۾!"

۽ انهيءَ بعد - ڪير ڄاڻي ڇو، پر کانئس هڪڙو مڻ جيترو ڀاري ساهہ کڄي ويو.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرڪرڻ آٺون

آندل جون آسون

استريءَ جي سرير ۾ جواتيءَ جي جوالا بکندي بکندي، سيتلتا اچي ويندي آهي. ائين ئي ڌرتيءَ سان پڻ ٿيو هو. چوماسي جا وسڪارا ۽ طوفان بند ٿي چڪا هئا. ڌرتيءَ جو ڌارڻ ڪيل سائيءَ ساڙهيءَ وارو رنگ به ڄڻ ڦٽڻ تي هو، ۽ تنهن ۾ به ربيع فصل لاءِ هر کيڙي تيار ڪيل ايڪڙ ٻيڪڙ ٻني ڏسندي ته وچ وچ ۾ ڄڻ چتيون نه لائي ڇڏيون هجائون، ائين پئي لڳو.

پر استريءَ جي سيتل جوانيءَ کي پڻ ڪا عجيب خماري ٿي ٿئي. اهڙي ئي خماري کوهه جي پاڻي پيئڻ سان وڌيل ڪڻڪ جي سنگن تي ڏسڻ ۾ پئي آئي. اوڀر دشا کان ڌيمي ڌيمي لڳندڙ پرڀات جي ٿڌي هوا ۾ اها ساري جي ساري پوک لڏي لمي ٿي ته ڀانءِ سنهيءَ سنهيءَ مرڪ سان ٽڙي ٿي ٽڙي؛ ۽ پاءُ پلڪ ۾ ئي وري شبنم جي بوندن مان سوريه جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻن کي ناچ نچائيندي، گنڀير بڻجي ڌيري سان ٺري ٿي ويئي؛ ٻن پهرن جي سمي ڀانءِ وڏي ڪنهن وهنوار جي وٽ ۾ وڪوڙجي ويئي هجي، تيئن ڦڪي ڦڪي ڪُجسي ٿي ڀاسي؛ ۽ وري نما شام وقت چنتائون وساري مرڪڻ مشڪڻ جو ٿي پريتن ڪيائين. پر سانجهيءَ ٽاڻي ته اصلي پيئا ملڻ جي اڌيرتا ۽ انتظاري نه وڌي ويئي هجيس، تيئن لعل گلال جهڙي بڻجي ٿي پيئي، ۽ اڌ رات جي ٺنڍيءَ هير ۾ ته ڄڻ شوڪارا ڀريندي، پريتم جي سوڙ ۾ نه سرڪي ويندي هجي، تيئن سڄي ساري پوک ڌرتيءَ پاسي نيچي نمي ٿي پيئي.

هارين نارين پڻ چؤماسي وارا وڏا وڏا مڃان تجي، زمين تي ئي ٽپڙ پٿاري ڇڏيا هئا. ساڳ جي پتن سان ڇانيل جهوپڙن جي بجاءِ گاهه جا ويڙها ٻڌي ننڍڙيون جهوپڙيون تيار ڪيون هئائون. چوماسي جي جهڙالين راتين ۾ وڄندڙ مرلين اَٿوا بنسرين جي بدران ڪنهن ڪنهن جهوپڙيءَ مان يڪتاري جا مٺا سر ٿي ٻڌڻ ۾ آيا.

ڪانجيءَ کي پنهنجو کوهه ڪونه هو، ۽ هيري کي پنهنجو کوهه هو، پر مالهه کينچڻ يا پاڻي ڍوڙڻ لاءِ ڪوئي ٻيو ساٿي ڪونه هوس، تنهنڪري گذريل ڳچ سالن کان اهي ٻئي ڄڻا ربيع فصل جي پوک ڀاڳيدار ٿي ڪندا هئا. وري شروعات ۾ هيري کي ٻيو به هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڪ هو، ڪانجي اڪيلو ڇڙو سر هو، سو جهوپڙيءَ ۾ واري ڦيري سان سمهڻ جو سوال پنهنجو پاڻ ئي حل ٿي ويو هو. پر هاڻي ته هيرو ٻن ٻارن جو پيءُ بڻجي چڪو هو. گهر جي گوڙ گنبوڙ کان جهوپڙيءَ جي ٿڙ ٿڙڪائيندڙ ٿڌ به کيس وڌيڪ ٿي وڻي. پر اتي ڪڏهن ڪڏهن ڪانجي جهيڙو ٽپائي ڏيندو هو: ”تون هتي سمهڻ ٿو اچين سو ته ٺيڪ؛ منهنجي لاءِ ته هڪ کان ٻه ڀلا، پر گهر ۾ ڪنڪو ڀاڀي ڪهڙا منهنجا اِتر پتر ڪڍندي، تنهنجي به ڪا توکي سمڪ پوي ٿي؟“

هيرو کلي جواب ڏيندو هوس: ”ڪنهن زماني ۾ تنهنجا اِتر پتر ڪڍيا هوندائين، پر هاڻي ته اهي ڏينهن ويا، ڪانجي؛ اڄ ڪالهه ته الٽو آءٌ گهر سمهان ته منهنجا اِتر پتر نڪرن.“

انهيءَ هوندي به ڪڏهن ڪڏهن ته اڌ رات جو به ڪانجي هيري کي گهر ڌڪي ڪڍندو هو. هيرو گهڻو ڪاوڙجي، لاچاري پڻ جهجهي ڏيکاري؛ پر ڪانجي ڪٿي ٿو مڃيس؟

ٻيو چارو نه ڏسي هيري کي اتان نڪرڻو ئي پوندو هو. ’هن مهل ڪوئي گهر ويندو ڏسي وٺي ته ڇا جيڪر چوي؟‘ انهيءَ ڊپ کان وڌيڪ وڏي مشڪلات ته اها هئي جو گهر ۾ در کولائڻ لاءِ رڙيون ٿي ڪرڻيون پيس. انهيءَ ڪري گهڻا ڀيرا ته هو ڪنهن ٻيءَ جهوپڙيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ئي گت ماري هليو ويندو هو. ٻئي ڏينهن ڪانجيءَ کي اهو پتو پئجي وڃي ته پيٽ پڪڙي اچي کل ۾ ڇٽڪي.

هن سال پڻ ڪانجيءَ کي اها ڪهني شرارت ياد آئي ۽ هڪڙو دفعو ته عمل ۾ پڻ آندائين، پر ٻئي دفعي جڏهن ائين ڪيائين، تڏهن هيري کي شڪ جاڳيو: 'هي ڀائي صاحب! پاڻ ته ڪنهن ڦندي ۾ ڪين ٿو وڃي ڦاسي!' ۽ جي ائين هجي به سهين ته هو ڪهڙي هنڌ هوندو، تنهن لاءِ گهڻي ويچار ڪرڻ جي کيس ضرورت ڪانه هئي. کيت پڻ ڌوليي جي گهر پاسي کان ئي ته هو.

انهيءَ بابت جاچ ڪرڻ لاءِ ٿڌ ۾ ڏڪندو ۽ رات ڀر هيڏانهن هوڏانهن اکيون ڦيرائيندو، هيرو هڪ ڪنڊ ۾ ڇپي ويهي رهيو، پر نه ڪا جهوپڙيءَ واري باهه ئي وساڻي، ۽ نه ڪو ايندو ويندو ئي نظر چڙهيو. 'هن ٽڪريءَ جو چڪر ڦري ته ڪين ويو هوندو؟' اهو شڪ اچيس ته ايتري ۾ ڪانجي ڪنهن گدڙ هڪالڻ لاءِ اٿندو يا ڪڏهن چلم تيار ڪندو ڏسڻ ۾ ايندو. پر ڀاٽ ويلي گهر پاسي ورندي، پنهنجي شڪي سڀاوَ تي هو آڪڙيو: "اڙي مورکه! ذرا ايتري ته سمجهه ڌار. جي ائين هجي به کڻي ته ڪانجي اهڙو قصو تو سان ڪرڻ سواءِ هوند رهي سگهي؟ تنهن ڏينهن ئي هن قسم کائي ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيو تہ ڏياريءَ کي گڏرئي جيترا مهنا ٿيا آهن، اوترائي مهنا جيويءَ سان ڳالهائي مون کي پيا آهن. سندس پوري منهن ڏئي ۽ ڪافي ڏينهن وهامي ويا.

ڪانجيءَ جي انهيءَ ڪٽ ۾ ذرا ٻہ وڏاءُ ڪونہ هو سعيو ڪري ملڻ جي ڳالهہ تہ پري رهي، پر 'متان ڪڏهن اوچتو نہ گڏجي وڃون!' انهيءَ ڊپ کان ۽ هلندي چلندي، هو سدائين ساوڌان رهندو هو. جيويءَ رتن سان جو ساهيڙي ڪئي هئي، تنهنجي ٻہ ڪيس حيراني هئي. انهيءَ ڪري ئي ان رتن جو اچڻ وڃڻ ۽ بند ڪرائي ڇڏيو هو.

هڪ ڏينهن حويليءَ ۾ ڦرندي، رتن لسي ڪٽي پئي آئي، تنهن کي ڏسي، جيويءَ ورجايس: "ڇو، رتن، هاڻي منهنجي گهر ڪانہ ايندي آهين؟ هان، هل نہ ....."

"نہ، ڪانہ ايندس، وڃ!" رتن منهن بيٺو ڪري چيو.

"آءٌ توکي ڳڙ ڏيندس، تون هل تہ سهين!" ڇئي، جيويءَ رتن جي ٻانهن پڪڙي.

رتن خوف وچان گهر طرف نهاريو. ڪيتن مان ايندڙ رستي پاسي ڀڻ نظر ڦيرايائين ۽ اَنت ۾ جيويءَ ڏانهن نماڻيون اکيون کڻي چيائين: "نہ، منهنجو ڪاکو مار ڪيندو!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کن ۾ ئي ڄڻ ڪامڻ نہ ٿي ويو هجيس، تيئن جيويءَ جو منهن صفا پيلو ٿي ويو. وشواس نہ ايندو هجيس، تهڙي نوع ۾ پڇيائينس: ”توکي ڪاڪي منع ڪئي آهي ڪين بابي؟“

”نہ، منهنجي ڪاڪي،“ چئي، رتن روئڻهارڪي ٿي جيويءَ ڏانهن ڏسڻ لڳي.

متان ڀل ٿيندي هجي! سو ٽيون دفعو ان ورجائي ساڳيو سوال پڇيس: ”تنهنجي ڪانا ڪاڪي؟“

”او، ها!“ چوندي، رتن ڪنڌ ڌوڻيو.

هڪدم ئي جيويءَ اُن جي ٻانهن ڇڏي ڏني چپن کي چڪ پائيندي، هوءَ گهر طرف هلندي ٿي.

هن مهل تائين تہ جيوي ڪانجيءَ جو اهو پاڻ کان پري رهڻ جو ورتاءُ لوڪ کي ڏيکارڻ خاطر ئي آهي، ائين سمجهندي هئي، پر اڄ جڏهن رتن کي ’نہ، منهنجو ڪاڪو مار ڪڍندو،‘ چوندو ٻڌائين، تڏهن ئي اُن جون اکيون کليون. هڪ وار تہ هوءَ مونجهاري ۾ پئجي ويئي: ’ائين جي ڪرڻو هوس تہ ڇو مون کي هتي آڻي هنيائين؟ ڪهڙو سندس سڳو ڀاءُ ونيءَ وگر ٿي رهجي ويو، جو وچن وٺي مون کي ٻڌي ڇڏيائين؟‘ ۽ جي هينئر ڪانجي کيس سامهون گڏجي وڃي ها تہ شايد دڳ ۾ ئي سندس لاک لاهي ها!

گهر ۾ گهڙندي ئي سس کي چوندو ٻڌائين: ”اَئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڙي، هو! لسي وٺڻ لاءِ ڪنهن ڪوهه ڪاف تي ويئي هئينءَ ڇا، هان ڙي؟"

سڄو ڏينهن جنڊ جي گڙ ٻڙات وانگر گڙ ٻڙ ڪندڙ سس کي، 'هوندو! اها ته کيس عادت پئجي ويئي آهي!' ائين ڪري ٽاري ڇڏيندڙ جيويءَ کي اڄ ته ڪاوڙ چڙهي آئي - لسيءَ جي چاڏي رڌڻي جي ٻاهران پيل گهڙن اڳيان رکي، چيائين: "ائين هو ته توهين ڇو ڪين ٿي ويا؟"

"سمجهيم سمجهيم! تون به ڪا کيپ کٽي آئي آهين - پر چاڏي ٺاهي جاءِ تي ته رک!" نانيءَ ٻڍيءَ چيس؛ ۽ جيويءَ کي "رک نه جتي رکڻي هجيئي!" چئي، چڪيءَ واري چبوتڙي تي وهندو ڏسي، ساڄيءَ ٻانهن تي مٿي کي ٽيڪ ڏيندي چيائين: "واهه سڀ ڪجهه آءٌ ئي ڪنديس ۽ تون ته منهنجي گهر کٽون ڀڃڻ آئي آهين؟"

"اَئي توبه وهاريو کٽن تي!" چئي، جيوي جهپاٽي بند اٿي کڙي ٿي. واڙي مان ٽوڪري کنيائين ۽ اُها چيلهه تي رکي، گهر مان ٻاهر نڪري ويئي.

پٺيان ٻڍي رڙيون ئي ڪندي رهي: "پر مونکي ڪا باهه ته ڀڙڪائڻي ڪانهي؟ هاڻي ڍڳا به ڄاڻ وٿاڻ ۾ وريا ڪي وريا، پر کاڌي جو ته اڃا نانءُ نشان به ڪونهي."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر جيويءَ تہ ”ڪر جيڪي ڪرڻو هجيئي.“ ائين ڀڻ ڀڻ ڪندي، کيتن جي راهہ وٺي هلي ويئي.

سس پڻ، ’هن ماريءَ کي اڄ ٿيو ڇا آهي؟‘ ائين پوسرندي، رڌڻ پچائڻ کي لڳي ويئي.

چيلهہ تي ٽوڪري رکي، کيتن ۾ ڦرندي، جيويءَ ڇيڻا پئي ميڙيا، سو برابر، پر اهو سڀڪي مشين وانگر ئي ٿي ٿيو. اڌ ٽوڪري ڀري ڪنهن جڳهہ تي ڍير ٺاهي، اڳتي ٿي وڌي. پر اهڙا ڪيترا ڍير ٺاهيا اٿم؛ ڪٿي ڪٿي، تنهنجو کيس ذري ماتر بہ ڀان ڪين هو. ڪجهہ دير جڏهن ڍڳيون ڪرڻ ويٺي، تڏهن ياد ڪري ڏٺائين تہ هڪ جي بجاءِ ٻہ ڍڳيون ٻڌجي وڃن، ايترا ڇيڻا ميڙيا اٿم. ويل پڻ گهڻي وهامي ويئي هئي، ۽ هوءَ آئي بہ سس سان تڪرار ڪري هئي، تڏهن بہ ڄڻ تہ ڪا چنتا ئي ڪانہ هيس، تيئن ويٺي اُن آهستي آهستي ڇٻو ڀريو. مٿي تي کڻائڻ واري جي راهہ ڏسڻ لاءِ هوءَ ترسي ويهي رهي. ٿوري ڪا ويرم ٿي هوندي جو ڀر واري جهرني مان پاڻي ڀرڻ لاءِ آيل هڪ مائيءَ کي ڏسندي ئي جيويءَ رڙ ڪري ان کي سڏ ڪيو.

مٿي تي ڇٻو کڻي گهر پاسي وري، تڏهن سوريہ پڻ ٻپهري لنگهائي اٿيو هجي، تيئن اُلهندي طرف سهجيئي لڙي ويو.

ڏوليو ڀانءِ تہ اُن جي راهہ وٺي ويٺو هجي، تيئن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڳنڌ ۾ حلو پيئندي ويٺو هو. جيويءَ کي ڏسڻ سان پهريون ئي سوال اُن هيءُ ڪيو. ”ڪير ڪير ڇيڻا ميڙڻ وييون هيون؟“

جيويءَ ڪوئي جواب ڪونہ ڏنو. آڳنڌ جي هڪ پاسي ڇپريءَ جي هيٺان ڇيڻا لاهي، ٽوڪري کڻي، گهر ۾ گهڙڻ تي هئي جو ڌوليي وري پڇيس: ”ڇو ڪن ۾ ڪا ڪپهہ ٻپهي وڌي اٿيئي ڇا؟“

جيوي اُتي ئي روڪجي بيٺي. ڌوليي ڏانهن منهن ورائيندي چيائين: ”ڇا آهي؟“ ۽ ڪرڙيءَ اک سان ڏانهنس ڏسڻ لڳي. شڪل جي آڪار ۾ ڊپ ڊاءَ جو ڪو نانءُ نشان بہ ڪونہ هوس، بلڪ هڪ قسم جي ڪٺورتا اوس ٿي ڏٺي. ڌوليو ٿڙڪندو ڦڙڪندو اُٿيو.

ڌوليو ڌاڪي ڄمائڻ جي هيءَ پهرين تڪ هٿان وڃائڻ ڏئي اهڙو ڪين هو- هيڪاري هو تہ اهڙي وجهہ جي واٽ تڪي رهيو هو. هڪدم هو کٽولي تان اُٿيو. ڦٽا ڦٽ ڪري جيويءَ کي چماٽ هڻي ڪڍيائين. مٿان هڪ لت پڻ ماريائينس. رڙورڙ تہ چالو ئي هئي: ”تنهنجي تہ ماءُ کي .... رن! تو اڃا مونکي سڃاتو ئي ڪونهي. اڄ هيتري ۾ ٿو ڇڏي ڏيانءِ، باقي وري ڪڏهن ڪنهن پاسي اڪيلي ٻاهر نڪتي آهين يا ٻڍيءَ جو چيو ڪونہ مڃيو اٿيئي تہ ڏسجانءِ ويٺي!....“

ڀانءِ تہ ڪجهہ ٿيو ئي ڪونہ هو، ائين يڪ ٽڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نهاريندي جيوي اڃا اُتي ئي بيٺي هئي. ڌوليي وري گرجنا ڪئي: ”تون منهنجي منهن تان ٽري وڃ نه ته هاڻي جو هاڻي ڏينهن جا تارا ڏيکاريندوسان!“ ۽ جيوي ڄڻ ته انهن ڏينهن جي تارن ڏسڻ لاءِ آتي هجي، تيئن اڃا به بيٺي رهي.

کٽولي تي ويٺي ڌوليو آخرين چتاءُ ڏيئي رهيو هوس ته ايتري ۾ گهر مان ناني ٻڍي ٻاهر نڪري آئي. جيويءَ کي گهر اندر گهليندي ڌوليي کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳي! ”هن تي هٿ ڪين هلائين ها، ته تنهن جي مرديءَ جو پتو ڪونه پوي ها ڇا؟“

پر جي سچ پڇو ته ڌوليي کي ماڻهن اڳيان پنهنجي مرديءَ جي پڌرائي ڪرڻ جو ئي خيال هئو. جيوي آئي، تڏهن کان وٺي ماڻهوان جي مسخري ڪندا هئا: ”سونهن جو ٽڪرو ته آندو اٿيئي، ڌوليا ڀائي؛ پر سنڀالڻ مشڪل ٿي پوندءِ. هان ڪيئن؟“

ڌوليو مڇن کي مروڙو ڏيندي، وراڻيندو هو: ”مشڪل مشڪل ڇا جو ٿا چئو؟ جي ٿورن ئي ڏينهن ۾ ئي وٽ ڪڍي سڌو نه ڪيانس ته منهنجو نالو ڌوليو نه چئجو. انهيءَ کي مجال ئي ڪانهي جو تر ماتر به آڏي اُبتي هلي.“

۽ جڏهن اڄوڪي واردات واري ڪهاڻيءَ جي پوڇ تاڇ ٿيڻ لڳي: ”ٻڌو اٿئون ته گهر ۾ ڪا مار پٽ هلي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي، ڏوليا؟" تڏهن ان کي قدري شرم به اچي ٿي ويو. ڪنڌ ڏوڻيندي گنڀيرتا سان ڏوليي جواب ٿي ڏنو: "اڃا ته ڪجهه ٿيو ڪٿي آهي؟ هاڻي ٿيندو!" ڪارڻ ته ڏوليي کي سنتوش ٿيڻ جي بدلي - جيويءَ نه ته دروازي جي وچ ۾ ويهي روڄ راڙو مچايو ۽ نه ڪو ڪاوڙ جي ٻاهر نڪري ويئي - انهيءَ ڪري اُلٽو سندس اَسنتوش وڌيو هو. ڳوٺ جي ماڻهن کي اوڙي پاڙي مان ٻڌي ٻڌائي اها خبر پئي، تنهن مان ڇا وريو؟ ها، جڏهن جيويءَ جا ورلاپ سڻي اهي معلوم ڪن ته ڏوليي ماريو اٿس، تڏهن ئي سندس مار موچڙو حساب ۾ ڳڻجي! ۽ اهڙن خيالن ڪندي، من ۾ ئي چيائين: "چڱو چڱو وري هٿن ۾ اچ ته ڏسجانءِ ته تنهنجو ڪهڙو ٿو حال ڪريان!...."

۽ وري ڪڏهن ٻيهر اهڙو موقعو ملندو ۽ ڪهڙيءَ طرح ان جي چمڙي اتاربي، انهن ويچارن ۾ هو ته تنهن ڏينهن واري جيويءَ جي سانتيڪي صورت ياد ڪري رنج ٿيو: 'وڃ ڙي وڃ! مون ئي خطا کاڌي، تنهنجي، هاڻي ڳالهه ڪهڙي! نه ته انهيءَ مهل ئي ماري کيس سڌو ڪرڻ گهربو هو! ٺهيو، هاڻي وري وجهه ملي ته ڏسجانءِ تماشو!'

۽ چوٿين ڏينهن شام جو ئي ڏوليي کي اهو وجهه ملي ويو. کوهه واري کيت ۾ ويٺو هو ته اتي سندس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڙيسريءَ ريشمي ڪٿان افواهه آندو ته جيوي ڪالهه سانجهيءَ جو گانءِ ڳولهيندي ڳولهيندي ڪانجيءَ جي جهوپڙيءَ ۾ ويئي هئي. مٿان وري ريشمي ائين به چيو: ”جنهن شخص ڏٺس تنهن ائين ٿي چيو ته هوءَ مڪائيءَ جي پوري پائلي پيسجڻ تائين جهوپڙيءَ مان ٻاهر نڪتي ڪانه هئي ....“

اهو ٻڌي ڌوليو تپي ٻاهه ٿي ويو. هڪڙي پاسي ڪانجيءَ جو کيس ڊپ ٿي لڳو، ٻئي پاسي سندس مالڪي ٿي لڄائي. ”جيڪي ٿيڻو هجي سو ٿيڻ ڏئيس، ڀلا!“ ائين ڀڻ ڀڻ ڪندو گهر ۾ گهڙيو. جيويءَ کي ڳولهڻ لڳو پر گهر ۾ ڪٿي به هوءَ ڏسڻ ۾ ڪانه آئي. ٻڍيءَ کان جاچ ڪرڻ تي پتو پيس ته پاڻي ڀرڻ ويئي آهي.

”اچڻ ڏينس؛ اڄ سندس خير ڪونهي!“ ائين چوندي ايوان ۾ آيو.

”پر آهي ڇا؟ وري توکي ڪهڙي ڀوت ورايو آهي!“ پٺيان ايندي ٻڍيءَ پڇيس.

”ڀوت ورايو آهي تنهنجي ننهن کي! تنهن ڏينهن هيتري مار وڌيمانس تڏهن به ....“

ٻڍيءَ وچ ۾ ئي چيو: ”هٿ وٺي ٿو پاڻ کي لوڪ ۾ بدنام ڪرائين. ذرا آهستي ته ڳالهاءِ!“ ۽ کٽولي تي ويٺل ڌوليي جي پيرانڌيءَ وٽ وهندي، پڇيائينس: ”اڄ وري ڇا ٿيو آهي؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڌوليي ڌيري ڌيري پر ڪاوڙ ۾، ٻڌل ڳالهه ڪندي، چيس: ”هيءَ ماري ڪا مون سان ٿوروئي پرڻي آهي؟ اها ته هن ڊوهيءَ سان ....“

ٻڍيءَ وري وچ ۾ تنڪو هنيس: ”ماڻهن جا وات اٿيئي کوهه جهڙا؛ انهن جي اُفواهن تي ڪين پنهنجو مٿو ڪوڙاءِ. اهي ته اهڙا اٿيئي جو تيليءَ مان ٿنڀ ڪندي ويرم ئي ڪانه ڪن؛ ۽ انهيءَ ۾ سندن بابي جو وڃي به ڇا ٿو؟ مار پٽ ڪندينس ته ڀڄي ويندءِ. پوءِ ته ويتر ماڻهن جي ٻيگهي مچندي. پوءِ زال بنا جهانجهه وڄائيندو ڪير رهجي ويندو، ته تون ئي. تنهن ۾ انهن جي ڪهڙي کوٽ کٽندي؟ ٻڌ، تون هاڻي کيت ۾ وڃ. ڍورن جي موٽڻ جو وقت اچي ٿيو آهي. ڪنهن جو ڍور جي پيهي آيو ته پنجن مڻن جي صفائي ڪري ويندءِ. اُٿي کڙو ٿيءُ!“ چئي، ٻڍيءَ سس پس ڪندڙ ڌوليي کي اُٿاري، کيت ڏانهن روانو ڪيو. پنيان وري آگاهه ڪيائينس: ”لوڪ جي ٻوڪ تي لڳندين ته اَگر تگر ناس ڪندين. اڄ ڪالهه سمو ته اهڙو آهي جو اکين ڏٺيءَ ڳالهه تي به وس ويندي اعتبار ئي ڪين ڪجي.“

ٻڍيءَ ڌوليي جو ڀاڻو پڻ ڪنهن ننڍي نينگر هٿان کوهه تي پهتو ڪيو.

ٻئي ڏينهن ته ڌوليي جو غصو به، ”چڱو ٺهيو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءَ ڀيرو ته ڇڏيانءِ ٿو، پر هاڻي وري تون اهڙو ڪي ڪري ڏسجانءِ! انهيءَ ڪانيي ڏانهن اک کڻي ڏسڻ جي عمر ڀر تائين نه توبهه ڀرائي ڇڏيانءِ ته ويٺي ياد ڪجانءِ. ڌوليي ڇا چيو هو؟...“ اهي اکر چئي ٿڌو ٿي ويو، ۽ پوءِ بڍيءَ کي پڻ چتاءُ ڏيئي ڇڏيائين: ”هيءَ ڀيرو ته آءٌ غم کائي ٿو وڃان، پر هاڻي ڪڏهن ڪا الٽي سلٽي سڌ پيئي ته جيئرو ڪونه ڇڏيندو سانس. هان!...“

هوڏانهن ڳوٺ ۾ پڻ انهيءَ بابت قسمين قسمين جا قصا هلي رهيا هئا، پر انهن مان سچو قصو ڪهڙو هو، تنهنجي ته رڳو جيويءَ ۽ ڪانجيءَ ٻن ڄڻن کي ئي ڄاڻ هئي. جيوي ته ويئي هئي گانءِ ڳولڻ لاءِ ئي، پر سامهون ڪانجيءَ جي جهوپڙي ڏٺائين ته اوڏانهن وڃڻ بنا رهي ڪانه سگهي.

ڪانجي جهوپڙيءَ ۾ ويٺي ويٺي تنبوري جون ٽٽل تارون بدلائي رهيو هو. جيويءَ کي ڏسندي ئي وائڙو ٿي ويو. آس پاس نظر ڦيرايائين. هڪ پاسي سنڌيا جا گلابي رنگ ڪارا ٿيندا ٿي ويا، ٻئي پاسي ڳوٺ کي گهيري ويل دونهون پڻ رات جي ايندڙ اوندهه ۾ جذب ٿي ويو. ڪانجيءَ کان نڪري ويو، ”ڇو؟ تون ڪٿان ههڙيءَ ويل؟“

”گانءِ ڳولهڻ نڪتي آهيان،“ جهوپڙيءَ جي ٿنڀي کي جهليندي، جيويءَ چيو. تنبورو ڏسي کلندي کلندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيائين: ”ٻائي ٿيڻ جي ٿا تياري ڪريو ڇا؟“

”تون مهرباني ڪري .... يا ته اندر آءُ، يا ڀلا هلندي ٿيءُ. ناحق ....“

ڪانجيءَ جو لهي ويل منهن ڏسي، جيوي پاڻ وڌيڪ کلڻ لڳي ۽ کيس چيڙائڻ جي ارادي سان جهوپڙيءَ ۾ گهڙندي چيائين: ”انهيءَ ۾ ايترو گهبرايو ڇو ٿا؟ چڱو، آيس نه اندر.“

”پر .... پر تون هن وقت هتي آئينءَ ڇو؟ تنهنجي گانءِ ڪا هن جهوپڙيءَ ۾ ته ....“

جيويءَ کي ذرا دک ته ٿيو، پر اُن پنهنجو ونودي سڀاءُ نه ڇڏيو. چيائينس: ”آئينو هجيوَ ته پنهن جو منهن ته ڏسو ذرا!“ ۽ ڄڻ پنهنجو پاڻ سان ڪجهه ڳالهائيندي هجي، تيئن ڪانجيءَ تي ديا کائيندي، چيائين: ”ڪٿي هوءَ اَلڙ وڇڙي جهڙي شڪل ۽ ڪٿي هيءَ غريب گانءِ جهڙي شڪل!“ ڪانجيءَ ڏانهن نهاريندي ذرا غصي مان وري ٻولي: ”هيئن هڪو ٻڪو ٿي وڃڻ ۾ لڄ نه ٿي اچيو؟ آهي ڇا جو اوهين ايترو ٿا ڊڄو؟ ڇا ڪائي زال زائفان ڪنهنجي کيت ۾ ويندئي ڪانه هوندي؟“

”نه نه، آءٌ ڪو پنهنجو ڪونه ٿو خيال ڪريان،“ چوندي، ڪانجي ڀانءِ ته هوش ۾ اچي ويو هجي- پنهنجي پهرينءَ هلت لاءِ پڇتائي رهيو هجي، تيئن کليو. چيائين: ”آءٌ ته تنهنجي لاءِ ....! هن باندر کي کڙڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڌجي ويئي ته وري مارڪٽ ڪندءِ. انهيءَ لاءِ مون کي ڪا ٻي ....”

”پر انهيءَ ۾ توهين ڇوتا گهبرايو؟ آءٌ توهان اڳيان ڪا فرياد ڪٽي اچان، تڏهن ڪٽي ڇڏجو. هيءُ ته مونکي ڪائي توهان کان هڪ ڳالهه پڇڻي هئي. سوچيم هيستائين آئي آهيان ته وٽ جهوڙيءَ ....”

”ڪهڙي ڳالهه هئي؟“ چئي، پنيان ٻانهن جي ٽيڪ ڏيندي، ڪانجي جيويءَ ڏانهن ڏسي مرڪڻ لڳو.

ڪيترن ڏينهن کان پوءِ جيويءَ کي انهيءَ مرڪ ڏسڻ جو موقعو مليو هو؟ هوءِ ڪانجيءَ ڏانهن نماڻا نيڻ ڪٽي نهاريندي رهي. ڪانجيءَ پنهنجون اکيون ٻئي پاسي ڪري ڇڏيون. وچ ۾ پيل تنبورو ڪٽي، ٽانگيڪو رکندي، وري پڇيائيس: ”ڪهڙي ڳالهه پڇڻي هوءِ، سا ته تو چئي ڪانه؟“

”پٽ ۽ نڪر! ڪهڙي ڳالهه پڇڻي هوندي؟ آءٌ ته اٿين ئي ....“

”ڪهڙي نڦت آهي؟“ چئي، ڪانجيءَ جهوڙيءَ جي ٽيپي کي جهلي، جهولي ڏيڻ لاءِ تيار جيويءَ کي چيو: ”ڏسجانءِ متان پڇي نه ڇڏين!“

”ڏسو“ چئي، جيويءَ وڏيڪ زور ڏنو. ڪانجيءَ چيس: ”اڙي چوي ٿي آهين ڪري؟.... هاڻي جي اٿيس ته وري! .... نخرا نه ڪر، هان .... سچ ٿو چوانءِ!“ نه ته ڇا ڪندا؟ چوندي، جيويءَ جي صورت، انهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نماڻين اکين ۾ نمُودار نشو، ماٺي ماٺي چپن جي مرڪ ڳلن ۾ پوندڙ ننڍيون ننڍيون ڳلڪڙيون، ۽ انهن سڀني سواءِ سندس ساري سرير جو مروٽو سروٽو وغيره جاچي، ڪانجيءَ کي نئين سر چوڻو پيو: ”تون ٽرين ٿي هتان ڪين نه؟ ڳالهه ڪرڻي هجيئي ته وري ٻئي ڪنهن ڏينهن کڻي اچجانءِ. هاڻي ته وڃ تون.“

”پر مونکي ته وڃڻو ئي ڪونهي اوڏانهن! گهڻو ڪي چوندا ته اِجهو ويٺس“ چوندي، جيوي ته دابو ڪري ويهي بس رهي. ٻوليائين: ”ڪانه ٿي وڃان، بس! توهان کي جيڪي وڻي، سو ڀلي ڪريو.“

”مون کي ته ڪجهه ڪرڻو ئي ڪونهي! مان توکي رڳو ايترو ٿو چوان ته تون وڃ!“ چئي، ڪانجي ڪنهن سخت مونجهاري ۾ پئجي ويو هجي، تيئن زور سان ساه پئي کنيائين ۽ چپ ڀڪوڙيائين. وري چيائين: ”اُٿ هان، جيوي، سچ ٿو چوانءِ! مونکان هينئر .....“ پر تنهنکان پهريائين ته هو اُتي پڻ بيٺو هو. پاڳل ماڻهوءَ وانگر هو جيويءَ ڏانهن وريو. ”تڏهن ڏس ....“ چئي، هٿ ڊگهيريائين ته سهين، پر ٻيءَ ئي گهڙيءَ ۾ اُن جي سرير کي آهستي ڌڪو ڏيندي، کيس ڄڻ کسيڙي نه کڻي ويندو هجي، تيئن جهوپڙيءَ مان ٻاهر نڪري هليو ويو.

ٿورو اڳيرو وڃي ترسي بيٺل ڪانجيءَ، مٺين اکين سان گهور ڪري نهاريندڙ جيويءَ کي چيو: ”تڏهڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ئي ته چيو هو مانءِ نه؟ اڃا به سچ ٿو چوانءِ، ٻاهر نڪر." ۽ انهيءَ هوندي به جيوي، "ڪانه ٿي نڪران، بس!" چئي، مٽو مٽي تي چاڙهي، آڏو ٽيڏو ڏسڻ لڳي. تڏهن ڪانجيءَ کي ئي پاسو وٺي، اڳتي هلڻو پيو. ويندي ويندي، چيائينس: "چڱو ته ويٺي هج اڪيلي."

خود جهوپڙيءَ ۾ به نه سمائي سگهي، اهڙو ڀاري ساهه کڻندي، جيوي ٻاهر نڪتي. ڪنڌ هيٺ ڪري ئي ڳوٺ جي رستي چڙهي. ڪانجيءَ کيس ٻه دفعا سڏ ڪيو، پر هوءَ ڪانه ترسي، پوءِ ٽيون دفعو سڏ ڪيائينس ته جهٽ بيهي رهي.

ڪانجيءَ جو منهن ملول ٿي پيو هو. زور سان ساهه کڻندي، اکيون زمين ۾ ئي هڻي، چيائين: "ڏس، جيوي، مون کي توسان ڪڏهن کان ئي هڪڙيءَ ڳالهه ڪرڻ جو خيال هو. آءٌ توکي هتي وٺي آيس، سا وڏي ڀل ڪئي اٿم.... پر هاڻي سا سڌري ڪانه سگهندي. باقي ايترو ٺيڪ ٿيندو، جو اڄ کان اسين هڪٻئي کي ڄڻ سڃاڻندا به ڪونه آهيون، ائين ڪري هلون. انهيءَ ۾ ئي تنهنجو ۽ منهنجو، ٻنهي جو ڀلو آهي!" چئي، چپ ٿي ويو.

جيويءَ جي اڀي ساهه کڻڻ جو آواز ٻڌي وري چيائين: "توسان ڇا ڇا نه ٿيندو هوندو، سو سڀڪي آءٌ سمجهان ٿو، پر .... آءٌ پنهنجي اندر جو راز ڪنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان وڃي اوريان؟ پر هاڻي ته ...“ وري ڳالهه ڦيرائي ويو: ”اڄ تون هتي آئينءَ سو آئينءَ، هاڻي وري هن پاسي ....“

”نه ايندس،“ چئي ڪانجيءَ ڏانهن هڪ اُلن ڀري نظر وڌائين نه وجهڻ جهڙي، ۽ پٺي ورائي هلي ويئي.

ڪڇن ۾ ٻانهون ٻڌي، جيويءَ جي پٺيان مدهوش ٿي ڏسندي ڏسندي، ڪانجي ڪيتريءَ دير تائين اُتي ئي ڄمي ويو. هوش اچڻ تي کيت جي چئن ئي ڪنڊن پاسي نظر ڦيرائي ڳوٺ طرف ويو. دماغ ۾ سوين هزارين ويچار ٿي جاڳيس. ڀانت ڀانت جا سوال ۽ جواب ٿي رهيا هئا. انهن ۾ مکيه ته اهوئي هو: ’آءٌ هن کي هتي وٺي به ڇو آيس؟‘ ۽ پڇتائيندڙ نموني پنهنجو پاڻ کي چوڻ لڳو: ’اکين اڳيان آڻي ته الٽو دک ئي وڌايو اٿم!‘ وري ائين به ٿيس: ’ڌوليو جک ماري! ميان بيبي راضي، تو ڪيا ڪريگا قاضي؟ ڀلي ته ماڻهو ويٺا وٿاڦن؛ ۽ هونءَ به ڇا بڪي ڇا نه ٿا بڪن؟‘

پر انهيءَ هوندي به سندس دل ۾ ته اهوئي ٿي ڦرڻو ڦريو: ’نه نه، تنهن ڏينهن ڀڳت ٿي چيو، ڪانجي جيويءَ کي آندو ته اٿيئي، پر آندل جون آسون رکجانءِ ....‘

ڳوٺ ۾ گهڙندي ئي ڪانجيءَ پنهنجي سرڳواسي ماءُ پيءُ جو سوڳنڌ کائيندي، دل ۾ پڪ پڪاڻي ڪري ڇڏي: ’ڀلي نه ڌرتي اونڌي ٿي پوي، پر آءٌ قيام نه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجو من خراب ڪندس. اڄ کان وٺي ڏانهنس اک کڻي به ڪين نهاريندس.'

پر ڪانجيءَ جي انهيءَ ويچار ۽ ولوڙي جي ڪا عام کي ٿوروئي ڄاڻ هئي! ان ته اهڙيون اهڙيون ڳالهيون ڪيون، جي بنهه اڻ ٿيڻيون سمجهجن. ڀڳت جي ڪنن تي اهي آيون ته انهيءَ به ڳالهه ۾ چئي ڏنس: "سرير کي ڪو گهاءُ لڳي، سو سمجهڻ سولو، ڀائي- اڳي پوءِ نئين چمڙي اچي ويندي. پر دل کي ڪو داغ لڳي ته اهو ٻئي جنم ۾ به ڪين مٽجي سگهي...."

"سچي ڳالهه ڪئي اٿوَ، ڀڳت!" چئي، ڪانجي سن ۾ پئجي ويو. ڀڳت منهنجي لاءِ ئي اهو مثال پيش ڪيو آهي، تنهن پروڙڻ ۾ کيس ويرم ڪانه لڳي. تنهن ڏينهن کان ئي وري ان ڳنڍ تي ڳنڍ ٻڌي: 'اڄ کان وٺي جيويءَ کي منهنجي آخرين رام رام!' ۽ من جو من ۾ ڀڳت کي چئي رهيو هو: 'اڄ کان وٺي جي انهيءَ جو نالو به ڳنهان ته هن ڪانجيءَ کي ڦٽ لعنت وجهجو، ڀڳت!"....

۽ انهيءَ ڏينهن کان وٺي ڪانجيءَ جيويءَ تان ڄڻ من ئي کڻي ڇڏيو. اتفاق سان ڪڏهن جيڏن سرتن جي سنگ ۾ ويٺو هوندو ۽ جيوي اچي اتي نڪرندي، ته گهڻو ڪري هو اتان اٿي هليو ويندو هو، ۽ اگر ويٺو به رهندو ته ساڻس ڳالهائڻ ٻولهائڻ ته پري رهيو، اک کڻي به ڪونه نهاريندو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻين جي بات چيت مان 'ڀلي ڀلائي ٻه منهنجي لاءِ ڪي ڪڇندو پڇندو آهي؟' تنهن ڄاڻڻ جي مدامي آتر ويلا ڪري ڪري، جيوي بلڪل ئي نراس ٿي پوندي هئي.

۽ ڪانجيءَ جي ههڙي روش ڪري جيويءَ جو دک تمام گهڻي قدر وڌي ويو. من جو من ۾ چوندي پڻ هئي: 'اهڙو ماڻهو ته ڪٿي ڪونه ڏٺوسون! ڳوٺ ۾ ڪير ڪيتري پاڻيءَ ۾ آهي سو، ڪنهن کان ڳجهو به هوندو آهي ڇا؟ پر ڪوئي ايترو دور به ڪونه ڀڄندو آهي ۽ پيئي سوچيندي هئي ته ڪڏهن ٿو ڪانجي ملي، ۽ ڪڏهن ٿي چوانس: 'هيئن سامهون ڏسنديئي دهلجي ٿا وڃو ته آڌيءَ رات وٺي اچڻ لاءِ - ڪهڙي ڪامراڻي ڪرڻ آيا هئا؟'

پر ڪانجي ڪڏهن روبرو مليس ته چويس نه؟ جيويءَ کي اڃا ڪٿي ڏسندو مس ته يا پٺ ڦيرائي واپس ورندو يا ٻي ڪا واٽ وٺي هليو ويندو. جيوي من ۾ سوچيندي هئي: 'پاڇو پئجي ويو هوندس!' ۽ هڪڙي ڏينهن ڪا اهڙي ڳالهه نڪتي ته چئن چڱن جي وچ ۾ چئي به ڏنائين: "وڏيون وڏيون ڳالهيون ڪري ڄاڻو. بس ايترو ئي نه! هيرا ڀائي! شڪل ته بيشڪ شير جهڙي پر دل ته ڪنهن گدڙ جهڙي ٿي لڳي!" جيويءَ ڳالهايو ته ڀانءِ ته هيري سان ٿي، پر اک هيس ڪانجيءَ ڏانهن ئي. مگر ڪانجيءَ ته ڄڻ ٻڌو ئي ڪونه هو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ائين ماٺ ڪري ويٺو رهيو. نہ کليو، نہ جيويءَ پاسي ڏٺائين. جيويءَ کي ڏاڍي چڙ چڙهي، پر ڇا ڪري؟ ڌوليي جي مار ۽ سس جا ڪڙڪا، سي سهي سگهندي هئي، پر ڪانجيءَ جي ڏک سندس هردي کي جنسي ڪوري ڪچوُري ٿي ڇڏيو.

ڪانجيءَ کي دور دور کان ڏسندي تہ سندس دل ڀانءِ تہ اُڀرڪڻ لڳندي: 'ٻيو تہ ڪجهہ نہ ئي سهين.... ڪين ڳالهائي تہ اهو بہ هلي، پر اکہ کڻي ڪنهن وار سامهون تہ نهار! مون اهڙو تنهنجو ڪهڙو گناهہ ڪيو آهي....!' ۽ اڄ ڪالهہ تہ سندس نيڻ بہ ڀرجي ٽمٽار ٿي ٿي پيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرڪرڻ نائون

ونجوڳ جي ويدنا

ڪڻڪ جي سنگن تي گلابي ڪرڻن جي ورکا ڪندي، سياري جو سوريہ مٿي مٿي چڙهي رهيو هو. رات جي اونداهيءَ ۾ ٻوٽين جي چوٽين تي اچي سوار ٿيل ماڪ جون بوندون آهستي آهستي الوپ ٿينديون ٿي ويئون. مٿي تي مٽڪو ۽ چيلهہ تي گهاگهر رکي، ساڙهيءَ جو پلؤ هٿ ۾ اٽڪائيندي، پاڻيهارين جي لانڍ بہ کوهہ پاسي چالو ٿي چڪي هئي. ايڪڙ ٻيڪڙ کيتن جي نار جا 'چِڪ رُڪ چِڪ رُڪ' آواز پڻ اچڻ شروع ٿي ويا هئا.

ڪانجي ۽ هيرو اڃا جهوپڙيءَ ۾ ئي هئا. وچ تي چلهہ ۾ هڪ وڏو بنڊ ٻري رهيو هو. ٻنهي پاسي گاهہ جي سيجا تي پٿاريل گودڙيون بہ اڃا جيئن جو تيئن ئي پييون هيون.

گودڙين ۾ پاڻ کي ويڙهي ويٺل هيءَ ٻئي ڄڻا حقي جي ڏي وٺ ڪري رهيا هئا. اوچتو نزديڪ واري کوهہ جي نار جو آواز ڪنن تي پين.

"هل، مونکي نار ٻڌي ڏي." "اڙي اُٿ، هيرا،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي گهر وڃڻو هجيئي ته وڃ. ايتري ۾ آءٌ هيءُ کيپ پورو ڪري وٺندس.“ چوندو، ڪانجي اُٿي کڙو ٿيو ۽ چيائين، ”آءٌ هن پار واري ناڪي .....“

”اڙي، تون پهريائين نار ٻڌي ته ڏي نه! هيءَ اڌوري خلاص ڪري ئي آءُ گهر ويندس. پوءِ تون پنهنجي سر اڪيلو ويٺو مٿاڪٽ ڪجانءِ.“ چوندي، هيرو به اُٿي بيٺو.

”ائين ئي ٺيڪ ٿيندو.“ چئي، ڪانجي جهوپڙيءَ مان ٻاهر نڪتو.

اوٻاسي کائي، ڪر موڙي، آرس ڀڃندي، هيري چيو: ”اوهو هو! ڏينهن ته خاصو چڙهي ويو ٿو ڏسجي، ڪيئن!“

”نه تڏهن! تنهنجي واٽ ڏسي ويهي رهندو؟“ چئي، کلندي کلندي ڪانجي ساڄي پاسي وريو. کيت جي ٻنڀي وٽ ٻه ڍڳا، ٽنگن ۾ ٻڌل رسين سان چري رهيا هئا، تن کي آڻي، کوهه جي نار ۾ جوٽيائين. ڍڳا قد ۾ کڻي ننڍا هئا، پر قوت ۾ بيشڪ بن ۾ ڦرندڙ سانن جهڙا سبر هئا. انهيءَ ڪري ئي ڪانجيءَ جي انهن ڍڳن جي لاءِ ڳوٺ ڀر ۾ هڪڙي قسم جي چوڻي ٿي پيئي هئي: ”ڍڳن جي ڍار ڏسڻي هجي ته ڪاني خوشحال جي جوڙيءَ سواءِ ٻيو سڀ ڪوُڙ!“

ڪانجيءَ کوهه جو نار تيار ڪري ڍڳن جي پڇن تي ٻئي هٿ ڌريا. زمين جي لڳولڳ ڪنڌ نوائي هلندڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڍڳن ڀانءِ ته خالي نار نه ڇڪيندا هجن، اهڙيءَ سرسراٽ سان نار کينچي ڪڍيو. ٻيو ڀيرو پور ڪڍيائون، پر ٽئين پور تي ته ان ڍڳن کي روڪي بيهاريو. اَلاڻيءَ وٽان پني جو پڙيڪو ڪڍي ان مان سرائيءَ جي محور ۾ ٿورو ڪي ڪوئلن جو ڀڪو ڀريائين. ۽ پوءِ ته انهيءَ چڪري مان نڪرندر مڌر آواز سان گڏوگڏ ڪانجيءَ ڏوهيڙا به ڳائڻ شروع ڪيا.

نار جي سر سان ڳائيندڙ ڏوهيڙن جي طرز ئي ڪا اهڙي ٿي ٿئي، جو انهيءَ طرز جو ماهر نثر کي ماڳهين نظم بڻائي به ڳائي سگهندو. اهڙيءَ ريت گهڻائي جوان جذبو جاڳين ته ڏوهيڙا ڳائڻ لڳندا آهن. پر جڏهن ڪانجي ڳائيندو هو، تڏهن ڪيترن کي ته ويساهه ئي ڪونه ايندو هو، ته هو خود پنهنجا ٺهيل شعر وينو ڳائي. گهڻا ته سکڻ لاءِ آزي نيزاري به ڪندا هئس. ڪانجي چوين:

'اهي ته ڀائي، انهيءَ وقت موج آئي سو کڻي ڳايم، باقي ائين مون کي ياد ٿوروئي آهن، جو توهان کي سيکاريان! تنهن هوندي به ماڻهن کي پڪ ئي ڪانه پوي، پر جڏهن روز بروز نت نوان ٻڌندا رهيا، تڏهن ته مڃڻو ئي پين - ڪن ڪن شڪلين ته ڪانجيءَ کان گجرا مارؤ، سديونت سانولنگا، راجاريساڙو، (گجراتي لوڪ گيتن) ۽ ڀڄن وغيره، جا پستڪ وٺي وڃي ڀڳت کان پڙهائي ڏٺا، پر اندر انهن ۾ اهڙا ڏوهيڙا هجن ته جڙن! ۽ جي کڻي ڪي هئا به سهين ته انهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ته ساريءَ دنيا کي اڳواٽ ئي ڄاڻ هئي. پر ڪانجيءَ جي انهن ڏوهيڙن جو سچو سواد ته جڏهن هو پورو پورو رنگ ۾ هوندو هو، تڏهن ئي ايندو هو.

هيري جو کيت واهيءَ جي گهاٽ کان گهڻي پنڌ تي هو؛ پر اتان بيٺي بيٺي ڳوٺ مان وهندڙ واهيءَ جي سڄي واٽ ۽ کوهه، سڀڪي ڏسڻ ۾ ئي آيا. پاڻيءَ جا هنڊا ڀري مٿي تي کڻي ايندڙ ڪنهن يوتيءَ کي ويجهو ڏسڻ کان پريان ڏسڻ ۾ ئي وڌيڪ مزو ايندو آهي. ڪڏهن سامهون ايندڙ يوتيءَ سان ڳالهين ڪرڻ لاءِ گهڙي ڀر روڪجي بيهندي، ۽ ڪنهن وقت وري ڪلهي تي رسيءَ جي چابڪ سان ڇلانگ ماري اڳليءَ جو آوان جهٽيندي اڪيلي هوندي ته هيڏانهن هوڏانهن گردن موڙي، گجرين جي ڇم ڇم ڪرائيندي، آسپاس اک ڦيرائيندي پر اهو سڀ ته جاچيندڙ شخص دور هجي، تڏهن ئي ڏسڻ پسڻ جو وجهه ملي!

واهيءَ جي هيءَ هري ڀري واٽ ڏسي گهڻن ڏينهن کان پوءِ ڪانجي اڄ وري ٻيهر رنگ ۾ آيو هو.

”دوست دلاور هو! سياري جي سيءَ ۾،
دليون ڏڪن ٿيون خوب ٿڙ ٿڙ ڪري،
پر اوڙي! جوڀن جي جوانيءَ ۾
دليون ڪين سڻن ڪنهنجو وڙ وڙ ڪري.“

هڪڙي پاسي ڇيڙي تي پاڻي ريڙهيندي، هيري وٺايس: ”اهو سيءُ ۽ جواني ڪي نرالا آهن، ڀائي!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”هلو ڙي منهنجا بهادرو .....!“ چئي، ڪانجيءَ نار جي ’چڪ رڪ، چڪ رڪ‘ آواز ۾ وري پنهنجو وڏو سر ملايو:

”دوست دلاور ڀائي! هيڏڙيءَ تر حياتيءَ ۾،
هيءَ ڪهڙي آ ڳالهه؟
ڀائي ڙي ڀائي! ورهه وڇوڙي وياٽيءَ ۾
گهڙي لڳي هڪ سال!“

هيري تنهن تي چيو: ”ائين جي نه هجي ته پوءِ وڇوڙو ڇا چئبو!“

صبح کان وٺي للڪاري چڙهيل ڪانجيءَ جي انهيءَ آخرين ڏوهيڙي ته پاڻي ڀرڻ لاءِ آيل جيويءَ جي دل ۾ وڳوڙ مچائي ڇڏيو.

پاڻيهارين مان هڪڙيءَ ته ائين به چئي ڏنو:
”ڪانو ڀائي ڪيئن ايترو سارو کلي پيو آهي؟“
”توکي ڏسي وري!“ ٻيءَ مذاق ڪئي.
”نه ڙي ڀائي! پاڻ ۾ ڪهڙي ٿي سونهن ڳڙي جو ڪوئي موهت ٿي پوي؛ سو به وري اهڙو جو ڏوهيڙا ڳائي؟“ جيويءَ ڏانهن ٽوڪ ڀريل اکين سان نهاريندي پهرينءَ ورجايو.

پر جيويءَ جو جيءُ اڄ جاءِ ڪونه هو. ڪوئي کيس ڄڻ تاڻي رهيو هو. گلو ڦاڙي ڪوئي کيس پڪاري رهيو هو. چيائينس ٿي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”دوست ڙي، منهنجي اکڙيءَ چوٽي ڏٺي جو اُنجي،
سو پيئي سندس پنيان پنيان ڦري ئي ني!“
دلاور او، وڏي ويٺي وارن جي ٻڌي سو ان جي،
هڪ ئي ڏينهن ان ڇڏيو مون موهت ڪري ئي ني!“
جيويءَ خالي هنڊو هڪ پاسي رکندي، هيري
جي ڀيڻ ناٿيءَ کي چيو: ”آءٌ ذرا چِيل جي ڀاڄي پٽي
اچان.“
”ڪٿان پٽي ايندينءَ؟“
”هنن ئي کيتن مان وري!“
۽ نائيءَ کي ڀانءِ ته ڀڳوان ٻولارايو هجي، تيئن
چيائين: ”تنهن کان ته منهنجي ئي کيت ۾ وڃ نه
گهڙيءَ ۾ ئي پٽي هلي ايندينءَ.“
”هتي ڏسان ته سهين؛ نه هوندي ته وري اتي
کڻي ويندس؛“ چوندي، جيوي ڀر واري کيت ۾ يعني
”آءٌ تڏهن هيءُ هنڊو خالي ڪري اچان تيستائين؟“
”ڀلي، پر اچجانءِ جهٽ موٽي.“ چئي، جيوي
کيت ۾ گهڙي.
۽ پوءِ ته جيوي هيٺ نئڙي چيل ٽوڙيندي، پلاند
۾ وجهندي، نڪ سامهون سڌو ئي سڌو اڳتي وڌندي
ويئي. ’ڪوئي ڏسندو ته ڪين هوندو؟ ڇا چوندو؟‘
اهڙو جو کٽڪو هوس، سو به هاڻي ڪافور ٿي ويس.
پاءُ پلڪ ۾ ئي انهن ڏوهيڙن جي ساد سان سندس سرير
جو انگ انگ، دل جي دڪ دڪ ۽ سڄي سموري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آتما سمائجي ويئي. پهرئين ڏوهيڙي جي سلسلي ۾ سندس دل ڄڻ ائين ٻولي رهي هئي - پاڻي پاڻي ٿي رهي هئي:

'وڏيءَ ويڻيءَ واريءَ جي کيس گهرج هئي!' ۽ ٻيو ڏوهيڙو ڪن سرلا ڪري ٻڌائين:

"دلاور! واٽ ويندي مليون ساڳيون ئي چوٽيون،
پر اهي ته مونکي ڏاڍيءَ مصيبت ۾ وجهي موٽيون.
دوست ڙي! اهي ويڻيون وڏيون ته هيڪاري
وييون دل منهنجيءَ کي وڪوڙي ڏيئي وڪڙ ڀاري."

جيويءَ کي کن ڀر شنڪا ٿي: 'ڪير ڄاڻي اها ڪنهنجي ڪهاڻي هوندي!' پر اندر جي به اندر ئين تهه ۾ کيس اهي ئي پروُن پيا ته هيءُ لفظ ڪانجي اڄ بنهه مونکي ئي چئي رهيو آهي؛ دل جو درد اُڀڙڪا ڏيئي ٻاهر ڪڍي رهيو آهي. جيوي تڏهن من ۾ سوچڻ لڳي: 'دل کي وڪڙ ڏيئي وڪوڙي ويئي هوس ته پوءِ ڇا جي ڪري اها ويڻي پاڻ وٽ رکي ڪانه ڇڏيائين؟ ڪنهن جهل پل ڪئي هئس؟' ايتري ۾ وري کوهه جو نار چالو ٿي ويو. ڏوهيڙي جو آواز ڪنن تي پيو:

'او دوست! ڪجل وارين منهنجي اکين ۾
ڦلن ڄڻ ڪيو آ مارو،
دلاور ڀائي! ويڻين ۽ ورهه جو دلين ۾
اڄ جهانڪو جهانڪو پسارو.'

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ڀانءِ تہ اُنهيءَ غم ۾ نہ غلطان ٿي ويو هجي، تيئن ڍڳن کي ڍرو پوندو ڏسي، ڪانجيءَ ”هلو منهنجا بهادرو....!“ چئي سندن پڇن تي هٿ ڦيريو- مالهہ کوهہ ۾ اُتري ۽ تڏهن وري پاڻيهارين طرف نظر پيس. جيويءَ کي ان پريان ئي پڇاڻي ورتو هو- هاڻي تہ هوءَ بنهہ کيت جي ٻنڀي وٺ اچي پهتي هئي. هوا ۾ ڦڙ ڦڙ ڪندڙ سندس آسماني اوڍڻيءَ کي هو گهڙي ساعت تڪيندو رهيو. ٻنهي جون اکيون اڄ گهڻن ڏينهن کان پوءِ ملي چار ٿيون. ڪانجيءَ جون اکيون شرم وچان وڃي زمين ۾ کتيون ۽ هوڏانهن جيوي تہ اڃا پنهنجي آڪڙيل اکين سان طعنن تنڪن جي بارش وسائي رهي هئي. من ۾ ڄڻ ائين نہ ٿيندو هجيس:

’ڪٿي ڦري ويو آهي؟ اهڙي جو اهڙو تہ آهي!‘
هوش آيس تہ وري چيل پٽڻ لڳي.

کوهہ جو نار چالو ٿيو، پر هن ڀيري ڪانجي ڏوهيڙو ڳائي ڪونہ سگهيو. ڄاڻ هتي آئي ڪ آئي، انهيءَ آشا ۾ ٽيون ڀيرو بہ پاڻيءَ جي مالهہ خالي ٿي چڪي، پر جيوي تہ اڃا جتي هئي، اتي ئي اٽڪي پيئي هئي. اتان ئي ٻاهر متان واهيءَ جي واٽ نہ وٺندي ٿئي، انهيءَ ڊپ کان ڪانجي چوڻ بنا رهي ڪونہ سگهيو: ”ڇا، ٻاهرو ٻاهر هلي وڃڻ جو ويچار ائيئي، ڪين ڪيئن؟“ نار ڦيرائيندي، ڪانجيءَ پڇيس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کڻي آيل چيل جي بونڊين ڀڃندي، جيويءَ چيس:
”ها وري! تنهنجي اکين ۾ ته هاڻي ڦلا پئجي ويا آهن، سو سڀ ڪي جهانڪر جهانڪو ٿو پسڻ ۾ اچيئي، پوءِ تنهنجي نيڙي اچڻ جو سود به ڪهڙو؟“

ڀريل مالهه نئين سر کينچڻ جي ڪندي، ڪانجيءَ چيس: ”اهو ته برابر، پر پريم پر پيالو جڏهن مئلن کي به ٿو جيئاري سگهي، تڏهن ڇا انهيءَ سان منهنجو هيڏڙو ننڍڙو ڦلو ڪين ڇٽي سگهندو؟“

”جنهن ڪارڻ سر ڦُلو پيو، تنهن ڪارڻ سر ڦلو ته پاڻ وڌندو ڪين گهٽجندو؟“ چئي، ڪانجيءَ ڏانهن نهاريندي، جيوي ڦڪو کلڻ لڳي.

ڪانجيءَ وري ٻيهر مالهه کينچي. چيائين: ”پر توکي ڪا خبر آهي ته وڇون ڏنگي ته ڏنگ مٿان انهيءَ جو ئي زهر مهٽي لڳائڻ سان هڪدم سڀ زهر چوسجي ايندو؟ هيءُ به ائين ئي اٿيئي!“ چئي، جيويءَ ڏانهن اک ڪري مرڪڻ لڳو. پوءِ هوش ۾ آيو، تڏهن ڍڳن جي پڇن تي هٿ ڌريندي چيائينس: ”آءٌ اجهو واپس آيس.“

چيل صاف ڪندي ڪندي جيوي به الاڻيءَ جي ٻئي پاسي اچي بيٺي. ڪانجي پڻ وراڪو ڏيئي اتي اچي بيٺو. پر انهيءَ مهل ٻئي ڄڻا ماٺ ۾ پئجي ويا هئا. کوهه ۾ ڏٻندڙ مالهه جي آواز کان سواءِ چوڌاري سانت هئي. ٻنهي کي ڪجهه چوڻو هو، پر پهريائين ڪير ناريل ڀڃي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪانجيءَ بي سرت پئي مالهه کي کوهه ۾ ڏب ڏب ڪرائي ، ۽ سندس اک سڄي ڏانهنس هئي ، سو ڏسي، جيوي کل ۾ اچي ڇڙي. چيائين : ”منهنجي سامهون ڇا يڪ ٽڪ جاچي رهيا آهيو؟“ ۽ پلاند واريءَ ڀاڄيءَ کي ٺيڪ ٺاڪ ڪندي ، جڻ وڃڻ جي تياري نه ڪندي هجي ، تيئن چيائينس : ”ڀلا ٻڌايو، هتي ترسائي ڇا ٿي چيوَ ؟“

جيويءَ جي جند ڏانهن تِراسي پر چئجي کڻي ته هڪ قسم جي ترپت ڀريءَ نگاهه سان نهاريندي ، ڪانجي مشڪيو. چيائينس : ”بس ايتروئي .“ توکي ڍءُ ڪري ڏسڻو هو. ٻه اکر ڪنن تي پيا ته ويچاريءَ دل کي ذرا .....“ ڪانجي کلي ويٺو.

پر کلڻ ڏسي ته جيويءَ کي هيڪاري ڏک ئي ٿيو.

مالهه جي منڍ واريءَ ٻڌل رسيءَ کي چرخيءَ تي چاڙهيندي ، ڪانجيءَ چيو: ”انهيءَ کان وڌيڪ چوان به ڇا ؟ چوڻ جهڙو مون ڪي بچايو ئي ڇاهي ؟“ ۽ جيويءَ ڏانهن نهارڻ ئي بنا ئي ڍڳن کي هڪلڻ لڳو.

پر جيوي ته اڃا تائين بيٺي هئي . واپس موٽي آيل ڪانجيءَ کان پڇيائين : ”ڇو، مون تي ڪا سخت ڪاوڙ چڙهي اٿوَ ؟“ ۽ جواب جي راهه ڏسندي ، ڀر ۾ اُڀن گوڏن تائين ڪڻڪ جي سنگن سان کيلڻ لڳي .

”ڪاوڙ چڙهڻ جهڙو ڪي تو ڪيو ئي ڇاهي جو ڪاوڙ چڙهي ؟ ڪاوڙ ته پاڻ توکي لڳڻ گهرجي !“ چئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪانجيءَ زور سان ساهه کنيو.

”ته پوءِ هيترن ڏينهن کان منهن ڇو موڙي ڇڏيو اَٿو؟“ ۽ ڪانجيءَ کي چپ ڏسي چلولائيءَ سان پڇيائينس: ”ماڻهن جو خوف ٿيندو هوندوَ. هائو نه؟“

ڪانجيءَ ڍڳن جو لغام ڇوڙيو. ڳانڌيءَ وٽان ٻاهر نڪرندي، ”اِهو به سچ آهي!“ چئي، هيري کي وڙ ڪيائين: ”هيرا، ذرا تماڪ ته کڻي آءُ، ڙي!“

”ائين هو ته آڌيءَ رات مونکي آڻڻ لاءِ اچڻ ڪونه گهربو هوو!“ جيويءَ اڄ چئي ڏنو، ۽ قدري ڪاوڙ سان ڪانجيءَ ڏانهن ڏسڻ لڳي.

کيسي مان تماڪ ڪڍندي، ڪانجيءَ چيو: ”سو سڀ ڪي برابر، پر ڀل ڪري ويٺاسين تنهنجو هاڻي ڇا؟.....“ چئي، تماڪ کي تريءَ تي گسائيندي گسائيندي، ٻوليائين: ”۽ اڃا به توکي ڪو ٻلو سجهي ته ضرور ڪر.“ ڪانجي به ڪجهه ڪاوڙ ۾ هو.

”سو ائين!“ چئي، جيويءَ منهن ورائي پٺيان ڏٺو. هيرو اڃا اُتي جو اُتي ئي منجهيو بيٺو هو.

ان ڪانجيءَ ڏانهن نهاريندي پڇيو: ”تنهنجي معنيٰ ته آءٌ وري چوٿون ڌڻي ڳوليان! ائين نه؟“

”چوٿون ڪيئن؟“ ڪانجي پڇڻ لاءِ پڇي ته ويٺو، پر وري جهٽ پاڻ ئي جواب ڏنائين: ”نباهڻ ڪين اچي ته چار ڇڏي پنج به ڪرڻا پون..... ها، باقي ائين ڪرڻ سان جي ڌوليو ڪو ڏڦيڙ وجهي ته انهيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ۽ جوابداري مون تي ؛ تنهن لاءِ ....."

آگر تي ڪڻڪ جو تيلو ويڙهيندي، جيويءَ هڪدم اکيون مٿي ڪيون. "توهان جو مغز ته جاءِ آهي نه؟" شوخ نظر سان ڪانجيءَ ڏانهن نهاري چيائين: "جيوي ڪا ڌڻين جي بکي ڪانهي، سمجهيو ڪي؟ ڌڻي ڳولهڻو هجيس ها ته کيس به ڳولهڻ آيو ٿي." ٿورڙو ترسي وري ٻوليائين: "پر تنهن کان ته ائين چئو ته کيس ڪنهن جي ڪا لڳن لڳي هئي! نه ته ....."

"ٺهيو، هاڻي گهڻو ٿيو!" ڀانءِ ته بيوس ٿي پيو هجي، تيئن ڪانجيءَ ٻوليو، ۽ پرتي کان ايندڙ هيري کي چيائين: "چلم ته اتي دکائي هوندءِ نه!"

"تڏهن ڪمي ڪهڙي رهي آهي باقي؟" چئي، جيوي هلڻ هارڪي ٿي.

ڪڻڪ جي سنگن موڙيندي ۽ وري انهن جا ٽڪر ٽوڙي ڍڳيون ٺاهي رکندڙ جيويءَ کي ڀليءَ ڀانت جاچي ڏسندڙ ڪانجيءَ جي نظر ۾ اها مورتي جهڪي پوندي ويئي. ٻيءَ ئي گهڙيءَ ۾ خود ڀر وارو کوهه پڻ ڏسڻ کان غائب ٿي ويس ..... ڪانجيءَ کي هوش آيو. جهٽ پٽ اکيون مهٽيائين. ڏسي ته پاسي ۾ هيرو بيٺو آهي ۽ چلم ٿو آڇي. مٺ مان تماڪ ڏيندي، ڪانجيءَ چيس: "وٺ هاڻي هل! ڏينهن چڙهي آيو آهي، اڃا ته ....."

پر هيرو پڇڻ سواءِ رهي نه سگهيو: "اهو ته پاڻيهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيو ٿيندو سڀ ڪي ..... پر تون هيئن ڇو ..... ؟"

"ڪجهه ناهي ڙي!" چئي ڪانجي کليو. ٻوليائين:

"تون ذرا جلدي ڪر نه! جي هيترو اڄ پاڻي ڏنو ته...."

"جي پورو نه ڏيئي سگهياسين ته باقي سڀاڻي ڪيئن ڏيئي سگهبو؟" چئي هيرو چلم ٺاهڻ لاءِ ته اُٿيو، پر اڄوڪي نظاري - ڪانجيءَ جي آنسن ڀريل اکين کيس گنڀير بڻائي ڇڏيو هو. 'اڄ ته ٺهيو پر هڪڙي ڏينهن مونکي قسم وجهي کانئس پڇڻو ئي پوندو ته تنهنجي پٿر جهڙي ڪليجي ۾ هي سڀ ڇا وهي واپري رهيو آهي؟ - مايا جي موهه کان نياري رهندڙ گيتا ڀڳت کي وري هيءَ ڪهڙي مايا اچي چٽڪي آهي؟' ۽ چلم وات ۾ وجهي ڪنڌ جهڪائي، پير جي آڱوٺي سان ڌرتي کوئيندڙ ڪانجيءَ ڏانهن ڏسڻ لڳو. من ۾ چيائين: 'مڃ نه مڃ ۽ هيرا، پر انهيءَ ۾ ڪو مڙيوئي عجب عجائب راز آهي! نه ته جيڪر ڏکن جا ڏونگر ڪري پٽ پون. اڙي خود جڏهن پنهنجو پيءُ مري ويس، تڏهن به جنهن جي اکين ۾ هڪ ڳوڙهو نه ڏٺو، سو هيئن کليو کلايو هنجون هاري، - تنهن ۾ ڪا ته ڳجهه ڳجهاندر ڳالهڙي ضرور هوندي!'

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرڪرڻ ڏهون

اَجايو اُدم

تنهن ڏينهن ڪانجيءَ کي ملڻ بعد ٿورن ڏينهن تائين ته جيوي ماٺ ئي ماٺ ۾ ٿي هلي چلي، پر نيٺ اهاڙسن سناٽ کيس پڻ ڏنگڻ لڳي. 'هن کي مون سواءِ سري ٿي وڃي ته ڇا جي ڪري مونکي اُن سواءِ ڪين سري؟' اهڙي قسم جا ڪي ويچار آيس ته پهريائين کان به وڌيڪ ماڻهن سان رلڻ ملڻ لڳي، ۽ جتي ڪانجي هجي، اُتي ته وري خاص وڃي ٿي وارد ٿي. جوانن جي مذاق به اُڏائيندي هئي.

اڄ به جيويءَ ائين ئي ڪيو. ڪانجي، منوهر ۽ ٻيا جوان هيري وٽ ويٺا هئا. جيوي پڻ اتي اچي سهڙي.

بات چيت ڪندي موقعو مليس ته جيويءَ چيو: "منوهر ڀائي، منهن ته ملوڪ جهڙو اٿيئي پر اندر ڪارنهن جو ڪوئلو! هان ڪيئن؟ ...." ته وري هڪ ٻئي جوان کي ڳالهه ڳالهه ۾ ڇينڀيائين: "اوهو، تنهن ڏينهن ڀڄن ڀاؤ ۾ ته ڪهڙو کلي پيا هئا! هيئن ته ڀولا ڀالا ٿا ڏسڻ ۾ اچو، پر دهل جي ڏنئڪي تي ته ڀانءِ توهين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪا گوپين سان راس رچائي رهيا هئا ۽ ڪهڙو نہ نچندي ٽپندي ڀڄن ٿي ڳايوَ....!"

۽ اهو ٻڌندي ڪير ڄاڻي ڇو، پر ڪانجيءَ ڪرڙيءَ نظر سان جيويءَ ڏانهن نهاريو. مگر جيويءَ جي تہ ڏانهنس پٺي هئي. ڪانجيءَ جي چڙ وڌي ويئي، ۽ منوهر وغيرهہ کي جيويءَ سان ڳالهيون ڪندو ڏسي، هو اُتي وڌيڪ ويهي بہ ڪين سگهيو - ويندي ويندي اُن جيويءَ ڏانهن نهاريو، پر جيويءَ تہ نڪا اکہ اوچي ڪئي ۽ نڪو ڳالهيون ٻولهيون ئي بند ڪيون. من ۾ ائين بہ سوچڻ لڳو: 'ها ڙي، هيءَ تہ بلڪل بي شرم ٿي لڳي. اجايو آءٌ جيوي جيوي ڪندو ٿو وتان. پر ٺيڪ آهي! هاڻي جو ڪٿي ڏاهپ ڏيکارڻ آئي، تہ ويٺو ڏسجانءِ! اهڙي تہ مند جي ٻڌائيندو سانس جو چپن کي ئي چونو لڳي ويندس.'

۽ اهڙو وجهہ تہ کيس انهيءَ ڏينهن ئي ملي ويو. سانجهيءَ ٽاڻي ڪانجي ۽ هيرو کيت ڏانهن وڃي رهيا هئا. سامهون جيوي بہ پاڻي ڀري اچي رهي هئي.

ويجهو آئي تہ هيري کي مرڪي جيويءَ چيو: "اوهو هو! ڪنهنجي زور تي ٿا ههڙو سينو ساهي هلو، هيرا ڀائي؟"

ڪانجي ڳالهائڻ کان سواءِ رهي ڪونہ سگهيو. جيويءَ ڏانهن ڪڙيءَ اکہ سان نهاريندي چيائين: "اسين پنهنجي ئي زور تي، وري ڪوئي ٻئي ڪنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي زور تي ....“

ڪانجيءَ ڏانهن ڏسڻ سواءِ ئي ڀانءِ تہ پنهنجو پاڻ سان ڳالهائيندي هجي، تيئن منهن ٻيڻو ڪري، جيويءَ چيو: ”پڇ نہ ڳڇ، جتي اچي تتي وچ ۾ بڙ بڙ ڪرڻ جي ماڻهن کي ڪهڙي اچي مام پيئي آهي!“ ۽ ذرا ترسڪار سان منهن جو موڙو ڏيئي رمندي رهي.

ڪانجي جنسي سڙي پڄري ويو. هيري کي چيائين: ”واهہ، هيءَ حجامڻ اڄ ڪالهہ کلي ڦاٽي پيئي آهي، هيرا!“

هيري کي جيتوڻيڪ انهيءَ ۾ کلي ڦاٽي پوڻ جهڙو ڪجهہ بہ لڳو ڪين ٿي، ڇاڪاڻ تہ ڳوٺ جون ٻيون جوان ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا ڳالهائيندي ٻولهائيندي جيئن کل مسخري ڪندا هئا، تيئن جيوي پڻ ڪندي هئي. پر تڏهن بہ ڪانجيءَ کي طعني مارڻ جي مليل وجهہ جو ان پورو پورو فائدو ورتو: ”اسان تہ منڍ کان ئي ٿي چيو تہ زال ذات جو ڀروسو ڪهڙو؟ چڱو چوکو ڪپڙو لٽو پهرڻ ڪرڻ لاءِ مليس، ۽ من مانيا مال مليدا کائڻ پيئڻ لاءِ ملنس، پوءِ تنهنجي يا منهنجي، ڪنهن جي بہ کيس پرواهہ ئي ڇو ٿئي ....“

”تہ هتي وري ڪنهنکي پرواهہ پيئي آهي؟ انهيءَ جهڙيون تہ گهڻيئي اسان ڏٺيون وائٺيون!“ ڪانجي اڃا بہ ڪاوڙ ۾ هو ۽ سو بہ ايتري قدر جو ٻيهر جيڪڏهن جيوي سامهون گڏجي وڃيس ها تہ جيڪر سڌي اڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڌي ٻڌائي ڏئيس ها.

”ڀلا انهيءَ کي وري ڪهڙي تنهنجي پرواهه آهي!“ چئي، هيرو کليو.

ڪانجيءَ لاءِ اهي اکر سهڻ مشڪل هو. وات تي آيس: ’پرواهه نه هجيس ها ته اڌ رات جو پٺ وٺي به ڪانه اچي ها. سمجهيءَ ڪي؟‘ پر ترت ئي ان پنهنجي زبان سنڀالي ورتي، ۽ فقط ”ها، ڀائي!“ چئي، جيويءَ لاءِ رهي کهي لاڳڻيءَ جو سدائين لاءِ انت اچي وڃيس، اهڙي اڇا رکندڙ هيري جي منورٿ کي هن مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيو.

هيري وري ڳالهه کي کوٽيو: ”تڏهن به وري ٻه ڏينهن پوندا مس، پاڻيهي انهيءَ تي ڏوهيڙا ٺاهڻ شروع ڪرڻ لڳندين.“ ۽ ڪانجيءَ کي ماٺ ۾ ڏسي، ٻوليائين: ”پوءِ ته ڦنڊڻ جهڙي ڪانه هوندي، تڏهن به ڦنڊي پوندي، ڪين نه؟“

جواب ۾ ڪانجيءَ هڪ اُڀو ساهه کنيو. ڦڪو کلندي چيائين: ”تون به ڪهڙي ٿو ڳالهه ڪرين! انهيءَ جي ڪري ڪو ڏوهيڙا ڳائڻ ڇڏي ڏبا؟ ۽ ڪيئن ٿو چوين ته آءٌ انهيءَ تي ئي ڳائيندو آهيان؟ اها ته هنن چئن مهينن کان هتي آئي، پر تنهن کان اول آءٌ ڪنهن تي ڏوهيڙا ڳائيندو هوس؟“ چئي، ذرا ڌڪار سان سسيو. ٻوليائين: ”ڪهڙي ٿو ڳالهه ڪرين؟“

هيري چڙ ۾ چيو: ”اڙي ڀائي! پر ڳائجانءِ نه ڀلي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏوهيڙن ڳائڻ جي ڪير ٿو نابري واري؟ ۽ آءٌ ته چوانءِ ٿو، انهيءَ جي ئي نالي تي شعر ٺاهجانءِ! تنهن ۾ ڪنهن جو ڇا ڪي ويندو؟" چئي، ڪانجيءَ ڏانهن آڪڙيل اکين سان نهاريندي، چيائين: "هي ته ماڻهو ٿا ڳالهيون ڪن، سي ٿو آءٌ ٻڌايانءِ، آءٌ ٿوروئي دليان ٺاهي ٿو چوانءِ!...."

ڪانجيءَ جا ڍڍر ڍرا ٿيا. هيري ڏانهن نظر ڪندي، چيائين: "ڏس، تڏهن آءٌ توکي صاف چئي ڏيان ...." ۽ آڱر اوچي ڪندي اڳتي ٻوليائين: "آءٌ ماڻهن کان يا ماڻهن جي بابن کان ڪونه ٿو ڊڄان ۽ نه ڪو ڊڄڻ وارو آهيان ...." ٻه قدم ڀري، وري بيهي رهيو، ۽ هيري ڏانهن غصي سان ڏسڻ لڳو. چيائينس: "اهو ته برابر آهي جو آءٌ انهيءَ تي ٿو ڏوهيڙا ٺاهيان، پر سڀاڻي جو اٿي گهر ۾ آڻي وهاريانس ته اوهين سڀيئي ڇا منهنجو نڪ چپ وڍي ڪڍندا؟"

هيري کي ٿيو: 'واهه منهنجو ٻچو، هي ته اونڌي رستي چڙهيو!' چيائينس: "پر جي گهر ۾ آڻي وهارڻي اٿيئي ته ويرم ڇو وڌي اٿئي؟ ڪنهن تو تي جهل پل وڌي آهي؟"

"اها تنهنجي ڀل اٿيئي هيرا! ائين به هوند ڪري ڏيکاريانءِ، پر ... ذرا خيال ٿو ٿئي! انهيءَ باندر سان نه مون لائون لاهرايون هجنس ها ته ايترو به وري ڪري ڏيکاريانءِ ها!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”تہ پوءِ ٿيو ڀلو!- ائين ناحق ڇو ٿو اُڀ ۾ ٽڪ اُڇلائين؟“ چئي، هيري پوسرايس: ”زوراور، جي همت هجيئي تہ گهر ۾ آڻڻ سواءِ ئي .... پر ڀائي، اُهي تہ ٿيا هوائي قلعا اڏڻا! اهي ڌونڌاڙبا تہ ڪو ڪري پوندا ڇا؟“

”اٽل ارادو ڪجي تہ ڇو ڪين ڪيرائي سگهبا!“ ڪانجي ٻوليو.

”تڏهن ڪيري ڏيکار نہ!“ هيري چيو، ۽ ڪانجيءَ کي چپ ڏسي، وري چيائين: ”پر توکي تہ ڪيرائڻا بہ ڪونهن، نڪو انهن جي پچر ئي ڇڏڻي اٿئي، تنهن مان ڇا ورندو، ڇا سرندو؟“

هيري جي چوڻ جو سارو مطلب ڪانجيءَ سمجهيو ٿي. ٿڌو ساهہ کڻي ان فقط ايترو ئي چيو: ”انهيءَ مان ڇا پلئہ پوندو، هيرا؟“

”تہ پوءِ ڇڏ انهيءَ جي پچر ....“

ڪانجيءَ ڦڪو کلندي چيو: ”پچر تہ پلئہ پيئي، تنهن ڏينهن کان ئي ڇڏي ڏني اٿم نہ؟“

ڪيترو ئي وقت ماٺ ۾ گذري ويو.

هيرو ڀانءِ تہ ڪن پُورن مان جاڳيو هجي، تيئن چيائين: ”آءٌ تہ انهيءَ وسميءَ ۾ آهيان تہ تون ههڙو مها ڀڳت ڪڏهن کان بڻجي پئين؟“

”ڀڳت بڻيو آهيان چؤ، يا جيڪي وڻيئي، سو چؤ؛ پر اڄ ڳالهہ نڪتي آهي تہ آءٌ بہ ٻڌائي ڇڏيانءِ تہ جيڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻو اٿم، سو ڪيئن به ڪندس. کلم کلايو گيس گهر ۾ آڻي پوءِ ئي سندس منهن ڏسندس، ۽ نه ته ڌرتي آسمان ڀلي هڪ ٿي وڃن، تڏهن به آڏي اُبتي رستي آءٌ ڪڏهن ڪين چڙهندس." چئي، ڪانجي اونهو ساهه کڻي، چپن کي چڪ پائڻ لڳو.

"تون ڄاڻ تنهنجو ڪم ڄاڻي!" هيرو به ڪن خيالن ۾ ٻڏي ويو.

ٻئي ڏينهن هيرو ڀڳت جي جهوپڙيءَ تي ويو. سيڪيل ڦوٽا ٻئي ڄڻا سوئڻ ويٺا. هيري ڳالهه ڪڍي: "مڃو نه مڃو، ڀڳت، پر ڪانجيءَ کي ڪجهه ٿي ويو ٿو ڏسجي. هن ٻائيءَ ڪجهه ڪري وڌو اٿس، مون کي ته ائين ٿو لڳي!"

ڀڳت جي بجاءِ ٻيو ڪو هجي ها ته ڦوٽن جا ڪڻا هٿ جو هٿ ۾ ئي رهجي وڃنس ها، ۽ هيري جي غمگين شڪل ڏسي ته سوالن پٺيان سوال پڇيس ها. "هن ٻائيءَ يعني ڪنهن وري؟ ڪجهه معنيٰ ته ڇا ڪري وڌو هوندائين؟ ڪانجيءَ کي ٿيو ڇا آهي ڀلا؟ شير جهڙو ته بيٺو آهي!" وغيره وغيره. پر ڀڳت جو ته منهن به ڪونه بدليو، هو بت بڻجي ويٺو رهيو. هيري ڏانهن اک کڻي نهاريائين ۽ کليائين. واٽ ۾ ڦوٽن جا ڪڻا وجهندي چيائين: "تو جيڪي چيو، سو ته سمجهه ۾ ئي ڪين آيو، هيرا!" ۽ ائين جو ائين ڦوٽن جا ڪڻا سوئيندو رهيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيرو ذرا کيجايو: ”ڳالهايو اهڙيءَ ريت ٿا جڻ ته ڪا ڄاڻ ئي ڪانه اٿو، سو ڪو ٺهي، ڀڳت؟ .... تنهن ڏينهن خود توهان ڪونه ٿي پڇيو ته اڄ ڪالهه ڪانجيءَ ڇو مون وٽ اچڻ وڃڻ بند ڪري ڇڏيو آهي؟ ۽ اڄ وري .....!“

”ها ها، پر اُن سان ويڌن ڪهڙي آهي؟ تون هوءَ هوءَ پيو ڪرين، تنهن مان آءٌ ڪهڙو مطلب ڪڍان؟“ ڀڳت هيري ڏانهن نهاري چيو. وري اُهي ئي چڻا چٻڻ ويٺو.

هيري کي ٿيو: ’ٻڌڻ کانسواءِ ڪهڙو مطلب ڪڍندو، ڪهڙو مغز ڦوڙيندو!‘ پر ائين ڪاوڙ ڪري ها، تڏهن به ڀڳت ته کلندو ئي رهي ها.

جهوپڙيءَ جي ٻاهران ذرا نظر ڦيرائي، هيرو ڀڳت پاسي ٿورو رڙهيو. چوڻ لڳو: ”هيءُ قصو اٿوَ انهيءَ حجامڻ جو. توهان جو ڀلي ٽوڻن ڦيڻن ۾ ويساهه ڪونه هجي ڀڳت! پر منهنجو ته آهي. مونکي ائين ٿوڪو ڀاسي ته انهيءَ مائيءَ ڪانجيءَ کي - ڪيئن به ڪري، جادو منتر هڻي - ڦاسائي ڇڏيو آهي!“

ڀڳت کي کل اچي ويئي: ”سا توکي ڪيئن ڪل پيئي؟ ڪنهن ڀوُئي ڪن ۾ ڦوڪ ڏنءِ يا ٻيو ڪي؟“

”انهيءَ ۾ ڀوُئو ڪهڙي ڪن ۾ ڦوڪ ڏيندو، ڀڳت! آءٌ اصل پنهنجي اکين اڳيان سڀ ڪي ويٺو ڏسان، سو ڪين؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀڳت ڀانءِ ته سرو ڪلا سمرٿ هو، اهڙيءَ طرح هيري ڏانهن نهاريندي پڇيائينس: ”ڇا ويٺو ڏسين، سو به چؤ ته ٻڌان نه؟“

”ڇا وري ڇا؟ ڪانجيءَ جي انهيءَ جيوليءَ سان دل لڳي ويئي آهي. پر انهيءَ ۾ ....“

”ڪيئن اهو سمجهيءِ؟ ماڻهو ٿا ائين چوندا وتن، تنهنڪري؟ پر آءٌ ته ڀانيان ٿو، ماڻهن جي انهيءَ ڳالهه ۾ تر ماتر به مال ....“

”اڙي جي ڳالهه ۾ ڪو مال هجي ها ته فڪر ڪهڙو؟ پنهنجي پاپين پاڻ کئه ٿئي ها، پر هيءُ قصو- گهڙيءَ ۾ ٻنهي جي دل هڪڙي ۽ سرير رڳو ڌار پار، ته گهڙيءَ ۾ وري هڪ ٻئي جو پاڇو پوندو به ڪين سهن، ائين ڪو ٺهائيندو چئبو؟.... انهيءَ مان اسين ڪهڙو مطلب ڪڍون؟“

ڀڳت مرڪندي منهن سان هيري ڏانهن ٿوري وقت لاءِ نهاريندو رهيو. اکين جون ڀرون مٿي ڪندي، پڇيائينس: ”تون ڪهڙو ٿو مطلب ڪڍين؟“

”مون ته توهان کي ٻڌايو نه ته انهيءَ جيويءَ ڪانجيءَ کي ڪجهه ڪري وڌو آهي. ائين نه هجي ته .... انهيءَ ۾ لڀي ڇا ٿو؟ انهيءَ کان ته ڀلون تي ڀل ڇوڪريون پييون آهن، ڀڳت! ڪنهن هنڌ کڻي آءٌ به هرک هاري ويٺو هوندس، پر شاباس آهي ڪانجيءَ کي! هڪ رتي به هيڏانهن توڙي هوڏانهن گهرڪيو ڪين ڪي. ه،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ائين کل چرچو ڪندو يعني جڳهه ۽ وقت سڀ ڪي مقرر به ڪندو، پر پوءِ اچڻ وڃڻ کي به رام رام.“

۽ ڀڳت جي مرڪ سان مرڪ ملائيندي، هيرو ٻوليو: ”تڏهن توهين ئي چئو، ڀڳت! اهڙو ماڻهو، جو خيال نه ذات جو ڪري نه پات جو، سو انهيءَ پٺيان انڌو ٿيو ڦري، تنهنکي ڪجهه ته ڪنهن ڪيو هوندو! ڪين ائين ئي؟“

منهن هيٺ ڪري چڻن سوئڻ ۾ مشغول ڀڳت کي ناڪار ڪرڻ ۾ ڪنڌ ڌوڻيندو ڏسي، وري هيري چيو: ”توهين مڃو ڪين ٿا، ڀڳت، پر ڀلي ڍنڍورو وڄارائي ڏسو، جي پڪ پڪاڻي ڪرڻي هجيو. ڪانجيءَ تي جادو جنتر پيل ڪين نڪرن ته جيڪي چئو، سو آءٌ اصل لکي ڏيانو. چئو، ڇا ٿا چئو؟“ چئي، هيرو ڀڳت ڏنهن نهارڻ لڳو.

”تنهنجون سڀ ڳالهيون سچيون پر اِها جادوءَ جي ڳالهه صفا کوٽي.“ چئي، هيري ڏانهن هٿ جو اِشارو ڪندي چيائين: ”اَڙي مستانا ڀائي! زالن جي نيڻن جو توکي ڪهڙو سماءُ؟ مهاديو جهڙا دوکو کائي ويا ته ڪانجيءَ جهڙن جي ڪهڙي ٿي دال ڳري!“ ڀڳت جي اکين مان ٿورو ٿورو تجلو چمڪي رهيو هو.

”نه نه، پر ڀڳت ....“

”نه،“ ڀڳت جون ڀرون ذرا ڀڪوڙيون - ”اهي سڀ ڳالهيون کوٽيون. زال ذات کي ڪڏهن جنتر منتر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ضرورت ئي ڪانہ پوندي آهي. اُها تہ خود ئي جادو آهي." چئي، ذرا ڌيمو پوندي هن ٻوليو: "تون ۽ ڪانجي سمجهندا هوندوَ تہ ڀڳت نہ هڪ ڄاڻي، نہ ٻہ ڄاڻي، پر آءٌ سڀ .... ڪي ٿو ڄاڻان. هو منهنجي گهر ڇو نہ ٿو اچي؟.... ويجهڙائيءَ ۾ تہ وري تنبوري جي تات اچي پيو آهي! اهو سڀ تہ هو (ڪانجي) پاڻ ئي ڪٿان ٿو لڪائي سگهي؟ ڀلي جيويءَ ڏانهن اک کڻي نہ نهاريندو هجي، پر تڏهن بہ ڳوٺ ۾ ڪنهن کان اهو ڳجهو آهي؟"

پوءِ هيري ڏانهن پاءُ پلڪ نهاريندو رهيو. وري ڀرون مٿي چاڙهيندي چيائين: "تون انهيءَ کي جادو ٿو سڏين، پر آءٌ تنهن کان بہ وڏي بيماري ٿو چوانس؛ جنهن جي نڪا آهي دوا، نڪو دارون. ها .... باقي جو اهي ٻئي ڄڻا ملي هڪ ٿي وڃن، تہ ڳالهہ اؤر چئبي. پر پوءِ تہ سرڳہ اصل هيٺ لهي آيو، ائين ئي سمجهبو نہ! باقي اُنهيءَ ريءَ تہ هيئن ڳائي يا روئي ڏينهن ڪڍڻ کان سواءِ سندس ٻيو ڪو حيلو وسيلو آهي ئي ڪونہ." چئي، ڪا اَجنبي ڳالهہ نہ ڪئي هجائين، تيئن ڪنڌ ڌوڻيندي ڌوڻيندي، اندر مان اونهو ساهہ کڻي ٻوليائين: "اهي ڪي تنهنجا ٽوڻا ڦيڻا ڪونہ آهن! اهو تہ هڪ ٻئي جي دلين جو ميلاپ اٿيئي!" چئي، ڀڳت ڀانءِ تہ مشڪيو ٿي. اهڙيءَ طرح سندس منهن جو تجلو بکڻ لڳو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پر تنهن ۾ هيئن توهين ماٺ ڇو آهيو، ڀڳت؟ انهيءَ جو ڪوئي اُپاءُ ڪڍو نه. دلين جو ميلاپ آهي، سو ته اسان به سمجهيو. پر ڪو بلو ڀيڻي بتايو ته چئجي ڀائي، ڀڳت جي صحبت سوائي ...“

”اڙي نه ڙي ڀائي، اهڙا جي ڀڳت وٽ بلا ڀيڻي هجن ها ته ڀڳت پاڻ ئي هن مهل تائين سرڳ جو سک ....“ پر ترت ئي ڀڳت ڳالهه ڦيرائي ڇڏي! ”هيرا! انهيءَ کي ئي چئجي زندگي! ڇو ٿو تون ناحق اُنهن جي آڏو اچين؟ جيڪي ٿئي پيو سو ٿيڻ ڏي، ۽ جيڪي ڏسي سگهين، سو ڏس وينو! جڏهن خود ان کان سٺو نه ويندو، تڏهن هو پنهنجو پاڻ ئي ڪو بلو ڀيڻي ....“

هيري کي ڀڳت هاڻي ڪنهن مستاني جهڙو محسوس ٿيڻ لڳو. ڪاوڙ ۾ چيائينس: ”اڙي، توهان جي به ڪا ڪل ٿڙڪي آهي، ڀڳت! سمجهو ته ڪو قدم کنيائون .... ٻنهي ڄڻن گهر سنسار ٻڌو .... پر پوءِ ذات پات، مٽن مائٽن، اڳين پوين، سڀني جو ڇا؟ ۽ پٺيان سندن ٻارن جو ....“

”پر چڱا مڙس! تنهنجو ڀڳوان ۾ ته ويساهه آهي، ڪين نه؟ ته پوءِ هيءُ سڀ ڪي انهيءَ تي ئي ڇڏي ڏي نه! اجايو ....“

”اڙي ڇڏيو ڇڏيو، ڀڳت! هاڻي رکو پنهنجو عقل پاڻ وٽ! توهان ته هيڪاري سنئين جي بدران اونڌو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رستو ڏيکارڻ وارن مان آهيو! لوڪ جيڪي ٿا چون، سو ڪو غلط ڪونہ ٿا چون. اڄ کان وٺي توهان وٽ اچون ئي ڪين نہ؟ ....“ چئي، هيري پنهنجو ڪاريءَ مس جهڙو منهن ٻئي پاسي ڦيرائي ڇڏيو.

ڀڳت جي جاءِ تي ٻيو ڪوئي هجي ها تہ ’اٿ هاڻي، ڪين اچڻ وارا! توکي سڏڻ وري ڪير آيو هو؟‘ اهڙو ڪي چئي، هيري کي سڌو ٻڌائي ڏئي ها، پر ائين ڪرڻ بدران ڀڳت تہ مشڪيو ئي پئي. هيري تي ڄڻ ترس ٿي کاڌائين. اهڙيءَ طرح چيائينس:

”هيءُ تون چوين ڇا پيو هيرا! تنهنجو يا ڪانجيءَ جو ڪجهہ بگڙي تنهن ۾ مون کي مزو ايندو، ڇا تون ائين ٿو سمجهين؟.... توهان ٻنهي جو تہ ڇا، پر ڪنهن اوپري جو ڪڏهن برو چاهيو هجيم تہ جيڪي وڻيئي سو مون کي چؤ!“

”اهڙو تہ ڪجهہ ڪينهي، پر توهين چئو ٿا تہ جيڪي ٿئي پيو، سو ٿيڻ ڏي! توهان جهڙو پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو ائين چوي، سو ٺيڪ آهي؟“

”پڙهيل ڳڙهيل آهيان، تڏهن تہ ائين ٿو چوان، هيرا!“ چئي، ڀڳت کلڻ لڳو.

”ٺهيو ٺهيو، ڀڳت! توهين ڇڙا ڇانڊ آهيو؛ جيڪي وڻيوَ سو چئو؛ جيڪي وڻيوَ سو ڪريو؛ سڀ ڪي ٺهي ويندو. پر اسان جهڙن ....“

”تنهنجو مطلب تہ ڪانجيءَ جي چنتا توکي آهي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون کي ڪانهي! ائين نہ؟" ڀڳت جو منهن اڃا تائين مرجهايل هو.

"ائين تہ ناهي، پر تڏهن بہ توهين .... توهين ڳالهايو تہ اهڙو ڪي ٿا، ڀڳت!" چئي، هيري ڀڳت ڏانهن نهاري ٽهڪ ڏنو.

"واهہ جو ڀلو مڙس آهين تون! ڏسجانءِ، وري نہ اهڙو ڀڙڪو ڪڍجانءِ ...." چئي، هيري کي چتائيندي ٻوليائين: "پر جي تو جهڙو آءٌ ڪانجيءَ جو دوست هجان تہ هاڻي ئي جيويءَ کي وٺي هوند سندس گهر ۾ وهاري اچان!"

ڪاوڙ ڪرڻ جهڙي ڪا ڳالهہ ئي ڪانہ هئي، تڏهن بہ هيري ڏمر ضرور ڏيکاريو: "توهين هاڻي ڪڇو پڇو ڪين، ماٺ ڪري وهو. ڀڳت!" چئي، جڻ پنهنجو پاڻ سان پئي ڳالهايائين، تيئن ڀڻ ڀڻ ڪيائين: 'منهنجو بہ ڪهڙو اٽو کٽو هو جو وري توهان جي اڳيان اچي هيءَ ڳالهہ چوريم!'

"پر وٺ نہ، هاڻ بہ ويو ڇاهي؟ تيسين هيءَ تماڪ جهل. چلم جي دونهين سان تنهن جي ڳالهين جو بہ دونهون ...." چئي، ڀڳت پاسي ۾ پيل چلم کڻي صاف ڪرڻ لڳو.

۽ هوڏانهن آتينت اُداس هيرو اهڙن ڪن غم جي غوطن ۾ ٿي ڏٺو، ڀانءِ تہ انتم وسيلو بہ وئرٿ ويو هوس.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرڪرڻ يارهون

ناتي جو ننگ؟

هيري ته ڪانجيءَ سان رات ٽاڻي ڪائي ڳالهه ڪانه ڪئي، پر صبح جو کيس ڪنهن چيو: ”ٻڌءِ ڪي سڌءِ، ڪانا ڀائي؟ رات ڌوليي پنهنجيءَ زال کي مار ڏني، سا ڪا خبر پيءِ؟“

”ڇو؟ ڇا جي ڪري؟“ ڪانجيءَ جو منهن ٽامڻي کائي ويو.

”ڇا جي ڪري سو ته ڀڳوان ڄاڻي، پر .... ٻه ڏينهن ٿيا ته ڪنهن هنڌ .... توهين سڀيئي وينا هئا. چون ٿا ته جيويءَ اتي اچي سڀني سان کل چرچو ڪيو هو! ۽ ڌوليي جي ڪنن تي ڪالهه اها ڳالهه آئي هوندي، سو چون ٿا ته چڱي مار ڏني اَٿائينس!“

”ڀلي پيو سر ڦوڙي، اسان جو تنهن ۾ ڇا؟“ چئي، ڪانجي گهر اسهڻ لاءِ اُٿيو.

رستي جي پرئين پاسي کان ايندڙ جيويءَ کي ڏسي ڪجهه پڇڻ لاءِ - ڪالهوڪي رات واريءَ مار بنسبت ئي - اِڇا ٿيس، پر جلدئي، ’هيءَ وري ڇا ۾ گهٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي؟ مار ئي مار کائي، تنهن جي ئي لائق آهي!' ائين ويچار ڪري چپ چاپ ٻي واٽ وٺي وڃڻ جو ارادو ڪيائين. من ۾ وري ائين به ٿيس پئي: 'هوءَ پاڻ ٻڌائڻ ضروري ڪانه ٿي سمجهي ته وري مون کي ان کان پڇڻ جي ڪهڙي ضرورت پيئي آهي؟'

پر هن پار جيوي ته ڪانجيءَ کي ڏسندي ئي بلڪل ڍلي ٿي ويئي. نيڻن مان ڳوڙها نير ڪري وهڻ لڳس. پير به چرڻ کان نابري واري ويٺس. 'اجهو ٿاٻو کائي نه ڪران' ائين پئي ٿيس. جي انهيءَ سوڙهي رستي ۾ ڪا وٿي هجي ها ته ڀلي ٻاهر طرف ئي ڇو نه وڃڻو پويس ها، پر جيوي هڪ وار ته ان وٿيءَ وٽان ڪيئن به ڪري ٻاهر نڪري وڃي ها. اکين ۾ ڀرجي آيل آنسن کي روڪڻ لاءِ اُن گهڻو ئي چپ ڀڪوڙيا. ڪانجيءَ جو منهن نه ڏسجي، تنهن لاءِ ساڙهيءَ جو پلءُ به ڇڪيائين، پر سڀ محنت برباد ويس....

اَبول ڪانجيءَ کان پڻ بن ٻولڻ جي ڪين رهيو: "ڇو، ڪالهه رات ڇا هو؟"

جيويءَ کان هڪڙو ننڍڙو سڏڪو نڪري ويو. اکين مان ٽپ ٽپ ڪندڙ ڳوڙها ڌارائون ڪري وهڻ لڳا. پر ان ٻڙڪ نه ٻاهر ڪڍي، ترسي به ڪانه.

ڪانجيءَ وٽان وراڪو ڏيئي، اڳتي قدم کنيائين مس ته ايتري ۾ هڪ ڪڙڪ آواز ڪنن تي پيس: "بيهه اتي!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تڏهن به جيوي ٻه قدم وڌي ويئي، پر ٽئين قدم کڻڻ لاءِ سندس همٿ ڪانه هلي. اُتي ئي روڪجي ويئي. ڪانجيءَ پٺتي موٽي ٻيهر پڇيس: ”ڪالهه رات ڪهڙي ڌانڌل هئي؟“

اکين جي ڇپرن جي اوٽ ۾ ڇپائڻ جي ڪوشش ڪندي، جيوي ڪنڌائيءَ سان ڪڇي سگهي: ”ڪجهه ڪين هو.“ ۽ وري قدم اڳتي کنيائين.

”ڪجهه ڪين ڪيئن هو؟ بيهه هتي. جيڪي هجي، سو مون کي سچ سچ ٻڌاءِ.“

ڪانجيءَ جي اکين ۾ آگ هئي. اڳيان پٺيان ايندڙ پاڻيهارين جو پڻ کيس ڀان ڪونه رهيو. جيويءَ جو ٻڌو اَڻ ٻڌو ٿي ڪيو، سو ڏاڍيان چيائينس: ”ڇو، ٻڌين ڪانه ٿي؟ بيهي رهه. چوانءِ ٿو!“

جيوي وري رڪي - آنسون ڀريل اکين سان ڏانهنس نهارڻ جي ڪوشش ڪيائين. رودن ۽ لفظ ٻئي ملي هڪ ٿي ويا: ”سڀيئي گڏجي چئني طرفن کان ڇو ..... منهنجو اپمان .....“ ۽ هڪڙو سڏڪو ڀري، هلندي ٿي.

ڪانجيءَ ڳوٺ پاسي پير کنيو. رستي تي ڀڻ ڀڻ ڪندو ٿي هليو: ’چڱو بيٽا، اڄ ٿو آءٌ تنهنجي (ڌوليي جي) خبر وٺان. مون ٿي سمجهيو ته سڌرندو، سڌرندو، پر ائين ته ڀائي صاحب وڃي ٿو هيڪاري چوٽ چڙهندو!‘ ڳوٺ ۾ جيتوڻيڪ هو سانت هو، تڏهن به سندس هلت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چلت پنهنجو عصو پڌرو ڪري ڇڏيس - هڪ ٻن ڄڻن ته پڇيس به سهين، پر ڪانجيءَ آڏو ٽيڏو جواب ڏيئي ماٺ ڪرائي ڇڏين. هو سڌو ڌوليي جي گهر طرف ئي وڃي رهيو هو.

هيري، گهر جي مکيه دروازي وٽ، اندران پيل کٽولي تي ويٺي واڻ جي مرمت ڪئي.

اڳڻ واري رستي تان ڪنهن کي تڪڙو تڪڙو پسار ٿيندو ڏٺائين. پٺيءَ تان هيري کي شڪ جاڳيو: "اڙي اهو ڪانجي ٿو وڃي، يا ٻيو ڪو؟"

"ها، ڇو؟" ڪانجي ٻه قدم پٺتي هٽندي ٻوليو. سندس اکيون لعل هيون. منهن ٽامڻيءَ ڀريل هوس.

"ڪيڏانهن؟ هيڏانهن؟" هيري کان نڪري ويو. کلندي چيائينس: "اڄ نه! ڀڳت اڃا کيت مان ڪونه آيو هوندو." چئي، اٿي بيهي آڇ ڪيائينس: "اڄ ته حقو پيئون."

ڪانجيءَ کڙي کڙي تي محلي تي هڪ نظر وڌي. ڌوليي جي گهر پاسي ڪروڌ ڀريل اکين سان ڏٺائين. هڪ اونهو ساهه کڻي، چپ ڀڪوڙيندو، دروازي ڏانهن لڙيو. دروازي ڏانهن منهن ڪري، پير لٽڪائي کٽ تي ويهي رهيو. هٿ جي تريءَ سان کاڏيءَ کي ٽيڪو ڏيئي، پوءِ وري هيٺئين چپ کي چڪ پائڻ لڳو.

هيري جي زال ڪنڪوءَ لاءِ ڪانجيءَ جي منهن تي گنڀيرتا ۽ سا به وري ههڙي حد ڀري - اها ته هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عجب جي ڳالهه هئي. ”ڪيئن ڪانجي ڀائي، ڪهڙن خيالن ۾ آهيو؟“ ڪنڪوءَ ڌائيندڙ ٻچي کي ٻئي پاسي ڦيرائيندي، ذرا ڊڄي ڊڄي پڇيس.

”ڪهڙن ۾ ئي ڪونه!“ چئي، ڪانجيءَ هيري کان پڇيو: ”واهه تو ته حقو ٿي ٺاهيو نه؟“

واڻ ويڙهيندي سيڙهندي، هيري وراڻيس: ”ها، ٺاهيان ٿو. هيءَ هيترو منجهيل سمجهائي - توکي ايتري اتاوڙ ڇا جي لڳي آهي؟“

”ٺيڪ آهي، جيڪا لڳي آهي سا! تون به هيڪر حقو ته ٺاهه نه.“ چئي، ڪانجي دروازي جي ٻاهران نهاريندي، ننڍڙيون مڇون مروڙڻ لڳو.

”پر تڏهن به! کيت ۾ ڪنهن جو ڍور گهسي ويو هو ڇا؟“

”نه ڀائي نه،“ ذرا ڪاوڙ ۾ ڪانجيءَ جواب ڏنس.

”تڏهن ههڙو غصي ۾ ڪيڏانهن ٿي وئين؟“

وري ڪانجيءَ جو منهن مرجهايو. چيائين: ”ڪيڏانهن؟ ته ٻڌ. هن ڀنگيءَ جي خبر وٺڻ. اهو حجام! سمجهي ڇا ٿو پاڻ کي؟“

”پر ٿيو ڇا آهي؟“ چئي، هيري واڻ پاسي رکي، ڀت ڀرسان رکيل حقو کڻندي پڇيو: ”توکي ڪجهه چيائين؟....“

”مون کي ڇا چوندو؟ ڪي ڪڇي ته اُتي جو اُتي ئي چيري ڦاڙي .... پر هن ويچاريءَ کي ٿو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هلندي چلندي ماري، سو ڪهڙيءَ من مستيءَ ورتو
ائس؟"

"پر انهيءَ ۾ اسان جو ڇا، چڱا مڙس؟ جنهن جي
آهي، سو ڄاڻي. خطا ڪندي ته مار به ڏيندس - ۽
پاڻ کي ائين وچ ۾ پئي جهڳڙو ڪرڻ ٺهي، ڪو سونهين؟
ڪنهن کي پتو پئجي وڃي ته ...."

"تون هن مهل منهنجي اڳيان ڳالهاءِ ڪين، هيرا!
سچ پڇين ته انهيءَ ساري قصي جو تلاهي تون ئي
آهين! مون ڪونه ٿي چيو ته انهيءَ هڏن جي پڃري
جو هڪ ڪوڏي به ملهه ڪونهي؟ ويچاري هيڪاري
دکي ٿيندي. پر ...."

"اڙي پر چڱا مڙس، ايترو ئي چوڻو آهي ته وقت
سر کيس چئي وٺبو؛ پر هيئن ڪنهن جو بدر کڻي
ڪيئن جهيڙو ڇيڙبو؟ ڪوئي ست ڌاريو به چوندو،
ڀائي، هن کي ڇا ٿي ويو آهي جو.... پنهنجي نه ملي
ذات نه پات، نه ٺهي ڪو ناتو نه ڪو رشتو. الٽو ...."

"ڪيئن ناتو رشتو ڪونه ٺهي؟ کيس هتي آڻڻ وارا
ته تون ۽ آءٌ. اسين ٻئي ڄڻا نه؟ انهيءَ ويچاريءَ جي
دکي آتما هاڻي ڇا ٻوليندي هوندي؟ تون ته 'نه ملي
ذات نه پات' چئي پنهنجي جند ڇڏائي ويهه، پر پاڻ
کان اهو ڪين پڄندو." ۽ ڀانءِ ته غصي جو غبار نه
چڙهي ويو هجيس، تيئن سنئون ٿي وهندي چيائين:
"ڏي نه ڦوڪ ذري، مون ڏانهن اهو حقو ته وراءِ آءٌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿو انهيءَ جي خبر وٺان، اصل هاڻي جو هاڻي!"

هيري حقو ڏيندي چيس: "تون ڪي ٿڌو ٿيءُ، ٿڌو. اهو سڀ ڪي چوڻ لاءِ ته اسين ڪونه ويٺا آهيون. ناحق ٻوهي ۾ پاڻ وجهي ڇو ٿو پنهنجي بي عزتي ڪرائين؟"

ڪانجيءَ حقو پيئڻ اڌ ۾ جهليو. هيري ڏانهن ڪنڌ ورائيندي چيائين: "اهڙي نڪمي بي عزتيءَ کان آءٌ ڪونه ٿو ڊڄان. هيرا، سمجهين ٿو؟ هيڪاري آءٌ ته هن ڪنهن جي پيٽ ڄائيءَ جي - ويچاري جا نه رهي پيڪن جي، ۽ نه رهي ساهرن جي - تنهنجي بي عزتيءَ جا ٿو پٽڻان پٽيان. مون کان ته اهو سٺو ڪونه ٿو وڃي!" چئي، حقي جو سوٽو هڻي، هيري کي ڏيندي چيائين: "ماڻهن جو خوف هجيئي ته تون ڪڇ نه ڪو پڇ. آءٌ ته کيس چوڻ کان گسندس ڪين ڳي؛ ۽ جي ڪا آڏي ٽيڏي بات ڪيائين، ته اهڙي ته لاک لاهيندوسانس، جو ويٺو عمر ڀر ياد ڪندو!"

ڪنڪوُ ته ککي وکي ٿيڻ لڳي هئي. ان ۽ هيري ٻنهي گڏجي ڪيئن به ڪري ڪانجيءَ کي ٺار وڌو.

"اڄ ته ٺهيو، پر هاڻي جي وري ان کي ماريائين- ها، جي سندس ڏوهه گناهه هجي يا ويڙهه جهيڙهه ڪندي هجيس ته ڳالهه ٻي آهي؛ باقي هيئن هلندي چلندي، بنا ڪنهن ڪارڻ جي ماريندس ته اُن جو ڦل چڱو نڪرڻ وارو ڪونهي، هيرا! ڪي چوڻو هجيئي ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چئي ڏي." چئي، ڪانجي اُٿيو.

ڳچ ساعت بعد ڪنڪوءَ ڌوليي کي ڌمڪي ڏني. هيري به ڌوليي کي جيترو ٿي سگهيو اوترو دم ڏنو. مٿان چيائينس: "رڌي پڪي روٽي ٿانئيڪي ٿي مليئي ته کائيندو رهه، نه ڇانو مانو. جي وري ائين ڪندين ته ڪاڪهن (ڪانجي) هن ڀيري ته توکي مار ڏيڻ کان سواءِ رهڻ وارو ڪونه اٿيئي؛ ۽ آءٌ سچ ٿو چوانءِ، انهيءَ جي ڪاوڙ اٿيئي قهر ڀري. مون کي ته ائين ٿو لڳي ته توسان گڏ تنهنجي ٻائيءَ کي به ماري وجهندو، ۽ پوءِ وري پاڻ کي به ماري ڇڏيندو - ۽ ۽ تنهن مان ڇا ورندو، ڇا سرندو....؟

ڌوليي کي جيتوڻيڪ ڪانجيءَ جو ڏاڍو ڊپ ويٺل هو، تڏهن به هوڏانهن کيس وري مکيءَ ۽ سرڪاري عملدارن جي پشتي پڻ هئي. هروقت هشي ڏيندڙ ۽ حال ڀائي ريشمو به پاڙي ۾ ئي هوس. وري ڪانجيءَ جي جڳهه تي جيڪڏهن ٻيو ڪوئي جوان هجي ها ته هو عملدارن جي پشتيءَ جو لاڀ وٺي ان کي ٿڌو به ڪري ڇڏي ها؛ مگر کيس معلوم هو ته ڪانجي مکيءَ کان ته ڇا پر عملدارن کان به ڊڄڻ وارو ڪونهي. اڳئين سال ئي ان هڪڙي پوليس واري جو گلو پڪڙي، سندس گارين ڏيڻ واري جنم ڀر جي عادت ڀلارائي رکي. انهيءَ بابت پوڇ تاڇ ڪرڻ بعد عملدارن پڻ -

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿورو دم ۽ ڪافي داڻي ڏيئي- کيس ڇڏي ڏنو هو.

پر ڌوليي کي ڄاڻ هئي ته جيڪڏهن ڪانجي ڪنهن قاعدي جي اڙيءَ ۾ اچي ويو ته پوءِ سرڪاري عملدار به کيس سولو ساهه پٽڻ ڪين ڏيندا. مگر اهڙي ڪنهن قاعدي جي اڙيءَ ۾ به اچي، تڏهن نه؟ هيري جي صلاح ڌوليي تي اونڌو پاڻي ڦيريو. خبرداري ته خبرداريءَ جي ماڳ، اٽلو هو ڇڙي پيو: ”آءٌ به ڏسان ته سهين، اهو ڪيئن ٿو مون تي هٿ هلائي!- هيترو وقت عملدارن جي چمپي ڪئي اٿم؛ سا باقي ڪڏهن ڪم ايندي؟.... ۽ ڌوليي جي هيءَ پشتي ڀلي ڪانجي کڻي ڪونه وساريندو هجي، تڏهن به هيري کي ته اُن جي پرڀاوَ جي پوريءَ طرح پروڙ هئي. رات ٽاڻي اُن ڪانجيءَ کي گهڻيون ئي صلاحون ڏنيون، ۽ ڪانجي به وهنوار ۾ ڪچو ڪٿي هو؟ هيري اڳيان مجبور ٿي چيائين: ”آءٌ سڀڪي ٿو ڄاڻان، هيرا! پر هينءَ هنکي مار ملي، سو مون کان سٺو ڪين ٿو وڃي!“ ٿوري دير ترسي، وري چيائينس: ”مون کي به ڀؤ ٿو ٿئي ته يا ته آءٌ ڪنهن کي ماري مات ڪندس، يا ته .....“ چوندي، ڪانجي چپ ٿي ويو. پر هيرو سمجهي ويو ته ڪانجي ’يا ته آءٌ ان کي پنهنجي گهر آڻي وهاريندس‘ ائين ٿي چوڻ چاهيو.

هيري جو وهم تنهن ڏينهن ڀڳت سان بحث ڪرڻ کان پوءِ ذرا جهڪو ته ٿيو هو. پر پٿر دل ڪانجيءَ کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ھھڙيءَ لاچاري حالت ۾ ڏسي کيس خاطري ٿي چڪي هئي تہ ’مڃ ڪي نہ مڃ؛ پر جيويءَ کيس ڪجھہ ڪري ڇڏيو آهي - ڀلي ڀڳت نہ مڃي، پر ضرور ڪا ٽوٽي ڦيٽي جي ڪرامت آهي!‘ ۽ پوءِ من ۾ چوڻ لڳو: ’اُڪوئي سڀني جو اگر تگر ناس ٿئي - وڙهي پاڻ ۾ وڃي ڍانگا ٿين، تنهن ۾ منهن جو ڇا؟....‘

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرڪرڻ ٻارهون

سچ ته بيٺو نچ

هيري ۽ ڪنڪوءَ جي صلاحن کان پوءِ ته ڌوليي جو مجاز تيهان ئي وڌيڪ بگڙيو. انهيءَ بعد جيويءَ ڏانهن هو ڀانءِ ته کليءَ اک به ڪين نهاريندو هو، پر سو رڳو ڏينهن پوُر تو ئي - البت جيويءَ کي به پنهن جي سومان جي ڪا گهٽ ڪاڻ ڪانه هئي، تنهنڪري ڌوليي جون راتيون به ٿئي بگڙيون! سچ پڇو ته هن جيويءَ تي جيترو ڏينهن جو رعب ٿي ڄمايو، اوترو رات جو ڄمائي ڪونه ٿي سگهيو. جيويءَ هڪ اڌ دفعو سندس سيني تي لت هنئي هوندي ڪي نه، تنهن جي ته انهن ٻنهي کي ئي خبر، باقي رات جي وڳڙي ڌوليو کانئس ڏاڍو گهبرائيندو هو، تنهن ۾ شڪ رتي ماتر ڪونهي. هڪڙيءَ رات ٻاهر ايوان ۾ سمهيل ناني ٻڍيءَ ته ڌوليي کي سڻي، ڪن ئي سڙي وڃن، اهڙا سخن ڪڍندو ٻڌو، ۽ اندران جو ڪنهن گوڙ گهمسان جو پرلاءُ پيس، سو ان دروازو پڻ کولارايو. آبرو کوهي ويٺل انهن ٻنهي ڄڻن کي بلڪل ئي جيهڻي آواز ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوب مند جو ٻڌائي، ڌوليي کي ٻاهر سمهاري ڇڏيائين ۽ پاڻ اندر وڃي ستي.

جيويءَ کي پاسي ۾ وهاري، ”جوانيءَ جا ڏينهن ته اسان به ماڻيا، ڀيڻ!“ چئي، کيس مت ڏيڻ شروع ڪيائين.

پوءِ ڌوليي کي به ڇليائين ۽ جيويءَ کي لنبو ليڪچر ڏيئي، ٻنهي ڪلن جي آبرو تنهنجي ئي هٿ وس آهي، سو سندس مغز ۾ ٺونسڻ جي ڪوشش ڪيائين. صبح جو پڻ ڌوليي کي صلاح سان گڏ ٺپڪو ماريندي چيائين: ”هيئن مارڪٽ وٺي وهندين ته ڪيئن ٺهندو؟ هڪ اک جي اشاري سان ڪير روئاري ۽ هڪ سان ئي کلائي، تنهن کي چئجي انسان!“

”سو ته ٺيڪ آهي،“ چئي، ڌوليو چپ رهيو. پر اندر ۾ ائين پئي آڪڙيو: ’جي اُنهيءَ ٻائيءَ جي ۽ هن ٽرڙي جي خبر نه وٺان ته منهنجو نالو ڌوليو ئي ناهي!‘

۽ اُنهيءَ ڳالهه پٺيان ڌوليو ايترو ته پيو، جو ڳوٺ جي ٻن چئن جوان ٺاڪرڙن - ڳوٺ جي چوڪيدارن کي ئي چيائين ته ڪانجيءَ کي ڪنهن قاعدي جي اَڙيءَ ۾ آڻي پڪڙائي سگهو ته اوهان کي اِنعام طور هڪ مينهن ڏيندس.

پر ڪانجيءَ جا ڳوٺ ۾ جيترا دشمن هئا، تن کان گهڻي تعداد ۾ دوست هئس. سندس ڪنن تي اها ڳالهه آئي ته کيس ڏاڍو ڏک ٿيو. هڪڙي ڏينهن ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان ڏوليي کي پنهنجي جهوڙيءَ ۾ هيري جو نانءُ وڃي سڏايو. جيڪڏهن پنهنجو نانءُ وڃي سڏائيس ها تہ ڏوليو اچڻو هجي ها، تڏهن بہ ڪونہ اچيس ها. سو بہ گهر گهرائيس ها تہ وري بي ڳالهہ هئي، پر هيئن ڳوٺ جي ٻاهر ڪيئن ۾ ڪيئن ٿو وڃي؟

هيري جي بدران ڪانجيءَ کي ڏسندي ئي ڏوليي جو رت سڪي ويو. مرڪڻ جي ڪوشش ڪندي، مس مس ڪڇي سگهيو: "ڪانا ڀائي، هيرا ڀائي ڪيڏانهن ويو؟ مون کي جو سڏايائين سو ڪهڙو ڪم هوس؟"

ڪانجيءَ کي پڪ هئي تہ جي ڪونهي چوندوسانس تہ هڪدم ئي پنيان پير ڪري هليو ويندو، ۽ پوءِ جي سڏيندوسانس تہ گهڻو ٿو ماريائين ڙي ماريائين....' جون رڙيون واڪا مچائيندو ۽ ڳوٺ پاسي پڇڻ لڳندو. تنهنڪري مشڪي چيائيس: "جاڻ آيو ڪي آيو، اڃهو هن پار ڪنڊ پورڻ ويو آهي. ويهہ تہ سهين،" چئي، ڪانجي چلم ناهڻ لڳو.

"مون کي بہ تہ ڪنڊ پورڻا هئا،" چوندو، ڏوليو جهوڙيءَ جي مهڙ وٽ ئي ويهي رهيو.

هڪ ٻہ دفعو چلم جي ڏي وٺ ڪرڻ بعد ڪانجيءَ چيس: "ڏس ڏوليا، اڄ وري تون اچي نڪتو آهين تہ مون کي توسان هڪ ڳالهہ ڪرڻي ...."

"تہ ڪر نہ، ڪانا ڀائي - هڪ ڇو- ويهہ ڪر نہ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ ۾ ڇاهي ؟"

ڪانجيءَ سڌو ئي سڌو سوال پڇيس: "آءٌ تنهنجي زال سان ٺهيل آهيان، ائين ٿو تون سمجهين، سو سچ آهي ؟"

ڪانجيءَ کي بلڪل شانت ڏسي ڌوليي کي به همٿ آئي. چيائين: "مان ته ائين اصل ڪين ٿو سمجهان، ڪانا ڀائي! پر لوڪ آهن ٻوڪ، الاجي ڇا جو ڇا ٿا بڪن. باقي مونکي ...."

"لوڪ جي بابن کي وجهه ٻن ۾! آءٌ ته تنهنجي ٿو ڳالهه ڪريان .... تون ائين سمجهين ٿو، سچي ؟ ۽ جي سمجهين ٿو ته تو اسان کي ڪٿي ۽ ڇا ڪندو ڏٺو آهي، سو ٻڌاءِ." چئي، ڌوليي جو منهن پيلو ٿيندو ڏسي، اُن وڌيڪ چيو: "ڏس، ڊڄڻ جو يا شرمائڻ جو بلڪل ضرور ڪونهي. جيڪي هجي، سو اڄ تون مونکي صاف صاف چئي ڏي. تون پنهنجو اندر کولي ڳالهه ڪر، ته آءٌ پنهنجو اندر کولي ڳالهه ڪريانءِ."

پر ڌوليو ته مورڳو ئي بهانا ڪرڻ لڳو. فلاڻي مائيءَ هيئن چيو ۽ ٽيريءَ مائيءَ هونءَ چيو. اهڙيءَ طرح گوئناٿي ڪندو رهيو. ڪانجي ذرا پاسيرو ٿي ليٽيو. ٺونٺ جي ٽيڪ تي ڪپار کي آڌار ڏيندي، پڇيائين: "۽ تو ڳوٺ جي چوڪيدارن کي جو مونکي پڪڙي اچن ته هڪ مينهن آڇي اٿيئي، سا ڳالهه سچي آهي ؟" ڪانجيءَ کي ته کلڻ ٿي آيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”سا ڳالهه سچي آهي ڪانا ڀائي! پر اهو به مونکي ائين ڀنڀلائي ....“

”تنهنجي من ۾ جيڪي هجي سو هجي، پر پنهنجي سر اڄ آءٌ توسان صاف گوئي ڪري ڇڏيان. انهيءَ حال اورڻ لاءِ ئي مون توکي سڏايو آهي.“ چئي، ڪانجي ائي ويٺو ۽ چيائينس: ”ڌوليا! مونکي جي اهڙا ڪڌا ڪم ڪرڻا هوندا ته تون ست پهريدار رکندين، تڏهن به ڪرڻ کان ڪين گسندس. پر منهنجي من ۾ اهڙو ڪو خيال آهي ئي ڪونه. مونکي اهڙو ڪي ڪرڻو ئي ڪونهي. ها، آءٌ کيس وٺي آيس، تنهن وقت منهنجي من ۾ ڪا ڪٻڌيا هئي يا نه، سو ڀڳوان ڄاڻي؛ باقي هڪڙي ڏينهن ڀڳت جهڙي ماڻهوءَ مونکي طعنو هنيو، تنهن ڏينهن کان وٺي مون اصل ڳنڍ ٻڌي ڇڏي ..... منهنجي ۽ ان جي وچ ۾ هن مهل تائين ته اهڙي ڪا به اونڌي سونڌي ڳالهه ٿي ڪانهي ۽ آئيندهه پڻ ٿيڻي ڪانهي، ايترو ته تون اعتبار ڪجانءِ، ڌوليا! ها، انسان آهيون، ڪڏهن کڻي پاڻ ۾ کلجي ڳالهائجي، پر مون ته انهيءَ سان اهو به رستو ڪونه رکيو آهي ۽ مونکي رکڻو به ڪونهي! سو تون دل دکيءَ ۾ رکي ويهه. هن ريشمي جهڙي ماڻهوءَ جي ڳالهين تي ڀنڀلجي، کيس هيئن هلندي چلندي مارڻ پٽڻ ڇڏي ڏي!“ چئي، هڪ اڀو ساهه کڻي، ڪانجي ٻوليو: ”۽ منهنجي باري ۾ چوپڇو ٿي هلي، تنهن جي مونکي پرواهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪانهي. پر لهڻي نہ ڏيڻي، بس ائين ئي هن بابت ڪير اُفواهہ اُڏائيندو تہ اهو مونکان ڪين ٿو سٺو وڃي! تنهنڪري جي منهنجو مڃين ۽ سکي رهڻ چاهين تہ اهي سڀ شڪ شبهہ ڪڍي ڇڏ. منهن جي واتان ڪي اُلٽو سلٽو ٻڌين تہ ڀلي مونکي ڏوراپو ڏجانءِ. ڏوهہ هوندو تہ آءٌ ڪهڙي بہ ڏنڊ ڀرڻ لاءِ تيار آهيان، پر انهيءَ کي ڪٽڻ سٽڻ تہ تون ڪيئن بہ ڪري ڇڏي ڏي."

"اڄ کان وٺي ڇڏي ئي ڏنم، ڪانا ڀائي،" چئي، ائڻ جي تياري ڪندڙ ڌوليي کي وري ڪانجيءَ چيو: "ايترو تہ خيال ڪر، ڌوليا! آڌيءَ رات ويچاري اسان جي پٺيءَ پٺيءَ آئي. انکي ائين ماريون ڪٽيون، تہ سندس اندر ڪهڙيون آهون ڪڍندو؟" چئي، ڪانجيءَ وري هڪ شوڪارو ڀريو. کيسي مان تماڪ ڪڍي چلم تيار ڪندي، چيائين: "سو اڄ کان وٺي اهڙو ڪي وري نہ ڪجانءِ ۽ جي تون پنهنجيءَ زال سان مٺ محبت جو ورتاءُ ڪندو رهندين، تہ انهيءَ جهڙي ڇوڪري ست جنم گذري ويندءِ، تڏهن بہ ڪانہ ملندءِ. هان ڌوليا! باقي ههڙن روز جي جهيڙن جهٽن ڪري يا تہ ويچاريءَ کي ڪنهن کوهہ يا ڪنهن تلاءَ جو آسرو وٺڻو پوندو، يا تہ وري .... پر ٿوري ۾ چوانءِ، منهنجا ڀائڙا! تہ وڏو بکيڙو مچي پوندءِ. مونکان بہ اهو حال جها جها ڏينهن سٺو ڪونہ ويندو، سو بہ آءٌ توکي اڳوپوءِ ٻڌائي ڇڏيان." پوءِ هو چلم پيئڻ لاءِ وريو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏوليو هن مهل تائين ”ها وري، برابر آهي؛ سچ ٿو چئين؛ ڪانا ڀائي،“ ائين ئي ڪري رهيو هو. هوڏانهن ڪڏهن ٿو ڪانجي ڳالهائي پورو ڪري، ؟ ڪڏهن ٿو پاڻکي اٿڻ جو وجهه ملي، تنهنجي پئي چورا کورا ٿيس. ڇاڪاڻ ته کيس خوف هو ته ڪانجيءَ کي جي غصو اچي ويو ته هن جهوپڙيءَ ۾ منهنجو ڪهڙو ڌڻي سائين ويٺو آهي؟ چلم ختم ٿيڻ بعد ئي سندس بند خلاص ٿيا. اُپڙڻ مهل وري ڪانجيءَ چيس: ”ڇا چيومانءِ، ڌوليا؟ من ۾ ڪو شڪ شبوهه هجيئي ته هاڻي ئي ڪڍي ٻاهر ڪر!“

”اڙي نه ڙي ڪانا ڀائي! هاڻي وري ڇا جو شڪ شبوهه؟“ ڌوليو ڳوٺ پاسي هلندو ٿيو. کيت لنگهڻ تائين ته کيس هر کر هئي. برابر جيءُ جاءِ ته کيت پار ڪرڻ بعد ئي ٿيس.

ڀانءِ ته دل جو سڄو بار جهڪو نه ٿي ويو هجيس، تيئن ڪانجيءَ جي من کي پڻ هڪ قسم جي شانتي اچي ويئي.

ڪانجي هيئن ڍلو ٿي ويو، سو ڏسي ڌوليو ته ذرا مڇن کي وٽ ڏيڻ لڳو. پر اها ڳالهه ٻڌي ريشمي وري ٿڌو ڪري ڇڏيس: ”هل ڙي هل، ڀلا مڙس! موالي ماڻهن جو توکي ڪهڙو پتو؟ اهڙو ماڻهو ته اگرن تي رکي پاڻ سيڪي، تڏهن به اُن تي ويساهه نه ڪجي. ڏسجانءِ، سندس ڪن ڳالهين تي نه ڦاسي وڃجانءِ!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”نہ نہ ريشما، ڳالھ تہ ھن صفن صاف ٿي ڪئي. اصل قبول بہ ڪيائين. انھن ٻنھي ڄڻن جي دل ھڪ ڏينھن .....“

ريشمي وچ ۾ ئي کلي ڏنو. چيائينس: ”تو وني ورتي پر ٻالو ڀولو تہ اھڙوئي رھجي وئين جھڙو ھئين، ڪين ڌوليا!“ ۽ ڌوليي جي ٻانھن کي ڌوڻو ڏيندي ٻوليو: ”اھڙيون ڳالھيون ڪيئن ڪجن ۽ ڪھڙيءَ طرح ھارايل بازي کٽجي، اھو تہ سندس جھڙو ڪو ھجي، سوئي سمجھي. توکي ڪانہ اھا ٻيٽ پوندي!“

ڌوليو ريشمي کي چڱيءَ طرح سڃاڻندو ھو. کيس خاطري ھئي تہ اھڙين ڳالھين ۾ ڪانجيءَ کان بہ ريشمو سوايو. انھيءَ ڪري ئي تہ ھو ريشمي جون ڳالھيون ٻڌي خوب خيالن ۾ پئجي ويو ھو نہ!

ڳالھيون اڃا اڌ ۾ ئي ھجن، تيئن ڌار ٿيڻ وقت چوندو ويو: ”صفن صفا ڳالھ ٻڌي تہ آيو آھين، پر جي ڪنھن ڏينھن الٽي سلٽي ڳالھ نہ ٻڌين تہ ريشمي کي وري ياد ڪجان، دوست!“

ڌوليي کي بہ اھي لفظ تير وانگر چڀي ويا، ۽ مکيءَ سان تہ ڳالھ چوري ڇڏيان. ڪانجيءَ، دل لڳي اٿس، ايترو تہ قبول ڪيو آھي نہ؟‘ اھڙا ويچار ڪندي اُن مکيءَ جي گھر ڏانھن رخ رکيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرڪرڻ تيرهون

ڪسوٽيءَ جي ڪاڻ

مکيءَ ۽ ڳوٺ ۾ رهندڙ ٽلاٽيءَ، وغيره ڌوليي کي هر قسم جي مدد ڏيڻ جو واعدو ڪيو، پر ايتري مان ڪجهه ورندو بلڪل ڪين، اهو پڻ ٻڌائي ڇڏيائونس وري صلاح ڏنائونس: ”ڪانجي توکي مارڻ اچي ته اچڻ ڏجانس. پوءِ اسين ۽ اهو پاڻيهي پيا پڄنداسون....“

۽ اهڙيون جي ڳالهيون هيل تائين جوان جوانڙين ۾ ٿي هليون، سي هينئر ٻڍن ۾ پڻ هلڻ لڳيون.

ڪانجيءَ جي ڪنن تي پڻ اهڙي ڳالهه آئي. ان کي گهڙيءَ کل پئي آئي ته گهڙيءَ دک پئي ٿيو، ۽ گهڙيءَ ’ڏسان، اهي سڀيئي گڏجي مون کي ڪهڙي ڦاهي ٿا چڙهائين!‘ اهڙي ويچار ايندي سندس اکيون لعل ٿي ٿي وييون، ته وري ڪنهن وقت حياتيءَ مان ويراڳ به اچي ٿي ويس. ڪنهن مهل دل ۾ ٿي آيس ته جيويءَ کي چئي ڏيان: ’هل ته ڀڄي هلون!‘

انهيءَ نموني هڪ مهنو گذري ويو.

هوڏانهن جيوي! مار کائي کائي انسان يا ته ڍور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي پوندو يا ته حيوان بڻجي پوندو، پر جيوي انهن ٻنهي مان اڃا ڪنهن پاسي ڍرڪي ڪانه هئي. گهر ۾ هجي، تڏهن ڏينهن جو ڍور جهڙي لڳي، ته ڪڏهن رات جو ڌوليي کي حيوانيت جو چشڪو به چکائي ڏئي. پر ٻاهر ته اڃا به هوءَ مرڪندڙ منهن رکي سگهي هئي. همدردي ڏيکاريندڙ ماڻهن اڳيان ”واهه ڀائي، گهرن ۾ ته جهڳڙا رڳڙا هلندا ئي آهن!“ ائين چئي، سندن اڳيان ڳوٺ جا ٻيا مثال ڏيئي، چوندن: ”اهو ته ائين ئي پيو هلي؛ ڪنهن جي گهر گهٽ، ته ڪنهن جي گهر وڌ!“

ائين ڪندي ڪندي هولي به پسار ٿي ويئي. اونهاري جا آسايش ڀريا ڏينهن اچي ويا. گڏوگڏ واندن ماڻهن جي ڳولها ۾ ’ديوي ماتا‘ پڻ اوڌڙيا ۾ اچي پرگهٽ ٿي. پنگهٽ تي آيل هڪ يوَتي مٿي تي گهڙي رکندي ئي ڏڪڻيءَ ۾ اچي پيئي. گهڙو زمين تي ڪري پيس. زالون گهبرائجي وييون. ٻه ٽي مرد جي پاڻي ڀرڻ آيا هئا، تن کيس ٻانهن کان جهلي سنئون ڪيو ۽ ڳوٺ ڏانهن نيون. ’معاف ڪر اَمڙ! کميا ڪر ماتاجي!‘ ائين پڪاريندي يون، زالون پڻ انهن جي پٺيان ٿي آيون.

ڳوٺ جي چونڪ ۾ ماڻهن جي ڀيڙ لڳي ويئي. ماتا جا ۽ ڀڳتيءَ جا اُپاسڪ ٺاڪرڙا به اچي سهڙيا. واس ڌوپ ڪري ماتا اڳيان پلوُ پائي سوال ڪيائون:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ٻڌايو، اسان جا مالڪ، توهين ڪهڙا ديوَ آهيو؟ اسان غريبن جي گهر پنهنجا سونا پير ڪيئن ڌرڻا پيوَ، ماتاجي؟“

ڪيترو ئي وقت جهولڻ کان پوءِ هوءَ يوَتي ٻولي:
”اسين موتيڇڙا ديوَ آهيون! آءٌ اول آئي آهيان چتاءُ ڏيڻ- منهنجا ٻيا ساٿي پٺيان ٿا اچن. ڳوٺ ۾ ميلو مچايو، صندل سجايو ۽ دهل دماما وڄايو- اسان کي کيلڻو آهي. ٻه ڏينهن کيلي اسين پنهنجو رستو وٺي راهي ٿي وينداسون ۽ اڙي .... ڳوٺ ۾ ڪائي بيماري سيماري هجي- جيڪي به هجي، سو سڀڪي ان وقت ٻڌائجو. اڙي، اسين دک دور ڪنداسون ....“

”ڀلي ڀلي، اي ماتا! اسان جا ڪٿان اهڙا ڀاڳ کليا جو بن ٻولائي، بن گهرائي، پنهنجو پاڻ پڌاريا؟“ جيوي ڀڳت نالي هڪ ٺاڪرڙي چيو. پوءِ ناريل ڦوڙيندي وچن ڏنائين: ”سڀاڻي ڳوٺ جي پاران صندل سجائي، دهل دماما وڄائينداسون؛ توهين پنهنجي ساٿين سميت بيشڪ پڌارجو.“

”ڀلي، ڙي!“ چوندي، اها مائي زمين تي اونڌي ٿي پئجي رهي.

ٻئي ڏينهن پرڀات ويلي ڳوٺ ۾ مٺاين ٺاهڻ ۽ ڏيئن ٻارڻ لاءِ گيهه، اٽي وغيره جي اوڳڙ ٿيڻ لڳي. چونڪ ۾ مانڊو ٻجهي ويو ۽ دهلن دمامن وڄڻ کان اڳ ۾ ئي لڳ ڀڳ ويهه ڄڻا- خصوصن جوان ۽ ڪشور ئي- خود

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهولڻ کي به لڳي ويا.

ٽي سال ٿيا ته اهو ئي موتيڇڙو ديو آيو هو. تنهن ڀيري ڳوٺ جي ماڻهن کي جيترو ڊپ لڳو هو، اوترو هن دفعي ڪونه ٿي لڳو.

انهيءَ دفعي ڪانجي وغيره جوانن جي بدران ڪن ڪرڙوڍن ۽ تن ۾ به خاص ڪري ڳوٺ جي ٺاڪرڙن انهيءَ بيٺڪ جو بندوبست ڪيو هو. هڪڙي پٺيان ٻيو، ائين ڇهه ست ٺاڪرڙا اچي ڪٺا ٿيا. ڪنڪوءَ، گلال ۽ هيڊ جون رنگوليون تيار ٿي وييون. صندل تي لعل پيلا ڪپڙا پٿاري، چانورن ۽ ڪڻڪ جون ڍڳيون ٺاهيائون، تن جي مٿان لوٽو رکيائون. لوٽي تي ناريل رکي، اُن تي سڳڙو ويڙهيائون. ٻنهي پاسي ٻه کليل تلوارون رکيائون. سمئيءَ تي گيهه جا ڏيئا ٻاريائون، ۽ اُنهن سڀني جي منڍ ۾ اگنيءَ ڀريو ڪونڊو رکيائون. جيوي ڀڳت وڏا ٻوڪ ڦاڙي انهيءَ ۾ واس ڌوپ وجهڻ شروع ڪيو.

اندر ئين وڀاڳه ۾ انهيءَ صندل ڀرسان ويٺل پنجن ستن ڄڻن کي ڏسي حاضرينن کي قدري سياٽو پئي ورتو. انهن سڀني جي پوشاڪ گهڻو ڪري هڪ جهڙي گوڏي تائين پوتيو، وڏن وارن تي ٻن ٽن وراڪن ڏنل پٽڪو - بس، ائين هڪ جهڙي ئي هئي. ۽ جيوي ڀڳت رڳو انگوڇو کڻي ٻڌو هو. ان جون اڌ پوريل نشيدار اکيون ڏر ڏيئي ڇڏين، اهڙيون ٿي ڏٺيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر اصلي ڌمال ته ان مانڊي کان ٻاهر - دروازي کان وٺي ويندي وڏي چونڪ تائين - مچي رهي هئي. دروازي وٽ ٻين ڀڳتن سان گڏ اٽڪل پنجويهه نوجوان ڍول، جهانجهه ۽ مجريون وڄائي موج لڳائي ويٺا هئا. هڪ پاسي مکي ۽ ڳوٺ جا ٻيا ڏهه پندرهن ماڻهو پڻ جمع ٿيل هئا. ٻئي پاسي زالن ۽ ٻارن جي گردي هئي ۽ سامهون واري ميدان ۾ ويهه پنجويهه ماڻهو، ڪي ٻانهون ٺوڪيندا ته ڪي سارو سرير ڌونڌاڙيندا، پيتو هجين، تيئن ٿيڙ ٿاٻا کائيندا، "هو هو.... هوُن هوُن...." ڪري ڌوڻي رهيا هئا؛ ڪي ڌوڻيندڙن کي پاڻي پياري رهيا هئا ته ڪي وري ڌرتيءَ تي پاڻي ڇڻڪائي رهيا هئا.

ايتري ۾ اوچتو ئي اوچتو هڪ زبردست ڪڙڪرات ٿيو. ڪو شخص اُڇانگ ماري چار فوٽ پري وڃي پڇاڙيو. وري کن ۾ ئي خوفناڪ رڙ ڪري کڙو ٿي بيٺو. زمين کي زلزلي ۾ وجهي، هن ٽوليءَ کي گهيرو ڏيئي، گول گول چڪر ۾ ڦيريون پائڻ لڳو. اُهو شخص ريشمو هو - "ان ۾ واسو ڪيل ڀوت هن سڄيءَ فوج جو سردار آهي،" ائين هنن ڀڳتن مان ڪنهن آکيو. ٽولي کي پنهنجي گولي ۾ رکندو، ۽ اڙد جا ڪڻا هيڏانهن هوڏانهن ڦئنڪيندو، ريشمو اهڙو ته تيزيءَ سان ٿي ڦريو جو اتفاق سان ڪير ساڻس اٿڙائي ته ڌوُن جيڪر پٽ ۾ ليٿڙيون پائيندو وڃي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳچ مدت تائين کيلڻ بعد ريشمي ۽ ٻن وڏن ڀڳتن (جن تي ديوُ پرسن ٿيو هوندو، تن ماڻهن) کي صندل وٽ آندائون. ٽيئي ڄڻا اهڙو ته زور سان ٿي جهوليا جو ڪچيءَ پڪيءَ دل وارا ته اُنهن کي ڏسڻ پسڻ جي همٿ به ساري ڪونه ٿي سگهيا. گهڻي تڻي وقت تائين جهولڻ بعد ريشمي ڍولڪ وڄائڻ وغيره بند ڪرايا. پڇيائين! ”اَڙي، آهي ڪو داد فرياد؟..... هجيو ته چئي ڏيو ..... دکين جا درد دور ڪري ڇڏيان ..... چئو ڙي چئو!.....“

”توهان نه ڪندو ته ٻيو ڪير ڪندو، منهن جا خاوند!“ جيوي ڀڳت گول ۾ ڌوڙجي چپٽي ڦٽي ڪندي چيو. دروازي وٽ ماڻهن جو جهنڊ اچي مڙيو. ڪانجي ۽ ٻيا جوان پڻ اندر هلي آيا هئا.

”ته چؤ نه ڀلا، چئي ڏي! .... پنهن جا دک سور! رڙ ڪري، ريشمو وري زور سان جهولڻ لڳو. پوءِ هنن ٻنهي ڄڻن به سندس نقل ڪيو: ”ها ڙي، پنهن جا دک سور جيڪي هجني، سي ٻڌائي ڏي!....“

”منهنجا مائي باپ، اسان جا دک سور توهان کان ڪهڙو ڳجها آهن؟ توهين ته ....“ پر ديوَ کي ڪجهه ٻوليندو ٻڌائين، سو جيوو ڀڳت چپ ٿي ويو.

ريشمو چوڻ لڳو: ”اَڙي مون کان ته ڇا ڳجهو هوندو؟ .... تون رڳو ڪڇ ته تنهنجي ڳوٺ جو گند گهمسان ڪڍي ٻاهر ڪريان. تون رڳو ڪڇ ته اهڙن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪمن ڪرڻ واري جو .... پاءُ پلڪ ۾ ئي ٽانءُ نشان ظاهر ڪري ڏيان!...."

"هائو، مائي باپ! اِنسان آهي عيبن ڀريو، ڪڏهن بندو ڀل به ڪندو- ڀل نه ڪندو، سو ماڻهو ڪهڙو؟" ٻئي هڪ ٻڍي ٺاڪرڙي چيو.

"پر ڙي ..... ڪو سڀرو ڪنهن ڏٻري کي کائي وڃي - سندس عزت ۾ خلل وجهي، سو ڪٿي جو نياءُ؟" چئي، ڏند ڪرٽيندي، ريشمو سونٽي وانگر پنهنجي بدن کي ڦيرائڻ لڳو.

اهو سڻندي ئي ڪانجيءَ جا ڪن سرلا ٿيا. ٿورو پرڀرو هو ٿنڀي کي ٽيڪ ڏيئي بيٺل ڀڳت ڏانهن سري ويو. کلي کلي چيائينس: "ڀڳت هيءُ ديوُ ته ڪو جبرو ٿو لڳي!...."

ايتري ۾ ديوُ کي ڳالهائيندو ٻڌي، ڀڳت کيس ماٺ ڪرايو- ديوُ چئي رهيو هو: "اَڙي توهان ڳوٺ وارن کي ايتري خبر ڪانهي، جيتري مونکي خبر آهي!" چئي، "هاءِ!.... هاءِ!.... هاءِ!...." ائين ڪري، ڄڻ ڪنهن ڀاري پيڙا ۾ نه پيڙجندو هجي، تيئن بدن کي موڙيندو سوڙيندو، ريشمو جهولڻ لڳو. گهڙي ساعت بعد وري چيائين: "ٻول ڙي، ڀڳت!" هو جيوي ڀڳت سان ئي ڳالهائي رهيو هو- "چئي ڏي! اهڙن لچن لفنگن کي ڏنڊ ڪريان، ڪين معاف ڪري ڇڏي ڏيان؟ چئي ڏي!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪانجيءَ جون اکيون تاڻجي وييون- ”هي ته ڪوئي عجيب ديوُ ٿو لڳي!“ ڪنجهندي ٻولياءِ: ”معاف ڪري ڇو ڇڏي ڏيوس، منهنجا ڌڻي؟ کيس به ڪا خبر ته پوي! نانءُ نشان ته ضرور ئي ظاهر ڪريو....“

”اڙي اڙي، پر ... انهيءَ مان ڪو لاڀ ٿيڻ وارو ڪونهي، هان!“ ريشمو وري ڏاڍيان جهولڻ لڳو. ڪو پمپ ڄڻ هوا نه ڇڪيندو هجي، تيئن سندس واتان ’سوُ هوُ سوُ هوُ ....‘ ٿي رهي هئي.

ڪانجي منڍ ۾ اچي نڪتو هو. چيائين: لاڀ ٿيڻ وارو ڇو ڪونهي؟ ڙي! ڀلي نه اهڙي پاپيءَ کي ڪا سزا ملي. تنهن سان گڏ توهان جي ڪرامت جي به ڪل پوندي، ۽ اهڙن ڌنڌن وارن ٻين کي به سبق ملندو.“

جيوي ڀڳت توڙي مکيءَ ۽ ٻين ڪانجيءَ کي سانت ڪرڻ لاءِ چيو، پر ڪانجي ڪيئن ٿو سانت رهي! ديوَ کي نئين سر جهوليندو ڏسي، وري هن چيو: ”جي تون سچو ديوُ آهين ته اڄ هٿن تي پرتا ڪري ڏيکار، هن ڀريءَ سڀا جي سامهون، هن صندل جي اڳيان ئي!“

”ڀڳت! ڪير آهي اُهو؟ انهيءَ کي چئي ڏي ته مون سان ٽڪر کائڻ مان ڪو کڙ تيل ڪونه نڪرندو.... اڄ نه مونکي ڇيڙيو! ديوَ سان برميچڻ جو بهانو ڇڏي ڏيو!“ ۽ انهن لفظن اچاريندي، ريشمي هڪ ڀينڪر شوڪارو ڀريو. پنيان هنن ٻن ڄڻن سندس سر ۾ سر ملايو. ان جا پير ته اهڙي زور سان ٿي ڌرتيءَ تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏيا، جو خود پري بيٺل ماڻهن کي به پنهنجي پيرن هيٺان جهڻ جهڻاٽ پئي محسوس ٿي. جنڊ ۾ ان جا داڻا پيسجندا هجن، تيئن ڏند ڪرٽيندي، ريشمي گرجنا ڪئي: ”ڪير آهي اِهو جو ديوَ سان ٿو هام هڻي؟ هليو اچي منهنجي اڳيان. هاءِ ڙي هاءِ .....! ايتري دير، ڙي؟....“

ماڻهن جي دلين جي ڀانءِ دڪ دڪ ئي بيهجي ويئي. ٻالڪ ماتائن جي گود ۾ اچي لڪا. زالون جتي بيٺيون هيون، اتان ڀڄڻ جي تياريءَ ۾ اڳ ڇڏي پٺ وٺي وڃي بيٺيون. سخت هردن وارا ڀڳت پڻ هڪ ٻئي جا منهن تڪڻ لڳا.

ڪانجيءَ کي گهڻو ئي جهليائون، ڪيترو ئي سمجهايائون، پر ڀانءِ ته مٿس ئي نه ڀوت سوار ٿيو هجي، تيئن جوش ۾ ريشمي اڳيان وڃي کڙو ٿيو. سرير به قدري ڪنبيس ٿي. سيتل اکين مان ڀانءِ ته اُلا ٿي نڪتس. چيائين: ”اجهو آيو، ديوَ! مونکي به اڄ ڏسڻو آهي ته جيئري جاڳندي ماڻهوءَ کي توهين ڪيئن ڪري ٿا کائي وڃو!“

”اڃا به ٿو چوانءِ ڙي، ديوَ سان پلوُ اٽڪائڻ ۾ فائدو ڪونه اٿئي .... مونکي توتي قياس ٿو اچي!“ ريشميءَ ذرا ٿڌو پوندي چيو.

پر ڪانجيءَ جڻ مرڻ جو ارادو نه ڪيو هجي، تيئن چيائين: ”قياس کائڻو هجيئي ته دنيا ۾ گهڻا ئي قياس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا بيڪاري پيا اٿيئي. مون کي تنهنجو قياس ڪونہ کپي. آءٌ تہ هڪيو حاضر آهيان. مونکي تہ اڄ تنهن جي پريکشا وٺڻي آهي!"

۽ ڪانجي ديوَ کي وڌيڪ ڪجهہ چوي ئي چوي، تنهن کان اول تہ سندس ڀاءُ اچي اتي پهتو. ٻانهن کان ڇڪي اٿاري بيهارڻ جي اجائي ڪوشش ڪندي، چيائينس: "اي اَڀاڳا! ڇو پنيان ٻين کي بہ حيران ڪرڻ لاءِ جاڳيو آهين!" هيرو ۽ ٻيا جوان پڻ اچي سهڙيا هئا.

"ڇڏي ڏيو توهان سڀيئي مون کي! آءٌ اڄ سچي ڪوڙي جي هڪ هڪاڻي ڪرڻ وارو آهيان - هن ٺاڪرڙي ۾ ڪهڙي ديوَ واسو ڪيو آهي، سو مونکي ڏسڻو آهي،" ڪانجيءَ چيو. پر جملي پوري ٿيڻ کان اڳہ ئي هو دروازي تائين ڌڪجي آيو هو.

"پر توکي هڪ هڪاڻي ڪرڻي آهي تہ اها بہ ڪري وٺنداسون. هاڻي تہ تون گهر هل. اڃا تہ ٻہ ڏينهن ساندهہ اهو جهولڻ وارو آهي،" هيري چيس.

ڪانجي صبر سان ٻوليو: "پر ائين هو تہ توهين مونکي هتي ڇو گهلي آيا؟ آءٌ انهيءَ ديوَ کي ايترو ٿو چوڻ گهران تہ جي سچو ديوُ آهين تہ گرم گرم زنجير گلي ۾ پائي ڏيکار."

"ها، ها، پر اهو کڻي سانجهيءَ جو سڀڪي ڪنداسون. هاڻي تہ گهر ماني ٽڪي هلي کاءُ،" اندران ٻاهر نڪرندي ڀڳت چيو. مکيءَ پڻ ائين ئي چيو. پوءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ هڪ ڪري سڀ ٻاهر نڪري آيا.

چونڪ ۾ جهوليندڙ شخص به انهيءَ هاڏ ماريءَ ۾ هيٺو پئجي ويو. گهڙي کن ۾ ته جيوي ڀڳت جي ٻن ٽن چيلن کان سواءِ هرڪو روٽي کائڻ لاءِ وکري ويو.

سڀيئي کائڻ لاءِ ته ويا پر شايد ئي ڪنهن پيٽ ڀري کاڌو هوندو. جتي ڏسو، اتي اهائي ٿي ڳالهه پيئي هلي. ڪنهن ٿي چيو: ”اڄ ڪو مڙيو ئي سماچار سڻبو.... ديوَ متان ڪانجيءَ کي چريو نه بڻائي ڇڏي!“

۽ انهيءَ سڄي حال جو جن کي سماءُ ڪونه هو، تن اکيون ڦاڙي ٿي پڇيو: ”ڇا ٿا چئو؟ ڪانجيءَ ديوَ جي سامهون پئي للڪار ڪئي ڇا؟ مئو ڇا جي ڪري ٿو هٿ وٺي ٻاهه جي ٻوهي ۾ پوي؟“ ۽ ڪيترن ته کيس باز آڻڻ جو پريتن به ڪيو: ”ڪانا، ڪهڙيءَ ڪڏ کنيو اٿيئي جو ڳوهه کان ٿو مؤت ڳنهي وٺين؟“

ڪانجيءَ کلي ٿي جواب ڏنو: ”مؤت آءٌ ٿو ڳنهي وٺان ڪين ديوُ ٿو ڳنهي وٺي، سو ته سانجهيءَ جو ڏيکاريندوسانوَ يا ته انهيءَ ديوَ کي هن ڳوٺ مان جڙ پٽي هڪالي ڪڍندس يا ته آءُ پاڻ ماري مات ڪندس. پر اڄ ته آءٌ ڇڏڻ وارو پٽيءَ ڪونه آهيان!“ ۽ ٻوليائين: ”واهه ڍونگيءَ جو ڍونگ!“

”اڙي پر هي ننڍا ٻار ٿا جهولن، سي به ڍونگ ٿا ڪن؟ ذرا ويچار ته ڪر. هي مٿورو ۽ لعلو سي ته تنهنجي ئي ٽوليءَ جا آهن، ۽ ڌوليو حجام، جنهن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن سرتال ۾ نچڻ ئي ڪونہ اچي، سو بہ وري ڪهڙو نہ ٿي جهوليو! اهو بہ ڪنهن ديوَ جو ئي پرتاپ هوندو، تڏهن ڪين نہ؟"

پر انهن سڀني جو جواب تہ ڪانجيءَ وٽ روڪڙو تيار هو: "اهي تہ ڍول جهانجهن ۽ منجرين جي ڌن ۾ ٿا ڌوڻ ڌوڻ ڪن. اهڙي اوگهڙ ديوَ ۾ منهنجي شرڌا قيام ڪانهي .... ها باقي جي تپايل زنجير گلي ۾ وجهي ڏيکاري تہ پوءِ کڻي مڃانس."

وري ڪانجيءَ جي ڀاڄائي تہ پٽڻا پٽڻ بہ ويٺي: "توکي ڇاهي، ساڌو پرش کي؟ ديوُ رسي پوي ۽ منهنجو هڪڙو ئي ڍڳو يا مينهن ماري وجهي تہ در در ڀٽڪڻو تہ مونکي پوي نہ؟"

"پر تنهنجي مينهن يا ڍڳي تہ ڪوئي ديوَ جو قصور ڪونہ ڪيو آهي نہ؟ جي ڪيو آهي تہ مون ڪيو آهي، ۽ آءٌ تہ انهيءَ ڪري تيار ئي ويٺو آهيان." اهڙي نوع ۾ ڳالهائيندڙ ڪانجيءَ کي ماٺ ڪرائي وڏي ڀاڻس ٻوليو: "نہ ڀائي نہ، اسانکي تہ اهڙو ڪي ڪرڻو ئي ڪونهي. ڍونگ هوندو تڏهن بہ هو پاڻ ڄاڻن، پنهنجو سر ڦوڙن؛ اسان جو تنهن ۾ ڇا وڃي؟ تون پنهنجي روٽي کائي روانو ٿيءُ. هو جيڪي روپ ٻڌا رکيا آهن، سي ڇڙوڇڙ ڪري، کڙئي تي ٺاهي وڃي رک. آءٌ پٺيان ڍڳا وٺي ٿو اچانءِ."

"پر توهين ايترو ڏاڍو ڇو ٿا گهبرايو، دادا؟ هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪو شينهن ته ڪونهي جو هڙپ ڪري ويندو! ۽ سچو ديوُ هوندو ته وري ائين ڇا مڇرندو؟ سندس دل ته هوندي درياهه جهڙي ....“

”درياهه دل ناهي، تنهنڪري ئي ته ڊڄڻ گهرجي. پاڻ کي نه انهيءَ ميلي ۾ وڃڻو آهي ۽ نه ڪا اها ڪسوٽي ئي ڪرڻي آهي. تون وڃ نه هليو پنهنجي کڙئي تي ....“

اڄ پهريون ئي دفعو ڪانجيءَ وڏي ڀاءُ اڳيان غصو ڏيکاريو: ”توهين ڪجهه به ڪري وجهو، تڏهن به اڄ ته آءٌ ڇڏڻ وارو ڪونه آهيان. يا ته اهو ديوُ سچو نڪري يا ته آءٌ سچو نڪران. مونکي انهيءَ جي هڪ هيڪاڻي اوس ڪرڻي آهي.“

۽ اهڙيءَ طرح ڪانجي جنهن ڳالهه تي بيٺو، تنهن تان لهي ڪين لٿو. گهران نڪري هو ڀڳت وٽ ويو. ڳوٺ جي ماڻهن جي نبض ڄاڻندڙ ڀڳت پڻ صلاح ڏنيس: ”مرڻ ڏئين نه ڪانجي، هاڻي کان پوءِ ڳوٺ ۾ ڪي ٿيو .... ۽ اسين سڀ ٿياسون وڏيءَ عمر وارا. ماڻهن کي نه ته کڻي ڍورن کي ئي ڪجهه ٿي پوي، سو ته ديکيتو آهي. پر هي ماڻهو ته انهيءَ کي ئي ديوُ جو ڪوپ ڪري ليکيندا، ۽ ناحق اسان کي بدناميءَ ۾ وجهندا.“

”پر ڀڳت، انهيءَ ۾ اسان کي بدناميءَ ۾ وجهڻ جو سوال اُٿي ئي ڪيئن ٿو؟ ڳوٺ جي ماڻهن جي منهن تي ئي ته اهو جيڪو ديوُ بڻيو آهي، تنهنجي هٿن ۾ باهه جهلائينداسون نه؟ سچو هوندو ته باهه جهلي ويندو ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ ڪسوٽيءَ بعد مونکي يعني ٽڙ کي ڇڏي، ڪو ڏاريءَ کي ٿوروئي وڃي چهٽندو؟ پاڻيهي پتو پئجي ويندو ته اهو ديوُ آهي ڪين ڇسو بيوقوف آهي؟"

"آهي ته ڳالهه سچي!" هڪڙي جوان چيو، ۽ پوءِ ته ٻيا ٻه چار جوان پڻ ساٿ ڏيڻ لاءِ تيار ٿيا. پر ڪانجيءَ انهن سڀني کي چيو: "نه ڙي ڀائي! توهين پنهنجي سوُد جيڪي ٿئي، سو ويٺا ڏسجو، وچ ۾ نه ڪجهه ٻاڦجو. آءٌ ته آهيان اڪيلو سر، سو جيئن وڻيم، تيئن ڪريان؛ پر توهان جي پٺيءَ ته رودن راڙي مچائڻ وارا ويٺا آهن!" ائين چئي کلڻ لڳو.

هوڏانهن مکيءَ وٽ به انهيءَ ئي ڳالهه تي بحث چالو هو. اهي ڀڳت مکيءَ کي چئي رهيا هئا: "ديو کي ڇيڙڻ ۾ ڪو ڳوٺ جو ڀلو ٿيڻو ڪونهي، مکي! سو ڇوڪرن ڇتيءَ ذات وارن جي ڳالهين کي وزن ڏني سواءِ، ماٺ ميٺ ۾ ٻه گهڙيون کيلڻ ڏيون، ۽ سانجهيءَ جو اُماڻي ڇڏيون."

مکيءَ ۽ ڳوٺ جي ٻن چئن ٻين کي به اهو واجبي لڳو. ڪانجيءَ کي سڏڻ لاءِ نياپو موڪليائون، پر انهيءَ جواب ڏنو: "آءٌ هتي چونڪ ۾ ٿو اچان. جيڪي چوڻو هجيو، سو اتي چئجو. مون کي ڪنهن جي کٽ ڦٽ ٻڌڻي ڪانهي!"

ڪڪ ٿي مکي ڀڳت وٽ آيو، پر اُتي به کيس ئي آخر نراس ٿيڻو پيو. نراس انهيءَ ڪري جو ڪانجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن هڪڙو هجي ها تہ شايد ٻهؤمت اڳيان سندس ضد کي وزن ڪونہ ملي ها، پر هتي تہ اٺ ڏهہ ڄڻا ويٺا هئا ۽ انهن ۾ وري ڀڳت بہ شامل ٿي ويو هو.

هار کائي اُئيل مکي ڀڳت کي پاسيرو سڏي سمجهائڻ لڳو، ۽ پوءِ هنن ڇوڪرن جي گهر چڪر ماريندي، 'ديؤ جي سامهون پوڻ لاءِ تيار تہ ٿيو آهي، توهان جو ڇوڪرو، پر ڳوٺ ۾ ڪجهہ ٿي پيو تہ ويٺا ڏسجو!' اهڙي ڌمڪي ڏيندو ۽ ڊپ ڏيکاريندو، هو اچي مانڊي ۾ ويٺو.

مکيءَ جي هيءَ ترڪيب تہ ڪامياب ويئي. هرڪنهن جوان جي گهر جا ڀاتي - ڪن ڪن جا تہ سڄا سارا ڪٽنب - ڀڳت وٽ آيا. انهن سڀني جوانن مان ڪن کي دڙڪو داب ڏيئي تہ ڪن کي سمجهائي ٻجهائي، پنهنجي پنهنجي گهر وٺي ويا. چونڪ ۾ جي ڪن کي وڃڻ بہ ڏنائون تہ کانئن پڪا اقرار وٺي پوءِ ئي.

باقي رهيو ڪانجي. پر ان کي تہ هاڻي هيڪاري وڌيڪ جوش اچي ويو هو. سمجهائڻ جي شروعات ڪندڙ ڀڳت کي: "توهان کي ڇا ٿيو، ڀڳت! سڀ کي ڄاڻو بہ ٿا، سو جي اهڙيون ڳالهيون نہ ڪريو تہ ....!" چئي، اڪيلي سر مقابلي ڪرڻ جي مؤ ۾ هو اٿي کڙو ٿيو. ڀڳت کي چيائين: "توهين ڀلي وسرام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪريو، ڀڳت. اتي ايندؤ تہ اجايو توهان کي ڪجھ چوڻو پوندو، ۽ جي ڪجھ ڪين ڪڇيو تڏهن بہ ناحق گلا جو گهانگهو کڻڻو پوندؤ،" چئي، "هيرو ويو ڪي آهي؟" سس پس ڪندو، هوُ پنهنجي گهر طرف وريو.

"سو تہ ٺيڪ، منهنجا ڀاءُ، پر .... تون وڃ نہ، آءٌ پوءِ ٿورو دير سان ايندس،" ويچار ۾ ٻڏل ڀڳت چيو ۽ حقي پيئڻ کي لڳي ويو.

ڪانجيءَ کي تہ جڻ ڪجھ ٿيڻو بہ ڪونہ هو، پر ڀڳت کي وڌيڪ فڪر تہ 'بسڙ ۾ پير هنيائين' ائين مڃي ويٺل ڳوٺ جي ماڻهن جو هو. تنهن کان سواءِ ڀڳت کي گهڻو خوف اهو هو تہ انهيءَ ڪري يا تہ هنن ديو ڀڳتن سان ماراماري ٿي پوندي، يا تہ دوبدو تلوارن جي کينچا کينچي!..... ايتري ۾ سندس نظر گهر کان ٻاهر نڪرندڙ جيويءَ تي وڃي پيئي. ڀڳت هڪدم اُٿي کڙو ٿيو. ٿڪ ڦٽي ڪرڻ جي بهاني چائنٺ وٽ اچي جيويءَ کان پڇيائين: "ڪيڏانهن؟ چونڪ ۾ ٿي وڃين؟"

"هائو!" چئي، جيويءَ ساڙهيءَ جو پلؤ ٿورو وڌيڪ ڇڪي هيٺ ڪيو.

ڀڳت اڳتي وڌڻ لڳو.

"ڇا ٿيو نيٺ، ڀڳت ڪاڪا؟" جيويءَ پڇيس.

"ڇا جو ڇا ٿيو؟" ڀڳت ذرا ڌيمو ٿيو.

"ديؤ جي گلي ۾ ڪائي زنجير وجهڻ جي ڳالھ ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هلي نہ؟"

"ٻين سڀني کي تہ سندن مٽ مائٽ سمجهائي ڪري وٺي ويا، پر هن هٺيءَ کي ڪير سمجهائي؟ سمجهائڻ وارو کيس آهي بہ ڪير؟ ناحق سڄي ڳوٺ جي اکين ۾ ڪنڊو ٿي پوندو! ڏس نہ، اڃا تہ هيري وٽ مٿا ڪٽ ڪندو ٿو ٻڌجي. پر هو ڪجهہ کڻي ڪنهنجو مڃي، اهڙو آهي بہ ڇا!" چئي، ڀڳت ٻوليو: "تون وڃ تہ سهين اُتي، ٻڌي تہ ڏس ڇا ٿو چوي!" پوءِ ڀڳت چپ ٿي ويو. پر وري چئي ڏنائينس: "تون چئي تہ ڏسجانس. جي مڃي تہ واهہ! مون کي پڪ آهي تہ تنهنجو چيو هو ڪونہ موٽائيندو."

جيويءَ ويچاريءَ جو تہ ديون ۾ وشواس هو؛ تنهن ڪري ئي تہ ڪانجيءَ کي ملڻ جو وجهہ ٿي ڳوليائين نہ! ڪنهن جي پرواهہ جو خيال نہ ڪري هوءَ هيري جي گهر ڏانهن لڙي. 'پر اُتي اُنهن سڀني جي روبرو آءٌ ڪجهہ چونديسانس ڪهڙيءَ طرح؟' اهو ويچار آيس تہ هوءَ هيري جي گهر واريءَ پٺينءَ ڪنڊ وٽ ئي، جڻ دل ۾ لڳل اُن درد جو ڪنڊو پير جي ٽريءَ ۾ نہ اچي چڀيو هجيس، ائين ڪنڊي ڪڍڻ لاءِ بيهي رهي.

ايتري ۾ ڪانجيءَ کي چوندو ٻڌائين: "توکي نہ اچڻو هجي تہ ڀلي، هيرا، پر آءٌ تہ ضرور ئي ويندس!" پوءِ هڪدم هو دروازي کان ٽڪري ٻاهر ٿيو. جيويءَ کي ڏسي، ذرا هٻڪيو نہ هٻڪيو، ۽ اڳتي وڌيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڪيڏانهن ٿا وڃو؟ بيهو ته سهين. مونکي توهان سان ڪجهه ....“ جيويءَ ڳالهه جي شروعات ڪئي.

”ملجانءِ ڪنهن ڏينهن“ ... چئي، ڪانجي پختو پير کڻي اڳتي وڌيو.

”سو ته چڱو، پر اڄ چونڪ ۾ جي زنجير ٻنجير جو ڪو ٽنٽو ڪيو اٿو ته توهانکي اٿو منهنجو قسم - آءٌ ته جيئي ڪين جيئنديس جي اهڙي ڪا ڌانڌل ڪيو!“ جيويءَ ڪانجيءَ ڏانهن تڪي نهاريندي چيو؛ ۽ هيري جي گهر پاسي هلندي ٿي.

ايتري چوڻ جو ضرور ئي ڪونهي ته ڪانجي اندر ۾ پوسريو ته گهڻو ئي، پر انهيءَ زنجير جي باري ۾ ته هڪ حرف به ڪونه ڪڍيائين. بلڪ پوءِ هيڪاري هٿ وڌائي ڍول کنيائين. هٿوڙيءَ سان ٺيڪ ٺاڪ ڪري، اها زور سان هو وڄائڻ لڳو. آسپاس ويٺل جوانن چيو: ”اڙي، هڪ تال ۾ ۽ هڪ سر ۾ ڀڄن ڳائجو. پوءِ ڏسجو ته ماتاجيءَ جا گولا ٽن ڏينهن اندر ٽنگون ٽيڙي پون ٿا ڪين نه!“

ڪانجيءَ ڀڄن جي آرنڀ کان اڳ ۾ جهولينڌڙن ڏانهن اک ڦيرائي. صبح کان هينئر لڳ ڀڳ اڌ انداز ماڻهن جو هو ۽ انهن ۾ ريشمي کي نه ڏسي، هو چوڻ کان سواءِ رهي ڪونه سگهيو: ”ڇو وڏو ديؤ ڪٿي ئي ڪونه ٿو ڏسڻ ۾ اچي؟“

”اهو ته ويو کڙئي تي - گهر ۾ ڪم پيو هجي ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هتي سڄو ڏينهن ڪيئن رهي سگهي؟" ريشمي جي زميندار (ڪسان رکندڙ مالڪ) منوهر چيو.

گهٽ ۾ گهٽ اڌ کن ماڻهو کل ۾ اچي ڇٽڪيا. ڪانجيءَ ڍول وڄائيندي چيو: "اچي ها تڏهن به هاڻي زنجير ته ڪانه پارائجيس ها." ۽ پوءِ پڌري پٽ چيائين: "او ڀائي، ڪنهن ڊپ جي ڪري ڇپي ويو هجين ته ائين نه ڪجانءِ، زنجير ٻنجير ڪوئي پارائڻ وارو ڪونه اٿئي، سو بي ڌڙڪ - ٻه گهڙيون چاهيو ته کيلي وٺو." چئي، چوگرد ويٺل جوانن ڏانهن وري هڪوار نظر ڦيرايائين. جهانجهن جوڙو جنهن ڇوڪري جي هٿن ۾ هو تنهنکي چيائين: "راما، حالي اِهي جهانجهه منوهر کي ڏي، پوءِ تون وڄائجانءِ." ۽ پوءِ ڍول تي هڪ گت وڄايائين.

ڪانجيءَ جي هٿن ٿي ٻوليو يا ڍول، سو چوڻ مشڪل هو. مٺي سر سان ڀڄن جي شروعات ڪيائين:

"محبوب من ٺار، ڙي! مرلي وڳي مٺڙي سر جي.
محبوب من ٺار، او! مرليءَ من موهيو، سر ويو سرڪي!
من ويو سرڪي، ٻوليون نه ٻرڪي! محبوب من ٺار...."

من کي قابوءَ ۾ رکندڙ چڱن چڱن ماڻهن کي به مستي چڙهي وڃي، اهڙو ڪانجيءَ جي سر جو ساد هو. مردنگ جي آواز ته اصل دل ۾ پيهي وڃي ٿي پوراءُ ڪيو. نچڻ لاءِ پيرن کي جڻ سُرِ سُرِ اچي ورتو هو. جيئن جيئن ڀڄن ڄمندو ويو، تيئن تيئن ڳائڻ وارا پڻ رنگ ۾ ايندا ويا. ڪي انهن مان ته ٽپو ڏيئي جهولڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ به جنبي ويا. گهڙيءَ ۾ ئي وري ڏهن مان وڌي ، يهه ماڻهو جهولڻ لڳا.

ڀڄن پورو ٿيو ته ڪانجيءَ ڀڳت کي چيو: ”چئو ته هتي جيڪي ويٺا آهن، تن سڀني کي جهولائي ڏيکاريانو، ڀڳت!“

”ڇڏ، زوراور!“ ڀڳت جي ڀر ۾ ويٺل مکيءَ کلي چيو. انکي اڄ خاطري ٿي چڪي هئي ته ڀڳت جي هن شاگرد وٽ جيڪا به چئجي، پر ڪا مڙيوئي خاص وديا ٿي ڏسجي. ائين نه هجي ته ديون اڳيان ايتري هام هڻڻ جي جريت ئي جيڪر ڪانه ڌاري!

مانڊي ۾ اندر ويٺل جيوو ڀڳت ۽ ٻيا ست اٺ ٺاڪرڙا پاڻ ۾ صلاح مصلحت ڪري رهيا هئا. اڄ انهن ديون سان گڏ سندن ماتاجي .... ۽ گڏوگڏ منجهن ويساهه جي پڻ پت ٿي کوهي - اڙي، کوهجي ئي چڪي هئي! انهيءَ ڪري ئي ته ريشمي کي سڏڻ لاءِ هڪڙي ڄڻي کي ڊوڙايو ويو هو نه! جيوو ڀڳت به واس ڌوپ ڪندو گنڀير بڻجي ويٺو هو. ٻاهر هلندڙ بات چيت ٻڌي ته سندس رت ٿي ٽهڪيو. ايتري ۾ ريشمو آيو. منڊپ جي پٺيان لنگهي اندر گهڙيو. جيوو ڀڳت سندس انت کوٽڻ لڳو: ”چئه ڙي ٻٽڪلا؟ تو ۾ جيڪي جهولي رهيو هو سو ڪهڙو ديُو هو؟“

ٿوري آناڪاني ڪرڻ بعد ريشمي چيو: ”منهنجي ماتا هئي، جيوا ڪاڪا!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”تہ اچڻ ڏي پنهنجيءَ ماتا کي، اسين بہ تا پنهنجي ديون کي سنڀاريون. هنن ڳوٺ جي ماڻهن کي اڄ ثابت ڪري ڏيکاريون تہ ديو سان برميچڻ ڪا ننڍڙن ٻارن جي راند ڪانهي!“

ڪانجيءَ اهڙو ٻيو هڪڙو ڀڄن شروع ڪيو، جو مردن کي بہ جاڳائي، جهومائي ڇڏي:

”راجا جي راڄ ۾ گائين جو ٿيو ڪوس، ڙي ويرا!
راجا جي راڄ ۾ گائين جو ٿيو ڪوس، ڙي ويرا!
سهاءِ اچي ڪر تون، اورامدي!“

۽ جڏهن ٻي تڪ اُچاريائين:

”سفيد گهوڙي تي سوار ٿيو رامدي ويرا!
سفيد گهوڙي تي سوار ٿيو رامدي ويرا!
معاف اچي ڪر تون، او رامدي!“

ايتري ۾ تہ تنبوءَ ۾ شور مچي ويو. خود ڌرتي پاڻ نہ ڄڻ ڌوڻيندي هجي تيئن اها ڌُرجي رهي هئي. ڪانجيءَ کي ذرا سڻس پئجي ويئي تہ اڄ ڪو بکيڙو مچڻ وارو آهي. پر انهيءَ ڳالهہ کي خاص وزن ڪين ڏيئي ڀڄن چالو ئي رکيائين. دروازي وٽ ماڻهن جي ڀيڙ اچي مڙي. ٻاهر ميدان ۾ جهوليندڙ شخصن کي نئون ڪو جوش اچي ويو هو، ائين ٿي ڀاسيو.

تنبوءَ مان آواز آيو: ”ڪيڏانهن ويو ڙي، مکي! ڪيڏانهن ويو اهو هٿن تي پرتا ڏيکارڻ وارو؟ هليو اچي منهنجي اڳيان!“ جيوو ڀڳت گرجي رهيو هو. مکيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀڳت کي اڳيرو ڪندي، ڪانجيءَ کي چيو: ’ تون پنهنجو ڀڄن چالو رکجانءِ.“

اندر وڃي ڏسي ته ساڍا پنج انچ لنبو جيوو ڀڳت ۽ ان جي پٺيان ريشمي سان گڏ ٻيا ٽي چار ڄڻا وار وکوڙي، ڌما چوڪڙي مچائي رهيا هئا. وات مان نڪرندڙ ’هائوُس ..... هائوُس‘ جي آوازن ڪري ته ننڍڙيءَ لاٽ سان ٻرندڙ ڏيئي جي روشني پڻ ڪنبي رهي هئي!

ٻاهر ڀڄن ڳائيندڙن جا آواز ڏڪ ڏڪ ڪري رهيا هئا. ڪانجي به ڪي قدر ٿڙڪي رهيو هو- نه ڏر کان، پر ڪاوڙ ۾. سندس چت به ڀڄن ڳائڻ مان نڪري، اندران ايندڙ واڪن ۾ وڃي چهٽيو هو. ڪن ڪن ٻڍن وري ائين ٿي ورجايو: ”ڀائي، ڍول وڄائڻ بند ڪريو نه هاڻي. ديوُ ڇا ٿو ٻولي، سو ته ٻڌڻ ڏيو ذرا.“

”ٻڌڻو هجيو ته وڃو نه اندر. ڍول ڇو بند ڪريون؟“ هيري چيو.

پر ايتري ۾ ڪانجيءَ جي ڪنن تي آواز پيو: ”نه ڙي مکي! مونکي ڪجهه ٻڌڻو ڪونهي. آڻ، پهريائين منهنجو ٻليدان آڻ ..... هٿ تي پرتا ڏيکارڻ واري کي سڏاءِ ..... اڙي، منهنجي سامهون آڻي کڙو ڪر!“ ۽ ٻين پڻ ”ها ڙي آڻي ڏي!“ چئي جيوي ڀڳت جي سوالن کي ساٿ ڏنو.

مکي چئي رهيو هو: ”هوندو، منهنجا مائي باپ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇوڪرو هو ۽ ڀل ٿي ويئي. ايترو اپراڌ بخش ڪريو، ديوَ! توهين ته ....."

هڪڙي ڀينڪر چيخ ڦاڙي جيوي ڀڳت پڪاريو: "ها ..... ڙي، اڄ تنهنجو مان ڪيئن رهندو، مکي! منهنجو ٻليدان آڻ ..... رک آڻي هتڙي! مونکي ان جا ڏند ڳڻڻا آهن،" ۽ ڪ ر ر ر ڪٽ ڪٽ ڪندو ڏند ڪرٽڻ لڳو.

سڄي خلق گهڙيءَ ديوَ واري تنبوءَ طرف ته گهڙيءَ ڪانجيءَ ڏانهن ڏسي رهي هئي. ماتائن کي پنهنجي گرد ۾ سانڍيل رئندڙ ٻارن جي به شناس ڪانه هئي. هر ڪنهن جون اکيون ۽ وات ڦاٽي ويا هئا، ڄڻ دليون ئي نه بيهجي وييون هجنن.

'مونکي ان جا ڏند ڳڻڻا آهن،' انهيءَ آواز ڪنن تي پوندي ئي، ڪانجيءَ مردنگ هڪ پاسيرو سرڪائي رکيو. اُڇل ڏيئي اُڀو ٿيندي چيائين: "ڏاڍو ديوَ آهي تنهنجو! ڪهڙا ٿو منهنجا ڏند ڳڻي، ڏسان!" ۽ لعل پيلين اکين سان تنبوءَ پاسي وريو. ڪن ڄڻن کي ته ڪانجيءَ کي به ڀوت ورايو آهي، ائين محسوس ٿيڻ لڳو. چئن پنجن زالن ته چئي ڏنو: "ڪانا ڀائي! اڙي، ڪو جهليس ته سهين!" ۽ جان کڻي ڏسن ته ڪانجيءَ جي هڪ ٻانهن جيوي جهلي بيٺي آهي، ۽ ٻي ٻانهن هيرو ۽ سندس وڏو ڀاءُ پڪڙي بيٺا آهن. پر ڪانجيءَ کي انهيءَ جو ڀان ئي ڪونه هو. ڪنهن مرد جو هٿ جهلي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيٺو اٿم، سو سمجهي جهڙو ڇڏائڻ جي ٿو ڪوشش ڪري، تهڙو ڪا زال ٿو سامهون ڏسي. جيويءَ کي سڃاڻڻ ۾ ويرم ڪانه لڳيس. سندس (جيويءَ جو) وات ڦاٽي ويو هو. ۽ اُن جون ڏرن ڏنل اکيون ڏسي ته ائين ٿي لڳو، 'هاڻي جو هاڻي ڦان ڪري ڪري نه مري پوي!'

"تون ئي منهنجي پراڻ جي پياسي آهين!" ڪانجيءَ چئي ڏنو. "هاڻي ڇڏ منهنجيءَ جند کي، جلدي ڪر!" چوندي، ديوَ جي پاسي هڪڙي ڪرڙي نظر وڌائين. ۽ پوءِ پٺي ورائي هلندو ٿيو. هيرو ۽ وڏو ڀاڻس به ان جو پيڇو وٺي، گهر طرف هلڻ لڳا.

آءٌ ڇا ڪري ويٺيس، تنهن جي لکا پوندي ئي، جيويءَ کي 'ڌرتي جي جاءِ ڏئي ته انهيءَ ۾ سمائجي وڃان،' سو بهتر ٿي لڳو. گهر جي پاسي هلڻ ته لڳي، پر دنيا ۾ اتفاق سان ڪنهن کي اَنڀؤ ٿيو هوندو، اهڙو اَنڀؤ کيس ٿي رهيو هو. پٺيان ڳوٺ جي ماڻهن جون اکيون ڀانءِ ته ڀالن جون نوڪون نه چڀنديون هجن، تيئن چڀي رهيون هيس.

ٻاهر بيٺل زالون پڻ ڄڻ سارو تماشو سماپت نه ٿي ويو هجي - جنهن نتيجي جي آس رکي ويٺيون هيون، سو ظاهر ٿي چڪو هجي، ائين ٽرڻ ڦرڻ لڳيون. پر منڊپ ۾ جيڪو گوڙ شور هو سو پاڻ هونئن کان وڌي ويو هو. ڪانجيءَ جي جڳهه ڀڳت ورتي، پر هو ٿڌي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيني سان ئي ديوَ کي چئي رهيو هو: ”هتي سڏائڻ جو ڪارڻ ڪهڙو؟ تون ته واءُ آهين، وڻيئي ته دوريءَ کان به من ڌاريو ڪاريه ڪري ٿو سگهين.“

”ڪير آهي اهو وري؟“ جيوي ڀڳت رڙ ڦاڙي. ”آڻ ڙي، منهن جي تلوار آڻ! آڻ تـــ انهيءَ جي خبر وٺان.“

جنهن جو من ڪڏهن لڏي نه ٻڏي، اهڙي ڀڳت آهستي ٻه پير ڀريا. جيوي ڀڳت وٽ پهچي مٿس ڌڪار ۽ ڌوڙيو وسائيندي، چيائينس: ”جيوا ڀڳت، ديوَ کي ڪا تلوار جي ضرورت ڪانه ٿيندي آهي، سمجهيءَ ڪي؟ تلوار ته واپرائين انسان، سو جي کيلڻ آيو آهين ته ماٺ ميٺ ۾ کيلي خلاص ڪر ۽ کل خوشيءَ سان پنهنجو رستو وٺي راهي ٿيءُ.“ چئي، پٺي ورائيندي ٻوليو: ”چڱو اٿو، مکي! ٻه گهڙيون ڀڄن ڪرائڻو هجيوَ ته ڪرائي، سڀني کي واپس موڪليو. هوُ ته ”ڏٺو پير، پني مراد!“ چئي، تنبوءَ کان ٻاهر نڪري ويو.

ڀڳت جي ڳالهائڻ جو رنگ ڍنگ اهڙو هو جو نه رڳو مکيءَ هڪڙي کي پر گهڻو ڪري ساري ڳوٺ جي ماڻهن کي هڪ قسم جي هٿي اچي ويئي هئي. ڳالهيون به ٿي ڪيائون: ”ڀڳت کي ڪا ٿورو ئي ڪنهن جي بابي جي پرواهه آهي؟ اهڙي جهڙي جي ڪاڻ ٿوروئي ڪڍڻ وارو آهي؟“

”انهيءَ اوٽ ورتي آهي ستنام جي - هڪڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سائينءَ جو سهارو. انهيءَ جي پلاند کي بہ هي ديوَ ديويون ڇا ڇهي سگهنديون؟"

تہ وري ٽئين ڪنهن چيو: "ڀائي، سو بہ ڪنهن علم جي ٻل بنا ڪنهن جي سامهون پوڻ سولو ڪونهي! ڀڳت ڪڇيو تہ ڪيئن اهو ديوُ ٿڌو ٿي ويو؟ انهي ي. بدران جي ڪانجي هجي ها تہ ڍاڪئون ئي پڪو سمجهو!"

۽ هڪڙي وري ڀوڳہ پاتو: "اي، انهيءَ کي سندس رڳہ سڃاتل هوندي. هيئن هينگ جا ڍينگ پيا هڻندءُ تنهن مان ڇا ورندو، ڇا سرندو؟"

ٿوري ساعت مردنگ وڄائي، سڀني کي خوب نچائي ٽپائي، ڳوٺ جا ماڻهو اٿيا ۽ پنج ناريل ڀڃي، ڳوٺ جي ٻنڀي وٽ رکي آيا. هرڪنهن کي ائين ٿي لڳو تہ هن سال نہ ڪو ديوَ جي اچڻ ڪري ئي پلءِ پيو، نہ سندس وڃڻ ڪري ڪو جس وڌيو!

سڀ ڪي چڱيءَ طرح نبري چڪو هو، تڏهن بہ گهڻن کي ائين ٿي ڀاسيو تہ ڪا مڙيوئي ڪچائي ٿي آهي - ڪنهن جي تہ ڪسوٽي ضرور ٿي آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرڪرڻ چوڏهون

ويو ته ڀلي ويو

چيٽ جون گرميون- سج چئجي ته اڃا هندوري ۾ پئي لوڏا کاڌا ؛ پر ايتري ۾ اُن ”پٽ ڪپٽ پينگهي ۾ پڌرو“ انهيءَ پهاڪي انوسار آگ جا اُلا اُڏائڻ شروع ڪري ڇڏيا هئا. ماڻهن، ڍورن کي واڙن مان ٻاهر ڪڍي اڱڻ ۾ گاهه جي ڇپرين هيٺان ٻڌي ڇڏيو هو. عيال وارن گهرن ۾ پاڻيءَ جا گهڙا اچڻ شروع ٿيا هئا، ۽ ڇڙن ڇانڊن جي جڳهين ۾ ته اڃا ٻهاري پئي پيئي. مرضيءَ موجب کير ڏيندڙ عادت وارين مينهن مان ڪي ڪي ٻئي پور جو ڀوسو کائينديون ڇپرين هيٺان کڙيون هيون. سندن مالڪياڻيون ڀوسي پوري ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي برتنن ڀرڻ جي تڪڙ ۾ دڦڙ دڦڙ ڪري کير ڏهي رهيون هيون.

گهڙو ڀري آيل هيري جي ڀيڻ ناٿي گهر ۾ گهڙي مس ته جيويءَ تي وڃي اک پيس. رڙ ڪري پڇيائينس ”جيوي ڀاڀي! پاڻي ڀرڻ اچين ٿي؟“ جيويءَ جو ”ها“ لفظ ته ٻڌڻ ۾ ڪونه آيس، پر اُن ڪنڌ ڌوڻيو، سو هوءَ ڏسي سگهي. ”هل تڏهن هلون“ چئي، ناٿي اندر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويئي ۽ گهڙو خالي ڪندي ئي موٽي ٻاهر آئي. گهڻيءَ دير تائين راهه ڏسي، وري رڙ ڪيائين: ”جيوي ڀاڀي، ڪيتري دير اٿئي؟“

جواب ڏيڻ بدران جيوي خود پاڻ ئي گهڙي سوڌو ٻاهر نڪتي. ٻئي ڄڻيون کوهه جي پاسي هلنديون ٿيون.

اکيون هيٺ ڪري ٿي هلي، تڏهن به جيوي ڏسي وائسي ٿي سگهي ته ڳوٺ جو هرڪو آدمي ڪوئي ڏانهنس نهاري ته ڪوئي وري بنا نهارڻ جي ئي مٿس ڌڪار جو ڌوڙيو وسائي رهيو هو. ماڻهو ته پري رهيا، پر ڪنهن ڪتي کي سامهون ڏسڻ جي به سندس همٿ ڪانه ٿي هلي. ڳوٺ کان نڪري ٻاهر ٿي، تڏهن ئي مس ذرا کيس شانتي آئي، پر ايتري ۾ ته پريان ايندڙ هڪڙي پاڻيهاريءَ کي ٿورو هٽڪندو، هٻڪندو ڏٺائين. جيوي سمجهي ويئي ته پنيان واري پاڻيهاريءَ کي منهنجي باري ۾ ڪنهن چيو چايو آهي. ٻرندي پڄرندي (شڪجي شرمائجي) جيوي انهن کان پاسو ڪندي، ڪنڌ هيٺ ڪري، هلي ويئي.

خوبيءَ جي ڳالهه ته اِها هئي جو ڪالهه ڪالهوڻي جي سهيليون مٿي تي ڀريل گهڙي هوندي به جيسيتائين هوءَ پائلي مڪائيءَ جي پيهين اُٿي، تيسيتائين جيويءَ سان ڳالهيون ڪرڻ بيهي رهنديون هيون، تن مان هڪ به اڄ ڏانهنس نظر کڻي ڪونه ٿي نهاريو. ڪاڙي ته سندس خاص سهيليءَ جهڙي هئي، پر انهيءَ — ڄ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پريان ئي نٽائي ڇڏيس. جيويءَ کي ان وقت ڏاڍو دل ۾ ٿيو. وات تائين به آيس: 'اَئي، مون تنهنجا اما بابا ته ڪونه ماريا آهن، جو هيئن گوهي ڏيئي ٿي وڃين؟' پر هوءَ ڳالهائي ڪانه سگهي.

پر جي ڪوئي ڇوٽ ٻوليندڙ واتيرو چئي ڏئي ها: 'اوهو هو! انهيءَ ۾ ڇاهي؟ ڪانجي موت جي منهن ۾ ٿي ويو، سو هوءَ سهي ڪانه سگهي، ۽ جي کڻي ڇڏائڻ ويس ته انهيءَ ۾ قصور ڪهڙو ڪيائين؟ ڪو پاپ ته ڪونه ڪيو اَٿائين، جو سڀ اُتس آڪڙجي ٿيون هلو.' ته اهو سڄوئي واتاورڻ بدلجي وڃي ها - جيتوڻيڪ ڪاڙيءَ کي اهڙي زبان جي ڇڙيل چئي ٿو سگهجي، پر انهيءَ به ڇو ٻڙڪ نه ٻاهر ڪڍي، سا ڪا ڳجهه ڳجهاندر ڳالهڙي ضرور هئي.

اڳيان هلندڙ ناٿيءَ ذرا آهستو پير کنيو. هڪ وار آسپاس نظر ڦيرابائين. پوءِ ڇلڪائيندڙ اکين سان انتظاريءَ ۾ پڇيائين: "اي جيوي ڀاڀي! ڪالهه توکي اهو ڇا سجهيو؟ هيترن ماڻهن مان ڪانا ڀائيءَ کي وڃي چنبڙي پيئينءَ؟"

هيتريءَ ڳڻتيءَ هوندي به جيوي کلي ويٺي. تير جهڙيءَ نظر سان ناٿيءَ ڏانهن نهاريندي، ان صرف ايتروئي آکيو: "انهيءَ سڀ ڪي سمجهڻ لاءِ توکي اڃا دير لڳندي، ڀيڻ!"

"نه نه، پر توکي اصل خيال به ڪونه ٿيو؟ هيئن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاسي ۾ ئي ته ڌوليو ڀائي بيٺو هو!" چئي، ٺپڪي ٻريءَ نگاهه سان ناٿي ڏسڻ لڳيس.

"خيال ٿئي ها ته پوءِ اهڙو ڪي ڪجي ئي ڪيئن ها؟" ۽ ناٿيءَ ڏانهن نهاري، ٻوليائين: "سچ ٿي چوانءِ، ناٿي ڀيڻ! انهيءَ مهل منهنجا هوش حواس ئي گم ٿي ويا. اهو سڀ ڪجهه ٿي گذريو، تنهن کان پوءِ ئي مونکي سمجهه آئي!"

ٿورو ترسي، وري ناٿيءَ پڇيس: "ڌوليي ڀائيءَ گهر اچي مارڪٽ ته ڪئي هوندءِ ڪين نه؟"

"تو به واڪا ڪونه ٻڌا هوندا ڇا؟" چئي، جيوي ڦڪو کلي.

"نه، آءٌ ته سمهي پيئي هيس. منهنجي ڀاڀي دير تائين پي جاڳي، پر انهيءَ به ڪجهه ٻڌو ته ڪونه."

"مار پٽ ٿي ئي ڪانه، ته ٻڌي ڇا؟"

"ڀاڀيءَ به ائين ٿي چيو. پر ڌوليو ڀائي هن مهل تائين مار ڏيڻ کان سواءِ رهي ڪيئن سگهيو آهي؟"

"اها ته پاڻ کي ڪهڙي خبر ڀيڻ!" چئي ٿورو رڪي. "جنڊيءَ واري کي ڏنڊو ٺهڻو ڏنو هوندائين ته دير نه لڳندي؟" ۽ کلڻ لڳي. ٿڌو شوڪارو ڀريندي وري چيائين: "يا ته ٻيا ڪي گهاٽ گهڙيندو هجي!" نائيءَ جون سوال پڇندڙ اکيون ڏسي، هو ٻيهر ٻولي: "هوندو ضرور ڪجهه ته سهين!"

"ڪجهه وري ڇا، ڪهڙو ان جو ڀيه هلندو؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لوکي ماري مات ڪندو، ائين؟" ۽ جيويءَ کي "ائين
به ٿي ٿو سگهي!" چوندو ٻڌي، ناٿي ٻولي: "ته پوءِ
وري ڌوليو ڀائي تنهنجي ٻارهي کائڻ تائين به بچي
سگهندو، ڪيئن؟"

"سو ڪيئن؟" ناٿيءَ جو جواب ٻڌڻ لاءِ سندس
دل جي دڪ دڪ ئي ڄڻ بيهجي نه ويئي هجي!

"ڇو ڪيئن؟ ڪالهه منهنجي ڀاءُ ڳالهه ٿي ڪئي ته
جيڪڏهن هاڻي جيوي ڀاڀيءَ کي مار ٻار ڏنائين، ته
ڪانجيءَ کي اهڙي ڪاوڙ بيٺي آهي، جو هن دفعي
کيس ڇڏيندو بلڪل ڪين ڪي."

جيويءَ کي انهيءَ کان بهتر ٻيو ٻڌڻوئي ڇا هو؟
تنهن هوندي به هڪ وڏو شؤڪارو نڪري ويس.
چيائين: "اسان جي ڪري، پر پرائي سان اهڙي جهنجهٽ
۾ ڪير هٿ وجهندو، ڀيڻ؟"

"اڙي هاڻي ڇڏ اهي نخرا، بس ڪر نه!" ناٿي،
اهڙي ڇڙٻ ڏيئي، مات نه رهي هجي ها، تڏهن به
جيويءَ جو هونءَ ئي گلو گهٽجي ويو هو، ڪجهه ڪڇڻ
جي بدران شايد روئي وهي ها.

پاڻي ڀري موٽيون، تڏهن ٻئي ڄڻيون سانت هيون.
ڌار ٿيڻ وقت ناٿيءَ مؤن ٽوڙيو: "ڀاڀي، جي اهو ڪا
مارڪٽ ڪريئي ته مون کي ٻڌائجانءِ، هان؟ هن ڀيري
ته گهڻو تڻو منهنجو ڀاءُ ئي کيس ڏينهن جا تارا ڏيکاري
ڇڏيندو، ڪاني ڀائيءَ جي ته گهرج به ڪانه پوندي."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڀار ڀري هڪ نظر وجهندي، جيوي جدا ٿي.
ڌوليي جيويءَ کي ڇو ڪين ماريو، اهو به هڪ ڪوهيڙو هو. باقي سندس من ۾ نبض جي هڪ هڪ ٽڪوري سان ڀانءِ ته ائين ٿي رهيو هو: 'انهيءَ هچاريءَ رن ته منهنجو نڪ ئي ڪپي وڌو! سو به ڀريءَ سڀا ۾!' ۽ متان انهيءَ جو ڪير مهڻو نه ماري وجهيس، تنهن ڊپ کان ته هو ويجهڙن کڙين ۾ چلم پيئڻ لاءِ به ڪونه ٿي چري سگهيو.
ٻيو ڏينهن به اُن پنهنجي کڙئي تي ئي گذاريو. ٽينءَ رات پڻ هو کڙئي تي ئي سمهي رهيو.
چيٽ جي تيرس جو چنڊ باقي لهڻ ۾ هو، تنهن وقت تائين ڌوليي کي ننڊ ئي ڪانه آئي. مغز کي چڪر ٿي آيس ۽ رکي رکي هيئن به ٿي وڦليو: "مونکي اٿڻ ڏي نه ..... رن ماريءَ کي مار ..... ماري ماري اڌمئي ڪري رکانس!" وري گهڙيءَ ۾ ئي ديوَن کي هٿن تي پرتا ڏيکارڻ لاءِ آتر لعل پيلين اکين وارو ڪانجي سندس نظر اڳيان ٿي اُڀو ٿيو. ڌوليو گهڻوئي من کي مڃائي: 'منهنجي زال آهي ۽ آءٌ کيس جيڪي وڻي، سو ڪريان؛ تنهن ۾ تون ڪير جو وچ ۾ بڙ بڙ ڪرين؟' پر انهيءَ جي نتيجي ڏانهن ڌيان ٿي ويس ته سندس ٽنگون به ٿڙڪڻ ٿي لڳيون. هوڏانهن چڙ به ڏاڍي ٿي چڙهيس. هڪڙا خيال ڇڏي ٻيا پيو ڪري، - البت جيويءَ کي سڀا ڏيڻ جائي - نيٺ ڌوليو اٿي کڙو ٿيو. گودڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڙهي سيڙهي جهوڙيءَ جي ڪنڊ ۾ ڪري رکيائين. پير دبائي پين تي هلڻ جو جيتوڻيڪ ڪو ضرور ڪونہ هوس، تڏهن بہ چوڌاري اک ڦيرائيندو ۽ اهڙيءَ طرح خبرداريءَ سان پيرن جهوڙيون لتاڙيندو، هوُ هڪ ٻن ڪيتن جي مفاصلي تي برندڙ ٻاهہ طرف هلڻ لڳو.

پيرن جي آهٽ ڪنن تي پوڻ ڪري جاڳي پيو يا وري اڳ ۾ ئي تي جاڳيو، پر ترت ئي "ڪير آهي ڙي؟" ڪندو، ريشمو اٿي ويٺو. ڏوليي تي نظر پوندي ئي سندس چاٽي ڏڙ ڏڙ ڪرڻ لڳي. 'وري ڪا اُلت سلت ڪري- رن ماريءَ کي ماري - نہ ڪونہ آيو آهي!' ۽ هڪدم پڇيائيس: "هيڏي مهل ڪيئن؟ گهران تو اچين، ڪين ٻئي ڪنهن هنڌان؟"

جهوڙيءَ ۾ گهڙندي ئي ڏوليي چيو: "آهستي ڳالهاءِ!" ۽ اهو ٻڌي نہ ريشمي جو سڄو بدن پگهر پگهر ٿي ويو. "پر نہ آهي ڇا؟ هتي مون وٽ ڪيئن آيو آهين؟"

ڏوليي نہ شرمائجي ويو: "ڇو، ڪا چلم پيئڻ بہ ڪين اچان ڇا؟ ڪڙئي ۾ ٻاهہ وساڻي....."

"تڏهن نون اڄ ڪڙئي تي سمهڻ آيو آهين؟" ۽ ڏوليي کي 'ها' چوندو ٻڌي، ريشمي بہ چار گاريون ڦٽڪائيندي چيس: "نہ اول ئي اهڙيءَ ڳالهہ ڪرڻ ۾ ڇا ٿي ويُ؟" "ڏوليي کي چلم ڏيئي، سولو ساهہ کڻڻ لڳو. ڇوڪري جو اٿيو هو، سو جيءُ اچا جاءِ ڪونہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوس. ٿوريءَ دير بعد چيائينس: ”آءٌ ته ڊڄي ويس ته هچارو ڪو اُتو سبتو ڪم ڪري آيو، ڇا ڪري آيو؟“

چلم ۾ اگر وجهندي ڌوليي پڇيس: ”ڪنهن جو؟... ڪهڙو ابتو سبتو ڪم؟“

”ڪنهن جو ته وري تنهنجي زال جو ئي! ماتو گلو گهٽي ماريائينس، ڇا ڪيائينس؟“

ڌوليي وات ۾ پيل چلم پري هٽائي، ريشمي ڏانهن ڏسي، غصي گڏيل لاچاريءَ سان چيائين: ”گلي گهٽڻ جيتري همٿ هجي ته وري ٻيو ڇا گهرجي؟.....“ ۽ ڳالهه ڪرڻ جو مليل وجهه ڀانءِ ته هڪدم ئي جهٽي ورتائين: ”تڏهن پوءِ هن اڌ رات ويلي تو وٽ اچڻ جو ڪم ئي ڪهڙو هو، ريشما ڀائي؟“

”مونکي به ائين ئي لڳو! حجام ڀائي ڪنهن غرض بنا ايندو ئي ڇو؟..... هيڏي ڪر، چلم ڏي.“ چئي مٿي کنيل گوڏن تي ٺونٺ جي ٽيڪ ڏيئي، چلم سورڻ لاءِ اُٿيو. ڌوليي ڏانهن انتظاري اکيون کڻي سوال پڇيو هئائين؛ پر کيس ماٺ ۾ ڏسي ان کي وات مان چلم ڪڍڻي پيئي: ”ڪر نه ڳالهه؛ اهڙو ڪم ڪهڙو پيو اٿيئي؟“

ڌوليي وري ٻاهر نظر ڦيرائي. چيائين: ”ٻڌايانءِ ته سهين، پر هڪڙو جي وچن ڏين، ريشما ڀائي! سڳي ڀاءُ سان به اها ڳالهه ڪين چوريندين.“

”وٺ، آءٌ پنهنجي پيءُ جو ئو قسم کڻان.“ چئي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ريشمي ڏوليي جي ساڄي هٿ وارين آڱرين سان پنهنجون آڱرين ملايون، ۽ چلم واٽ ۾ وڃهڻ کان اول چيائين:
”سر وڃي ته وڃڻ ڏيس، پر تنهنجي ڳالهه جي ٻڙڪ ته ٻاهر ڪڍندس.“

”ائين ته مونکي ڀروسو آهي توتي،“ چئي، وري ڏوليي آسپاس اک ڦيرائي. چوگرد نهاريندي هو ريشمي جي نيڙي آيو ۽ ڪن ۾ سس پس ڪندي چيائيس:
”هن رن تي تو کي ڪو جادو هلائڻو آهي. ايترو ته....“

ريشمو ڀڙڪي ويو: ”پر ڪهڙيءَ رن تي؟ خود تنهنجي تي زال تي؟ هيءُ تون چوين ٿا ته؟ تنهنجو عقل ته ڪونه ڪٿو آهي نه؟“

ڏوليي جو ڇهرو ڪاري پٿر جهڙو ٿي لڳو. چيائين:
”عقل ڪٿوئي سمجهه، تنهن ڪري تي ته، ريشما پائي!“

”اڙي، پر هن ڪانئي تي هلائڻ لاءِ چوندو هجين تڏهن به ڪٿي سمجهجي، مگر هي ته خود پنهنجيءَ گهر واريءَ تي .....؟“

”سو سچ، پر اُنهيءَ کي ته ڪو ديوتا اچي لڳي، تڏهن به ڪجهه ڪري سگهڻ وارو ڪونهيس، اهو ته مون ڪالهه ڏسي ورتو..... مگر مونکي ته انهيءَ عورت جوئي سر ڪٽڻو آهي، اُها مونکي گهر ۾ ڪانه ٿي گهرجي.“

”اڙي، پر ائين اٿي ته ڪڍي ڪريس ٻاهر.“

ڏوليي واٽ تائين آندل چلم وري پرتي ڪئي -

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيائين: ”ڪڍي ڇڏيانس ٻاهر ته وري به رن شايد... پر تنهن کان انهيءَ ۾ ڇا کوٽو آهي؟ کيس به ڪل ته پوندي، مليو ڪوئي پڄڻ وارو!“

هيڪر ته ڌوليي کي لت ماري جهوپڙيءَ مان ڌڪي ڪڍڻ تي ريشمي جي مرضي ٿي، پر ايتري ۾ ٻيو ڪو ويچار اچي ويس. پڇيائينس: ”پر توکي ڪيئن خبر پيئي ته آءٌ جادو ڄاڻندو آهيان؟“

”اهڙي ڳالهه به ڪڏهن ڳجهي رهندي آهي؟ تو ئي ته پاڻ تنهن ڏينهن مون سان سليو هو- آءٌ هن ڪانئي جي ڇومنتر کان ٿي ڊنس، تڏهن توئي ڪونه ٿي چيو ته اهڙا جهڙا ڇومنتر ته ڪيترائي منهنجي ٿيلهي ۾ پيا آهن!“ ۽ کلندي ٻوليائين: ”پوءِ اڄ وري ڦري ڇوٿو وڃين؟“

ريشمي کي سمجهه ۾ نه آيو: ’هن ماڻهوءَ کي چريو چئجي ڪي کريو؟ ان تي کل ڪجي ڪي ڪاوڙ؟‘ ۽ اگهاڙي انگين ويٺل ڌوليي جي ساڄيءَ ٻانهن ۾ چانديءَ جي باجوبند ڏانهن نهاريندي، هو ڪن خيالن ۾ غلطان ٿي ويو.

اناج جي پڪي ٿي رهيل کيتن ۾ اَناج تي ڇانيل چاندني اهڙي ڦڪي پيلي ٿي لڳي، ڀانءِ ته بلڪل اُداسائيءَ ۾ ڀريل هئي؛ کڙئي ۾ پيل ڪڻڪ جي بُوسي واري ڍير تي پنهنجي هستي ڏيکارڻ خاطر ئي بود ۾ آيل ٿي ڏٺي. ڀر وارو ڳوٺ ڊگهي سوڙ تاڻي سمهي پيو هو. الهندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دشا ڏانهن اهل کائيندڙ چندرما جڻ ريشمي ۽ ڌوليي جي وچ ۾ ٿيندڙ قولن قرارن ٻڌڻ لاءِ ڪن سرلا ڪري نه کڙو هجي، تيئن ترسي بيٺل ٿي ڏسڻ ۾ آيو.

ريشمي جي جهوپڙيءَ کان ٿوروئي پرڀرو ڪانجيءَ جي جهوپڙي هئي. ڪالهوڪيءَ رات وانگر اڄ به هو سڄاڳ ليٽيو پيو هو. جيويءَ جي پٺيءَ تي ڳوري جنڊ جي پڙن جو بار نه پوندو هجي، تيئن ٿي پل پل ۾ اُن محسوس ڪيو. اڄ پڻ کيس ائين ٿي لڳو: 'هاڻي ڌوليو اُٿيو ڪي اُٿيو، هاڻي جيويءَ جون رڙيون ٻڌڻ ۾ ايندي‌ون.' هيڪر ته جيويءَ جي واڪن وانگر ڪنهن آواز جو پڙاڏو به پيس، سو لڪڙي کڻي تيار ٿي بيٺو- ٻئي واڪي ٻڌڻ لاءِ ڪن کڙا ڪيائين، پر ساڳي اگهور شانتي ڏسي، لڪڙي پري کڻي ڦٽي ڪيائين ۽ کلڻ لڳو. پنهنجي ان بيوقوفيءَ تي کيس بڇان آئي: "ماري مات ڪريس ته به تنهنجو تنهن ۾ ڇا وڃي؟ تنهنجو ان سان ڪهڙو واسطو، جو تون هيئن سندس پاسو وٺي ڀڄڻ لاءِ تيار ٿي ٿو بيهين؟" پر ٻئي طرف سندس دل ڀانءِ ته پهاڙ تي چڙهي ٿي پڪاريو: 'نه نه، سچي مائٽي ته اسان ٻنهي جي ئي آهي. ڌوليي جو ڪهڙو لڳ لاڳاپو؟ هو ته رڳو سندس سرير جو سائين آهي، پر انهيءَ جي دل ته.....' مگر انهن ويچارن به کيس آزاري رکيو. هڪڙو اونهو ساهه کڻندي چوڻ لڳو: 'نه نه، ڪانا! ائين پنهنجي پرائي ڪرڻ مان ڪو کڙ تيل نڪرڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وارو ناهي. دنيا ته توکي ئي بيوقوف بڻائيندي، ڇسو چوندي!" ۽ سندس ساڌارڻ ٻڌيءَ کيس سجهاءُ ڏنو ته پنهنجو ڳوٺ ڇڏي، وڌيڪ نه ته ٿورن ڏينهن لاءِ ئي سهين، ڪنهن ٻئي شهر ۾ هليو وڃ ..... اهو فيصلو به ڪري ڇڏيائين.

ٻئي ڏينهن هن پنهنجو اهو فيصلو هيري کي ٻڌايو: "هيرا، منهنجو خيال آهي ته آءٌ هي اونهاري جا ڏينهن فرصت جا آهن، سو ٻه مهينا ڪٿي نوڪري ڪري اچان!"

"ڳالهه ته ٺيڪ آهي، پر توکي نوڪري ملندي ڪٿي؟ ڪين ڪٿي ڳولهي رکي اٿئي؟" هيري پڇيس.

"ڳولهي ته ڪانه رکي اٿم، پر پنهنجيءَ نياٽ جو ڪونهي هو ڪٻير ڀائي، تنهن وٽ ويندس. ڪٿي نه ڪٿي لڳائي ڇڏيندو، ۽ پنهنجي ڳوٺ جو نانو ڪٽارو به ته آهي ئي آهي!" چئي، کلندي کلندي ٻوليائين: "اوهو هو، اڙي هيترا سارا ماڻهو ٿا وڃن، تنکي نوڪري ملي ٿي وڃي، باقي مونکي ڪانه ملندي؟"

هيري کي لڳو ته نوڪري نه مليس ته نه ئي سهين، پر انهيءَ بهاني ڪانجي ٿورو وقت پري ٿئي، سو به چڱو آهي ۽ ان وڇڙندڙ جوڙيدار جي غم ۾ هڪ اونهو ساهه کڻندي چيائين: "ها ها ڀلي! ٻه مهينا هوا ڦير ڪري آءُ."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهن کان پوءِ پنهنجي وڏي ڀاءُ کي نئين سر اها سڄي ڳالهه ڪري ٻڌايائين. ان چيو: ”ٻه پيسا ملندا ته وري ان واڻئي جو ليکو ڏياريءَ تائين چڪتو ڪري سگهبو.“

پيسي جي ڳالهه نڪتي ته ڀاڀي جهٽ ۾ ئي پرسن ٿي ويئي، پر وڏي ڀاڻس کي اها رٿ ڪين ٿي آئڙي. گهر جي مزوريءَ کان پرديس جو پورهيو ڪو وڌيڪ ڏکيو ڪونه هو، بلڪ اتي ته آرام آسايش جو ئي ڪم هو، تنهن هوندي به کيس ائين ٿي لڳو: ”ڪيئن به هجي، مگر پرديس ته نيٺ پرديس ئي چئبو نه!“

وڏو ڀاڻس جهڙو سرير ۾ سڪل هو، تهڙوئي ڪليجي ۾ ڪمزور هو. ڪانجيءَ کي ’ها‘ ته ڪيائين پر ترت ئي ٽم ٽم ڪري نيڻن مان نير وهي ڇڙيس. تنهن ڏينهن واري جيويءَ جي پرسنگ کان پوءِ هو ڪانجيءَ تي ناراض ٿي پيو هو. ڪانجيءَ کي ٺپڪو به ٺيڪ ٺيڪ هنيو هئائين، پر اڄ هن پڇتايو پئي. کيس شڪ اچي پيو ته ڪانجيءَ سان آءٌ جهڳڙيس، تنهن ڪري ئي هو رسي هليو ٿو وڃي. پڇيائينس: ”تون مون سان رسي ته ڪونه ٿو وڃين، ڪانا .....؟“

ڪانجيءَ جو آواز به جهيڻو ٿي ويو. ”نه ڙي دادا! توهان سان ڪيئن آءٌ رسندس؟ پر هي ته ٿيو ڏکوئڻو. فرصت جا ڏهاڙا آهن، جيڪي ٻه پيسا ملي پيا، سي واهه واهه. ٻيو ڪين ته ڪم از ڪم ڪپڙا ته نوان ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوندا، دادا." چئي ڪانجيءَ مرڪڻ جي ڪوشش ڪئي.

انهيءَ کان پوءِ به وڏي ڀاڻس ٿوريون ننڍيون ڪي وڏيون حجتون اٿاريون، پر ائين ڪندي کيس ڀاسڻ لڳو ته 'ڪانجيءَ جي دل ٿي ڏکوئجي. جڏهن سندس من سڄوئي کڄي بيٺو آهي ته وڃڻ ڏيس.' اهڙا خيال ڪري چيائين: "پر تون ڪو اڄ جو اڄ ئي ته ڪونه ٿو وڃين نه؟"

"اڄ ته ڪونه، پر سڀاڻي ڪپڙا ڌوئي اچان، پوءِ پرهينءَ کڻي نڪران. ائين به 'وڃان وڃان' ڪري ڇو اجايو ڏينهن وجهان؟"

"ڀلي" چئي، وڏو ڀاڻس چپ ته رهيو پر سندس من ۾ جيڪو شڪ جاڳيو هو، سو اڃا دفع ڪونه ٿيو هوس. اندر ۾ حساب ٿي ڪيائين: 'نوڪريءَ مان جيترو ڪمائي آڻيندو، اوترو ته ڀاڙي تي بيل گاڏي هلائي، تڏهن به واهه جو ڪڍي سگهي. هر سال ته ائين ئي ڪندو آهي نه؟'.... ۽ اهڙن پورن پچائيندي آخر هن ڀڳت کي ملڻ جو ويچار ڪيو.

ڀڳت کي پڻ ڪانجيءَ ساڳي ئي ڳالهه ڪئي هئي، پر سياڻي ڀڳت کي سمجهڻ ۾ ويرم لڳي، ائين ڪين هو. ڪانجيءَ جو ارادو ڄاڻي هو خوش ته ٿيو، پر ان جو ڪارڻ کيس دکي ڪري رهيو هو. هرڪنهن ڪاريه جو ڦل قدرت تي ڇڏي ڪوشش قائم رکڻ ۾ مڃيندڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڳت کي، ڪانجي هيءُ برابر ڪري رهيو آهي يا غلط، تنهنجو ڪو سماءُ ڪونہ ٿي پيو. انهيءَ تي خاص وڀچار بہ ڪونہ ڪيائين. پر 'ڏسجي تہ ڇا ٿو ٿئي!' ائين چئي اُن ڀاويءَ تي ٿي ڇڏي ڏنو. ڪانجيءَ کي ان اڻ سڌيءَ طرح همت بہ ڏني: "ڪهڙي بہ قسم جو ڏک هجي، سو گهوٽي پيٽڻ ٿي سڄي ماڻهوءَ جو ڪرتوبہ آهي. دک ٿي ٿو انسان کي گهڙي. اُن مان ٿي توکي ڪو سبق سکڻ لاءِ ملندو!"

ڪانجيءَ جي وڏي ڀاءُ کي ٻڌ اُن ائين ٿي چيو: "ڀاءُ تہ وڃي، پيسا نہ آندائين تہ ايترو انيڙ تہ ڀاڻ سان آئيندو نہ؟"

"تنهنجي تہ ڪير ٿو ناڪار ڪري، پڳت؟ پر هو وڃي ٿو چاهي لاءِ؟ مونکي ٿو لڳي تہ هن تنهن ڏينهن واريءَ....." ۽ ڏوليي جي گهر طرف اکيون ڪندي اڳتي بوليو- "انهيءَ ڳالهہ ڪري تہ ڪونہ ٿو هليو وڃي نہ؟"

"اڙي نہ ڙي نہ!" پڳت ڪلندي چيو. انهيءَ ڇا ٿي پيو؟ ۽ جي لوڪ لڄا خاطر وڃڻو بہ پوي تہ هن (جيويءَ) کي ٿي وڃڻو پوي. تنهن ۾ ڪانجيءَ جو ڇا؟ هو ڪو ٿوروئي ڪيس ڇئي آيو هو تہ منهنجو پلؤ اچي پڪڙجاءِ!" ڇئي، وڏي ڀاڻس کي چپ ڏسي، پڳت وري بوليو: "نہ نہ، ڪانجيءَ ۽ اُن جو اهڙو ڪي آهي ٿي ڇا، جو.....؟ ۽ هن ڀائيءَ جي من ۾ بہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙو ٻاپ جهڙو ڪجهه آهي ٿي ڪين! هـا، ٻهريائين ٻـهريائين ڪيس هتي آڻڻ وغيره لاءِ ڪانجـي وچ ۾ ٻيو هو، تنهن ڪري هڪ قسم جو مرهه بيشڪ هوندس! انهـيءَ ويچاريءَ جو ٻيڪن سان به رستو چـٽـو، سو هاڻي ڏاڏاڻو ليکيو يا ناناڻو ليکيو، جيڪي ليکيو، سو به هڪ توهان جو ۽ هن پاسي هيري جو..... اهي ٻـڌي گهر نه چڙا؟"

"ها ها وري چـو ڪين!" چئي، تنهن ڏينهن جيويءَ کي ورجايل بدحرفن جي ياد ايندي ٿي وڏي ڀاءُ جو منهن ذرا لهي ويو. پڇتائيندو هجي تيئن بولياءِ: "ڪير جاڻي تنهن ڏينهن مونکي به ڇا سجهيو! اجايـو ويـچاريءَ کي چڱو منو ڳالهايم. توهين ٿي ڪيس چڱـي چڏجو پڳت، ته هن پاسي ايندي ويـندي رهـي." وري چيائين: "سچ آهي! انهيءَ ويچاريءَ جـو آهي به ڪير؟"

پڳت اُن پـولـي پالـي جيوَ تي پاڻءِ ته هاسيه جـو ڦوهارو چٽڪائي رهيو آهي، اهڙيءَ طرح مڱڻ پاڻ سان مرڪي رهيو هو.

وڏي ڀاءُ اٿندي وري پڇيس: "تـڏهـن ڪانجي وڃي، انهيءَ ۾ ٻيو ڪو هرج ته ڪونهي، ڪيئن پڳت؟ تڏهن پلي وڃي. توهان جيڪي چيو، سو به نيڪ تـه آهـي. انهيءَ ٻهاني ٻيو ڪين ته شهر جو چڪر مـاري ايندو. گهر ۾ رهي به هنن فرصت جي ڏينهن ۾ ڪهڙا گهڙا ڀريندو؟ ڪهڙي خاص ڪمائي ڪندو؟ 'پلي وڃي' اٿين چوندو هو گهر پاسي هلندو ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرڪرڻ پندرهون

پت واري گت

پورڻما بعد ٻي رات هئي. ڀڳت، هيري ۽ ٻين مترن سان آخرين ڳالهيون ڪري ڪانجي اڄ آڌيءَ رات ڌاري جهوپڙيءَ ۾ پيٺو هو- کڙئي ۾ ته ڪجهه هوئي ڪونه. ڪڻڪ جا انبار به اڄ گهر ڇڏي آيو هو، ته پوءِ گهر وڃي سمهڻ جي بدران ڇو هو جهوپڙيءَ ۾ آيو؟، تنهن جي ته خود ڪانجيءَ کي به خبر ڪانه هئي. وڏي ڀاڻس جهوپڙيءَ مان گودڙيون کڻي اچي ڏيوڍيءَ ۾ سمهي پوڻ لاءِ چيو هوس. پر هن ناڪار ڪئي هئي، تنهن جو ڪارڻ صرف هيءُ هو: لڳ ڀڳ هن اٺن مهينن کان کيت ۾ گذاريندڙ ڪانجيءَ کي گهر ۾ سمهڻ کان ڄڻ مونجهه پئي لڳي- ڀلا اتي چوڌاري دور دور ٽڪرن تائين پکڙيل چاندني پسڻ، وري اونداهين ۾ تارن سان ڀرپور آسمان يڪ ٽڪي ڏسڻ، يا اُڀ ۾ ڊڪندڙ ڪنهن هڪ ئي ڪڪريءَ ڏانهن تڪي تڪي نهارڻ، ۽ ڪڏهن گرجنا ڪري کيت کي گنجائيندڙ ڪارن ڪارن بادلن جي عجيب وَ غريب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رنگن جي موج ماڻڻ - تنهن سواءِ پڇڙ تارا، ڪڙڪٻيتا چمڪاٽن وارا، چٻرن جون چيٽون ۽ سامهون واري جبل تي رهندڙ شينهن جي گجگوڙ - اهڙين ڪيترين ئي وچتر وستن سان ڪانجيءَ جي دوستي ٻجهي ويئي هئي! تنهنکي ڪيئن ٿي گهر جي چوديوارين ۾ سک سمهي ننڊ ڪرڻ اچي؟ ڳوٺ ۾ هڪ ته ڳائڻ تي ڪنهن جي دل ئي ڪانه ٿيندي آهي، ۽ ٻيو جي ڪڏهن دل ٿئي به کڻي ته وري ڳائڻ ڪو ٿوروئي پڄندو آهي؟ ڪانجيءَ کي ڪوي ڪري کڻي نه به ڪوٺجي، پر سندس هردي کي ته ڪوي هردو ضرور ئي ڪوٺڻو پوندو ۽ اهڙي ڪوي هردي جو سرير سان جهڙو رت جو سنٻنڌ آهي، تهڙو سنٻنڌ شانت واتاورڻ ۾ ڪيڪڙاٽ ڪندڙ قدرت سان جيڪڏهن ٿئي ته انهيءَ ۾ اچرج ئي ڪهڙو آهي؟

پر ڪانجيءَ کي اڄ آسمان جي چوٽيءَ هيٺان بيٺل چندرما ڪونه ٿي ڪوٺيو، ۽ نڪو ٿي سڏيس چاندنيءَ ۾ رچي رهيل کيتن ۽ واڙين. محلات کان به وڌيڪ سندر لڳندڙ جهوپڙيءَ جي پڻ اڄ ڇڪ ڪانه ٿي ٿيس. اڄ ته هو اتي آيو هو، انهن سڀني سان آخرين اَلوداع ڪرڻ لاءِ. اڪيلو ئي اڪيلو ٿوروڪي هنجون هارڻ لاءِ.

جهوپڙيءَ ۾ اچي ڪانجيءَ انگرکو اتاري هڪڙيءَ ڪنڊ ۾ رکيو. بسترو ريڙهي دروازي وٽ ڪيو ۽ گودڙي ڇنڊي، انگرکي جو وهاڻو بڻائي، ٻيڙي دکائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آرام سان ويهي رهيو.

سڀائي ته روانو ئي ٿيڻو هوس.

نوڪريءَ کي پراوَن جي تابعداري چئي ڌڪاريندڙ ڪانجي نوڪري ڪندڙ ماڻهن کي ڪئين دفعا چوندو هو: ”توهين شهر جا رهواسي ڳوٺڙي - ڳوٺ جي ڳالهين مان ڇا ڄاڻو؟ هتي ته کلئي ميدان ۾ ..... شوق سان گهمڻو ۽ ڦرڻو، سندرتا جو واس وٺڻو!“

پر اڄ خود کيس ئي اهو ’شوق سان گهمڻو ۽ ڦرڻو‘ ڇڏڻو ٿي پيو! مگر انهيءَ جوان کي ايترو رنج ڪونه هو. تنهن کان سؤ بار وڌيڪ ته جيويءَ جو هوس. هوءَ ويچاري هڪ منهنجي ئي سر خاطر هتي آهي ۽ اڄ آءٌ ئي کيس ڇڏي وڃي رهيو آهيان. ان جي اندر مان ڪهڙي آهه نڪرندي؟‘ انهيءَ خيال ايندي ئي ٻيڙي پاسي کان اُبتي جهلي وات ۾ وجهي هڪ وڏو سوٽو ڀريائين، ۽ نڪ مان دونهون ٻاهر ڪڍندي ٻولياءِ: ”ڪنهن کي ڪل هئي ته ههڙو حال ٿيندو؟“

جهوپڙيءَ جي چلهه ۾ پيل ڇيڻن مان نڪرندڙ دونهين جون ٻه چار سنهيون لاٽون هڪ ڪَريون ٿي آڪاس ڏانهن اُڏامي رهيون هيون. چندرما پڻ گهڙيءَ اتي جو اتي بيٺو آهي، ته گهڙيءَ سٽ پائي سڏ پنڌ ڪري ويو آهي، ائين ٿي لڳو. ڪانجي منهن اونڌو ڪري ليٽيو پيو هو ۽ اوڇنگارون پئي ڏنائين. اچانڪ پنهنجي نرٻلتا جي شناس پيس ته هڪدم اُٿي کڙو ٿيو. پاسي ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيل چلم کنيائين ۽ تماڪ ڀريندي ڀريندي، من سان
ٻاتيون ڪرڻ لڳو: 'سچي ڳالهه آهي! هيءُ سڀ مايا جو
جنجال آهي.' پر انهيءَ گيتا واري 'مايا' لفظ جو ارٿ
ته هتي 'پريم' ٿي ٿيو؛ ۽ انهيءَ آسٿاني ارٿ جي
ويچار ايندي ئي، ڪانجيءَ کلي پاڻ تي خنده ڪئي:
'مايا لڳي آهي، تنهن جو ئي ته هيءُ رامايڻ آهي!....'

تماڪ پڻ ٻي خيالو ڇڪي پورو ڪيائين. وري
سندس من ۾ آنڌ مانڌ ۽ آتر ويلا مچڻ لڳي. بدن ۾ ڄڻ
ته چهنڊڙيون پئي پيس، سو سمهڻ به نه ٿي وڻيس ۽ ته
ويهي رهڻ ئي پڳس. هاڻي روئڻ هارڪو ٿي ويو ۽
نيڻن مان نير وهائيندي، هن پنهنجي پياري چندرما
ڏانهن نهاريو. پر اهو به ڀانءِ ته روئي رهيو هو. ڪانجيءَ
رئڻ جي بدران ڳائڻ شروع ڪيو:

"ڇو روئين ڙي، چريا چندرما!
ڇو اکيون اٿئي ٽمٽار؟
ڌرتي ماتا، ڇو ٻڏينءَ شوڪ ۾؟
تنهنجي دل تي ڪهڙو بار؟"

پر انهيءَ ڏوهيڙي کان پوءِ ڪانجيءَ پاڻ ئي پنهنجو
وروڌ ڪيو:

"نٿو روئي ڙي چندرما،
هو ته ننڊ ۾ آهي غلطان؛
ڌرتي ماتا به ستل سڄي،
(اهو ته) تنهنجي دل جو آهه گمان!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهن کان پوءِ ڪانجي ذرا ترسيو، پر ترت ئي ٻاڪاريندڙ دل کي ڄڻ وهڻ جو موڪرو مارڳ نہ ملي ويو هجي، تيئن اها وهڻ لڳي. اهڙيءَ ضعيف دل جي لاءِ ان ڀڳوان جي لک لک ڀلاين مان هڪڙي ڀل ڳولهي ڪڍي:

”واهہ ڙي بنايءَ اوچو آسمان،
ڏينهن ڏينهن جو چنڊ نهان؛
ڦرندو هلي اهو گگن ڏيئو،
ڌرتيءَ پنهنجيءَ جو مون ايمان.
آدمي بہ اُتي سڀ سٺا سدا،
تنهنجي ڪلا تي هرڪو فدا؛
(پر) ڇو ڏنءِ باقي دل ڪوملڙي؟
ڀلو ڀلا ڇو خود خدا؟“

ڪنڌ ڌوڻيندي ۽ هٿ جو اشارو ڪندي، ڪانجي پوئين ڪڙي ٻيهر ٻولي:

”ڀلو ڀلا ڇو خود خدا؟“

اڄ جيڪڏهن ڀڳوان نہ ڪانجيءَ جي هٿ چڙهي وڃي ها تہ گهڻا ئي ڀيرا ڀڳت سان بحث ڪيل ۽ مونجهاري پيدا ڪرڻ وارو هيءُ سوال: ’هي ڀڳوان! هيئن اسين اُسن ۾ سڙي مزوري ڪريون تڏهن بہ بکئي جا بکيا ۽ هو واڻيو ڇانئڙي ۾ ويٺو رهي، تڏهن بہ لهر ڪندو وَتي، انهيءَ جو بہ ڪوئي ڪارڻ؟‘ تہ هو پڇيس ئي ڪونہ ها. ڀڳوان کي ڪونہ ٿي ڏٺائين، تنهن هوندي بہ جيڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڇي رهيو هوس، سوئي ڀڳوان جي حاضريءَ ۾ پڻ
کانئس پڇي ها:

”پيدا ڪيءَ ايش، ته ڀلي تو ڪيو،
ڀلي رچايءَ کان ۽ پان؛
پر ڪهڙو ضرور هو پريم سندو؟
(او مورکا) جو ڪچي ڌاڳي سان ٻڌءَ جان!“

هڪڙو اونهو ساهه کڻندي ڪانجيءَ چيو: ”ڪنهن
هنڌ مايا کان بيشڪ پري ٿو رکي ته ٻئي هنڌ پريت
جو اڪيڙيل پاڻي اوتي اوتي دل کي بنهه ٽاڪئون
بنائي ٿو ڇڏي.“ ۽ ٿورو ترسي، ’هوندو، پنهنجا گڙ ٻڙ
گهوٽالا تون پاڻ ئي ڄاڻ، هي رام!‘ چئي کليو، پر بلڪل
ڦڪو - چندرما کان وداع نه وٺندو هجي، تهڙيءَ طرح
سندس سامهون ڪا مهل هو تڪيندو رهيو. بستري
تي لنبو ٿي ليٽندي وري ٻيهر سجهڻ لڳس: ’ڪير
ڄاڻي! هن ڳوٺ ۾ آءٌ ڪڏهن اچي وري اُن جو منهنڙو
ڏسندس؟‘

سڌي هڪ ئي واٽ وٺي چندرما اولهندي جي
پرئين پار وڃي پهتو هو. ڌرتي به ڄڻ پوئينءَ ننڊ جو
چشڪو وٺندي هجي، اهڙيءَ چپ چپاٽ ۾ هئي. ننڊ
مان ڇرڪ ماري جاڳيل ڪڪڙ پڻ، ’اڃا ته دير آهي‘
چئي، وري ماٺ ٿي ٿي ويا - ڪانجيءَ جي ته ٻوٽيل
اکين مان ائين پئي معلوم ٿيو ته هو به ڄڻ ننڊ ۾ هو،
پر سچ ته اڃا هو جهوُٽن ۾ غلطان هو. گهڙيءَ ۾ کيس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوڏيل ڏسڻ ۾ ٿي آيو ته گهڙيءَ ۾ وري پاڻ کي انبن جي جهاڙ هيٺان ويٺل پئي ڏٺائين. پر جتي ٿي ويو، اتي جيوي ته سامهون ئي سامهون هوس.

اچانڪ ئي ڳوٺ جي اڀرندي طرف کان هڪڙي رڙ ٻڌڻ ۾ آئي: ”ماري وڌائين ڙي! ڀڄي ..... ويو! چو..... ر، چور، پڪڙيوس.....“

ڪانجي بستري ۾ ٽپو ڏيئي اُٿي ويٺو. جهوپڙيءَ ۾ پيل سؤنٽو کڻي، جنهن پاسي کان واڪو آيل هو، تنهن پاسي - ڌوليي جي گهر طرف - چئن ئي ڏسن ۾ ڪن سرلا ۽ اکيون تکيون ڪري، تتر جي رفتار سان ڊوڙيو. ۽ ڌوليي جي گهر جي ڀرسان واري گدامڙيءَ جي وڻ پٺيان لڪي، دڳ سنڀالي ۽ هيڏانهن هوڏانهن جي حاطن ۾ نظر ڦيرائي، اُتي بيهي رهيو. ايتري ۾ پٺيان ڪنهن جي پيرن جي آهٽ جـــو آواز آيو. مکي ۽ ٻيو هڪڙو ڄڻو سهڪندا اچي رهيا هئا. ڪانجيءَ تي نظر پين ته پڇيائون: ”ڪير آهين ڙي؟“ ۽ ”ڪٿي ڀڄي نه وڃي!“ تنهن جي سنڀال ڪندي، ڏڪندي ڏڪندي، ڪانجيءَ پاسي قدم وڌائيندا هليا.

”هي تـــ آءٌ آهيان، مکي. مون چيو هتي بيهي رهان، جي ڪير ايندو هوندو ته .....“

”سچ ائين؟“ چئي، مکيءَ ترڇي نظر ڪري ساڻ آيل ماڻهوءَ ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ ڄڻ انهيءَ کان اڳم ئي پاڻ ڪنهن ويچار ۾ نـــ هو، تيئن محلي ڏانهن ورندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻوليائين: ”پر اها رڙ ڪنهن ڪئي؟“

پنيان ايندڙ ڪانجيءَ چيو: ”آواز ته ريشمي جو هو، ائين ٿي لڳو!“

ڌوليي جي گهر ۾ گوڙ شور ٻڌنديئي ڪانجيءَ جي پيٽ ۾ ڀانءِ ته ولوڙا پوڻ لڳا. کن ڀر ۾ گهڻن ئي قسمن جا ويچار اچي ويس. گهر ۾ گهڙنديئي نانيءَ ٻڍيءَ کان پڇيائين: ”هيءُ سڀ آهي ڇا، ناني ڪاڪي؟“

”ڏس ته سهين ڀائي! ڳچ دير تائين ته اسان ٻنهي اَڱڻ ۾ ڳالهيون پئي ڪيون آهن - پوءِ ته ڪير ڄاڻي ڪير آيو ۽ اُنهيءَ ڪهڙي جنم جو وير ....“

ڪانجيءَ جو ڌيرج ٽٽڻ لڳو - وچ ۾ ئي پڇيائين: ”پر اُن اَڱڻ ۾ مار کاڌي، ڪين هتي ....“

”هاءِ هاءِ، اَڱڻ ۾ ئي ته چوان ٿي! هن جي کٽ ته ڏس، رت سان رڱيل ....“

ڪانجيءَ جي غصي جي حد نه رهي: ”تڏهن توهان کيس گهر اندر ڇو آندو؟“ ڪانجيءَ جي هن ڪاوڙيل آواز ڳوٺ جي ٻن چئن ماڻهن جو ڌيان ڇڪايو. هڪڙي ته ايترو به چيو: ”اڙي ڀائي، گهر ۾ آندائونس ته ٿي ڇا پيو؟ اڱڻ ۾ ڪنهن جي آڏي اوڏي نظر پئجي وڃي، سو اسان کيس گهر اندر آندو - انهيءَ ڪري ايڏا واڪا ڇو ٿو ڪرين؟“

”جک مارڻ لاءِ، ٻيو وري ڇا؟ ڪاڪو (سرڪار) پڇيو تڏهن جواب ڏجو هاڻي! هتي وٺي آيوس، تنهنکان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ته سندس گهر ۾ ئي ....."

"تڪڙ ۾، هيءُ ويجهو ٿي پيو، سو هتي آندوسونس."

ٻئي ٻوليو: "۽ جي ناني ڪاڪي ناڪار ڪري ها ته ٻڍي کان دروازو کولائي، اتي وٺي وڃونس ها." ۽ تنڪي سان پڇيائينس: "پر انهيءَ ۾ تون ڇو ٿو ايترو سارو خفي ٿين؟"

ڪانجيءَ جي زبان تي ته الاجي ڇا ڇا ٿي آيو، پر اهو ماڻهو هڪ ته سندس مائٽن مان هو ۽ ذرا مربيءَ جهڙو به هو، تنهنڪري رڳو ايترو ئي چيائين: "تڏهن اهڙوئي بيان فوجدار کي به ڏجو وري."

ناني ٻڍي ته روئڻهارڪي ٿي ويئي: "ها، ڀائي صاحب، مونکي ڪهڙي خبر ته هيئن ٿيندو؟ تنهن کانسواءِ ڌوليو به گهر ۾ ڪونهي." ۽ ائين چوندي چوندي مکيءَ جي ڳولها ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڦان ڦان مارڻ لڳي. پر مکي ته فوجدار کي اطلاع ڏيڻ جي بندوبست لاءِ ٻاهر نڪري ويو هو. سو هوءَ موٽي ڪانجيءَ وٽ آئي. گهبرايل آواز ۾ چيائينس: "اي ڪانا، ماريو جيڪي ٿيڻو هو، سو ٿي چڪو؛ آءٌ ته کيس ذرا رک لڳائي ٺيڪ ڪري ڇڏيندس- پر هن کي هاڻي منوهر جي گهر اُماڻي ايندين؟"

"جيڪي ٿيڻو هو، سو ته ٿي چڪو. هاڻي ڇاهي؟"

ڀڻ ڀڻ ڪندي، ڪانجيءَ چيو: "انهيءَ ۾ ڪو هرج ڪونهي. هي سڀ شاهدن ۾ ته آهن نه؟ ڀلے هو هتي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ئي هجي،" چئي، ڪانجي 'پٽ' ۾ سمهاريل ريشمي ڏانهن وريو.

ريشمي جي نڪ مان وهندڙ رت ڏسي، ڪانجي ٻوليو: "اڙي، پر سڀ ڏسو ڇا وينا؟ ٿوري ڪا ڪپهه ته کڻي اچو، جلائي گهاؤ ۾ وجهوس." ٻه چار ڄڻا ڪانجيءَ جي انهيءَ صلاح تي ويچار ۾ نه پئجي ويا هجن، تئن ڏانهنس ڏسڻ لڳا، ته ڪي وري ڪانجيءَ جي صلاح جي پٺ ڀرائي ڪري رهيا هئا - "ها ڙي ڀائي، ڪجهه ڪپهه ته آڻيو." پر سچ پڇو ته ڪنهن کي ڪا سمجهه ٻوجهه ئي ڪانه ٿي پيئي. ڪانجيءَ ڀر ۾ بيٺل نانيءَ ٻڍيءَ کي چيو: "ناني ڪاڪي، ذرا ڪپهه ته آڻجانءِ."

ٻئي پاسي مکي پوليس ٿاڻي تي خبر موڪلڻ جي بندوبست ۾ مشغول هو. اُنهيءَ ڪم کان آجو ٿي واپس ٿي آيو ته اَڳڻ ۾ سندس ڪاڪي جي پٽ ڀيمي ڌوتيءَ جو پلءُ ڇڪيو. مکيءَ کي ڪو شڪ جاڳيو. ڀاءُ جي پٺيان هلندي چوڻ لڳو: "هي چوڪيدار مري ڪيڏانهن ويو؟ ٿاڻي تي اطلاع ڏيڻ لاءِ چيو هو مانس، پر اڃا ته ڀلو ٿئيس، شايد تماڪ پيئڻ هليو ويو ٿو ڏسجي."

واڙي جي کڙئي مان ٿي ڀڳت ٻاهر نڪتو ته هنن ٻن ڀائرن کي پنهنجي گهر جي پاسي بيٺل ڏٺائين. ڪا مڙيوئي سس پس پيا ڪن، اهڙي شڪ ايندي ئي هڪوار ته پٺتي موٽي وڃڻ جو خيال آيس - لڪي ڇپي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڌڻ جي لالچ پڻ جاڳيس، پر ٻيءَ کن ۾ ڄڻ ته ڪجهه ڏٺوئي ڪين هئائين، تيئن نيچي نظر ڪري هلڻ لڳو ۽ کنگهڪار جو آواز ڪيائين.

مکي تڪڙو تڪڙو چوندو ٻڌڻ ۾ آيو: ”تون وڃ نه، ڀائي! انهن ٻنهي ڄڻن کي ئي ٿاڻي تي موڪل. هي ته ڏسو ڪهڙو قهر ٿيو آهي، ڀڳت! هيڏي عمر ٿي ويئي آهي پر اهڙو ته ڪڏهن ڪين ٻڌوسين! توهان ذرا ملم پٽي ڪريوس نه. آءٌ انهن چوڪيدارن کي موڪلي ٿو اچان،“ چئي، ڳوٺ پاسي ويندي، وڌيڪ ٻولياءِ: ”ههڙو غضب ته ڪڏهن ڪونه ڏٺوسون.“.....

ملم پٽيءَ کان فارغ ٿي ٻاهر آيو ته ڀڳت ڪانجيءَ کي چيو: ”هن کي گهر اندر آندو ويو، سو هڪ پار ٺيڪ ڪونه ٿيو، ڪانجي.“

ڀڳت جي گهر پاسي هلندي هلندي، ڪانجيءَ پڻ اهوئي پٽڻو پٽيو. اونهو ساهه کڻندي چيائين: ”شاهد آهن سو فڪر ته ڪونهي پر تڏهن به جن کي پڪ ڪانهي، تن کي شڪ ته جاڳي ٿو سگهي نه؟“

فوجدار جي راهه تڪيندي، ڳوٺ پنهنجي پنهنجي پسنديءَ آهر ٽولين ۾ ملي جلي ذات ذات جا انومان ڪڍي رهيا هئا. ڀڳت جي آڳنڌ ۾ پڻ ڀيڙ اچي ڄمي هئي. جيڪڏهن ڀڳت، ڪانجي ۽ هيرو اهي ٽي ڄڻائي هجن ها ته اهي پڻ پنهنجا پنهنجا ريچڪ ڊوڙائي ڏسن ها. هنن سڀني جي روبرو، ڪنڊ پاسي وڃي سس پس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ ٺيڪ نٿي لڳن، سو هينئر اهي پنهنجي مغز ۾ آسپاس جيڪي وهيو واپريو ٿي، تنهن جو اندازو لڳائي رهيا هئا.

سج اُڀرڻ سان ئي گهوڙن جي ٽپ ٽپ جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا. فوجدار، ڪارڪن ۽ ٻه ٽي پوليس وارا ڏسي ڳوٺاڻن جي دلين تي ڀانءِ ته ڀوت سوار ٿي ويو. زالون ته چئي به رهيون هيون: ”ڪير ڄاڻي هي پٽيا آيا آهن، سو الائي ڪيترن جي ٻيڙي سير تي چاڙهيندا!“ هرڪنهن موقعي تي هڪ ئي ڏوهه ڪرڻ وارا چار پنج ڄڻا ته ڪڍندائي - پوءِ بعد ۾ ڀلي هڪڙو، ۽ ڪڏهن ته مورڳو هڪڙو به ڪين نڪري!

کٽولي تي سمهيل ريشمي جي زباني ورتي ويئي. ريشمي کان ڀانت ڀانت جي پڇيل سوالن جي جوابن مان ايترو ٿي سار نڪتو: ”منهنجو پاڙيسري ڌوليو ٻئي هڪ ڳوٺ ۾ گراهڪن جي حجامت ڪرڻ ويو آهي.“ مون کي چتائي ويو هو ته رات جو اتي ئي رهندس. تاڪيد ڪيو هئائين ته ٻڍيءَ جي ننڊ جو ٺڪاڻو ڪونهي، سو اڱڻ جي پڇٽيءَ تي مڪائيءَ جا سنگ رکيا اٿيئي، تن جي ديکڀال ڪجانءِ. اُنهيءَ ڪري مون پنهنجو کٽولو ٻنهي اڱڻن جي وچ ۾ ڪري وڌو هو. آءٌ ننڊ ۾ هوس. منهنجي مٿي تي ڪنهن مار وڌي. ڇا سان ماريائين، تنهنجي مونکي سڌ ڪانهي. ماريندڙ کي آءٌ سڃاڻي ڪونه سگهيس. چڱو قداور هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي ڏٺو. ڇا ڇا پهريو هئائين، تنهنجو مون کي برابر سماءُ ڪونهي. پر سڀ ڪپڙا پاتل هوَس، سو ڪي قدر ياد اٿم. پڇتيءَ تان ٽپو ڏيئي هو سڌو کيتن ڏانهن ڀڄي ويو. ان جي رفو ٿيڻ کان پوءِ ئي مون کي رڙين ڪرڻ جو هوش آيو. تنهن بعد ماڻهو ڪٺا ٿي ويا." وغيره وغيره.

انهيءَ زباني وٺڻ بعد فوجدار ريشمي جي ٺيڪ ٺيڪ آڏي پڇا ڪئي. ٿورا ٻيا سوال اُڀا ٿيا. پر ايتري ۾ مکيءَ درديءَ جي بگڙندڙ حالت ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ لاءِ ڪي ٻوليو. فوجدار کٽولو تيار ڪرايو.

اٺن جوانن کي چونڊي ٻاهر ڪيائين. انهن ۾ ڪانجي، هيرو، منوهر ۽ ٻيا پڻ هئا. انهن مان چئن جوانن ريشمي جو کٽولو ڪلهي تي کنيو ۽ پندرهن ڪوهن تي جيڪو سرڪاري دواخانو هو، اوڏانهن روانا ٿي ويا.

مکيءَ جي گهر چانهه پاڻي ڪرڻ بعد فوجدار دالان تي آيو. سڄوئي ڳوٺ گهر گهر مان هڪ ڄڻو اچي اتي ڪٺو ٿيو هو. کٽولي تي آڏو ويهي، فوجدار حقي نڙ هٿ ۾ کڻندي چيو: "ڳوٺ ۾ معاملو متو آهي، سو توهين ڳوٺ جا ئي ماڻهو ڏوهاري پڪڙي ڏيو."

"سو ته سچ ٿا چئو، صاحب! ڳوٺ جو معاملو ڳوٺ کي ئي نبيرڻ گهرجي!" ڪانجيءَ جي وڏي ڀاءُ ڳالهائڻ شروع ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پر صاحب، گهر آهي ڳوٺ جي ناڪي تي. ڪوئي ٻاهر وارو اچي ...“ ايترو اڃا منوهر جي پيءُ ڪڇيو مس ته ”چپ ڪر، سوئر! ٻاهر وارو ڇو ايندو؟ انهي وٽ ڪهڙا هيرا موتي هئا؟ سوئر ڪنهن جاءِ جو!“ ائين چئي فوجدار کيس ماٺ ڪرائي ڇڏي. ساٿ ساٿ سڄي ڳوٺ کي هن علمي زبان ۽ عاقل چهري سن ۾ وجهي ڇڏيو.

ڳوٺ آهي سو اوارنوار پئي اهڙا واقعا بڻيا، پر ههڙو معاملو ته ڪڏهن ڪونه متو هو. ڪير ڪنهنکي ڏوهاري ٺهرائي؟ جي مجرم هٿ اچي ويو هجي ها ته پوءِ کڻي ٻه چار ڄڻا وچ ۾ پئجي فوجدار کي آزي نيزاري ڪري پنجن پنجويهن روپين ۾ پتائي ڇڏين ها. هيئن ته سارو ڏينهن سوچ ويچار ۾ ئي نبري ويو.

آخر مکيءَ ڳوٺ جي پاران عرض ڪيو: ”صاحب، جيڪي ٿيڻو هو، سو ته ٿي چڪو. ڳوٺ ۾ بناءُ بڻيو آهي ته ڳوٺ ئي ڏنڊ ڀري، پر ڪيئن به ڪري هن قصي کي اتي ئي نباهي ڇڏيو.“

”ائين نه ٿي سگهندو، مکي! هن ماڻهوءَ کي جو دواخاني ۾ نه موڪلجي ها ته وري ٻي ڳالهه هئي، پر هاڻي ته سندس نالو سرڪاري رجسٽر تي چڙهي ويو. تڏهن به آءٌ ڏسان ٿو. پر اول اول مونکي سمجهڻو ضرور پوندو ته هيءُ معاملو آهي ڇا؟ بچاءُ جهڙو ڪي هوندو ته ائين ڪيو.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”تڏهن ته صاحب، سرڪار کي ئي اهو معاملو پنهنجي هٿن ۾ کڻڻو پوندو. اسان مان ته ڪنهنکي ڪو پتوئي ڪونه ٿو پوي. توهان جنهن گنهگار جو نالو ڳنهو، تنهنکي آڻي توهان جي روبرو ڪريون. اسان ٻيو ڇا ٿا ڪري سگهون؟“

ٻئي ڏينهن فوجدار ڪيس هٿ ۾ کنيو. هڪڙيءَ ڪوٺيءَ ۾ کٽ وڇائي ويئي. جاچ جوچ جي شروعات ٿي. ڌوليو ٻاهران اچي ويو هو، تنهنکي ئي پهل ويل سڏايو ويو. زال ڪڏهن ورتائين ۽ ڪهڙيءَ ريت، انهيءَ سوال کان وٺي ويندي اڄ تائين سندس چال چلگت، ان لاءِ ٿيل جهيڙن جهٽن وغيره جي کانئس پوڇ تاڇ ڪئي ويئي.

تنهن کان پهريائين مکيءَ کيس هڪ ئي جملي ۾ آگاهه ڪري ڇڏيو هو. ”ڌوليا، موقعو مليو آهي ڪي ملندو، زندگي ڀر ٿا ڪنڊي جي چپ چپ کان آجا ٿيون، تنهن ڪري جيڪي هجي، سو سڀ چئي ڏجانءِ.“

مورک ڌوليي آد کان وٺي جڳاد تائين سڀ ڳالهيون کولي ظاهر ڪيون. انهيءَ کان پوءِ ريشمي کي گهر ۾ گهلڻ وارن ماڻهن جو پڻ بيان. البت زباني ئي ورتو ويو.

دردي‌ءَ کي ڇڏي آيل ڪانجيءَ کي سپاهيءَ روٽي کائڻ تان اُٿاريو. لڳ ڀڳ سڄوئي ڳوٺ هئبت ۾ اچي ويو هو. ڪانجيءَ کي ته انهيءَ رات مکيءَ کيس لڪل ڏٺو، تنهن مهل کان ئي پرون پئي پيا ته هن معاملي ج

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٺڪر هونءَ به مون تي ئي مڙهيو ويندو.

'خير ڏسون ته ڇا ٿو ٿئي؟ جيڪي هوندو، تنهنکي منهن ڏبو!' اهڙا ويچار ڪندو ڪانجي فوجدار وٽ پهتو.

فوجدار جي اک کان گهبرائڻ بنائي ڪانجيءَ سچ چوڻ سواءِ هاڻي ڇوٽڪارو ئي ڪونه ٿيندو، ائين سوچي جيڪي هو- ڌوليي کي زال وٺي ڏنم، تٿا آءٌ ۽ جيوي پاڻ ۾ ڳالهيون ٻوليون ڪندا آهيون. سڀ ڪي قبول ڪيائين. آخر ۾ چيائين، "پر صاحب، منهنجو ۽ اُن جو ٻيو ڪوئي ناتو رشتو ڪونهي. جنهنجو چئو قسم به کڻان."

"قسم کڻجانءِ. پنهنجي ڳوٺ اڳيان هتي ته قاعدي جي وڪڙ ۾ اچي وئين، سوئي ڪافي آهي. سچ يا ڪوڙ، پر پوءِ بچڻ مشڪل اٿيئي. سو سوچي سمجهي جواب ڏجانءِ. زبانيون ته سڀ تنهنجي برخلاف بيٺيون آهن."

ڪير ڄاڻي ڇو پر ڪانجيءَ جي منهن ڏسنه ٻئي فوجدار کي سندس لاءِ پنهنجي من ۾ هڪ قسم جي پاسخاطري پيدا ٿي چڪي هئي، ۽ انهيءَ ڪري ئي ته بنا گارين جي جملا ڳالهايائين! نه ته انگريزيءَ ۾ جهڙو نالي اڳيان آرٽيڪل واپرائڻ جو رواج آهي، اهڙوئي رواج هن فوجداري کاتي ۾، سو به رياستن ۾ ته خاص گارين واپرائڻ جو هوندو آهي. غصو چڙهيو ته هڪدم چار پنج گاريون به وهائي ڪڍن. باقي جي ٿڌو مزاج

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندو ته کچڻيءَ ۾ دال جي ڀاڳ جيتروئي گارين جو حصو رهندو.

انهن مان وري ڪانجيءَ جهڙو خسيس شخص ۽ سو به اپراڌي، جو بچي وڃي ته ان جو بخت بالا ئي ليکبو:

ڪانجيءَ اُنهيءَ رات وارو سمورو ورتانت ڪري ٻڌايو. پر جڏهن اڃا رڙ ٻڌڻ ۽ پنهنجي ڊوڙي اچڻ جي ڳالهه مس ڪيائين ته فوجدار جون اکيون ڦوٽارجڻ لڳيون. البت، فوجدار کي انهيءَ جي خاطري هئي ته ريشمي کي جو ڌڪ لڳو آهي، سو زال جي ئي معاملي ۾، نه ته ڪو نڪ تي گهاؤ ڪرڻ جي جريت ئي ڪانه ڪندو. ڌوليي جي گهر ۾ سمهاريل ريشمي کي پوءِ کنيو ويو هوندو، سا ڳالهه انکي سمجهڻ ۾ ڪانه ٿي آئي. انهيءَ بابت مکيءَ کان پڇي ڏٺو هئائين ۽ ان پڻ ڪن پڪڙي چيو هوس: ”ڀڳوان ساکي آهي، صاحب، پر آءٌ آيس، تڏهن ته هو گهر ۾ ئي هو.“ تنهن سواءِ ڳوٺ ۾ ماتا آئي هئي، تنهن وقت ڪانجيءَ سان ٿيل اڻبڻت ڌوليي ۽ ڪانجيءَ جي کٽ پٽ، ۽ ڌوليي سان ريشمي جي دوستيءَ وغيرهه، جون آڏيون ابتيون ڳالهيون پڻ مکيءَ ڇيڙي ڇڏيون هوَس.

فوجدار ڪانجيءَ کي چيو: ”جيڪڏهن تون ڌوليي جي گهر اندر گهسڻ لاءِ ڪونه وئين ته گهٽ ۾ گهٽ پهري ڏيڻ لاءِ ته ويو هوندين! سچ سچ چئي ڏي. هيءُ معاملو تو، ڌوليي ۽ ريشمي ٽنهي جي وچ ۾ متو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. تن مان ڌوليو ته ٻئي ڳوٺ ۾ هو. ثابتي ملڻ تي هو ته ڇٽي ويندو. باقي تنهنجو ڇا ٿيندو؟ تون کڙئي مان ئي سڌو آئين، تنهنجو ڪو ثبوت آهي؟"

"ها، صاحب، مکيءَ ۽ بالا ڀائيءَ مونکي ڏٺو هو."

مکيءَ کي سڏايو ويو. ان چيو: "اسان ته صاحب، جيڪي ڏٺو سو چونداسين. ڪانجي جيڪا ڳالهه ٿو ڪري، سا سچي آهي؛ پر مون ته ان کي گدامڙيءَ جي وڻ هيٺان بيٺل ڏٺو هو."

"کڙئي مان ايندو ڪونه ڏٺوسي؟"

"نه، صاحب" چئي مکيءَ ڪانجيءَ ڏانهن نهاري ٻوليو: "ڏٺو هجيم ته چوان، آءٌ ڪوڙ ته...."

"پر توهان کي ڪوڙ ڳالهائڻ لاءِ چوي ڪير ٿو؟" چئي، ڪانجي کليو. ٻالي پڻ مکيءَ جهڙي ئي زباني ڏني.

هاڻي ڌوليي جي زال کي سڏائڻ جو وارو آيو. ڳوٺاڻا فوجدار اڳيان وينتي ڪرڻ لڳا: "صاحب، زال ذات کي چؤنڪيءَ تي سڏايو، ائين ته ڳوٺ جو نڪ ڪپجي ويندو.

"چڱو، هاڻي ڏسي ٿا وٺون!" چئي، فوجدار ڪانجيءَ ڏانهن اشارو ڪندي، سپاهيءَ کي چيو: "هن کي پهري هيٺ رکو." اُنهيءَ مهل ان جي اکين ۾ فرق هو.

"پهري هيٺ وهڻ لاءِ مونکي انڪار ڪونهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صاحب، پر منهنجو هڪ عرض آهي.“

”چؤ، ڇا آهي؟“

”صاحب، هن کان سواءِ ٻي جاچ جوچ به ٿيڻ گهرجي، جيڪڏهن ڌوليي جي گهر جو معاملو نڪري ته آءٌ سرڪار کي پنهنجي ذميواري لکي ڏيان، پر تنهن کان اڳ .....“

”چڱو، تون هاڻي هتان وڃ.“ فوجدار رعاب سان چيو، ۽ گهڙي ٻه حقو پي وري مکيءَ کي سڏايائين. ريشمي ۽ ٻئي ڪنهن جي وچ ۾ ڪڏهن تڪرار ٿيو هو، تنهن بابت سوال پڇيائينس.

مکيءَ ياد ڪندي چيو: ڇهه مهينا ٿيا جو کيت ۾ ڍور گهسي ويا هئس، تنهنجي باري ۾ تڪرار ٿيو هون صاحب، دانو ڪٽارو تلوار کڻي مارڻ آيو هوس .....“

”چڱو، سڏايو داني ڪٽاري کي.“

پوءِ ته داني ڪٽاري جي تلوار به گهرايائون. ڪم نصيبان تلوار جي چهنب پڻ رت ڀريل نڪتي. داني چيو: ”صاحب، انهيءَ سان ته ڳوهه ماري هئم!“ تنهن ڳالهه جا شاهد پڻ مليا. تڏهن به دانو ته پهري هيٺ ئي رهيو.

رات جو پڻ ٻنهي کي پهري هيٺ ئي رهڻو پوي ها؛ پر ڳوٺاڻن ۽ انهن مان ٻه خصوصن ڀڳت فوجدار کي سمجهايو: ”صاحب، جي ڀڄي وڃن ته اسين سارو ڳوٺ آهي نه! انهيءَ ۾ ته صاحب، ڳوٺ کي ڪلنڪ لڳندو!“

صبح ٿيڻ کان اڳ ۾ حاضر رهڻ جي تاڪيد ڏيئي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فوجدار کين موڪل ڏني.

ڪانجيءَ کي ڌوليي جي گهر ڏانهن ورندو ڏسي، سندس وڏو ڀاءُ چوڻ کانسواءِ رهي نه سگهيو:- ”اڃا پيٽ ڪونه ڀريو اٿئي، جو وري ....“

ڪانجيءَ وچ ۾ ئي وراڻيو: ”توهين هلندا ٿيو نه! مونکي ٿورو ڪڇ پڇڻو آهي، سو پڇي ٿو اچان.“ ۽ چپن کي چڪ پائيندو، ڌوليي جي گهر طرف هلڻ لڳو. جيويءَ کي سڃاڻندو هو، تنهن ڪري ئي ته کيس شڪ ٿي پيو ته ’شايد ريشمو هتي گهسيو هجي، ۽ ڪاوڙ ۾ جيويءَ ئي ان جي مرامت ڪئي هجي ته؟‘ .....

دروازي وٽ بيٺي بيٺي ناس ڏيندڙ ناني ٻڍيءَ جي درڪار ڪرڻ سواءِ ئي، ان اڳڻ ۾ ليپي پائيندي ويٺل جيويءَ کي، ڇاپري وٽ بيهي، سڏ ڪياءِ. ڪانجيءَ کي ڏسنديئي جيوي اٿي کڙي ٿي. بنا ڪنهن به هٻڪ هچڪ جي هوءَ ان جي ڀرسان اچي بيٺي. آهستي آواز ۾ ڪانجيءَ چيس: ”جيڪي هجيئي، سو مونکي صاف صاف ٻڌاءِ. ذرا به ڪين گهٻراءِ. جيستائين منهنجو سر سلامت آهي، تيستائين تنهنجو وار به ونگو ٿيڻ ڪين ڏيندس. پر جيڪي هجي، سو ....“

”سو توهان کان به آءٌ ڪي ڇپائيندس! پڇو نه بي ڌڙڪ ....“ جيويءَ جو آواز ذرا جهڪو پئجي ويو.

”آءٌ ٿو چوان، هيءَ ڌمال تنهنجي گهر ۾ ته ڪانه ٿي آهي نه؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رواجي ڪو ڏينهن هجي ها ته جيويءَ کي ڪداچت ماٺو لڳي ها، پر اڄوڪي پرسنگ جي گنڀيرتا کان هوءَ واقف هئي. سو اُلٽن سلٽن سوالن پڇڻ بجاءِ هن وراڻيو: ”نه، انهيءَ لاءِ اوهين بي فڪر رهجو. اهڙو ڪي آهي ئي ڪين.“

”ان وقت جاڳينءَ ٿي؟“

”توهان ڳايو ٿي، تيستائين ته آءٌ جاڳيس ٿي. گهڙي کن اک لڳي ويئي هوندي ته اهي رڙيون ٻڌڻ ۾ آيون.“

”ٻاهر ڪا ماراماري ٻڌءِ؟“

”اهڙو ته ڪجهه ڪين ٻڌم.“

”ائين نه؟“ چئي، ڪانجيءَ ٻوليو: تڏهن ڀلي هاڻي جک ماريندو وتي.“

هن مهل تائين ڌڙاڌڙ جواب ڏيندڙ جيويءَ جي اکين مان ٽپ ٽپ ڪري ڳوڙهن جون ڌارائون وهڻ لڳيون. چيائين: ”توهان کي ته جيل ۾....“

جيويءَ جي پٺيءَ تي هٿ گهمائڻ لاءِ کيس ڇاتي سان لڳائي همٿ ڏيڻ لي من ته گهڻوئي ٿيس، پر ڪانجيءَ من کي روڪي وڌو. چيائين: ”نه ڙي، ڪنهنکي طاقت آهي جو مونکي ٻنا ڏوهه جي جيل ۾....“

خوشيءَ ۽ غم جا غوطا کائيندي، جيويءَ چئي ڏنو ”منهنجو قسم کڻو! توهان جي هٿان ته اهڙو ڪي به ڪين ٿيو آهي؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اڙي ڪا مت ڪٿي اٿئي! ۽ جي منهنجي هٿان ٿيو هجي ها ته آءٌ پاڻ ئي سڌو ڪين فوجدار وٽ وڃان ها، هيڪاري ....“

”پر تڏهن توهانکي ....“

”تون ڏسجانءِ ويٺي. آخر سچ جي جيءَ ٿيندي. سچ به ڪڏهن تريءَ هيٺان لڪو آهي؟ هن ڪانجيءَ کي تون جهڙو تهڙو ڪري نه سمجهه. ٻن ڏينهن ۾ ئي انهن مار ڏيندڙن ۽ مار کائيندڙن سڀني کي سندن ٻانهن کان پڪڙي پڪڙي ....“ پر ترت ئي اها ڳالهه ڦيرائي: ”تون پنهنجو پاڻ کي سنڀالج. منهنجو ڪو به فڪر چنتا نه ڪج،“ چئي، گهر طرف لاڙو رکيائين. وري ڪجهه ياد آيس، سو موٽي اڱڻ ۾ آيو، ۽ در جو طاق جهلي اڃا ڄڻ ڪي حيرت جهڙو ڏسندي هجي، ائين بيٺل ناني ٻڍيءَ ٿورا ڪي سوال پڇيس. ويندي ويندي، چوندو ويس: ”ناني ڪاڪي، تنهنجي نينگر خوب پاڻ ملهايو آهي! ڀلائيءَ جو بدلو ههڙو ڏيندو، سو ته مونکي سپني ۾ به خيال ڪونه آيو هو!“

”نه نه، ڪانا ڀائي، ذرا ٻڌ ته سهين. مونکي سڄي ڳالهه ته سڻاءِ....“ ڌوليي ڪهڙي زباني ڏني آهي، تنهنجي اڃا ٻڍيءَ کي خبر ڪانه هئي.

”پنهنجي پٽ کان ئي پڇي ڏسجانءِ نه!“ چئي، ڪانجيءَ سڌو گهر ڏانهن رخ رکيو.

ڀڳت کيس سڏيو- پر ان کي به، ’کائي تانگهه لاهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿو اچان.' چئي، ماٺ ڪرائي ڇڏيائين.

هن مهل ان جو مغز ڪنهن نرالي نموني ڪم ڪري رهيو هو.

ناني ٻڍيءَ جيويءَ کان پڇيو: "ڇا هو ڪنوار؟ ڪاني ڇا ٿي چيو؟"

جيويءَ جو منهن مرجهايل هو. سس ڏانهن ڪڙيءَ نظر سان نهاريندي چيائين: "توهان جي پٽ جا افعال، ٻيو ڇا؟ هنکي جيل ۾ موڪلي هاڻي ته سڀني جا ڍڍ ڀريا نه؟" جيويءَ ڇا ٿي چيو، تنهنجي شايد خود کيس به شناس ڪانه ٿي پيئي. سس کي پڻ ائين ئي لڳو: "هي چوين ڇا ٿي، ڪنوار؟ ڪنهنکي جيل ۾ موڪليائون، ۽ ڪهڙي ڳالهه....؟"

"جيل ۾ وڃڻ لاءِ هاڻي باقي رهيو ڇا هي؟ دنيا ڀر ڏونڪو ته وڄي چڪو ته فلاڻي کي پهري هيٺ وهاريائون."

ناني ٻڍي پاڻ نه جهلي سگهي: "ٻڙي، پر انهيءَ ۾ تنهنجي بابي جو ڇا ويو؟ پر توکي جي ايتري ديا ايندي هجي ته وڃ؛ ڇڏائي اچينس نه؟ اڃا تائين بگڙيو ڇا آهي؟" چئي، اڳتي وڌي: "ڪا لڄ رک، مرم ڌار! 'لنگهي لاٿي لوئي، ته ڪيا ڪريگا ڪوئي؟' انهي وانگر تون ڇوٿي ڪرين؟" ڙي جيجل! جيڪي حرف ٿي واتان ڪڍين، سي سوچ ويچار ڪري ته ڪڍ...."

جيويءَ کي ائين ئي لڳو ته جي هيءَ ٻڍي ڪٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٽ نہ ٿي ڇڏي تہ آءٌ نہ الٽو وڌيڪ ڪجھہ چئي وهان. چلھہ وٽ وهندي، چيائين: ”چپ چاپ ۾ هاڻي اندر وڃي وهو تہ چڱو. توهان سڀني کي لڄ شرم آهي، سا مونکي خبر آهي!“

ٻڍيءَ کي چڙ تہ ڏاڍي چڙهي، پر ڪنهنکي سڌ پيئي تہ چوندو ڇا؟ انهيءَ ڊپ کان، ”چوَ مائي، جيڪي چوڻو هجيئي. اڄ ڪالھہ تنهنجي چاندي آهي!“ ائين ڀڻ ڀڻ ڪندي گهر اندر پهڻ لڳي.

ڌوليي ڪانجيءَ جي برخلاف شاهدي ڏني آهي، تنهن جو تہ سڄي ڳوٺ کي سماءُ پئجي چڪو هو. ڏيئي جي جهڪيءَ روشنيءَ ۾ روٽي کائڻ لاءِ ويٺل سڄي ڳوٺ کي لڳ ڀڳ اهائي وائي وات هئي: ”سچ ڪوڙ جو تہ ساکي ڀگوان، پر ڌوليي هيترن ڏينهن جي ڪٺي ڪيل ڪاوڙ اڄ ڪانجيءَ مٿان اوتي ڪڍي!“ مگر جيويءَ جي ڏمر جو اڄ پار ئي ڪونہ هو. گهر ۾ جي ننڍو ڏير يا ٻڍي نہ هجي ها تہ ڌوليي جڏهن روٽي گهريس، تڏهن سندس مٿي تي هوءَ بنھہ ٿالهي ڦوڙي ها، تنهن ۾ تر ماتر بہ شڪ ڪونهي. اڄ هنکي سندس منهن ڏسڻ ئي ڪونہ ٿي وڻيو. من جو من ۾ ٻولي رهي هئي: ”منهنجي قسمت ۾ ههڙو نالائق تہ ڪير ڄاڻي ڪيئن اڙيل هو؟“

ٻئي پاسي ڀڳت جي گهر ۾ ڀڳت، ڪانجي ۽ هيرو ٽيئي ملي انومان ڊوڙائي رهيا هئا. معاملو زال جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باري ۾ بڻيو آهي، تنهنجو ته ڪنهن کي شڪ هوئي ڪونه، پر ڪنهن وٽ اهو بنيو سو سلڻ ڏاڍو ڏکيو هو. ٽيئي ڄڻا ڳُوڙهي ويچار ۾ پئجي ويا هئا. ڪانجي به ڳوٺ جي هڪ هڪ جوانڙيءَ جي چال چلگت سان ريشمي جو حساب لڳائڻ وينو. ماضيءَ جي پردي ۾ ڍڪجي ويل گهٽنائون هڪڙي پنيان هڪڙي ڪري کوليندو ٿي ويو. اوچتوئي اوچتو سندس چهرو ڄڻ ٻهڪي پيو. اکيون ڀانءِ ته ٻولي رهيون هيون: ”ڪارج راس ٿيو! برابر اهوئي آهي!“

ڪانجيءَ آجو باجو هڪ نظر ڦيرائي. آهستي ٻولياءِ: ”ڏس، هيرا! سر وڃي ته وڃڻ ڏئيس، پر ٻاهر ٻاڦ نه نڪري، هان!“ چئي، ڀڳت ڏانهن نهاري، ڌيمي آکيائين: ”ڪيئن ڀڳت، ڀيمي جي گهر ته گڙ ٻڙ ڪانه ٿي هوندي!“

ڀڳت کلندي پڇيو: ”ڪيئن سمجهيءَ؟ پر سندس شڪل مان پڌرو هو ته ’برابر آهي، ڪانجي.‘

۽ پوءِ ته ڀڳت جي مغز ۾ فوجداري وڄڻ لڳي. ڪانجيءَ به سر ٽوڙ جواب ڏنا.

اهو سڀ ٺيڪ ٺيڪ ملندو جهلندو ڏسي، هيري جي عجب جو انت ئي نه رهيو. ڀڳت ۽ ڪانجي اڄ کيس ڏاڍا قابل ٿي سمجهه ۾ آيا.

ٻئي ڏينهن پئنچن کي وٺي فوجدار ڌوليي جي گهر آيو. ٻڍيءَ توڙي جيويءَ کان خوب آڏي پڇا ڪيائون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر هوءَ ته ”آءٌ ته گهر ۾ هوَس - رڙ ٻڌم تڏهن جاڳيس ۽ سس دروازو کولايو، تڏهن ئي سڌ پيئي.“ اهوئي جواب ڏيندي رهي. گاريون ڏنائونس، تڏهن به نتيجو ساڳئي جو ساڳيو - وڌيڪ ورجايائونس ته جيوي روئي ويٺي ۽ بس ايتروئي.

فوجدار چائڙيءَ تي اچي مکيءَ کي سڏايو. چيائينس: ”مکي ٺهيو ٺڪيو ڪم ٿو بگڙجندو وڃي! ڪانيو ته هاڻي ڇٽي ويندو.“

”سو توهين ڄاڻو، صاحب! پر مون توهان کي اڳ ۾ ئي ٻڌايو هو ته انهيءَ ٻائيءَ کي نه کڻي ٽڪر ڪندو تڏهن به ڪانجيءَ جو نالو ڪانه وٺندي -“ چئي، مکي پڻ زمين جي کوٽ کوٽ ڪندي، ڪنهن ويچار ۾ ٻڏي ويو.

”مگر مونکي ته پڪيون ثابتيون گهرجن. هن معاملي مان ائين پيو لڳي ته دال ۾ ڪڇ ڪالا هئه.“ فوجدار ڀانءَ ته پاڻ سان ٿي ڀڻ ڀڻ ڪئي، اهڙيءَ طرح ڳالهايائين.

”دال ۾ ڪالا ڇا جا، صاحب؟ جيڪي آهي، سو پڌرو پيو آهي،“ چئي مکي فوجدار ڏانهن سري سندس ويجهو آيو. کلندي کلندي، لاچاري ڏيکاريندي، چيائينس: ”اي صاحب! هيءُ قصو ئي جيڪر لئه مٽي ڪري ڇڏيو ته؟ اهو ماڻهو آهي ته ٻئي ڳوٺ جو، سو جي توهين چئو ته ان کي دواخاني مان ٻاهرو ٻاهر پنهنجيءَ حد ۾ پهچائي ڏيون؟“ چئي، فوجدار کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خيال ۾ پيل ڏسي، ٻوليائين: ”غريب جو چيو اگهايو ته ائين ئي ڪريو صاحب، اوهانجو احسان نه وساريندا سون.“

”احسان ياد ڪري ڇا ڪندوَ؟“ کلندي، فوجدار مکيءَ ڏانهن نهاريو.

”جيڪا پان سوپاري پڄي سگهندي، سائي صاحب!“ ۽ ”تڏهن به؟“ چئي، تڪي ڏسندڙ فوجدار جي مٺ ۾ آڱريون ڀڪوڙيندي، چيائينس: ”هيترا.... اسان جي کيسي آهر، صاحب.“

”هيترا ٻيترا ڪجهه ڪين؛ هلي ڪري انهن جا ڊبل باسيو ته ڳالهه ڪريو، نه ته ساري ڳوٺ کي ڪورٽ ۾ گهليندو سانوَ.“

”ٺيڪ صاحب، توهين مالڪ آهيو.“ چئي، اها خوش خبر ٻين کي ٻڌائڻ لاءِ مکي ٻاهر آيو.

ڳوٺ جي ماڻهن حساب ڪيو: ”کڻي ڀريندا سون، هرڪنهن گهر تي هڪ هڪ روپيو پوندو، ٻيو ڇا؟ هونءَ به فوجدار صاحب ٻه چار ڏينهن جي وڌيڪ رهي ته خرچ جا به چار چار آنا پوندا نه؟“ ڪنهن وري اُتي جو اُتي اعتراض اُٿاريو: ”ڳوٺ جا ماڻهو سڀيئي ڇو پيسا ڀرين؟ اڌ ڏئي ڪانجي.“

”آهي ته ٺيڪ ائين. پڇي ڏسون سندس وڏي ڀاءُ کان،“ چئي، مکيءَ وڏي ڀاڻس کي هڪ پاسيرو سڏيو. ڀڳت سمجهي ويو. هو پڻ اُنهن جي ڀيڙو وڃي ٿيو، ۽ وڏي ڀاءُ کي ”ڳوٺ جي اها راءِ هجي ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ائين ئي سهين - ڪيئن ڀڳت، پاڻ کان ڪجهه ....."
ائين چوندو ٻڌندئي، ڀڳت چئي ڏنو:
"اِها به ڪا ٿيڻي آهي مکي! ڪانجي هڪ ڪوڏي
به ڪانه ڀريندو، سو ٻڌائي ڇڏيانو." وڏي ڀاڻس ڏانهن
نهاري ڏاڍيان چيائين، "ڪٿان آڻي ڏيندو؟ هنکي
پرديس وڃڻو آهي ته ڀاڙو به پورو ڪونه ٿو جڙيو، سو
ڪڇو پڇو ڪين ۽ چپ رهو ته بهتر."

اهو ٻڌي مکيءَ جو ته پنو ئي لهي ويو. تنهن کي
پٺي ورائڻ کان اول وري چيائين: "مچڻ ڏيو معاملي
کي. ڏسون ڪيترو ٿو مچي! پرديس وڃڻ بدران جيل
جي هوا کائي ايندو، تڏهن به هنن اونهاري جي
ڏينهن ۾ سڪي ٿوروئي ويندو؟ هاڻي هلو." چئي،
وڏي ڀاءُ کي اڳيرو ڪري، ڀڳت وري دالان ۾
هليو ويو.

وڏو ڀاءُ ته ويچاري ڀڳت جو منهن ڏسندو ئي دنگ
رهجي ويو. ان جي پوئين جملي ته ڏاڍو مونجهارو پيدا
ڪري ڇڏيو هو: 'ڀڳت هي ڇا چئي ڏنو؟ چيائين جيل
جي هوا کائي ايندو؟ ڪيئن ٿو ڳالهائي؟'

مکيءَ هنن برخلاف ڌرجي ماڻهن کي ٻيهر سمجهايو:
"اڙي ڀائي، ڪانجيءَ تان ته ڪيس کڄي چڪو آهي،
رڳو چئن آنن خاطر ڇو ٿا ساري ڳوٺ جو نانءُ
بدنام ڪرايو؟"

آخر ڪار سڀني قبول ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر ڪنهن گهر مان هڪ هڪ روپئي ڪڍڻ بعد به پنج روپيا ٿي کٽا. هڪڙي ڄڻي چئي ڏنو: ”اهي پنج روپيا ڏين ڌوليو ۽ منوريو ٻئي ڄڻا.“

ترت ئي منوهر جي ٻڍي آواز اُٿاريو: ”اها به ڪا ٿيڻي آهي، جو منوريو آڻي پورت ڪندو؟ منوريي جو پٽ ڪنوارو آهي نه، سو کڻي اچي ڀري ڏيندو!“

ٽئين هڪ ماڻهوءَ وٺايو: ”نه نه، اهڙي ڪچي ڳالهه ڪيئن ڪبي آهي؟ هڪ ته منوهر جي ڪسان کي ڌڪ لڳو، ٻيو هٿان هو ڏنڊ به ڀري، سو ٺهي ڪي جڙي؟ هائو، باقي ڌوليي لاءِ چئو ته اهو کڻي اڃا مڃجي.“

مگر هن پاسي ڪانجيءَ ۽ ڀڳت جي وچ ۾ وري ٽين ڪا ڳالهه هلي رهي هئي. ڪانجيءَ کي ڇٽي وڃڻ جي ذري به خوشي ڪانه هئي، بلڪ هو ته ڀڳت جو وروڌ ئي ڪري رهيو هو: ”نه ڀڳت، فوجدار کي رشوت ڏيو سو ته ٺهيو، پر هن معاملي جي صفائي ته ضرور ئي ٿيڻ گهرجي .....“

”اڙي چڱا مڙس، پر صفائي ڪرائڻ لاءِ تنهنجو هاڻي ڪهڙو ڪم آهي؟“

”ڇو ڪهڙو ڪم آهي؟“ چئي، ڀڳت ڏانهن نهاريندي، ڪانجي اڳتي ٻوليو: ”ائين ته اسان جي مٿان ڪلنڪ هميشهه لاءِ مڙهيو ئي رهيو نه؟“

”تون ته ڪو زوراور آهين؟ فوجدار مکيءَ کي سڏائي چيو ته سهين ته ڪانجي نردوش ثابت ٿيو آهي - پوءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو تي ڇا جو ٿو ڪلنڪ مڙهجي؟"

"منهنجي مٿان ته ٺهيو، پر هن ٻائيءَ مٿان ته مڙهيو ئي رهندو نه!" ۽ سوچ ۾ پئجي ويل ڀڳت کي ڪانجيءَ وري چيو: "مکي فوجدار صاحب کي جيڪي چئي رهيو هو سو مون کڙڪيءَ وٽ بيٺي بيٺي سڀڪي ٻڌي ورتو آهي. سندن خيال آهي ته هن ريشمي کي ڀڄائي ڪڍجي، ۽ اهڙيءَ طرح هي سڄو ڪيس لئومٽ ئي ويندو. سو ته برابر، پر هن ويچاريءَ ٻائيءَ تي ته ڪلنڪ مڙهيو ئي رهندو نه؟ ماڻهن کي ڪيئن خبر پوندي ته اهو معاملو ڌوليي جي گهر نه، ڪنهن ٽياڪڙ جي گهر متو آهي. تنهنڪري هڪ دفعو صفائي ته ٿيڻ ئي ڏيو. پوءِ ڀلي ڳڙ ڄاڻي، ڳڙ جي ڳوٿري ڄاڻي. جيڪي وڻيوَ؛ سو ڪجو، نه وڻيوَ، سو نه ڪجو."

ڀڳت ڪجهه ڪڇيو ڪونه؛ پر من ۾ ته قبول ڪرڻو ئي پيس: 'ڳالهه ته سچي آهي. جيويءَ تي ڪلنڪ مڙهيو ته اهو کانئس سٺو ڪين ويندو؟'

۽ پوءِ ته ڀڳت، مکيءَ جي توڙي ڳوٺ جي ماڻهن جي ڪا به پرواهه نه ڪري، فوجدار اڳيان معاملي جي صفائيءَ لاءِ وينتيءَ واسطي ڪانجيءَ سان گڏ سر ۾ سر وٺايو. "ڳوٺ جا پئنچ هڪ دفعو جاچ ڪري اچن، پوءِ شڪ واريءَ جڳهه تي توهين پاڻ جاچ ڪريو،" وغيره، صلاح ڏيئي پئنچ به کڙا ڪيائين.

مکي ۽ اَسمجهه ڳوٺاڻا پڻ ناراض هئا، پر قاعدي سر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فوجدار جي نڪتل حڪم اڳيان ڪنهن جو به ڪهڙو ٿي وس هلي سگهيو؟ پئنچن ۾ ڀڳت ۽ مکي ته هئا ئي، تن سواءِ ٺاڪرڙن مان ڌني ٻڍي کي کنيائون ۽ باقي رهيل ٻن ڄڻن مان ڪانجيءَ ۽ منوهر جي پيءُ جا نالا ڳوٺاڻن پيش ڪيا.

ٻن ڪلاڪن ۾ پئنچ واپس وريا. شڪ واريون ٽي جڳهيون هيون. انهن مان هڪ وٽ دروازي تي پيل رت جي داغن بابت سوال ڪندي فوجدار کي پتو پيو ته اهي ڍڳي جا ڪيئان پيا هئا.

پئنچن سان گڏ فوجدار ۽ ٻيا ست اٺ ڄڻا ڀيمي پٽيل جي گهر آيا. پئنچن جي پاران ڪانجيءَ جا ڏيکاريل پٿر، ڪوڪا، چائنٽ وغيره ڏسڻ بعد لڳ ڀڳ اهي پنجويهه ئي اکيون (هڪ ڄڻو ڪاڻو هو) گهر ۾ ٿيل کڏن ۾ وڃي کتيون.

سڀني جي مغز ۾ جوان جماڻ ڀيمي پٽيل جي ڌيءَ تري آئي.

”هي ته صاحب، گهر سمجهو ڍورن جو، سو اُن ۾ کڏون ته ڪيئن نه هونديون؟“ مکيءَ آواز اُٿاريو: ”گهر ۾ ڪوئي مرامت ڪرڻ وارو ڪونه اٿن، تنهنڪري....“

”هن جي گهر ۾ ڪيترا ماڻهو آهن؟“ فوجدار ڀڳت کان ٿي پڇيو.

”ٻه، صاحب، هڪ ڀيمو پٽيل پاڻ - هو بيٺو آهي.... ۽ ٻي سندس شادي ڪيل نياڻي ...“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”منهنجي ڪاڪي جو پٽ - ڀاءُ ٿئي، صاحب! مکيءَ، فوجدار کي ڄڻ خبر ڪانه هئي، اڳيرو اچي ٻڌايس، ۽ وري چيائينس: ”ههڙيون کڏون ته صاحب، ڳوٺ ۾ گهڻن ئي گهرن ۾ هونديون. توهان هلو ته ڏيکاريانوَ.“

”ڪنهن ڍور کي ڪيئان پيا هئا، مکي؟“ فوجدار پڇيو.

”ها ها صاحب! پيا هئا ۽ اسان ..... ها، ڇو، وري .....“ ۽ ڀيمي ڏانهن نهاري، ”پنهنجي چاندري مينهن مان ته هاڻي ئي ڪڍياسون نه؟“

فوجدار چؤطرف نظر ڦيرائي، ڳوٺ جي ماڻهن کان پڇيو: ”ڪيئن ڙي، اها ڳالهه سچي آهي نه؟“

گهڻو ڪري سڀني هڪٻئي ڏانهن ٿي نهاريو.

گهبرايل مکيءَ جي واتان نڪري ويو: ”ڳالهايو نه، ڀائي! ڪوئي ته ها چوي! ڇو سڀيئي سندرو ٻڌي منهنجو نڪ ڪپائڻ ويٺا آهيو؟...“

”ها ها صاحب، مينهن کي ڪيئان هئا ته سهين!“ ڪانجيءَ جي وڏي ڀاءُ شروعات ڪئي ۽ پوءِ ته ٻين ٻن چئن ڄڻن به ڪنڌ ڌوڻيو.

ڪانجيءَ کي وڏي ڀاءُ تي ايتري ساري ٿي چڙ چڙهي، جيتري ڪڏهن ڪنهن دشمن تي به ڪانه آئي هونديس.

”چڱو، تڏهين زبانين وٺڻ جو ڪهڙو ضرور آهي؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چئي فوجدار پٺ ورائڻ لڳو، تہ ايتري ۾ ڪانجيءَ چئي ڏنو: ”پر صاحب، هي کڏون ڍورن جون هونديون سو مڃجي ڪهڙي حساب؟ هجن بہ کڻي، تڏهن بہ واڙي وٽ ٿي ٿيون سگهن؛ باقي اصل هتي رڌڻي وٽ ڪهڙيءَ طرح ٿيون؟“

فوجدار کي لاچار بڻجي بيهي رهڻو پيو.

”ها صاحب، اها ذرا سوچ ڪرڻ جي ڳالهہ تہ چئبي!“ کڏن پاسي نهاريندي، ڀڳت چيو.

”اڙي ڀائي، هي جو ڪوُنر آهي تہ ڇا اتي ڍور پاڻي پيئڻ لاءِ ڪين ايندا هوندا؟ تون بہ ڪانجي، اهڙي چريائيءَ جي ڳالهہ نہ ڪرين تہ ....؟“ مکيءَ جو منهن ترس کائڻ جهڙو ئي ويو هو.

”ڀائي، ڇڏ نہ مٿي ڪٽ، ڪانجي!“ ٻن چئن ڄڻن گڏجي چيو، ۽ فوجدار ڏانهن نهاري چيائون: ”ها صاحب، اسان وٽ تہ اڌ جيترن ڍورن کي گهر ۾ ئي پاڻي پيار بو آهي، ڪي ڪوُنر مان پين، تہ ڪي....“

”برابر آهي،“ فوجدار چيو. ڪانجيءَ ڏانهن ڪرڙي اک ڪري پڇيائين: ”هاڻي تہ ٺيڪ آهي نہ؟“

ڪانجيءَ کي چڙ تہ چڙهي هئي؛ ”هن جڳي جي گهر گودڙيون ۽ ٻيو سڀ ڪجهہ ڏٺائون ۽ هتي ڇوُ برابر آهي، ٺيڪ آهي، لڳي پيئي آهي!“

هو ڏانهن ڀڳت کي پڻ ائين ٿي ڀاسيو: ’هي تہ بنهہ ڪناري پهتل ٻيڙو ٿو ٻڌي!‘ سو ڳوٺ جي ماڻهن ڏانهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذرا اک ڦيرائيندي ٻولياءِ: ”توهين ڇا جي ها ۾ ها ملائي رهيا آهيو؟ کڏون ته ڪي ڏسو ته ڪيڏيون آهن؟ اهڙيون وڏيون کڏون واڙن ۾ به ڪين پون، سي وري هتي ڪيئن پيئون؟“

ٻيو ڪو هجي ها ته فوجدار کيس ڇنڊ ئي هڪ ڪڍي ها. وري ڳوٺ جا ماڻهو پڻ ’هاڻي ته اسين اهو سڀڪي سمجهي ويا آهيون، ڀڳت! پر پاپ ڍڪيو ڀلو، ڪين هرو ڀرو ان جي اوگهڙ ڪجي؟‘ ائين چئي، هن مهل تائين جيڪا ٿوري گهڻي ڌوڙ هئي، سا به مٽائي ڇڏيائون. ۽ ايترو سڀ اڃا ڄڻ اَڌوُرو هو، تنهن کي ڪانجيءَ وٺائي پورو ڪيو: ”۽ ڍورن جي کرن سان کڏون پون، سو کڻي مڃجي، صاحب! پر اهڙيون کڏون ته تسرين جهڙيون تراکڙيون هجن، ڪين هنن ديگڙن وانگر اُڀن ڪنارن سان؟“

ٻيو چارو نه ڏسي فوجدار کي ڪاغذ تيار ڪرڻا پيا. باقي هڪ گهر جي جاچ ڪرڻ جو هاڻي ضرور ڪونه ٿي لڳو، تڏهن به چڪر ته هڻڻو ئي پيس. پر ڳوٺ ۾ ته ڍنڍورو لڳي ويو ته هيءُ بڻاءُ ڌوليي جي گهر ڪونه، بلڪ ڀيمي پٽيل جي گهر بڻيو آهي. پوءِ ته ’کٽيو پير پني مراد،‘ انهيءَ حساب سان لڳ ڀڳ هرڪنهن جي اکين تان کوپا لهي ويا. سڀني جي سمجهه جا پردا کلي پيا! ’سچي ڳالهه آهي! ڀيمي جي ڌيءَ ديواليءَ ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ريشمي جو جهيڙو جهٽو ته هلندو ئي پيو هو، هان!'

۽ ناني ٻڍي ته ايتري قدر بود ۾ ڀرجي ويئي هئي جو ڪانجي نظر چڙهيس ها ته سندس پير ڌوئي پيئي ڪونه ها ته گهٽ ۾ گهٽ پيئڻ جي چاهنا ته ڏيکاري ها. هوءَ پنهنجو پاڻ سان ڳالهائي رهي هئي: 'ڪاني منهن جي پٽڙي جو گهر ته بيشڪ ٺاهي ڏنو ۽ اڄ ته اسان جي لڄ پت به رکيائين!'

سڄي ڳوٺ ۾ ڪانجيءَ جي ٻڌيءَ ۽ همٿ تٿا ڌوليي تي سندس هن ڀلائيءَ جا گڻ ڳائي رهيا هئا ۽ پر ڌوليو ته ڪانجيءَ سان جنسي جلي پڄري رهيو هو. من ۾ پئي ٿيس: "کيس ڪهڙيءَ ڪڏ کنيو جو منهنجي ننگ رکڻ لاءِ ڀڄندو آيو؟ اڳئين جنم جو ڪو ويري آهي، جو جتي ڏسيس، تتي سامهون ئي سامهون اچي ٿو ٽڪر کائي!"

هوڏانهن جيويءَ جي آنند جو ته انت نه پار هو، ۽ اهو آنند پاڻ تان ڪلنڪ لٿس، تنهنجو اهڙو ڪونه هوس ۽ ان کان انيڪ بار وڌيڪ ته ڪانجي جيل وڃڻ کان بچي ويو، تنهن جو هوس. انهيءَ لاءِ هن ڪيتريون ئي ته باسون باسيون هيون. کير ۽ گيهه نه کائڻ جو به قسم کڻي ڇڏيو هئائين. سندس وس پڄي ها ته انهيءَ سماچار سڻنديئي ڪانجيءَ جي آدرستڪار لاءِ کيس گلي ۾ وڃڻي چهٽي پوڻ لاءِ، سٽ پائي ڊوڙي وڃي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ها. گهر ۾ پيهندي ئي ڪانجي به اُن کي واڌايون ڏئي ها، پر موجوده حالتن هيٺ ته ڪانجي هاڻي جڏهن ڪ ڀڳت وٽ اچي، تڏهن پري کان بيهي فقط پنهنجن اکين سان ئي سندس آدرستڪار ڪرڻ جي آس رهي. بس، انهن اکين جي امبرت سان ئي ان جي واڌاين وٺڻ جو وجهه رهيو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرڪرڻ سورهون

محبت سان موڪلاڻي

انسان جي من جو سندس جذبن جو پتو پوڻ ڪهڙو نه مشڪل آهي. ٿورو پهريائين جنهن تي ڌڪار جو ڌوڙيو وسائيندو، ساعت کن کان پوءِ ان ساڳئي لاءِ وري ڳوڙها ڳاڙڻ لاءِ وهندو. هڪ گهڙيءَ ۾ ڪي اَنيتيءَ جهڙو لڳندس، ته ٻيءَ گهڙيءَ ۾ هو اُهائي ڳالهه هڪ آدرش نيتي ڪري سمجهڻ لڳندو!

ڪانجيءَ لاءِ پڻ اهائي ڪار بڻي هئي. ڳوٺ جا ماڻهو ان جي ساراهه مان ڍاپيا ئي ڪونه ٿي: ’اهو ڪانجي ايترو ساهس نه ڪري ها نه ويچاري ڌوليي جو ثاني ڪير هو؟ اهڙو ته ڪانجي پنهنجي مٽ پاڻ نڪتو، جو مکيءَ سان جيون ڀر جي دشمني ٻڌائين ۽ شينهن جهڙي عملدار سامهون سينو ساهيائين.‘

ماڻهن جي ساراهه ٻڌي ڪانجيءَ کي کل ٿي آئي: ’ساهه ڪڍي پوءِ ٿا مردي کي ڇانوَ ۾ رکڻ جي ڳالهه ڪن!‘ ۽ دور ديس هلي وڃڻ لاءِ لڏندڙ دل کي چوڻ لڳو: ’هل ڙي دل! پاڻ کي ته هلڻو ئي آهي. انهيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ئي چڱائي آهي!'

ڀڳت جي گهر ۾ ٿيندڙ ڪانجيءَ جي وڃڻ جي ڳالهه ڪنين پيئي هيس، تنهن ويل کان وٺي جيويءَ جي اندر کي آرام ڪونه هو. 'مونکي ملڻ کان سواءِ ويندو هليو؟ ڪٿي گڏجانس؟ ڪهڙو قاصد پٺي نياپو موڪليانس؟' ۽ وري ائين به پئي ٿيس. پنهنجو پاڻ کان ئي ٿي سوال پڇيائين: 'توکي انهيءَ سان ملڻ جي پيئي ڪهڙي آهي؟ گڏجي به کيس چوندينءَ ڇا؟ دور ديس وڃڻ کان روڪيندينئس؟' ۽ ڊرڪندڙ دل کي وري ٿي سمجهايائين: 'نه نه، ڇوٿي ويچاري دکي من کي وڌيڪ دکي ڪرين؟ پر ديس وڃڻ ڪري جيڪڏهن هو سکي ٿيندو هجي ته ڀلي وڃي. تون نه ٻڙڪ ٻاهر ڪڍجانءِ، جيوي! نه چئي ان جو اَپسوڻ نه ڪجانءِ. ڀلي وڃي!'

پر اُنهيءَ ملڻ جي باري ۾ ڪانجيءَ کي ڪيتري آترويلا هئي، تنهن جي جيويءَ ويچاريءَ کي ڪهڙي ڪر؟ انهيءَ آترويلا جي ڪري ئي ته ان ٻن ڏينهن جي دير وڌي هئي 'ڇا لاءِ آءٌ کيس ملان، ۽ جي ملانس ته ڪهڙي منهن سان؟ منهنجي رڳو هڪ حرف تي اچڻ لاءِ تيار ٿيل هن ڦوهه جوانيءَ ۾ آيل ڇوڪريءَ ڪهڙا ڪهڙا نه هوائي قلعا اڏيا هوندا؟ پر هتي اُنجي اچڻ کان پوءِ ڪنهن به ڏينهن ساڻس واندڪائيءَ ۾ ورونهن به مون ڪانه ڪئي. هيتري ساري ٿي اُنکي مار ملي، پر ڪڏهن کيس ڪوٺي مون دم دلاسي جا ٻه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اکر بہ ڪين چيا! ۽ اڄ آءٌ هاڻي ڪهڙي منهن انکي ملڻ لاءِ سڏيان؟ آءٌ هتي رهي ڪري بہ ڪهڙي سندس ڀلائي ڪري سگهيس؟ هيڪاري منهنجي ڪري ٻہ چار ڀيرا مار کاڌائين، تنهن کان سواءِ زال مڙس جي وچ ۾ ونجوڳہ وڌيو. ايترو ڄڻ ڪافي ڪونهي، جو باقي ملڻ لاءِ کيس سڏائي، ڀنڀور جي باهہ جو ڀنڀٽ مچايان؟' اهڙن اهڙن پورن پچائيندي، آخر ڪانجيءَ جيويءَ سان ملڻ جو خيال لاهي ڇڏيو.

مگر نڪرندي وقت جيويءَ جي منهن ڏسڻ بنا تہ هو بلڪل رهي ڪونہ سگهيو. "ڪير ڄاڻي وري ڪڏهن واپس ورجي. تيستائين ڪير جيئي، ڪير مري! وڃڻ کان اڳي هڪ دفعو کيس ڏسندو تہ وڃان. اڳوپوءِ ڀڳت کي بہ سندس گهر ئي گڏجندس." ۽ انهيءَ ويچار ايندي ئي ڪانجي وڏي ڀاءُ کي آٿت ڏيئي، پوءِ ڀڳت کي گڏجڻ لاءِ اسهيو.

انهيءَ کان گهڙي ويرم ئي اڳيرو جيوي لسي وٺڻ جي: بهاني ڳوٺ جو چڪر ماري آئي هئي. ڪانجي ٿوري ساعت ۾ اُپڙڻ وارو آهي، سو واءُ سواءُ بہ لهي آئي هئي، ۽ سندس گهر پاسي پسار ڪندي کيس پٽڪو ٻڌندو پڻ ڏسي آئي هئي. گهر موٽي آئي تڏهن بہ سندس اکيون ڀڳت جي اڱڻ ۾ ئي اٽڪيل هيون. گهڙيءَ دروازي جي چانئٽ وٽ ويهي ٻوهر ٿي ڇڄ ۾ ڀريائين، تہ گهڙيءَ وري ٻاهر وڃي ڪليءَ مان ڏوريون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇوڙي ٿي وٽڻ شروع ڪيائين ۽ اهڙيءَ طرح هتان اچي ٿي هتي ويئي. هٿ منهن ڌوئي ڇڏيو هئائين، تڏهن به پاڻيءَ لوٽو ڀري ٻنڀي وٽ ويهي رهي. ٻيهر هٿ منهن ڌوئڻ کان پوءِ وري سندس نظر ڇپر هيٺان پيل ڇيڻن تي پيئي. ڇٻي آڻي، اهي ٻه چار ڇيڻا ڀري وٿاڻ ۾ رکڻ ويئي. ڀڳت جي اڱڻ پاسي اک کنيائين ته ڀڳت اڪيلو ويٺي حقو پيتو. ويندي وقت ڪڇي نه سگهي، پر موٽنديءَ مهل پڇيائينس: ”پنهنجي دوست کي گڏجڻ به ڪونه ويا ڇا، ڀڳت ڪاڪا؟“ ۽ ذرا وڌيڪ ساڙهي مٿي تي کينچيندي، ڀڳت جي اڱڻ ۾ پيل سڪل ڇيڻا کڻڻ لاءِ نئڙي.

”ڪنهنکي؟ ڪانجيءَ جي ٿي ڳالهه ڪرين ڇا؟ پر آءٌ ٿو ڀانيان ته هو اڃا نڪتو ڪونه هوندو! چڱو مڙس هوندو ته هو پاڻ ئي مونکي گڏجڻ ايندو.“

”تڏهن ته واهه واهه!“ چئي، جيوي گهر آئي. وري پاڻيءَ جو لوٽو آڻي ٻانهن ۽ ڪنگڻين ڌوئڻ ۾ ٺيڪ ٺيڪ وقت لڳايائين. اتي پٺي ورائڻ تي هئي ته ايتري ۾ پريان محلي جي هن پار ڄمايل سندس اکيون بهار بهار ٿي وييون. ڪانجيءَ جو ڳاڙهو ڦندڻ ڦڙڪي رهيو هو.

ڀڳت سان ڳالهين ۾ مشغول ڪانجي ۽ گهر ۾ ٻڍيءَ جي سوالن جا جواب ڏيندڙ جيوي، ٻنهي جي منودشا هن ويل وچتر هئي. ڪير ڇا ٿو پڇي ڳاڇي ۽ پاڻ ڇا ٿي چيائون آکيائون، تنهنجي ٻنهي مان هڪ کي به

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڌ ٻڌ ڪانہ ٿي پيئي. ڪانجيءَ کان ڀڳت پڇي رهيو هو: ”ڪيتري تائين واپس اچڻو آهين؟“

”سو تہ مالڪ جي مرضيءَ تي ڇڏيل آهي!“ ڪانجيءَ جيويءَ پاسي نهاريو.

بوڇڻ ورائيندي وڪوڙيندي، ڀڳت وري پڇيس: ”خط پٽ تہ لکندين، ڪين اهو بہ ڀلجي ويندين؟“ ڪانجيءَ اونهو ساهہ کڻي چيو: ”ڀلجي سگهجي تہ ٻيو وري ڇا گهرجي، ڀڳت!“ پوءِ ڦڪيءَ کل سان وڌيڪ ٻولياءِ: ”مونکان تہ ڪين ڀلجندو، پر توهين تہ مونکي ضرور ڀلجي وڃجو!“ چوندي، جيويءَ ڏانهن وري هڪ وار نظر ڦيرائي، ڀڳت سامهون منهن مرڪندورکي ٻوليائين: ”توهان جهڙن ڀڳت ماڻهن کي پنهنجي مايا جار ۾ ڦاسائي ڇو ناحق پاڻ پريشان ڪجي؟“

اهو سڀڪي سڻندي ۽ منگي منگي من ۾ منجهندي جيوي ڪانجيءَ کي ڄڻ هيءُ ٻيو دفعو ٿي ڏٺائين. ائين يڪ ٽڪ ڏانهنس نهاري رهي هئي؛ ۽ سچ پڇو تہ انهيءَ ويس ۾ تہ ڪانجيءَ کي هيءُ ٻيو دفعو ئي ٿي ڏٺائين. پهرئين ڀيري ميلي ۾ گڏيا هئا، تنهن بعد هينئر ٻيو ڀيرو انهيءَ ڏينهن وانگر اڄ پڻ هو کيس ڇڏي ٿي ويو.

جيويءَ ڀڳت جي پٺيان هلندڙ ڪانجيءَ کي پاڻ نهاريندو ۽ ڳالهائيندو ٻڌو: ”جوڳيپورا جي واٽ وٺي وڃان تہ ٺيڪ ٿيندو، ڀڳت، ڪيئن؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حاطي ۾ بيٺي بيٺي جيوي ڪانجيءَ جي پٺيءَ کي ئي تڪيندي رهي. پهريون دفعو مليو هوس، تڏهن به سندس من کي، ”هن جو ڳوٺ ڪهڙي پاسي آهي، ڪير ڄاڻي! ڪير ڄاڻي هاڻي ڪڏهن ملندو؟ شايد هن حياتيءَ ۾ وري ملڻ نه ٿئي! پرديسيءَ جي ته وري پريت ئي ڪهڙي؟“ اهڙي گڙٻڙ گهوٽالي ۾ وجهي هو روانو ٿي ويو هو. انهن ڇهن مهينن جي ڪٺن پيڙا بعد اڄ به جيويءَ کي اٿين ئي ٿي لڳو، ”ڪير ڄاڻي ڪهڙي ملڪ ۾ ٿو وڃي؛ وري به موٽي ايندو الاجي نه.“ ۽ تنهن ڏينهن وانگر ئي نيڻن مان نير جون ڌارون وهڻ لڳيون.

اوچتوئي اوچتو جيويءَ کي ڪانجيءَ جا پويان لفظ ”جوڳيپورا جي واٽ ...“ ياد آيا. انهيءَ وقت ڪانجيءَ مون ڏانهن اک جو اشارو ڪيو هو، سو پڻ کيس خيال آيو. منهن صاف ڪري هڪدم هوءَ گهر اندر ويئي. چيائين: ’روٽي تيار ٿئي، تيتري ۾ ٻه چار ڪپڙا آهن، سي ڌوئي اچان، ٻائي؟ پنهنجي ساڙهي به ڏيو، کڻندي وڃان.‘ چئي، جيڪي هٿ ۾ آيس، سي ڪپڙا ۽ سوٽي کڻي هوءَ نديءَ ڏانهن هلندي ٿي.

ڌوليو هن ٿڌي پهر ۾ گراهڪن جي حجامت ڪرڻ نڪتو هو، پر جي هو گهر ۾ هجي ها، تڏهن به سس کيس موڪل ته وٺي ڏئي ها؛ ڇاڪاڻ ته اڄ ڪلهه ننهن تان هوءَ گهورگهوران ٿي ويئي.

ڪانجيءَ کي وداع ڏيڻ لاءِ گهڻائي ماڻهو ڪٺا ٿيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئا. ۽ انهن مان به سندس ڀاڀي، وڏو ڀاءُ، هيرو توڙي ڀڳت ته اصل ڳوٺ جي حد تائين پهچائڻ آيا هوس. رتن ڪاڪي جي ڪلهي تان ئي لهڻ جي نابري ٿي واري ۽ وڏو ڀاءُ به اڃا ائين ئي چئي رهيو هو: ”مڃ نه ڪڻي ڪانا! برسات اچڻ ۾ هاڻي مهينو مس بچيو آهي، سو ڇوٿو اجايو ايتري ڪاڻ وڃين؟ ۽ جي چوماسي ۾ نه آئين ته منهنجي پوري پوري بي عزتي ٿيندي. ارڌنگي آءٌ اڪيلوئي .....“

”اڙي پر ڪين ڇو ايندو، چڱا مڙس! هي هڪڙو مهينو ڀلي ته چڪر هڻي اچي.“ چئي، ڀڳت وڏي ڀاڻس کي ماٺ ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي.

”توهان جو چوڻ آهي ته ٺيڪ ڀڳت، پر پرديس ۾ کاڌائين ڪي بکيو رهيو، نوڪري مليس ڪي نه مليس.... سو به وري شهر جي ڳالهه، ڀڳت!...“ چوندي، وڏي ڀاڻس جو گلو وري ڀرجي آيو. اکر اڪليس ئي ڪين ٿي، پر مس مس واتان ڪڍي سگهيو: ”گهر لاءِ ڀلي مئو هڪ پيسو به ڪين آڻج، پر تون پنهنجي سرير کي تر ماتر به تسيو نه ڏجانءِ، ڀائي! .... گانءِ جو ٿو سوڻ ٿئي، سو چنتا ته ڪائي ڪانهي.“ چئي، وڏي ڀاڻس پاسي کان لنگهندڙ گانءِ کي هٿ ڇهائي مٿي تي ڦيرايو.

ڀاڀيءَ جي زبان کڻي ڇتي هئي، پر تڏهن به هڪڙيءَ ريت ڪانجي ان لاءِ ڪمائيندڙ پٽ جهڙو هو، سو جيڪڏهن ان جي اکين مان آنسون ڌارا ڪري وهڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳيون، ته انهيءَ ۾ ڪهڙو عجب!

”چڱو، هاڻي ملي وٺو، وري سج به ٿو چڙهي.“ چئي، ڀڳت بيهي رهيو.

ڀاءُ ڀاڄائيءَ کي ملندي ڪانجي ائين اچي اوڇنگارن ۾ پيو، جئين ڄڻ پهرئين ڏينهن ڪا ڇوڪري ساهري نه ويندي هجي!

هن مهل تائين دل ٻڌي بيٺل ڀڳت پڻ ڪانجيءَ کان موڪلائڻ مهل ڍرو پئجي ويو، سو ايتري قدر جو آخر ڪانجيءَ کي روئندي روئندي چوڻو پيو: ”هي ڇا ڀڳت! توهين ته ساڌوءَ سمان آهيو! اوهان جي اکين ۾ آنسون، سي وري ڪيئن سونهن؟“

”صحت سنڀالجانءِ، خط پٽ لکجانءِ، جلدي واپس ورجانءِ، ڀائي.“ وغيره، گفتن سان ٽنهي ڄڻن ڪانجيءَ سان موڪلاڻي ڪئي.

گڏجڻ وقت ڪلهي تان ڪٺنائيءَ سان هيٺ لٿل رتن ڪانجيءَ جي هٿن کي اهڙو ته چنبڙي پيئي هئي جو سندس ماءُ جڏهن مارڻ لڳيس، تڏهن ئي ڇڏيائينس. ڪانجيءَ انکي مٺيون ڏيئي منجهائي رکيو. وات مان اکر ئي ڪونه ئي اُڪليس. نيٺ چئي سگهيو: ”وري ملنداسون، رتن!“ ۽ اُچت آهي ڪي نه، تنهنجي پرواهه بنا ئي چئي ڏنائين: ”هن کي پنهنجي نئينءَ ڪاڪيءَ (جيويءَ) وٽ وڃڻ ڏجو، ڀاڀي، اُتي کيس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڱو مزو ايندو.“ ۽ سڏڪن ڀريندڙ رتن کي وري ٻه ٽي مٺيون ڏيئي، پٺ ورائي رمندو رهيو. هيرو اڃا ساڻ ئي هوس.

ڀاڀيءَ کي شنڪا جاڳي: ”هيرو ڀائي به ٿو وڃي ڇا؟“

”نه ڙي، هي ته هوسيتائين پهچائڻ- هو ويچارو پيل آهي جهنجهٽن ۾، سو ڪٿان ٿو وڃي سگهي“ ڀڳت چيو. ۽ ٽنهي ڄڻن ڳوٺ پاسي پٺ ڦيرائي.

ڪانجي ۽ هيرو ٻئي چپ چاپ ٿي هليا. هيري جي هٿ ۾ چلم هئي پر ڪانجيءَ کي آڇڻ جو خيال ئي نه آيس. ٻنهي ڄڻن کي گهڻو تڻو ڪي ڳالهائڻو هو. ڪيترو ته هن کان اول ئي ڳالهائي چڪا هئا، تڏهن به اڃا ڄڻ ڪيترو باقي رهيل هون. آخر ڳوٺ جي ندي پڻ نزديڪ آئي. ڪانجي هڪ ٻڙ جي وڻ هيٺان ترسي، ”آڻ تماڪ هاڻي جي هجيئي،“ چئي، پٽ ۾ ويٺو. ڪلهي تي جيڪا ٿيلهي هيس، سا ڪڇ ۾ کڻي رکيائين. هيرو چلم ٺاهڻ ۾ مشغول ٿي ويو.

ڪانجيءَ ڳالهائڻ جي شروعات ڪئي: ”هيرا! تون ته منهنجي ڀاءُ جهڙو آهين. تو کي ڇا چوان؟ ٻيو جيڪي ٿئي، سو ٿيڻ ڏي، پر وڏي ڀاءُ جو ذرا خيال رکندو رهج. چوماسي ۾ اچان نه اچان....!“

”هي تون چوين ڇا ٿو، ڪانجي؟ چوماسي ۾ نه ايندين، سو ڪو ٺهندو؟ ۽ هيرو ڳپل ئي مدد ڪرڻ ته وڃي، پر اهو پنهنجو ڪم سنڀالي ڪين تنهنجو؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چئي، ڦوڪ لڳائي، ٻوليائين: ”اهڙي ڇسپائي ڏس مـتان ڪرين! هڪ ته تنهنجي وڏي ڀاءُ جو هڏو ائين ئي ڀڳل آهي، سو همٿ نه هاري وهي؛ ۽ ٻيو محنت ڪري ڳوٺ جي وچ ۾ گهر ٻڌايو اٿوَ سو، سڄو ريند ڦيند ٿي ويندو.“

”نه نه، آءٌ ايندس ته سهين، پر اهو ته....“

”اها پر ٻر نه ڪر، منهنجي صلاح وٺين ته هيئن جو نڪتو آهين ته مٽن مائٽن وٽان پندرهن کن ڏينهن چڪر هڻي، اچڻو هجيئي ته هڻي آءُ. مان ته اڃا بـه سچ ٿـو چـوانءِ، اُنهيءَ نوڪريءَ ٽوڪريءَ جو ڀوت مـن مان ڪڍي ڇڏ!“

ڪانجي ڦڪو کليو: ”اڙي چڱا مڙس، پر آءٌ نوڪري ڪرڻ وڃان ئي ڪٿي ٿو؟ اهو ضرور آهي ته ائين مهينو ماس مڙيوئي نڪري ويندو. انهيءَ هاءِ هاءِ کان جيترو پري رهي سگهان، اوتروئي سک آنند ملندو.“ چئي، وات ۾ ٻيڙي پئي وڌائين، تنهن کان اڳ ڪانجيءَ کي هڪ ٿڌو ساهه کڻڻو پيو. ان بعد وري ٻئـي ڄڻا ماٺ ميٺ ۾ ويٺا رهيا. آخر ڪانجي اُٿيو. موڪلائڻ مـهـل ٻئي ڄڻا روئي ويٺا.

ڪهڙي ڪارڻ ڪانجي ڳوٺ ڇڏي ٿو وڃي، سو ته هيري کي چڱيءَ طرح معلوم هو. انهيءَ ڪري ئي ته ان ٽاڻـي کيس جيويءَ تي مٺيان ٿي آئي. ايـتري ۾ اکـيون مهٽيندي ڪانجيءَ کي چوندو ٻڌائين: ”هيرا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيويءَ جو ذرا خيال رکجانءِ، هان! اُنهيءَ ويچاريءَ جو هاڻي .... توکان سواءِ ٻيو ڪوئي ڪونہ اٿيئي! ....“ ۽ اکين مان سر سر ڪري وهندڙ ڌارائن کي پٽڪي جي پلوَ سان اُگهڻ لڳو.

انهن لفظن هيري جي هنئين کي وري روئڻهارڪو ڪري وڌو: ”ڪائي پرواهہ ڪانهي. تون پنهنجي سوُد بي فڪر رهجانءِ. چڱو، هاڻ اُپڙڻ جي تياري ڪر. سج هينئر کان ئي سر مٿان اچي ويو آهي.“

ٻئي ڄڻا ڌار ٿيا. هيري ڳوٺ طرف رخ رکيو، ڪانجيءَ نديءَ پاسي، پر نديءَ جي ڪنٺي تان لهندي لهندي تہ ڪانجيءَ ڏهہ کن دفعا پٺيان ۽ وري هيڏانهن ۽ هوڏانهن دور دور تائين نظر پئي ڊوڙائي. هڪ لعل ڪپڙن واريءَ کي ڏسي، پاءُ پلڪ ترسيو بہ سهين. پر انکي اُلٽي پاسي ويندو ڏسي هو نراس ٿي ويو. هڪ اونهو ساهہ کڻندي چيائين: ”ڙي حيا! هاڻي جي ملي تہ ڇا، نہ ملي تہ بہ ڇا؟“ ۽ ائين ڀاري دل سان نديءَ ۾ هيٺ لهڻ لڳو.

پر نديءَ ۾ پير وجهندي ئي سندس نظر جيويءَ تي وڃي پيئي. آنند ڀري دل ڄڻ اُڇلون ڏيڻ لڳي. ڍورن کي پاڻي پيارڻ لاءِ آيل ڇوڪرن جي درڪار ڪرڻ بنا ئي هو ان جي پاسي لڙيو. ڪپڙا نپوڙيندي جيوي جهٽ اٿي کڙي ٿي. چيائينس: ”هن ڪرنجن جي وڻ هيٺان ..... آءٌ اچانءِ ٿي.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪانجي اتي وڃي ڪرنجن جي ٽاريءَ کي پڪڙي بيهي رهيو. کيس پڪ هئي ته جيوي خوب ڳوڙها ڳاڙيندي، رئندي رڙندي ايندي ۽ انهيءَ خيال کان کيس دم دلاسي ڏيڻ لاءِ ڪي لفظ پڻ تيار ڪري رهيو هو. پر جيويءَ ته ڪو ٻيو ئي فيصلو ڪيو هو: ’وڃڻ ويلي ڳوڙها ڳاڙي، ان لاءِ اَپسوڻ ته اصل ڪين ڪنديس.‘ ۽ انهيءَ نرنئه ڪندي، جيترو روئڻو هوس، اوترو اڳ ۾ ئي روئي رڇ ڀريائين.

ويجهو ايندي ايندي، مرڪندي منهن جيوي پڇڻ لڳس: ”وڃڻو هيوَ ته ذرا سويل نڪرو ها نه! سر مٿان تپڻ ڇو آڻڻ ڏنوَ؟“

ڪانجيءَ کي چوڻ جو خيال ته ٿئي پيو: ’دل جي تپڻ اڳيان سر جي تپڻ جي ڀيٽ ته تڇ ئي چئبي، جيوي!‘ پر اهي اکر ڪڍيا ئي ڪونه، ساڌارڻ ئي ڳالهه ڪيائين: ”نڪتو ته سنجهڻي ئي هوس، پر سڀني کان موڪلائيندي دير ٿي ويئي.“

اڃا تائين جيوي مشڪي رهي هئي. اُن پڻ ڪرنجن جي ٽاري پڪڙي، پتا ٽوڙيندي پڇيو: ”وري موٽي ڪڏهن ايندو؟“

”ڪيئن چئجي!“

”تڏهن به برسات شروع ٿيڻ سان ته اچي ويندا نه؟“

”ڏسجي!“ چئي، جيويءَ ڏانهن نهاريندي چيائين ”اهو ڪي منهنجي هٿ وس ڪونهي.“ ۽ ڪنور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀاسندڙ پريتما جي دل تي گهاؤ ڪرڻ واري منورتيءَ جي سورش سان ئي هوندو: ”ائين ايتري ۾ موٽي اچڻ جي مراد هجي ها ته گهر ۽ ڳوٺ ڇڏيان ئي ڇو ها؟“ چئي، جتيءَ جي نوڪ سان نديءَ جي ريتيءَ ۾ ليڪون پائڻ لڳو.

”سچ!“ سندس چپ ڏڪي رهيا هئا. اکين اڳيان اوندهه اچڻ لڳس.

جيويءَ جي شڪل ڏسي، ڪانجي ڳالهه ڦيرائي ويو: ”نه نه، ائين به ڪڏهن ٿيندو آهي؟ انسان سڀ ڪجهه ڇڏي سگهي پر پنهنجو وطن ڪيئن ڇڏي سگهندو؟“

”ٻيو ڪير نه ڇڏي سگهي، پر توهين ته اهو به ڇڏي ٿا سگهو!“ ۽ ڪرنجن جي ٽاري ٽوڙيندي، آنسن ڀرين اکين سان ڪانجيءَ ڏانهن ڏسي اڳتي آکيائين: ”توهان جي دل ڪا انسان جي ٿوروئي آهي؟“

ڪانجيءَ وري هڪ اونهو ساهه کنيو. هيٺ منهن ڪري ئي چيائين: ”سو ته هڪ آءٌ ڄاڻان يا منهنجو من ڄاڻي! انسان جي دل ته هجي ها ته اڄ گهر ٻار ڇڏي هلي وڃڻ جو ضرور ئي ڪونه هو!“ چئي، اکين جون آنسون وات مان نڪرڻ تي هجن، تيئن هيٺئين چپ کي ڏند ڏيئي، زور سان چڪ پاتائين.

ٻئي ڄڻا چپ هئا. پري پري نديءَ ۾ سنان ڪندڙ ٻارن جي آوازن ۽ پکين جي ڪلڪلاٽ ڀانءِ ته خود

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شانتيءَ کي ٿي ڀڙڪائي رکيو، اهڙيءَ طرح هنن ٻن جي آسپاس جو واتاورڻ به سن سناٽ ۾ ڀينڪر ٿي لڳو.

آخر جيوي ٻولي: ”ڇوٿا دير ڪريو؟“

ڪانجي پنهنجي ڌن ۾ ئي ڳالهائي رهيو هو: ”ها ها! آءٌ وڃان انهيءَ ۾ ئي چڱائي آهي. تنهن کانسواءِ تنهنجو ڪي منهنجو، ڪنهنجو به ڀلو ٿيڻ جو ڪونه آهي.“

جيوي من جو من ۾ ويچاري رهي هئي يا ڳالهائي رهي هئي، تنهن جي شناس ته خود کيس به ڪانه هئي: ”سو ڪير ڄاڻي؛ اهو ڀلو ٿو ٿئي يا برو ٿو ٿئي!“

اوچتو ڪانجي سڌو تيار ٿي بيٺو. سندس اکين ۾ ڪنهن نرالي نموني جو تيج هو. جيويءَ پاسي هڪ قدم ڀريندي پڇيائينس: ”منهنجو هڪ چوڻ مڃيندينءَ؟ هل ته اسين ٻئي هليا هلون! اٿئي جريت؟“

پاءُ پلڪ ته جيوي خوش ٿي ويئي. ڦاٽل اکين سان ڪانجيءَ تي ڄمايل سندس نظر ڄڻ ته پڇي رهي هئي: ’سچ ٿا چئو؟‘ ڪانجيءَ جي ڪوٽ کي چهٽي پوڻ جهڙو اُمنگ آيس. پر ٻئي پل ۾ ئي ڍلي پئجي ويئي. گوريون اکيون زمين ۾ هڻي، مس مس چئي سگهي: ”نه نه، توهين اڪيلائي وڃو! مون کان....“ ساڙهيءَ جي پلوَ ۾ منهن لڪائي، ترت ئي پٺي ورايائين. پٿرن سان ٽڪرائيندڙ سندس پير ڏسي ائين ٿي لڳو ڄڻ کيس پٺيءَ تي لڙڪائي ڪوئي ڀڄائي کڻي ٿي ويو.

جيويءَ طرف نيڻين نهاريندڙ ڪانجيءَ هوش ايندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قدم کنيو. جيويءَ ڏانهن هڪ نظر ڪري، لٺ ڦيرائي ويو. پر انهيءَ جي حالت پڻ ڪڙهه ۾ موٽڻ لاءِ هوڏ ٻڌندڙ ٽانگن جي گهوڙن کي ڄڻ آڏيءَ دشا ۾ هلڻ لاءِ نه مجبور ڪندو هجي، تهڙي هئي. سو انهن جيان هو پنهنجيءَ دل کي ڦٽڪا ماريندي سڌي رستي چاڙهي رهيو هو.

نديءَ جو ڪنٺو پار ڪيائين ۽ تنهن کان پوءِ ٻن کيتن جو رستو پڻ لتاڙي ويو. پر اڃا به اُنکي ساري ندي ڄڻ ڪي ورلاپ نه ڪندي هجي، تيئن ٿي آواز ٻڌڻ ۾ آيا: 'ائين ڪرڻو هوءِ ته مونکي هتي ڇو آندءِ؟ ڇو مونکي پاپي ڌڻيءَ جي پناري کڻي وڌءِ؟...'

ڪانجيءَ جي اکين مان ٽپ ٽپ ڪري وهندڙ ڳوڙهن مان هڪ ٻه جتيءَ جي ٺوڪرن جا شڪار ٿيا ۽ ڪجهه وري ڌوڙ ۾ ئي سمائجي ويا. شناس اچڻ تي هڪدم اکيون اگهي صاف ڪيائين، پٺيان هڪ پوئين نظر ڦيرايائين؛ سامهون واري ڪناري تان کيتن ۾ ويندڙ هڪ لعل آڪار کي گهور ڪري ڏسندو رهيو. ٿڌي ساهه جي هڪ اَنجلي ڏنائين. ڪنڌ سامهون واري رستي ڏانهن ورائيندي، پنهنجو پاڻ سان ٻولياءِ: "ڪٺيءَ جيڏڙيءَ هن جيون ۾ به ڪيترا ڪيترا نه ناٽڪ جا پارٽ ادا ڪرڻا ٿا پون!"

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرڪرڻ سترهون

اجايو انجام

هرهڪ گهر مان روپيو روپيو پان سوپاريءَ جو وٺي فوجدار اُنهيءَ آهر ڪم جو پورائو پڻ ڪيو هو. ريشمو گهڻي قدر ٺيڪ ٿي ويو هو، تنهنکي دواخاني مان ڀڄائي ڪڍڻ ۾ مکيءَ به چڱي چوکي مدد ڪئي هئي، ۽ پوءِ ڪيس ته پاڻمرادو ئي دٻجي ويو.

پر اُنهيءَ گهٽنا ڳوٺ جي ماڻهن کي هنن واندڪائيءَ جي ڏينهن ۾ ٺڙي ٺڪاءَ لاءِ ڪافي مصالحو موجود ڪري ڏنو هو. ڪنهن ٿي چيو: ”مون ريشمي کي ڏٺو آهي. شڪل ته اهڙي ڦري ويئي اٿس، جو ڪٿي جهنگل ۾ اڪيلو گڏجي وڃي ته ڏسي جيڪر ڀؤ وٺي وڃي. نڪ ته ڄڻ گاري جو چنبو نه ڪنهن ٺاهي رکيو هجي، بنهه اهڙو ٿو لڳيس! هڪ اَک جو ته تارو به نڪري ويو آهيس.“

پر ڌوليي کي ته ريشمي جي اَک، نڪ، ڪن کان وڌيڪ، چانديءَ جي هن باجوبند جي اچي لڳي هئي. هڪڙي ڏينهن سعيو ڪري پنجن ڪوهن جو مفاصلو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهاڳي ريشمي کي ملڻ ۾ ويو، پر ريشمي تہ اُنکي ٻانهون ٺوڪائيندو ڪڍيو: ”اَڙي، چريو ٿيو آهين کريو؟ باجوبند تہ ويو ڳري هن وڌيءَ ۾ ئي.“

۽ اهو ٻڌي ڌوليي جي مشڪلي هيڪاري وڌي. لاچاري آواز ۾ چيائين: ”مئو باجوبند ويو تہ صدقي ٿيو ريشما ڀائي، پر هو جادو جي اڃا نہ وڌو هجيئي، تہ نہ ئي وجهجانءِ؛ ۽ جي وڌو هجيئي تہ وري هاڻي ڪڍائي ڇڏجانءِ، ڀائي صاحب!“

ڌوليي جي ڇسپائيءَ تي کلندي، ريشمي ٿوري ۾ ئي پتايو: ”ڀلي“.....

ڌوليي اُٿندي اُٿندي پڻ، ”هو تہ وڃڻ کي ويو هاڻي، سو اهو تہ ضرور ڪڍائي ڇڏجانءِ، ڀائي صاحب! اُنهيءَ رن کي تہ آءٌ هاڻي سڌو ڪندس.“ ائين چئي کانئس وچن بہ وٺي ڇڏيائين.

ڪير ڄاڻي باجوبند کوهيائين تنهنڪري، يا ريشمو اهو جادو نہ ڪڍائي تہ ٻئي باجوبند کوهڻ ۾ بہ ويرم ڪانہ لڳندي، اُنهيءَ ويچار ڪري، مطلب تہ مڙيوئي ڪنهن سبب جي ڪري سندس من ۾ ڏاڍي آنڌ مانڌ پيدا ٿي چڪي هئي. اُنهن سڀني ڳالهين جو مول ڪارڻ کيس جيويءَ جو ئي ڏوهہ ٿي ڏسڻ ۾ آيو. انهيءَ جي اچڻ کان پوءِ منهنجي آبرو توڙي پئسي پنجڙ ۾ بہ ڪاڻ پيئي آهي، ائين پڻ کيس ڀاسڻ لڳو. من ۾ پئي ٿيس: ”رن آئي آهي، تڏهن کان ئي پاڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان مصيبتون کڻي آئي آهي."

گهر پهچندي پهچندي ته سندس ڪاوڙ به ڪاپار تائين پهچي ويئي هئي.

۽ جي جيويءَ تي اُن دل ڀري ڪڏهن هٿ هلايو هوندو ته اصل اڄ ئي. ڏوهه فقط ايترو هوس، جو جيويءَ سندس لاءِ گرم پاڻي ڪونه رکيو هو.

جيويءَ کي ڇڏائڻ لاءِ ٻڍي وچ ۾ پيئي ۽ چيائينس به سهين: "پر ڀائي! اسان کي ڪهڙي خبر ته تون هن گهڙيءَ ايندين؟ ۽ اُنهيءَ ڪري مارينس ڇو ٿو، ڌوليا؟ تون حقو پيئندو ٿيءُ ته ايتري ۾ ....."

پر ڌوليي، "ڪڏهن ته منهنجي وڪڙ ۾ آئي آهي! اڳي ڪونه ماريو ٿي مانس، سو بس ڇا؟" اهي واڪا ڪندي، ماريندو ئي رهيس.

هڪ لٺ ٻڍيءَ کي به لڳي ويس! ٻڍي آڪڙي اُٿي: "ستيا ڪا ناس ٿئيئي! ڪجهه اکيون پٽي ڏس ته سهين!"

"تو ئي ته رن کي ائين ڪري ڪري بگاڙيو آهي!" چئي، وري ٻيهر جيويءَ پاسي مڙيو: "تنهن ڏينهن ڪهڙو تنهنجو ڌڻي پرديس ٿي ويو، جو نديءَ تائين پهچائڻ ويئي هئيئنس؟" ڌوليي گرجنا ڪئي.

اهو ٻڌي ته ٻڍيءَ به، "اڙي مرو تڏهن ٻئي ڄڻا گڏجي!" ائين ڀڻڪندي ڀڻڪندي، ٻاهر نڪري ويئي. من ۾ پئي ٿيس: 'هڪ ڪري چڱو آهي، ائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مار پوندس، تڏهن ئي رن سڌي ٿيندي. مون ٿي سمجهيو ته ڪا سڌري آهي؛ پر ڏس ته ماريءَ جون اڙ ٻنگايون!"

جيويءَ جون اکيون هاڻي بدلجي وييون هيون. ڏٺي ٿي جهڙي جڳدمبا. ڌوليي جي هٿن مان هڪ ئي ڇڪ سان لٺ کسي ڪنڊ ۾ ڦٽي ڪري ڇڏيائين. چي "دم ته لڀيس: پائيءَ جو ڪونه ۽ مئو ماريو آيو آهي مونکي مارڻ!"

۽ ڌوليي جي هن سخت مصيبت ۾ - سخت انهيءَ ڪري جو هڪ پاسي شوخ جيويءَ جو کيس ڏر ٿي لڳو ۽ ٻئي پاسي جي جيويءَ کي دٻائي نه سگهي ته پنهنجي مردي ٿي لڄايائين! سامهون کان ڀڳت اچي نڪتو. ڌوليي جا ڌاڻا ڪڍي ڇڏيائين؛ ٻڍيءَ جو به اَڇو ڄنڊو پٽيائين ۽ جيويءَ کي پڻ ڪاوڙ مان چئي ڏنائين: "روز ٿي جٺ ڦٺ هلي! ڪٿان زهر به ڪونه ٿو مليئي؟"

ڪانجيءَ جي وڃڻ کان پوءِ ڀڳت جي جان کي ئي ته اهي سڀ جهنجهٽ هئا نه؟ ويچار ڪجي ته هيري کي به چنتا ڇو نه هئي! پر کيس ته 'جيوي ڏائڻ آهي، ڪانجيءَ کي جادوُ وجهي ڇڏيا اٿائين' اهڙو وهم ويٺل هو، تنهنڪري هڪ نموني، 'مار گهري ٿي وٺي'، اهڙو به ڪڏهن خيال ايندو هوس. تنهن سواءِ سندس گهر ٿورو پرڀرو هو، سو اڌ جڳهڙا ته ٻڌڻ ۾ به ڪونه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايندا هوَس.

ڀڳت جا چيل 'ڪٿان زهر به ڪونه ٿو مليئي!' اهي لفظ جيويءَ جي مغز ۾ ڪيترن ڏينهن تائين وڄندا رهيا. سندس پيڪن ۾ ئي هڪ ڇوڪريءَ ..... ۽ روٽيءَ ۾ وجهي کائي ويئي هئي. ٻن گهڙين ۾ ئي ڏک جا ڏونگر رک ۾ خاڪ ٿي ويا هئا. جيويءَ کي اهو سڀ ياد آيو. ساڳي ڪار ڪرڻ ۾ کيس به ويرم ڪهڙي لڳي ها. پر هن ٿي سوچيو: 'هاڻي هڪ مهيني لاءِ؟ هڪ دفعو سندس (ڪانجيءَ جو) منهن ڏسان، پويون دفعو ساڻس گڏجي ڇڏيان، پوءِ مرڻو ته آهي ئي نه؟'

ڪانجيءَ جي ڏک کان - شايد ڪڏهن اُڏامندي اُڏامندي ڳالهه اتي پرديس وڃي پهچي ۽ سندس جيءُ جلي، انهيءَ ڏک کان ته هوءَ مار پٽ جي ڳوٺ ۾ گهڻو ڪري ڳالهه ئي ڪانه ڪڍندي هئي. سو به وري هاڻي ته کيس مرڻو ئي هو. فقط هڪ مهيني جي - ڪانجيءَ جي اچڻ جيتري دير هئي.

هڪ ته اونهاري جا ڏينهن وڏا ۽ تن ۾ به جيويءَ جا ته ڏکن ڏوجهرن وارا ڏينهن هئا. برابر اسر سان ڪڪڙ ٻانگ ڏئي ته هوءَ به اٿي کڙي ٿئي. پالي ٻه پاليون مڪائيءَ جون پيهندي، تڏهن به راڄ درٻار جي ٺاٺ سان ايندڙ سوريه ديوتا جو پتو ڪونه پوندو هو. ڦڙتائيءَ سان ٻهارڻي پائي، جيترو ٻوهر ڇڄ ۾ کڄي سگهي، اوترو ڀري ڦٽي ڪري ايندي. پاڻيءَ جا چار پنج گهڙا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀري آڻيندي، سو به ڄڻ ڳڻي ڳڻي نه قدم کڻندي هجي، اهڙيءَ چال سان، تڏهن به سوريه اڃا ته ايسيتائين مس ڪري ٻه بانسون به ڪين چڙهي ايندو هو! پيٽ ۾ ٻه گرهه وجهي، پيهڻ لاءِ ڪجهه ڪڍندي، پر سو به سوريه لهڻ کان اڳ ۾ ته پيسجي پورو ٿي ويندو. رتن به ٿورا ڪي ڏينهن اچڻ بعد بند ٿي ويئي هئي، نه ته انهيءَ سان ئي ڳالهين ڪرڻ ۾ وقت ڪاٽي سگهي ها؛ ۽ هن اونهاري ۾ ته لاباري ٻاباري جو ڪم به ڪونه هو. تنهنڪري نيٺ کڻي ڇيڻن ميڙڻ لاءِ نڪرندي. هڪ هڪ ڇيڻو ڪري ٽوڪري ٽمٽار ٿي وڃيس، پر سوريه ته اڃا اُلهندي ميدان ۾ اٽڪيو پيو هوندو! وري ٻيهر واڙيءَ جي ولين وغيره ۾ پاڻي اوتي، ڪيئن به ڪري جوڙي گهڙن جو جڳل ڪندي، وڇڙن ڳولهڻ لاءِ ڳوٺ ۾ ٻه چڪر ماري ايندي، ۽ اهڙيءَ طرح مانڊ مانڊ ڪري هڪ ڏينهن پورو ڪندي.

پر ڪمبخت رات به ته ان جي ويرياڻي بڻجي پيئي هئي. ڏينهن جو ته سنهي ٿلهي ڪم ۾ پاڻ کي رنڀائي ٿي ڇڏيائين، پر رات جو ڇا ڪري؟ اڪثر ڪري اَشٽميءَ جي ميلي واري من موهيندڙ مورتي (ڪانجيءَ جي)، ڄڻ هڏن گڏن ڀڳل، بيوسيءَ جي حالت ۾ ٿي ڏسڻ ۾ آيس- جيوي چويس: 'مون ئي تنهنجي ههڙي حالت ڪئي آهي نه؟' هوڏانهن هوءَ مورتي ڄڻ ٻوڙي نه هجي، چريائيءَ ۾ لوندي نه هجي، تيئن ٻيڙندي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون مونکي وساري ڇڏ، پگلي! مون کي معاف ڪري ڇڏ، ۽ هيءَ ..... ڇڻي، هڪ ٽينگٽي قد ۽ موڪري منهن واري ماڻهوءَ ڏانهن ٻانهون وڌائيندي، چوندي: ”انهيءَ سان دل لڳاءِ! جڪي اهو چوئي، سو توکي ڇوڙو آهي- هو زندهه رکندءِ ته تون زندهه رهندين. تنهنجو مون سان ڪو واسطو ئي ڪونهي. تون پنهنجي من جي پٽيءَ تان مونکي ميساري ڇڏ!“ اهڙن طائفن ۾ رات اڌ ته گذري ويندي. گهڙي کن اک لڳائيندي مس ته ايتري ۾ ڪيٽ جي ڇڙي وٽ ڇاپري مان لنگڙو ڪڪڙ، اڳئين جنم جو ويري نه هجيس، تيئن ٻنهه جيويءَ جي ڪنن ۾ ئي اچي ٻانگ ڏيندو. انهيءَ کان پوءِ جيويءَ جي اک پوٽبي نه پوٽجڻ جهڙي، ائين ٻيهر ڏينهن وري ساڳيءَ طرح جنب پيهڻ سان شروع ٿيندس.

ڇيٽ مهينو اڌ گذري چڪو هو. ماڻهن جي واڙن ۾ ڪائين جا ڍڳ ڪنا ئي ويا هئا. پر ڪانجيءَ جو واڙو ته جيويءَ خالي جو خالي پئي ڏنو. ڳوٺ جو گند ڪچرو ڪيٽ ۾ پهچي ويو هو. پر سندس ٻوهر اجا باهر ئي پيو هو. ڪانجيءَ جي وڏي پاءُ کان ٻه جيويءَ کي خيال تمام گهڻي قدر وڏيڪ هو: ’نه ايندو ته ڇا ٿيندو؟‘

۽ هڪڙي ڏينهن اهڙو ئي خط آيو. سڄي ڳوٺ ۾ ڙهيل ڇڻو يا اڻ ڙهيل، پر اهڙو هڪڙو پڳمٽ ئي هو. ڪانجي ته پرديس ۾ هو ۽ دوڪاندارن کي اهڙن بيڪار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خطن پڙهڻ جي فرصت ڪانه هئي - خط جو نالو ٻڌندئي لڳ ڀڳ چوٿون حصو ڳوٺ جو ڀڳت جي گهر ڀيڙو اچي ٿيو. ڳوٺ جي اتهاس ۾ جيڪڏهن ڪو پرديس ويو هجي ته اهو ڪانجي هو.

ها، هڪڙو ٺاڪرڙو ويو هو، پر انهيءَ جي چٺي قيام ڪانه ايندي هئي - ۽ جڏهن ايندي به هئي ته سندس پيءُ اها کيسي ۾ وجهي، ڪير ڄاڻي ڪهڙيءَ گهڙيءَ هو ڳوٺ ۾ ايندو هو ۽ ڪهڙيءَ گهڙيءَ پڙهائي ويندو هو. هيئن وڏي ڀاءُ وانگي هٿن ۾ جهلي، ڪوئي نه پڇيس، تڏهن به ”ڪاني جو خط آيو آهي ڀائي، ڀڳت وٽ پڙهائڻ ٿو وڃان. ڪير ڄاڻي ان ۾ ڇا ڇا لکيو اٿس!“ ائين چوندو، سڀني سان ڳالهائيندو ٿوروئي ويندو هو!

سڄو ڳوٺ ڀلي ٻڌي، پر جي جيوي ٻڌڻ وڃي ته ٿيو نه ڀلو! پنهنجيءَ چانئٽ وٽ بيٺي بيٺي ڀڳت جي گهر ڏانهن اهڙيءَ ريت نهاري رهي هئي جڻ ته: ’خط ئي ٿو ڏسڻ لاءِ ملي!‘ سندس ڪن پڻ بنهه ڀڳت جي چانئٽ سوڌا پهچي چڪا هئا، ۽ جي ماڻهن جي آڏ نه هجي ها ته سانت ته ايتري ساري هئي، جو هوءَ ضرور ٻڌي سگهي ها. ڀڳت جي ڌيان ۾ پڻ اهو ڪين آيو هوندو، نه ته جلدي پڙهڻ لاءِ کيس چوڻو پوي، ائين ڪرڻ هو.

وڏي ڀاءُ کي ڳالهائيندو ٻڌي، هوءَ ايترو ته سمجهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهي - ٻيو ته سندس ڪم جو به ڇا هو! ته ڪانجي اچڻو ڪونهي.

ڳوٺ جا ماڻهو پڻ ڪوئي ڪانجيءَ جي گلا، ته ڪوئي وري 'سٺي نوڪري ملي ويئي هونديس، تڏهن ئي نه؟ هتي کيتيءَ مان ڪهڙي اُپت آهي؟' اهڙا انديشا لڳائيندي، ڇڙوڇڙ ٿيڻ لڳا.

وڏي ڀاءُ جو آواز ٻڌي جيويءَ جا به ڪپاٽ کليا. گهبرايل وڏو ڀاءُ چئي رهيو هو: "ڀڳت، اڄ جو اڄ ئي خط لکي ڇڏينس ته مونکي ڪو مزور رکڻو ڪونهي ۽ نه ڪو تنهنجي روپين جي ڪا لوڙ آهي، تنهنڪري جتي ويٺو هجين، اتان اٿي سڌو گهر هليو آءُ ..."

جيويءَ کي لڳو: 'آءٌ به لکايانس ته جيوي مرڻ هارڪي ٿيئي آهي، سو منهن ڏسڻو هجيئي ته سگهو آءُ،' ۽ ڪانجيءَ جي جڻ پيرن جي آهٽ به ٻڌندي هجي، تيئن سندس دل ڌڙڪو ڏيئي اُٿي. پر ٻيءَ ئي کن ۾ کيس ٻوجهه اچي ويئي ته نڪو آءٌ ئي کيس لکائي سگهنديس ۽ نڪو هوئي اچڻو آهي. سندس اکين مان ٻيرن جهڙا هيڏا سارا ڳوڙها وهي ڇڙيا. هوءَ هڪدم ئي گهر اندر هلي ويئي. سندس روئندڙ دل ڀانءِ ته پڪاري رهي هئي: 'ههڙو بيدرد اِنسان! .... ههڙو ڪٺور دل!'

پر وڏي ڀاءُ وانگر جيويءَ کي به وشواس هو ته اڃا به ڪانجي ايندو. ٻئي پاسي وقت بادشاهه پڻ پنهنجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاريہ ڪري رهيو هو.

ڦوهہ جوانيءَ جي نشي ۾ قدم کڻندڙ پاڻيهاريءَ جيان پشچم مان بادل اچي، ۽ انهيءَ ئي چال سان پوري اُفق جي لاهيءَ ۾ اُتري، هليا ٿي ويا، تہ وري ڪنهن مهل ٻن چئن جي جهڳٽن ۾ پڻ ڪنا ٿي ٿيا ۽ ڪڏهن اڀ کي ڍڪي ڇڏڻ جون ڳالهيون ڪندي ڪندي، ٻن مان چار بڻجي ڌار ٿي ٿي ويا تہ وري ڪڏهن ڪنائي ڪنا ڪنهن ٻئي پار هليا ٿي ويا. ڪنهن دفعي ڏينهن ۽ رات لڳاتار ائين چالو هئا، تہ وري ڪنهن ڏينهن سڄو آسمان آئيني جهڙو صاف ڏسڻ ۾ ٿي آيو. بعضي رهي کهي ڪا ڪڪري ڪٿان اچي نڪري تہ آڪاس ۾ اکيون پائي وهندڙن جا وري صد ڀاڳ.

پر جيويءَ کي آڪاس سان ڪو حساب ڪتاب ڪونہ هو. انکي تہ هن دڳہ سان ئي لين دين هئي. سندس سڪي ويل سرير ۽ ڏرا ڏيئي آيل اکيون ڏسي ائين پئي لڳو. جڻ ان جي جوانيءَ جو جلوو ۽ اکين جو اهو وڄ ڀريو آڪار، سڀڪي اُنهيءَ وات تي ئي نہ خرچجي ويو هجي.

اشٽميءَ جي سانجهيءَ جو اشنان ڪنڊ کان هڪڙو روپو بادل نڪتو. وڌندو وڌندو آسمان ۾ اچي پهتو. پاسي کان ڦولڻ لڳو ۽ پوءِ تہ بادل مان بادلي ۽ انهيءَ مان ئي بادلڙي ڦٽي، ٻئي دشائون ڀري ڇڏيائون. ماڻهن جو آنند پڻ وڌي ويو: ”اڀ ۾ ڪڪري، برسات

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيئي تڪڙي ؛ مينهن ڄاڻ آيو ڪي آيو!" اهڙا بيت
به ڳائڻ لڳا ۽ ٿيو به ائين: ڄڻ ڪوئي مايالو راڪاس
سر جهولي ڇل نه پيدا ڪندو هجي، تيئن گهڙي گهڙي
گرجنا سان سڄو اڀ گونجڻ لڳو. روپي مان ڦري رک
جهڙو رنگ ٿي پيو، ۽ ڏسندي ڏسندي ته ساري جو
سارو آسمان ڪاريءَ ڇٽا سان ڇانئجي ويو. هيٺ ڌرتيءَ
تي پڻ اوندهه جو آڪار پکڙجي ويو. گهو گهاٽ ڪندو
گهور گهٽا سان ميگهه ديوتا اچي گرجيو. بجليءَ ٽانڊو
ناچ شروع ڪيو، ۽ اهڙي حملي کان منجهي ويل
ڌرتيءَ جي اوڀڙ ۽ اُڪڙاٽ ڪري ماڻهو پڻ آنڌ مانڌ ۾
پئجي ويا.

ماڻهو ندرا جي گود ۾ ستا نه ستي جهڙا هئا، جو
اُڀ مان ننڍيون ننڍيون بوندون وسڻ لڳيون. ٻيءَ ئي
کن ۾ چوڌاري تيز بجليءَ جو ڇڳاءُ ڪندي هڪ وڄ ريکا
سڌو ڌرتيءَ تي لهي آئي، ۽ ڀانءَ ته اڀ ڦاٽي پيو هو.
اهڙا ڪڙاڪا ڪندي وري مٿي چڙهي ويئي.
بادل ڄڻ ٽٽي پيا ۽ سي به اهڙا جو اڱڻ ۾ ويٺل موج
ماڻيندڙ ڪو ڪسان ته واڪا ڪري پاڙيسرين کي چوڻ
لڳو: "فلاڻا ڀائي، هي پهريون ڌڙاڪو ٿيو آهي، سارين
جي پوک شروع ڪبي نه؟"

ڀلي اها رات سڄي ڳوٺ لاءِ آنند ڀري هئي، پر
وڏي ڀاءُ لاءِ ته اها غم ۽ مونجهاري جي هئي. جڏهن
کان ڪانجيءَ هر کيڙڻ شروع ڪيو هو، تڏهن کان ڪنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ڏينهن اُن نہ ڪڏهن پاڻاري ٻڌي هئي ۽ نہ ڪڏهن ڇوڙي هئي ، انهيءَ ڪري ئي ٿي اڄ هو گهبرايو ئي، ۽ ٿڌن ڪري ئي ٿي ڪانجيءَ لاءِ چوڻ لڳو: ”ڪنهنجو پاڻ پير ۽ ڪنهن جو آڪير؟ شهر جي رستن جا چڪر چڏي ڪير هتي گپ جي گچڻ ۾ پير پوڻ ايندو؟“ ....

اڳوئيءَ رات جي برسات بند ٿي ويئي. آسمان ۾ متل گهمسان ڪان پڄي وڃي اڪل تارا شانتي ڇانيل ڏسي ، ’ڏرتيءَ تي ڇا ڇا وهيو واپريو ، سو ڏسون ٿا سهين!‘ انهيءَ خيال ڪان ڊڄندي ڊڄندي ليٽا ٿا پائيندا هجن ، ائين ٻئي آهستي آهستي نڪرندا آيا . صبح ٿيندي ٿيندي ئي مٿي وارو اهو سڄو مانڊاڻ ڊهي ڊانواڊول ٿي ويو هو.

ڏرتيءَ جا رنگ پڻ اڄ بدلجي ويا هئا. پکي پکڻ: ۽ سويل ئي جاڳي برپائيون ڳائڻ شروع ڪري ڇڏيون هيون. ڪاش! اهڙيءَ شانتيءَ جو پيڻ نہ ٿئي ٿنهن ڀرو ڪان هوا ۽ هڪ ئي هنڌ ٻيهجي وئي هئي.

وري اڇوڪيءَ قدرت جو پسار ڪندي ٿا ائين ٻئي معلوم ٿيو جڻ نهہ پهہ سنان ڪري ، ڇڙ ۽ وارن مان پاڻي ٽپڪائيندي ڪا سندر مدهر استري پڳٽي پاڻ جي نيچي جهڪيل مدرا ۾ ماڻ ميٽ پرارٿنا ڪندي نہ ڪڙي هجي! اپرندي جي ڪٿهڙي ۾ اچي ٻيهل سوريہ پڻ ڏرتيءَ تي چٽڪاريل پاڻيءَ ۾ ئي ٿو ٻوڙ ۽ ٿجيون ڏيون. ۽ ڏرتيءَ جي هنڌين جي نہ ڳالهہ ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪهڙي ڪجي! سڄو واتاورڻ ڪنهن انوکيءَ سڳنڌ سان ڀرجي ويو هو.

اَسر ٽاڻي مکيءَ جي گهر ڳوٺ جا ماڻهو اچي ڪٺا ٿيا. ڪنڪو ۽ سنڌر جا تلڪ ڏيئي، نئين سال جي اُدگهاڻن ڪريا ڪري، سڀڪو گهر آيو. هر تيار ڪري، ڪنوارين جو سگن ساٺ ڪري، ڳچيءَ ۾ ٻڌل گهنگهرن ۽ گهنڊڻين جي وڏي ۽ وڻندڙ جهنڪار ڪندڙ ڍڳن کي اڳيان ڪري، هرڪنهن کيت جي واٽ ورتي.

دير پئجي ويل وڏي ڀاءُ پڻ نرسي ميهتا جي ڇڪڙي وانگر - جيتوڻيڪ ڍڳا ته رشٽ پشٽ هئا پر سندن ڳچيءَ ۾ گهنگهرو ڪونه هئا - هر تيار ڪيو. رتن جي نازڪ هٿڙن سان چاندلو ڪرائي سڳڙو ٻڌايائين، ۽ اهڙو سڳن ساٺ ڪري، پٿرن سان ٽڪرائيندڙ هر جي 'گهر رڙ کڙنگ' جي آوازن سان کيتن پاسي هلڻ لڳو. اَپسوڻ جي ڊپ کان جهلي بيهاريل ڳوڙها، کيت ۾ هر جوڙيندي ٽپ ٽپ ڪري وهڻ لڳس.

نار واري کيت جو هيءُ پهريون ئي مهورت هو، انهيءَ ڪري پاڻي ڀرڻ لاءِ آيل جيويءَ جي نظر ان تي پوي، سو سڀاويڪ هو. کن ڀر ائين ٿيس به سهين: 'ڪٿي ان (ڪانجيءَ) جي هٿان ڌرتي ڌوڏائيندڙ ڍڳن جي چال ۽ ڪٿي هن وڏي ڀاءُ جي هٿان پير ۾ پير کڻندڙ ڍڳن جو چرڻ؟ ٻن ڏينهن ۾ ئي هيڏي ساري کيت کي کيڙي پورو ڪري، تڏهن به نصيبدار وري!' ڳچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت ائين اوڏانهن ڏسڻ بعد جيويءَ کي سامهون آئي. هڪ اونهو ساهه ڪڍندي پنهنجي جلندڙ جگر کي چوڻ لڳي: 'مرد هجين ها تہ هڪ اڌ ڏينهن هر ڪيڙڻ جي مدد لاءِ تہ وڃي سگهين ها، پر تون تہ رهينءَ زال ذاتيءَ ئي! هيئن ڀيڻي اندر ساڙيندينءَ، تنهن مان ڇا ورندو؟' گهڙو ڀري نڪرڻ مهل وري وڏي ڀاءُ پاسي نهارڻ لڳي، ۽ شوڪارو ڀريندي، من ۾ چيائين: 'ڀڻي ڪنهن جي ڳالهہ تہ ڀيڻي کهہ ڙي مورکہ، پر پنهنجي وڏي ڀاءُ تي تہ ڪو قياس ڪرين ها!'

ايتري هوندي بہ جيويءَ شرڌا چڏي ڪانہ هئي: 'هيءَ برسات جي اتي بہ ڀيڻي هوندي، تہ سمجهجانءَ تہ سياڻي آهي ڪي آهي!'

۽ سياڻي اچڻ ۾ ڀلا ڪهڙي ويرم هئي؟ پر انسان کي آشائن جي ڏوريءَ ۾ ڀيو ڀيو سياڻو ٻڌڻ ڪونہ ايندو آهي ڇا؟ اهڙيءَ طرح ئي تہ انسان جيئي ٿو! زندگيءَ پسار ڪرڻ جو انهيءَ ڪانسواءِ ٻيو رستو ئي ڪهڙو آهي؟

پر جڏهن هر ڪيڙڻ جو برابر وقت وهامي ويو، سارهن جا ٻج بہ ڇٽجي ويا، تڏهن تہ جيويءَ کي ڪانجيءَ جي اچڻ جو آسرو لاهڻو ئي پيو.

ڪڏهن ڪڏهن تہ ڪيس اهڙا ئي خيال اچي ويا: 'هاڻ جاڻ دل ٻيهجي ويئي؛ هاڻي ٽپو ڏيئي ٻاهر نڪري ايندي!' پر جڏهن ائين ڪي ٽيو ٽي ڪونہ ٿي، تڏهن وري هوءَ پنهنجو ٻاڻ تي ڪجائيندي: 'ڀڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماري! مري جو وڃين ته ڇوٽڪارو مليئي!'

۽ جيتوڻيڪ مري ته ڪانه ويئي پر انهيءَ کان پوءِ هوءَ ڄڻ موت جي پناري پيئي هئي. ڪنهن سان نه ڳالهائڻ نه ٻولهائڻ، ۽ اتفاق سان جيڪڏهن مرڪي به کڻي ته اهو به بن ڇٽڪي ئي.

ڌوليي کي ته اها روُبڪار ڏسي لڳندو هو ته اُن جادوءَ جو اثر اٿس، تنهن ڪري هو به سن ئي سن ۾ 'ڇا ڪجي؟' جا ويچار ڪندو هو.

هوڏانهن اڄ ڪلهه هنن ٻنهي ڄڻن جي هلت ڏسي ناني ٻڍي وري ٽينءَ هڪ چنتا ۾ پئجي ويئي هئي. سندس من ۾ اها ڳالهه دابو ڪري ويئي هئي ته هنن ٻنهي جون دليون هاڻي هڪ ٻئي تان بلڪل لهي وييون آهن. اوڙي پاڙي ۾ ڳالهيون به ڪندي هئي: "مئا وڙهن جهڙن کڻي، تڏهن به هڪ ٻئي سان ڳالهائن ٻولهائن ته سهين؛ سچ ڪي نه؟ پر هي ٻئي ته مٽِو مٽِي تي چاڙهي ئي ٿا ڦرندا وتن."

ڪا ٻڍي تجربي جي ڳالهه ڪندي: "پر تون به سڄو ڏينهن گهر جو ڪوُئو بڻجي ٿي ويهي رهين نه! ٻه گهڙيون ٻاهر نڪرين ته ٻيو ڪين، گهٽ ۾ گهٽ کائڻ لاءِ روٽي ته گهرڻي پويس، ۽ هنکي به ڏيڻ سواءِ ٻيو چاروئي جيڪر ڪهڙو رهي؟"

نانيءَ ٻڍيءَ ائين به ڪري ڏٺو، پر نتيجو ته اهڙي جو اهڙو؛ نه ڪو ڌوليي کائڻ لاءِ گهريو ۽ نه جيويءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻنا چوڻ جي ٿالهي پائي ڏنس.

پڇڻ تي ٻڍيءَ کي معلوم ٿيو ته هو پنهنجي هٿن سان ئي کڻي، کائي ويٺو آهي. ٻڍيءَ جو مزاج گرم ٿي ويو ۽ اچي جيويءَ تي آڪڙي: ”هي ته چڱو جو آءٌ اڃا جيئري جاڳندي ويٺي آهيان، پر سڀاڻي جو مري پوان ته توهان جي گهر جو چرخو هلندو ڪيئن؟“

مُٽي سڄايل منهن سان ئي جيويءَ جواب ڏنو: ”هلندو جي هلڻو هوندو!“

”هيءُ چوين ڇا ٿي، ڙي؟ تون گهر ٺاهڻ لاءِ آئي آهين، ڪين هيئن ڊاهڻ لاءِ؟“ چئي، هٿ چيلهه تي رکي، جيويءَ ڏانهن ٻڍي ڪرڙي نگاهه سان نهارڻ لڳي. پر جيويءَ ۾ ته ڄڻ سامهون ٿيڻ جي به سامرٿي ڪانه هئي. خفي ٿي چيائين: ”مهرباني ڪري منهنجو پيڇو ڇڏ، ڀائي صاحب!“

مگر ائين ڪرڻ سان ته سس جو مزاج وري وڌيڪ بگڙيو: ”واهه ڙي! ويچاريءَ کي هتي سڪا ٽڪر نه ٿا کائڻا پون، تڏهن ٿي.....“

جيوي اُٿي ٻاهر هلڻ لڳي ۽ چوندي ويئي: ”ائي.... وڻيئي سو بڪندي وت، اڪيلي نويڪلي!“

”آءٌ به ڏسنديس ته تون ڪيئن نه ٿي ڪرين؟ ڇڙوهيءَ ترن جي پوک ڪرڻ ڏي، پوءِ ڏسجانءِ ته پنهنجي پيڪي ٻه مهينا وڃان ٿي هلي ڪي نه ٿي وڃان؟ پوءِ ڪهڙي سس رڌي پچائي ڏيندءِ؟ آءٌ به

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏسان ته سهين؟ ائين بڙ بڙ ڪندي رڌڻي ۾ هلي ويئي. اُتي ته سڀڪي ريل ڇيل پيو هو، سو جيويءَ سان وڙهڻ لاءِ ٻئي ڪنهن بهاني ڪرڻ جو ضرور ئي ڪهڙو هو؟

مگر ان جو اهو ڪڙڪو جيويءَ جي ڪنن کي لڳي پڙاڏي وانگر پٺتي موٽي ٿي آيو. ڪنن جا تاڪ بند هئا. دل به ڀانءِ ته سرير ۾ ڪانه هئي. ٻڍيءَ کي اڄ پوري پڪ ٿي ويئي ته ڪنوار جي سر تي جوابداري نه وجهڻ سواءِ ڪم ۾ ڪي گهر ۾ سندس من لڳڻو ئي ڪونهي.

تنهن وچ ۾ ٻڍيءَ کي گهر مان ٻاهر نڪرڻ جي تڪ ملي ويئي. جيويءَ جو ٻڍو پيءُ مري ويو. ٻڍيءَ پرچاڻيءَ تي وڃڻ لاءِ تياري ڪئي.

پيءُ جي قضئي تي جيويءَ جو وڃڻ ئي لازمي هو، پر سس کي ٻيو هڪ ڊپ هو: 'هڪ ته ماٽيجي ماءُ جي مرضي ڪانه هئي ۽ ٻيو ته هن جو هتي من لڳي ئي ڪونه ٿو. زال زائفان کي ڦاسائڻ ۾ ويرم ئي ڪهڙي؟ ڪنهن ٻئي هنڌ پراڻائي ڇڏيس ته ناتريا نيات وارن ۾ مهڻو ئي ڪهڙو؟ ۽ اسين وري ڪهڙا پيسا خرچي يا موٽ ۾ ڇوڪري ڏيئي هنکي آيا هئاسين، جو نيات ۾ فرياد به ڪري سگهون؟' اهو سمورو حساب ڪري سس اُنکي روڪيو ۽ چيائين: "نه ڀائي نه، تنهنجي وڃڻ جو ڪو ضرور ڪونهي. آءٌ ويس ته سڀ انهيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ اچي ويا." ائين چئي، جيويءَ کي ٿڌي ڪرڻ لاءِ ٻوليائين: "هڪ وار مونکي اتان ٿي اچڻ ڏي، تنهنجي ماءُ کي به ذرا پرچائي سرچائي اچان، پوءِ تون وڃجانءِ ۽ مهينو اڌ رهي اچجانءِ."

جيويءَ کي لاچار- ڇاڪاڻ ته نه مڃي، تڏهن به گهر مان پير ئي ٻاهر رکڻ ڪير ڏئيس ها؟ سو، مڃڻو ئي پيس.

نانيءَ ٻڍيءَ لاءِ ته ايڪ پنٿ دو ڪاج- سندس ڀاءُ جو گهر به انهيءَ پاسي ئي هو: 'ٿورا ڏينهن اتان پڻ ئيندي ايندي‌س، ۽ ائين ننهن پٽ به اڪيلا ٿي پرندا، سو جک ماري هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ لڳندا.' انهيءَ ويچار ڪندي ٻڍيءَ جي ڀڏي منهن تي ذرا مرڪ آئي. من جو من ۾ ته ايترو به چوڻ لڳي: 'پوءِ ته ٻڍيءَ جو ڪوئي ملهه ئي ڪونه ڪندو.' ڌوليو ڀائي هاڻي ته ماءُ کان سواءِ گرهه به وات ۾ ڪونه ٿو وڃي، پر پوءِ ته ماءُ جي هٿ جو ڪي وڻندس ئي ڪين!'

گڏ وڃڻ لاءِ ضد ڪري ويٺل ننڍڙي ٻار کي به ٻڍيءَ 'اهو ڀلي هلي. هتي هن جو ڪم ڪهڙو ٿو سيڙجي؟' انهيءَ ويچار سان گڏ وٺي وڃڻ جي 'ها' ڪئي. ننهن ۽ پٽ کي ڌار ڌار ئي سکيائون- ٻنهي جي وچ ۾ سلوڪ وڌي اهڙي نموني جون- ڏيئي، هڪڙيءَ پر ڀات جو ٻڍي رواني ٿي ويئي.

رستي ۾ ايندڙ کيتن ۾ وڃڻ لاءِ سسڻس سان گڏجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نڪتل جيويءَ کي پنهنجن سهيلين لاءِ. ماڻيجي هوندي ته به ماءُ ته سنديس ئي هئي، ڀائر ڀرائي هوَس؛ انهن سڀني لاءِ گهڻا گهڻا نياپا سنيها ڏيڻا هئا، پر هوءَ ٻڙڪ به نه ٻاهر ڪڍي سگهي. کيت وٽ پهتي ته هٻڪندي هچڪندي، ايتروئي چيائينس: ”منهنجي ماءُ کي، منهنجي ڀائرن ۽ ڀينرن کي، سڀني کي چئجو ته ..... جيوي توهان کي گهڻو گهڻو .....“ ۽ روئڻ کي روڪڻ لاءِ گهڻي ڪوشش ڪندي به ”ياد ٿي ڪري“ ايترو به هوءَ ڪڇي ڪانه سگهي.

سس جي وڃڻ کانپوءِ ته جيويءَ کي گهر جنسي برپٽ کان به برو ٿي لڳو. ايترو کڻي ٺيڪ هو جو رتن اچڻ وڃڻ لڳي هيس. پر اُنهيءَ کي به هڪڙي ڏينهن ڌوليي جهل ڪري ڇڏي. رتن جي ٻانهن پڪڙي گهران ٻاهر ڌڪيندي، اکيون ڦوٽاري ٻولياءِ: ”خبردار، جي وري هن گهر ۾ آئي آهين!“

جيوي چوڻ کان سواءِ رهي نه سگهي: ”ائين هن ڇوڪريءَ سان ڇوٿا وير پاڙيو؟“

ڌوليي کي اهو جملو ڀالي جي نوڪ جهڙو لڳو؛ پر ڪير ڄاڻي جو جيويءَ کي مارڻ جي سندس هاڻي همٿ ڪانه هلندي هئي. آيل غصي کي دٻائيندي، فقط ايترو چيائين: ”وير ته اڃا پڙيو ڪٿي آهي؟ هاڻي پاڙيو.“ ۽ جيويءَ جي دن به دن ڳرندڙ بدن تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڙيءَ نظر سان نهاريندي، چيائين: ”اتاوڙي ڇوٽي آهين؟“

هن کي ته خاطري هئي ته جيويءَ کي اهو جادو لڳل هو. جيويءَ جو سرير پڻ بلڪل ئي بدلجي ويو هو. ڌوليي کي ته هن جو هلڻ چلڻ به ڀوت جي پاڇي جهڙو ٿي لڳو. من ۾ ٿيس: ”گهر مان ته رن جو من ئي اڏامي ويو آهي نه! ۽ ڪيترا دفعا ته هو جادوءَ واري ڀوپي سان خيالن ۾ ڳالهائيندو پڻ هو: ”سالا، کائڻو هجيسي ته کائي ڇڏيس نه، پوءِ اکين اڳيان ته ٽري ويندي!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرڪرڻ ارڙهون

زندگيءَ جو زهر

ساوڻ مهيني جون پريون پريون بادلڙيون اچي مٿان ٿي وسڪارا ڪري هليون ٿي ويون. گهڙيءَ ۾ سوريه ڏسڻ ۾ ٿي آيو ۽ وري پوءِ بادلڙين ۾ لڪي ٿي ويو. پاڻيءَ سان ڀڄي پيت ٿي ويل ڳوٺ جي گهٽين ۾ ڪچري جا ڍير ڪنا ٿي ويا هئا، ۽ ٻئي پاسي هر يا پريا ڪيت هوا، جي سوسائن سان هن ڪان هن پاسي لهرائي رهيا هئا. پچندڙ اناج ٿي جهپ مارڻ جي ارادي سان طوطا ۽ ڪانو پڻ الڪ ملڪ مان اچي ڪيتن مٿان قسمت آزمائڻ لاءِ اُڏامڻ لڳا هئا.

اهو مهينو اهو ساڳيو ٿي هو ۽ جيريءَ جي جيون جو اهو ياد گار ڏينهن پڻ اچوڪو ٿي هو. پر اج واري ۽ گذريل سال جي ڏينهن ۾ آسمان زمين جو تفاوت هو. گذريل سال جي هن ڏينهن ٿي اُن جي آشا اُٿن ٿي هئي، پر اج ته انهيءَ آشا جي رڪ اُڏي رهي هئي. اچوڪو سارو ڏينهن اُن چرين وانگر ٿي - گهڙيءَ چوڏيل جي مني مني هير جهٽيندي، گهڙيءَ ۾ گرم گرم آنسون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وهائيندي، گهڙيءَ ۾ ڪانجيءَ سان باتيون لاتيون ڪندي، ته گهڙيءَ ۾ وري سن سناٽ ۾ پئجي ويندي، اهڙيءَ حالت ۾ ئي وتايو- اويرو رات جو ميلي تان موٽندڙ نوجوانڙين جا گيت ٻڌي ته ٻاهر پڻ نڪري آئي. پر ڪانجي آيو هجي ته ڏسڻ ۾ اچي نه؟ سڄي سندس رات رڇ روئندي وهامي ويئي.

صبح سان ٻوهر اُڇلڻ ئي ويئي ته سامهون ڪو شهر جو ماڻهو ايندو ڏٺائين. گلابي پٽڪو ٻڌل هوس. رنگين خميس مٿان شڪاري ڪوٽ چڙهيل هوس ۽ ڌوتي ته جڻ ڦوڪ مارڻ سان اُڏامي وڃي، اهڙي پر اڇي اُجري ٻگلي جي پرن جهڙي هئس. چوماسي جا ڏينهن هئا، تڏهن به ان بوٽ پاتو هو. هٿ ۾ ڇٽي به ڪل واري هؤس، ۽ وات ۾ پيل ٻيڙي ته پئسي هڪ واري (سگريٽ) هوس. جي بدن جي بيهڪ ۾ تفاوت نه هجيس ها ته آنند ماريو جيويءَ جو من بود ۾ ڀرجي نچڻ ٽپڻ لڳي ها. پر هن ٽاڻي ته مک مان هڪڙو ئي ٿڌو شوڪارو ڌيمو ڌيمو ٻاهر نڪتس.

بوٽ جي 'چين چين' آواز سان هلندڙ نوجوان جيويءَ ڏانهن هڪ خماريءَ ڀري اک کنئين ۽ تيزيءَ سان اڳتي وڌي ويو. جي ڪنهن کيس ڏٺو ٿي ته اهو کانئس سماچار پڇڻ ٿي لڳي ويو. جيويءَ ڪن ڏيئي ٿي ٻڌو: "نانا، اچي وئين ڀائي؟ خوش آهين، راضي پرسن؟ ڪانجي ۽ تون ٻئي هڪڙي ئي ڳوٺ ۾ آهيو نه؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو جوان کلي کلي جواب ڏيندي، ۽ وچ وچ ۾ سگريٽ جو دونهون ڪڍندي، ٻئي محلي ۾ مڙي ويو.'

پر جيويءَ جي دل کي هر کر وٺي ويئي. 'ڪڏهن هنکي ملان؟ ڪٿي ملانس؟ ضرور منهنجي لاءِ ڪو نياپو سنيهو آندو هوندائين! نه موڪليو هوندائين ته کهه پوي، پر مونکي ان جو حال چال ته ڪو ملندو؟' ۽ اهڙن اهڙن ويچار جي لهرن ۾ ٻڏل جيوي ڪهڙي وقت ٿي گهر ۾ گهڙي، ۾ ڪيتري وقت ۾ ڇيڻن جي ڇٻي ڀري ٿي ٻاهر نڪري، تنهنجي جيڪڏهن ڪونوند رکندو هجي ها، ته جيوي پنهنجي هٿن سان پاڻ ئي ڀري ٿي نڪري، سو خود ڏسڻ کان سواءِ جيڪر قيام مڃي ئي ڪين ها.

پر اهڙي نگراني هوءَ ڪيترو وقت رکي؟ چلهه تي دال چڙهيل هئي، پاڻيءَ جا گهڙا ٺڻ ٺڻ گوپال ٿي کڙڪيا. مونجهه ۾ پئجي ويل جيوي ويچار ڪندي پاڻ کي ئي مورکه محسوس ڪرڻ لڳي: 'پرديس مان آيو آهي، سو هيئن ڪو سيگهه ۾ ته ڪونه هليو ويندو؟ گهٽ ۾ گهٽ مهينو ڪي پندرهن ڏينهن ته رهندو؟' تنهن هوندي به پاڻي ڀريندي ڀريندي هن هن پاسي اکه ٽيٽ ته ڪندي ئي رهي.

ٻئي ڏينهن نانا پاڻ پنڊ ڀڳت جي گهر اچي سهڙيو. ڪانجيءَ کي مليل ويهن روپين واري نوڪريءَ جو، کيس پنجويهن واريءَ جو، ۽ تنهنکانپوءِ شهري زندگيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو وستار خوب شد مد سان ويٺي ڪيائين.

ويچاري جيوي! جگر جي ٽڪري جي، اک جي تاري جي، خبر چار بہ پڇي ڪانہ ٿي سگهي. هڪ مهل اڱڻ ۾ وڇڙو ٿي ٻڌائين تہ ايتري ۾ نانا کي چوندو پڻ ٻڌائين: ”اهائي هوءَ ڌوليي جي نئين ڪنوار آهي ڇا؟ جيوي نالو اٿس، ڇا اٿس؟“ ۽ سندس نظر جڏهن اُتس پيئي، تہ اُن پڇيس بہ سهين: ”ڪيئن جيوي ڀاڀي ڌوليو گهر ۾ ڪونهي ڇا؟“

”نہ“ چئي، جيوي ذرا مشڪي. ڀڳت کي ويٺل ڏسي مرم آيس. ساڙهيءَ جو پلؤ ڇڪي، منهن ڍڪيندي گهر ۾ گهڙي ويئي.

نيٺ چوٿين ڏينهن نانا کي ملڻ جو موقعو مليس. ڀڳت جي گهران کيس اُئندو ڏسي جيوي پڻ ان جي پٺيان پٺيان کيتن پاسي هلڻ لڳي. اڌ رستي تي ئي پهچي اُن کي جهليائين، پر حقيقت نانا پاڻ ئي ڌيمو ٿي ويو هو. جيويءَ ئي ڳائهائڻ جي شروعات ڪئي: ”شهر مان آيا آهيو تہ ڪو حال احوال تہ ٻڌايو نانا ڀائي.“

”توکي نہ ٻڌايان تہ ٻيو ڪنهن کي ٻڌائيندس، جيوي ڀاڀي! انهيءَ لاءِ تہ آءٌ توسان گڏجڻ جو وجهہ ڳولهي رهيو هوس.“ چئي، جيويءَ ڏانهن نهاري مشڪيو، جڻ تمام جهوني ڄاڻ پڇاڻ نہ هجين!

جيوي ڇاتيءَ تي هٿ رکي پڇڻ لڳي: ”مون سان گڏجڻ لاءِ؟ اسين حياتي ڀر ۾ هڪ ٻئي سان ڳالهايون تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءُ پهريون ٿي پيرو ٿا نہ؟....."

"سو سچ پر تنهنجي سچائپ تہ هتي اچڻ کان اول ٿي ٿي چڪي آهي." چئي، "ڪهڙيءَ طرح!" ائين پڇندڙ جيويءَ کي جڻ ٻڌندو نہ ڪين هجي، تيئن آهستگيءَ سان بوليا: "جيوي پاڻي! ڪانجي توکي ڏاڍو گهڻو ٿو ياد ڪري. آءٌ هتي اچڻ لاءِ نڪتس، تنهن جي اڳيءَ راتہ ٿي ان مون سان تنهنجون ڳالهيون ڪيون."

"ڪهڙيون؟" پڇندڙ جيويءَ جي دل جڻ تہ بيهجي ويئي. قاتل اکين ۾ ۽ هنجي هردي اندر انتظاري جاڳي اُٿي.

"اوپاريون لهواريون سڀئي، جيوي پاڻي! ڪانجيءَ جهڙي جي اکين ۾ پاڻي آهو هو، ائين چوان تہ هوند ڪير مڃي ٿي ڪين، پر اُنهيءَ راتہ تہ هو دل ڦاڙي رنو هو" چئي اندر ئين ڪيسي ۾ هٿ وجهي پڙيڪو ڪڍيائين، ۽ جيويءَ کي اهو ڏيندي چيائين: "اُن تنهنجي لاءِ هي ٻہ ڪنگڻيون ڏنيون آهن، پوءِ جي نشانيءَ طور ٿي."

وٺان تہ وٺان جي ويچارن ۾ جيويءَ هٿ ڏگهو ڪيو. پڇيائين، "پيو ڪجهہ چيائين؟ آهي تہ مزي ۾ تہ؟ ڪڏهن موٽي اچڻو آهي؟ ڪجهہ ٻڌايو اٿائين؟" ڌار ٿيڻ جي رستي تي پهچندي ٿي جيويءَ هڪڙا سوال پڇي ورتا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر نانا تہ آخرين سوال جو ئي جواب ڏنو: ”اچڻ جي ڪا پڪ ڪانہ اٿس، پر اچي ويندو ڏاريءَ تائين، ٻيو تہ موڪل ملڻ تي ۽ مدار آهي.“

جيويءَ کي اڃا تہ ڪيترا سارا سوال پڇڻا هئا، پر ايتري ۾ ئي گهٽيءَ مان ڏوليي کي نڪرندو ڏٺائين. قدم ڪڍندي پڇيائيمس: ”هاڻي تہ اڃا رهڻا آهيو نہ؟“ چئي، آهستي بولي: ”وڃڻ کان اڳي مونکي ملجو.“ پوءِ هلندي ئي.

ڏوليي جون اکيون ڦاٽي ويون هيون، پر ايتري ۾ نانا چئي ڏنو: ”اوهو، ڪيئن، ڏوليا ڀائي! هاڻي تون اسان سان ڳالهائيندين ئي ڇو؟ هينئر جيوي ڀاڀيءَ کان ۽ مون اهو ئي ٿي پڇيو تہ اسان جي ڏوليي ڀائيءَ کي ۽ پاروئو ساروئو تہ ڪونہ ڪارائيندي آهين نہ؟“

ڏوليي مشڪڻ جي ڪوشش ڪندي چيو: ”هاڻو ڙي ڀائي، گهر ۾ تہ پاروئو ۽ ڪاڻوئي پوي.“ ۽ پوءِ ڪڏهن آئين، ڪيئن ٿو هلين چلين، وغيرهہ هيڏانهن هوڏانهن جا سوال پڇي، گهر پاسي هلندو ٿيو. نانا جو گهر ۽ ويجهو وات تي ئي هو. گهر پاسي مڙڻ کان پهر ٻائين جيوي ويئي، اوڏانهن نهاريائين، پر هوءَ تہ گهٽيءَ ۾ لڙي هلي ويئي هئي.

ڏوليو گهر اچي تہ ڏسي تہ منجيءَ تي دلا خالي پيا آهن، چلهہ ۾ باهہ جي چڻڪ ۽ ڪانهي. حقو ڪٽي پاڙي مان اڳر ڪڍڻ ويو. چلم ۾ اڳرن وجهندي، چئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيو هو: ”هن گهر جو حال ته ڏسو! دلن ۾ پاڻيءَ جي ڦڙي به ڪانه ٺهي، ۽ هن وقت نڪتي آهي چارو کڻڻ. آخر ڪنهن جي ڪڏ تي ائين ڪندي هوندي؟“ ڀڻ ڀڻ ڪندو اڱڻ ۾ اچي ويٺو. کيس پڪ هئي ته هوءَ ڪانجيءَ جي سڌ سماءُ لهڻ لاءِ ئي چاري جو بهانو ڪري نانا پٺيان نڪتي هوندي. سندس هٿن ۾ خارس ٿي رهي هئي، ۽ اکيون ڄڻ اجهو ٿي ٻاهر نڪري آيس.

پر جيوي به اڄ پٺي ۽ دل سڀڪي سخت ڪري ئي کيت مان آئي هئي. گهر ۾ ڀري لاهيندي ئي، ”تون ته چارو کڻڻ ويئي هئينءَ نه؟“ انهيءَ سوال سان گڏ پٺيان گوڏي جي موڙ تي لت لڳس جيوي اُتي جو اُتي ڪري پيئي. ڌوليي لٺ کڻي ايتري ته مارڏنس، جو ڪڏهن جيڪا چوُن چان به ڪانه ڪندي هئي، سا جيوي اڄ رڙيون راڙا ڪري رهي هئي. ڀڳت گهر ۾ ڪونه هو ۽ ٻين پاڙيسرين کي ڪهڙي غرض پيئي هئي جو ڊڪي ڊوڙي اچن؟ جي هيرو گهر ۾ هجي ها ته اهو به اڄ اچڻ کان سواءِ رهي ڪونه سگهي ها ۽ جي اچي ها ته ڌوليي کي پري ڪرڻ جي بهاني ٻه چار ڦٽڪائي به ڪڍيس ها. آخر منوهر جو ٻڍو اچي سهڙيو. هيري جي ڀيڻ نائي ۽ پٺيانئس ڪنڪوُ پڻ اچي پهتيون. گهڻيءَ مشڪلات سان ڌوليي جي هٿن مان لٺ کسي، ان کي ڌڪي اڱڻ ۾ وٺي آيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڳڻ ۾ رکيل کٽولي تي جيوي اٿي سگهي ها ته گهڙيءَ ڀر لاءِ ئي ضرور اٿي ها ۽ روٽي به جيڪر تيار ڪري ها، پر اڄ ان جي هڏي هڏي ٿي ڪڙهي. تڏهن به سانجهيءَ ڌاري هوءَ اٿي کڙي ٿي. پاڻي ڪونه هو، تڏهن به پاڻيءَ جو گهڙو کڻي ڪونه ويئي پر کيت مان گاهه کڻي اچڻ لاءِ ته اوس نڪتي.

سچ پڇو ته هوءَ گاهه کڻڻ لاءِ ڪانه ويئي هئي، هوءَ ته ٻيو ڪجهه ئي کڻڻ لاءِ آئي هئي، تنهنڪري ئي ته هوءَ واڙي واڙي ڦري رهي هئي نه؟ پاڻ سان هڪڙو گاهه جو ويڙهو ٻڌي کنيو هئائين، سو ته رڳو بهاني خاطر. هيٺ نظر ڪري هلندڙ جيويءَ جي ڪنن تي گهر ۾ ڳالهيون ڪندڙ نانا جي آواز جو پرلاءُ پيو. ڪجهه ياد آيس، سو ڪپڙن تي هٿ ڦيري جاچيائين. پڙيڪو ٻاهر ڪڍندي، نانا جي گهر وٽ بيهي سڏ ڪيائين: ”نانا ڀائي! گهر ۾ آهي ڇا؟“

”ڪير آهي؟“ ڪندو، نانا دريءَ مان ڪنڌ ڪڍيو. جيويءَ کي ڏٺائين ته رستي تي نڪري آيو. منهن هيٺ ڪري ئي چيائينس: ”منهنجي ڪري توکي مار .....“

”توهانجي ڪري ڪجهه نه ٿيو آهي، ڀائي!“ چوندي، جيويءَ گهڻيءَ مشڪلات سان پنهنجا ڳوڙها روڪي رکيا. اهو پڙيڪو ڏيندي چيائينس: ”هي پنهنجي دوست کي ڏجو“ ۽ مهامصيبت سان منهن تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرڪ آڻي ٻولياءِ: ”۽ چئجوس ته ”جيويءَ پنهنجي طرفان هيءَ سوکڙي موڪلي اٿو.“ نڙيءَ صاف ڪندي منهن تي مشڪ آڻي، وري چيائينس: ”چئجوس، وَني آڻي، تڏهن منهنجي پاران هي پائجوس.“

”پر هي ته مون آند بون هيون، اهي ئي...“

”توهان چئجوس نه ته منهنجي پاران .....“ ائين چئي، ”مون موٽائي ڏنيون“ چئي، اکيون ڇنڀيندي جيوي کلي ٿي يا رني ٿي، سو ته نانا پڻ سلي ڪين سگهيو.

جيويءَ وري گلو صاف ڪيو ۽ چيائين: ”۽ چئجوس ته جيوي توهان کي سنڀاريندي سنڀاريندي ئي ....“ پر ڇا ٿي چوان، تنهنجي خيال ايندي ئي اُن ”ويئي هلي“ لفظ چوڻ کان پاڻ جهلي ورتو. جملو ئي ڦيرائي ويئي: ”اسان وري گڏجون الاجي نه گڏجون، سو ايترو ضرور ضرور چئجوس.... ۽ ....“ ۽ پاسي مان نڪرندڙ ڪن ٻن ڄڻن کي ڏسي يا وري ٻيو ڪو ڪارڻ هجي پر ترت ئي ان پٺ ورائي. اکين ۾ ڀرجي آيل پاڻيءَ ڪري هڪ ڀيرو ٺوڪر پڻ کاڌائين. نانا ته سندس پٺي ڏسندو ئي رهجي ويو.

پٺيان ايندڙ ماين جيويءَ کي نانا سان ڳالهيون ڪندو ڏٺو ته ڏندين آڱريون ٿي وين: ”هاءِ هاءِ، ڀيڻ، ڪهڙي آهي هيءَ ٻائي؟ گهڙي اول ته هڏيون ڀڃايون اٿس، تڏهن به هاڻي نانا سان ڳالهيون ڪرڻ ۾ مگن آهي. مارئي پٽئي ڌوليي ۾ ئي لل ڪوني،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ تہ برابر جي مرامت ڪريس تہ عمر ڀر جي علتن کان نہ جيڪر باز اچي وڃي؟ ناحق ٿا لوڪ ويچاري جا ڏوهہ ڪڍن."

صبح جو مار ڏيڻ کان پوءِ ڌوليو ڪيڏانهن ويو ۽ ڇا کاڌائين، تنهنجو پتو ئي ندارد، پر جيويءَ ڦلڪا ٿي ويليا تہ وري الاجي ڪٿان جو ڪٿان هو آڪڙيو ئي آڪڙيو اچي چڙهيو. ڪنهن ڳالهہ ڪئي هوندس، تڏهن ئي نہ؟ سڌو رڌڻي ۾ ويو. جيويءَ هڪ ڦلڪو ڪڍي چلهہ جي پاسي ۾ رکيو هو، ۽ ٿالهہ مان ٻن ٻين ڦلڪن جيترو اٽو کڻي ڳوهڻ جي تياري ڪري رهي هئي، تہ ايتري ۾ ڌوليي ڪرائيءَ کان پڪڙي ڇڪيس. ٿالهہ اونڌو ٿي پيو، تنهنجو پڻ ڪنهنکي سماءُ ئي ڪونہ رهيو.

"نڪر، رن! تون منهنجي گهر ۾ هڪ گهڙيءَ لاءِ بہ ڪانہ ٿي گهرجين. مون کي تنهنجو منهن ئي ڪونہ ڏسڻو آهي." چئي، اصل چانئٺ وٽ گهلي وڃي هنيائينس. ننر ڍڳي کي ڪاوڙ ۾ اچي نہ لتون ماربيون هجن، تيئن جيويءَ جي چيلهہ کي لتون هڻندي چيائينس: "وڃ هلي نہ تہ اڄ راتوڪي رات ۾ تنهنجو سر ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏيندس. سمجهيءِ!"

جيئن بجليءَ جو چمڪاٽ ٿيندو آهي، تيئن جيويءَ جي اکين ۾ غصي جو غبار ڏسڻ ۾ آيو، "تنهن کان اول تہ آءٌ ئي توکي لڏون کارايان، تون کائڻ تہ آءُ!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڌوليي جي گرجنا ۽ هٿ اڃا چالو هئا: ”مونکي اڄ توکي پورو ئي ڪرڻو آهي، پاڻهي خبر پوندءِ تہ اهڙو بہ ڪو مليو هو نہ وري.“

پٽئين محلي وارا ماڻهو ڊوڙي آيا. ڀڳت اچڻ سان ڌوليي کي مارڻ شروع ڪيو: ”هن جي هٿ جون گرم گرم مانيون کائجانءِ! تون هڪڙو ئي وَنيءَ وارو آهين ڇا؟ ويچاريءَ کي ماري ماري ڍانگو ڪيو اٿئي. پر جي ڪجهہ ٿي پيس تہ سڀاڻي تنهنجي لاک لاهيندوسانءِ. جي ڪاٺ نہ وجهايانءِ تہ منهنجو نالو بہ ڀڳت ئي ناهي.“

”اُٿ هاڻي تون بہ هل ڇوري،“ چئي، جيويءَ کي اٿاري گهر وٺي آيو.

ٻيو ڪير هجي ها تہ ڌوليو روڪڙو چکائيس ها: ’وڃ ڙي وڃ، هاڻي منهنجي گهر ۾ دخلگيري ڪرڻ وارو تون ڪهڙو مربي آيو آهين؟‘ مگر ڀڳت کان تہ هو ڊڄندو هو، ۽ مڃيندو بہ هو تہ ڀڳت جي همت ڌاري تہ ڪهڙي بہ ماڻهوءَ جي سوڪ ماني پچارائي ٿو سگهي. سو ڌوليو ماٺ ئي رهيو.

ڳوٺ جي زالن بہ هنکي خوب ٺپڪا هنيا. ڳچ دير بعد هڪ هڪ ٻہ ٻہ ڪري، ڪي گهر واپس وييون، تہ ڪي وري ڀڳت جي اڱڻ ۾ ويٺل روئي روڄ ڪندڙ جيويءَ کي دم دلاسو ڏيڻ لاءِ اُپڙيون.

ماڻهن جي ڀيڙ جهڪي ٿيڻ کان پوءِ هيري جي زال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏوليي کي سمجهائي ٻجهائي، ٿڌو ڪندي چيس:
”هاڻي اٿو، هلو. صبح جو به چلهه دکي ڪانه، سو کاڌو
توهان ڪيئن هوندو؟ اٿو منهنجي گهر هلو، ٻه گرهه
کائي کيت ۾ وڃي آرامي ٿيو. اجايو نه وڌيڪ ڌانڌل
ڪريو.“ چئي ڌوليي کي ٻانهن کان پڪڙي ڇڪڻ
لڳي، ”اٿو نه؟“

”نه نه، ڪنڪوُ ڀاڀي، ڇو ٿي هاڏ ماري ڪرين؟
کاڌو ته هتي به تيار آهي. تون پنهنجي گهر وڃ. آءٌ
پاڻيهي هتي کائي اٿندس.“

مگر ڪنڪوُءَ کي اڄ ڌوليي تي ڀروسو ڪونه هو.
ڌوليو گهر ۾ رهي، ۽ رات جو ڪاوڙجي ور چڙهي،
وري ڪو اُبتو سبتو ڪري وهي، تنهن کان ته کيس
کارائي پياري کيت ۾ روانو ڪريان، سوئي ٺيڪ ٿيندو.
ڪنڪوُءَ گهر ۾ اندر وڃي ڏٺو ته هڪ ڦلڪو پڪل
پيو هو. پنڊيون به جاچيائين پر اهي سڀ خالي هيون.

ٻاهر اچي ٿنڀي کي ٽيڪ ڏيئي بيٺل نڻان کي
چيائين: ”ناٿي ڀيڻ، اسان جي گهران وَٽيءَ ۾ ذرا دال
ته کڻي اچجانءِ. سگهو وڃ نه، ته هن کي کارائي هتان
اُپڙايون.“ چئي، وري ڌوليي وٽ آئي. ”هاڻي اٿو
ٿا، ڪين وري زوريءَ اٿاريانوَ؟“

ڌوليو اٿيو، نڪ سڻڪي، خفي ٿي چوڻ لڳو:
”پر مونکي بک ته بلڪل لڳي ڪانهي. ڪنڪوُ ڀاڀي،
ڇو ناحق منهنجي پٺيان اچي پيئي آهين؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ته هتي ٻيو وري آهي ڇا؟ هيءُ هڪ ئي ڦلڪو ته آهي. وٺو، هاڻي دال به آئي. انهيءَ سان کائي، هتان ئي وڃي ڪم تي چڙهو. توهان جا جهيڙا جهٽا ٻڌي ته هاڻي سڀيئي حويليءَ وارا تنگ ٿي پيا آهن.“

ڌوليو زبردستيءَ کائڻ ويٺو. وٽيءَ واري دال ٿالهيءَ ۾ وجهي، ان ۾ ڦلڪو ٽڪر ٽڪر ڪري ملايائين. چٻيو ته چٻئي جهڙو؛ مني ماني ته ڳيهي ويو. هٿن ڌوئندي چيائين: ”ڪير ڄاڻي اٽي ۾ ٻلي مٽي ويئي آهي الاجي ڇا؟ ڪوئي اٽو ڍڪي رکي، تڏهن نه؟ پوءِ ٿا ڏوهه ڏيو ته ماريس ٿو!“

”هائو هائو! توهان کي ته سڀ مهڻا ٿا لڳن. هاڻي انگرکو، تماڪ يا ٻيو ڪجهه کڻڻو هجيو ته کڻي گهر کان ٻاهر ته نڪرو.....“

”گهر وري کليو ئي پيو آهي، ڪنڪو ڀاڀي.“ چئي، ڌوليو کيت ڏانهن روانو ٿي ويو.

مگر هن پاسي ڀڳت جي گهر ٽيون هڪ ڪوتڪ بڻيو هو. جهيڻي آواز ۾ روئندڙ جيويءَ جي ڪنن تي ڌوليي کي کائڻ لاءِ اٿارڻ واسطي ڪنڪوءَ جي آواز جو پرلاءُ پيو. هڪدم سندس روئڻ بند ٿي ويو. ڀانءِ ته ڌوليي جي ٿالهيءَ ۾ پاڻ نه ڦلڪو وجهندي هجي، تيئن بنهه بانورين اکين سان نهارڻ لڳي. ٿالهيءَ کسيڙڻ لاءِ هٿ ٿي لنبائي ته ڏسي ته سامهون ڀڳت ۽ ٻيا ٻيٺ آهن.... ڀڳت کان منهن ڍڪڻ جو هوش به ڪونه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوس. ڏانهس ڏسندي ئي 'ڀڳت' نالي جي رڙ ۽ رودن گڏوگڏ نڪري آيس: "ڀڳت ڪاڪا!" پوءِ جهٽ پٽ ئي مونڊن ۾ منهن وجهي کڻي لڪايائين.

ڀڳت جي ڀرسان ويٺل ٻن چئن جوانن کي وسمي ته ضرور ورائي وئي. ڀڳت ته پڇيو به سهين: "ڇو، ڇا آهي؟" ۽ کيس چپ ڏسي، وري چيائين: "رودن ڪر پنهنجي ماءُ پيءُ وٽ وڃي! انهيءَ ۾ ڀڳت ڪاڪا ڇا ڪري؟"

هاڻي ٻيهر جيويءَ ڪنڌ مٿي کنيو. گهر پاسي اک ڦيرائي، وري منهن ڇپائي ڇڏيائين. دٻايل رودن جي ڪري يا من جي مونجهه ڪري. جيڪي به هجي، پر اُن جو سارو سرير ٿي ڏڪيو. ٽيون دفعو ته اُن اُئڻ جي به ڪوشش ڪئي، پر سندس اکيون ڄڻ هتان کان هتي ڦري رهيون هيون. ڪيڪ جهڙي هڪ وڏي رڙ ڪيائين: "ڀڳت ڪاڪا، ڦلڪي ۾.... غ.... ض..." پر "ب" چوڻ کان اڳ ۾ ته هوءَ ڍير ٿي ڪري پيئي. ڀڳت کن ڀر ته ويچار ۾ پئجي ويو، پر انهيءَ ويچار ڪرڻ کان بيهوش پيل جيويءَ جي ديکڀال وڌيڪ ضروري هئي. "اڙي، بيٺي ڏسو ڇا ٿا؟ مُورڇا ٿي ويئي آهي، سا ڪل ڪانه ٿي پويو؟ کڻي هلوس گهر ۾. آءٌ کٽولو کڻي ٿو اچان"

گهريءَ اڌ گهڙيءَ ۾ اهو سڀ ٿي گذريو. هڪڙو ڄڻو مٿي تي ٿڌي پاڻيءَ جي پٽي رکڻ ۾ لڳي ويس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻه ڄڻا بوڇڻ جي ڇيڙي سان هوا لڳائڻ ويٺس. ڀڳت نبض پڪڙي بيٺس. بوڇڻ جي 'ڦررر' جي آواز ۽ هنن چئن ڄڻن جي دلين جي دڪ دڪ کان سواءِ چوڌاري سن سناٽ ڇانيل هئي.

خالي گهر بند ڪري، جيويءَ کي سڏڻ لاءِ آيل ڪنڪو نه هيءُ حال ڏسي ورانڊي وٽ ئي بيهجي ويئي: "هاءِ هاءِ! هي ڇا ٿي ويو؟ ڀڳت ڪاڪا، هنن کي سڏيان؟ نانا وٽ بات چيت ڪرڻ ويا آهن. سڏ ڪندؤس ته ....."

ڀڳت وچ ۾ ئي چيو: "هو اچي ڪندو به ڇا؟"

ڪنڪو اندر وڃي هڪ ڪنڊ ۾ ٿي بيٺي. وڇڙيءَ جيان پنهنجي پٺيان پٺيان ڦرندڙ ناٿيءَ کي چيائين: "ڏس نه ڀيڻ، گهر ۾ نه ڪير گهڙي وڃي. هلندي ٿيءُ ته آءٌ به اچان ٿي. متان ڇورو به اٿي نه ويٺو هجي.

ناٿيءَ کي ته اهڙو ڏر وٺي ويو هو، جڻ ٻاهر نڪرنديس ته هوا ئي اچي گلو گهٽيندي، ائين ٿي سمجهيائين. ڀاڀيءَ جي پڙ کي پاڻ ڇپائي، لاڏ ڀرئي آواز ۾ چيائين: "ڪانه ٿي وڃان؛ هل، مونکي ته ڊپ ٿو ٿئي!"

لڳ ڀڳ اڌ رات ٿيڻ ۾ آئي هوندي، تڏهن جيويءَ اک پٽي: "آءٌ ڪٿي پيئي آهيان؟ هي سڀ ڪير آهن؟" انهيءَ پڪ پڪاڻي ڪرڻ بعد هوءَ جڏهن برابر هوش ۾ آئي، تڏهن ترت ئي اٿي وهڻ جي ڪيائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيري کي لڳو ته ڀڳت جي مان رکڻ لاءِ ئي جيوي اٿي رهي آهي. ”سمهي پيئي هج تون. ڀڳت ڪاڪا ٻاهر ٿو وڃي. ڪو خيال نه ڪر.“ چئي، ٻانهن کان جهلي هو کيس سمهارڻ لاءِ پڻ چريو.

”نه، مونکي پنهنجي گهر وڃڻ ڏيو. مونکي نه جهليو.“ گهٻرايل آواز ۾ چوندي، جيوي اٿي کڙي ٿي.

ڪپڙا ٺيڪ ٺاڪ ڪري نه ڪرڻ جهڙا، گهر طرف منهن ڪيائين. ڀڳت به چوڻ کانسواءِ رهي نه سگهيو: ”ر انهيءَ گهر ۾ تو لڌو به ڇا آهي جو ايتري ٿي اُٻهرائي ڪرين؟ چپ چاپ.....“

”آءٌ هينئر ٺيڪ آهيان. آءٌ گهر ئي ويندس.“ چوندي، جيوي ڀانءِ ته بلڪل تازي تواني نه هجي، تيئن تڪڙو گهر پاسي هلڻ لڳي.

”هاڻي ته ڪوئي هرج ڪونهي،“ چئي، هيري به موڪل گهري: ”ڀڳت، آءٌ به تڏهن هلان. کيت ۾ ته ڪير ڄاڻي سوئرن الاجي ڪيو ڇا هوندو؟“

مگر ڀڳت کي اڃا به ٿورو انديشو هو. ”ڀلي“ چئي هيري کي ها ته ڪيائين، پر سندس وڃڻ بعد وري ويچار آيس: ’هيري کي چيم ڪونه، هونءَ سندس زال کي جيويءَ سان سمهڻ لاءِ موڪلجي ها ته چڱو ٿئي ها.‘

جيئن به هجي پر ڀڳت پاڻ به کيت ۾ سمهڻ لاءِ وڃي ڪونه سگهيو. اڳڻ ۾ ويٺي ويٺي ڌوليي جي گهر اندر ڏسڻ ۾ ايندڙ جهڪيءَ روشنيءَ ڏانهن نهاري رهيو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڳي ڪڏهن ائين ڪونہ ٿيو هوس، مگر اڄ سندس دل ڄڻ هارجي ٿي ويئي.

پر گهر ۾ گهڙي چلهہ وٽ اچي ڦان ڦان ڪندڙ جيويءَ جو جيءُ تہ ڄڻ جيءَ ۾ ئي ڪونہ هو. هڪ دفعو دروازي تائين ويئي ۽ وري موٽي آئي. ٿالهيءَ تي نظر پيس. ساهہ ڄڻ مٺ ۾ اچي ويس. وري ٻيهر دروازي پاسي لڙي ۽ جهٽ پٽ اڱڻ لتاڙي، هڪدم بوتو بڻجي بيهي رهي. پٺتي ڦرڻ تي هئي تہ ايتري ۾ ڀڳت جو کنگهڻ ٻڌائين. جلدي جلدي انهيءَ طرف ڦري؛ پر ڀڳت جي ڇاپري تائين پهچندي پهچندي تہ ان جون ٽنگون ئي ڄڻ وسامي وييون هيون.

”ڇا هي جيوي ڪنوار؟ هيئن ڇو....؟“ اهڙيءَ طرح پڇندڙ ڀڳت جي ساد کيس همٿ ڏني. چانئٺ اورانگهي ۽ ڀڳت وٽ پهچندي ئي چيائين: ”جهٽ تہ ڪيو تڏي، ڀڳت ڪاڪا! اڄ مونکي سندن بچڻ جو آسرو ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي. ذرا جهٽ.....“

ڀڳت جي اکين اڳيان ڀانءِ تہ سارو پڙدو کلي ظاهر ٿي پيو. سرکو ٿي وهندي، چيائين: ”تون پنهنجي گهر وڃ. آءٌ بہ وڃان ٿو. مهوُڙي واري کيت ۾ ئي آهي نہ؟“

۽ ڪليءَ مان لڪڙي لاهيندي، ”تون گهبراءِ بلڪل ڪين ۽ گهر وڃي سمهي پؤ،“ چئي، گهر کوليائين. اوندهہ ۾ ئي رسوئي گهر اُگهاڙيائين. لوٽي ۾ گيهہ جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

برتن اوٽي، لوٽو کڻي ٻاهر نڪتو. دروازو بند ڪري، چانئٽ لهندي، چوندو ويو. ”عمر هوندس ته چڙهي پوندو، ڪجهه به نه ٿيندس. تون ماٺ ڪري وڃي گهر ٿانئيڪي ٿيءُ.“

مگر مچان تي مٿي چڙهي ڌوليي جو حال ڏسي ڀڳت کيس گيهه پيارڻ جو خيال موقوف رکيو. اونداهي رات جي ڀينڪر واتاورڻ کان ته مچان جي واءُ ڪيئي بار ڀينڪر هئي. اتي ڌيرج ڌاري وهڻ جي اگر ڪوئي جريت رکي ٿي سگهيو ته اهو هڪڙو ڀڳت يا ٻيو اهو جنهن جي نڪ اندري اصل ناس ٿي ويئي هجي.

ڀڳت ڌوليي جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهليو. نبض جاچيائين ته اها بنهه بغل ۾ وڃي نڪتي هئي ۽ ڏسندي ڏسندي ته اتان به الوپ ٿي ويئي. بس، پوئين هڪ ڇڙي هڻي، ڌوليي جو بدن بلڪل ڪاٺ بڻجي پيو.

زور سان هڪ ساهه کڻي، ڀڳت اٿي بيٺو. لوٽو کڻي، مچان تان لهي، گهر طرف هلڻ لڳو.

سر مٿان ڪارن ڪارن بادلن جي جهرمر هئي. نظر ۾ ايندڙ ايڪڙ ٻيڪڙ تارا ائين ٿي ڏسڻ ۾ آيا جڻ ڪنهن اتينت اونهي پرديس ۾ وڃي اُڀا ٿيا آهن. آسپاس جون دشائون انڌاري جي چادر تاڻي سمهڻ جي سعيي ۾ هيون. جيئن ڪو دئيت مُردن کي لتاڙيندو ويندو هجي، تيئن ڀڳت ڳوٺ پاسي پنڌ ڪري رهيو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳوٺ جي ڪتن اُن کي ويچارن مان جاڳايو. ويچارن جي ڳٺڙي ٻڌندي پنهنجو پاڻ کي چوڻ لڳو: 'انسان کي هيترو سارو عقل، هيتري ساري ٻڌي، تڏهن به آخر ۾ ته پنگلي جو پنگلو، نربل جو نربل.'

ڀڳت جو رخ سڌو دروازي ڏانهن هو. پاسي مان ڪجهه کڙکڙاهٽ جهڙو آواز آيس ته ڀڙڪيو: "ڪير آهي؟" ۽ جيويءَ کي ڏٺائين ته چيائينس: "هتي ٻاهر ڇو ويٺي آهين؟ گهر مان...."

"ڇا ٿيو، ڀڳت ڪاڪا؟" جيويءَ منهن به ڪونه ڍڪيو هو.

"جيڪي ٿيڻو هو سو ئي وري...." چئي، ڀڳت ٻوليو: "چڱو مونکي سندس هڪ جوڙي ڪپڙن جي ته آڻي ڏي."

"پر مونکي ٻڌايو ته سهين!" دروازي کولڻ بعد وري جيويءَ پڇيو ۽ ڀڳت ڏانهن نهاري رهي هئي.

"ڀلا تون ڪپڙا ته ڏي اول،" چئي، ڀڳت ٻوليو: "جيڪي ٿيڻو هو سو ته ٿي چڪو. هاڻي ٻڌي به تون ڇا ڪندينءَ؟ چڱو، هاڻي هل، دير ٿي ٿئي- هي لوٽو گهر ۾ رکجانءِ-" چئي، ڀڳت لوٽو دروازي وٽ رکيو. هلڻ لاءِ تيار جيويءَ کي وري چيائين: "ڏس، ٿيڻي ڳالهه ته ٿي ويئي. پر هاڻي دل کي ڏاڍي ڪرڻ ۾ ئي ڀلائي آهي، جڻ ته ڪو پتوئي ڪونه اٿئي. ايترو تو ڪيو ته باقي سڀڪي آءٌ سمجهي وٺندس."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سارو محلو سن سماهت ۾ هو. ٻين سڀني تي ڌاڪو ڄمائيندڙ ڀـُورو ڪتو ”هي ته ڀڳت ڪاڪا آهـي،“ چئي، سڀني کي سانت ۾ ڏسي، ”ڏسان تـه سهيـن ڪهڙو معاملو متو آهي؟“ انهيءَ ويچار سان نه آيو هجي، تيئن چانئٽ جي وچ ۾ اچي بيهي رهيو، ۽ ڪپڙا ڪڇ ۾ ڪـري کيتن ڏانهن ويندڙ ڀڳت جـي پٺيان پٺيان، ٿوري وٿي رکي هلڻ لڳو.

کيت جي مچان تان ڀڳت هيٺ لٿو ته هٿن ۾ گندا ڪپـڙا ۽ گودڙيءَ جو هڪ ميرو بنڊل هـوس. هيٺ پـيل ڇيڻو کڻي پرٻاهرو جهرڻي جي راهـه ورتائيـن. هيسيتائين مڪن ۾ ويهـي رهيل ڀـُوري ڪتـي وري سندس پٺ ورتي.

اوندهه ۾ جهرڻي جو پاڻي يڪساهيءَ وهي رهيـو هو. پاڻيءَ جي اونهائيءَ کان ڀڳت جي مغز جي اونهائي زيادهتـر هئي. سوچ ويچار بعد هتان جي تانگهه بـه لاٿائين. ڌوتي نپوڙي ڪلهي تـي ڌريـائين. هلندي هلندي وري هنن ٻرندڙ ڪپڙن تـي نظر پيس تـه ڪجهه ياد آيس، سو پٺتي موٽيو. ڪناري تان هڪڙي لڪڙي کڻي، اڌ ٻريل ڪپڙن کي نديءَ جي وهڪري ۾ وجهي، هو هلندو ٿيو ڳوٺ جي پاسي.

هـن مهل تائـين ڪناري تي ويٺل ڀُورو به هاڻـي گڏجي هلڻ لڳس. ڀڳت پٺ ورائي نهاريو. ڀُوري کي ڏسي ذرا ڇرڪ ڀريائين ۽ من جو من ۾ کلـي ڏنائين. ”ڏٺءِ نه ڀُورا، هي سڀ تماشا؟“ چئي، ڀر ۾ هلندڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀُوري کي ڄڻ ڪي سمجهائيندو نہ هجي تيئن ٻوليائين:
”اسان انسانن کي تہ اهڙو ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪرڻو ئي ٿو پوي، ڀائي!“

آلي ڌوتي ڪليءَ تي سڪڻ لاءِ وجهي ڀڳت کٽولي تي ليٽيو. تنهن مهل اڀرندڙ سوريہ جي آگمن لاءِ ڪڪڙن ٻانگ ڏيڻ شروع ڪري ڇڏي هئي. جنڊن جي ’گهررر گهررر‘ جا آواز چالو ٿي چڪا هئا. گدڙ پڻ ’هووي! هووي ڪندا حدون ڇڏي رهيا هئا.

مچان جي هيٺان رکيل ڌوليي جي لاش اڳيان ويٺل سڀني جي وات ۾ ڀڳت جا لفظ هئا: ”ها ڀائي ها، سڀ نانگ ئي ڏنگي ويس.“ پر سندن اکين مان تہ ”نيٺ رنڙيءَ ويچاري جو سر کنيو، تڏهن ئي سانت آيس!“ اهو ٿي ظاهر ٿيو.

۽ اهڙيءَ ئي درشٽيءَ سان ڏسندڙ ڳوٺ جي زالن درميان ويٺل جيويءَ جي من جو ڪهڙو حال هو، سو چوڻ مشڪل آهي. ڪنگڻيون ٽوڙيندي، هڪڙيءَ مائيءَ تہ ايترو بہ چيو: ”هيئن جي ڪرڻو هوس تہ مٺيءَ اهي باتيون باقي ڇا جي لاءِ؟“

پر اهو سڀ سڻڻ يا سوچڻ جهڙي حالت ئي جيويءَ جي رهي ڪانہ هئي، ۽ سڻي سمجهي بہ کڻي تڏهن بہ انهيءَ ۾ خاص نوينتا ڪهڙي هئي؟ ڌوليي کي مون ئي زهر ڏنو آهي سو تہ خود هوءَ پنهنجو پاڻ کي مڃي مڃائي ويٺي هئي. زالن جي چوڻ باوجود هوءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ ڪو رني ٿي ۽ نہ ڪو ورلاپ ٿي ڪڍيائين. جن چيس آکيس ٿي، تن ڏانهن رڳو واڙن وانگر ٿي نهاريندي رهي.

۽ هڪڙي پار تہ اهو ٺيڪ بہ هو، نہ تہ سانجهيءَ ٽاڻي جو ٻڍي اچي، پهتي تنهنجا ورلاپ، تنهنجون گاريون ٻڌڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پويس ها. ٻڍيءَ کي ماٺ ڪرائڻ لاءِ آيل زالون منهنجي ڪمبختين جون ڪهڙيون ڪهڙيون ڳالهيون ڪري رهيون هيون، تن ٻڌڻ لاءِ بہ هوءَ بلڪل لاپرواهہ هئي. هوءَ فقط اڱڻ جي ٿنڀي ڀرسان افق ڏانهن گهور ڪري نهاري رهي هئي. سندس اکين ۾ ويچارن جي هڪ اڌ لهر بہ نہ ڪا ٿي آئي، نہ ڪا ٿي ويئي. لسي ڍوڍو کائڻ لاءِ ڪن اٿاريس، تڏهن هوءَ ڇو اٿي، تنهنجي بہ سمڪ ڪانہ رهيس. گؤندن جي ڀرسان وهاري اڳيانئس ٿالهي رکيائون، پر هوءَ کائڻ جي بدران وري ٿالهيءَ کي تڪي ڏسڻ لڳي ۽ بہ چار زالون تہ اُن کي سمجهائي سمجهائي ٿڪجي پييون. پر جيوي جيڪڏهن سمجهڻ جهڙي هوش ۾ هجي تہ سمجهي نہ!

مگر ٻئي ڏينهن تہ اُن کاڌو بہ ٺيڪ ۽ گهر جو ڪم ڪار پڻ برابر طرح ڪيائين. پر سو سڀ چاٻيءَ تي هلندڙ گڏيءَ وانگر ئي. نہ ڪجهہ ڳالهائڻو، نہ ڪجهہ ٻولهائڻو. ڪنڌ ڌوڻي ها يا نہ جو جواب سو ڏنائين ٿي، باقي زبان اصل ڪانہ ٿي هلايائين.

سندس ماٽيجي ماءُ منهن پائڻ لاءِ آئي هئي، ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان پسڻ چپ ٿي ڪين چوريائين. ڀاءُ ڀرائيءَ جو حال احوال به ڪونه پڇيائين. ماڻس ڇهن مهينن جي عذر لهڻ کان پوءِ کيس گهر وٺي وڃڻ جي ڳالهه ڇيڙي، تنهن جو به هن ڪوئي جواب ڪونه ڏنو.

ڪپڙن پهرڻ جو به سماءُ به ڪونه رهيو هوس. جيئن ٿي آيس، تيئن ٿي پائي ڇڏيائين. مٿي جا وار به اڌ ڇڙيا هوا ۾ ٿي اُڏامندا رهيس.

پر جيويءَ جي حالت سمجهندڙ ڀڳت ائين ٿي چيو: ”موت جو زهر ته اڳي پوءِ سڀني کي پيئڻو آهي، پر ههڙو زندگيءَ جو زهر ڀوڳڻ ڏاڍو ڏکيو آهي، ڀائي!“

ڪنهن ڪنهن کي ته اُتس ديا ٿي آئي ۽ چيائون به ٿي: ”ويچاريءَ جو حال ته ڏسو؟ عقل چرخ ٿي ويو ٿو ڏسجيس!“

ته گهڻن وري ائين ٿي چيو: ”عقل ڇا جو چرخ ٿيو اٿس! تنهنجو منهنجو عقل چرخ ڪري ڇڏي، هيءَ ته اهڙي آهي، ڀيڻ! هيءَ ته ڍونگ ڪري چرين وانگر ٿي هلي.“ ۽ اهڙي قسم جا ته گهڻائي قصا ٿي ڪٽيا. ڪئين دفعا ٿورا گهڻا لفظ جيويءَ جي ڪنن تي به پوندا هئا، پر اُهي هڪ ڪن کان اچي، ٻئي ڪن کان نڪري ويندا هئس. بس ايتروئي سڄو ڏينهن سس ۽ ڏير واڪا رڙيون ڪندا هئس ۽ ڳالهه ڳالهه تي گاريون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سخن ٿيندا هئس، تن کي به هوءَ ورائي 'چون چان' چوندي آکيندي ڪانه هئي.

انهيءَ سڀ هوندي به جڏهن هوءَ پاڻي ڀرڻ ويندي هئي، تڏهن کوهه ۾ نوڙيءَ لاهيندي لاهيندي کيتن جي بلڪل ئي پار-سامهون نظر ايندڙ بادلن جي ٻئي پاسي نه ڏسندي هجي، تيئن پيئي روز تڪيندي هئي؛ چڻ ته دور دور جي افق مان ڪوئي اچڻو نه هجي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرڪرڻ اڻويهون

گانو ٿيو بهانو

وجيه ڏونڪو وڄائيندڙ بڊي وارو ميگهه ملهار ڌرتيءَ کان رخصت وٺي چڪو هو. لهري لالن وانگر ناچ نوچ ڪري لنگهندڙ بادلن کان سواءِ آڪاس لڳ ڀڳ صاف ٿي ڏٺو ۽ ايندڙ سياري جي سواگت ۾ گلال اڏائيندڙ سوريه پڻ است ٿي چڪو هو. شڪل پکش جي ٻيج جو چنڊ اُفق وٽ بيٺي بيٺي مرڪي مشڪي رهيو هو.

گهرن ۾ شرد رتوءَ جي آگمن جا گانا گيت چالو ٿي ويا هئا. اوڌڙيا جي ماڻهن پڻ هرڪنهن سال وانگر ڳوٺ جي وچ ۾ گربن جو انتظام ڪيو هو. ننڍڙين ڇوڪرين ته آڏن ٽيڏن گيتن سان شروعات به ڪري ڇڏي. مگر سانجهي ٿي ويئي، تڏهن به نه اڃا ڳوٺ جا جوان گيتن ڳائڻ لاءِ ڪٺا ٿيا ۽ نه آيون ڪي جوانڙيون.

جيتوڻيڪ پهريان هڪ ٻه ڏينهن ته قصو ائين ئي هلندو آهي، هڪ ٻه ڄڻا اچن ۽ جيڏن سرتن کي نه ڏسي موٽي وڃن، اتي وري ٻيا ٽي چار ڄڻا اچن ۽ اهي پڻ هنن ٻارڙين جي منڊلي ڏسي نراس ٿي واپس ورن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر جي ڪوئي سڏ ڪرڻ وارو زبردستيءَ روڪي رکڻ وارو اتي هوندو، ته پهرئين ڏينهن ئي ڀلي دير دير سان ئي پر شروعات اوس ئي ويندي ۽ شروعات ٿيڻ کان پوءِ ڪنهن کي ڪوٺڻ يا زور ڀرڻ جي ذري ماتر به ضرورت ڪانه پوندي. هرڪنهن ڳوٺ ۾ ۽ ههڙي هرڪنهن سنگ لاءِ گهر جي شادي شغل وانگر، سمورو بار پنهنجي سر تي کڻندڙ ۽ زور ڪري شروعات ڪرائيندڙ ڪو نه ڪو مائيءَ جو لال هوندو ئي هوندو آهي.

اوڌڙيا ۾ اهڙيءَ پدويءَ جو اڌڪاري، خاص ڪري گيتن ڳائڻ واريءَ بابت ۾ اگر ڪوئي هو ته اهو هڪڙو ڪانجي ئي هو. انهيءَ کان سواءِ اڄ ٽي ڏينهن گذري ويا هئا، تڏهن به ڄڻ سڄ پئي واڪا ڪيا. هڪڙيءَ مائيءَ ته چئي به ڏنو: ”جي ڪانو ڀائي هتي هجي ها ته ڇا گيتن گانن جي ڌم نه متي پيئي هجي ها؟“

ڀر واري کٽولي تي ٻن چئن ڄڻن سان گڏ ويٺل ڀڳت جي ڪنن تي اهي لفظ پيا. ٻولياءِ: ”تڏهن ئي ته سياڻن چيو آهي: ٻه ڍڳا هجن، ٻه ڀڳا هجن، ٻه ٽنڊا هجن، ٻه لنڊا هجن، ٻه سياڻا هجن، ٻه اياڻا هجن، اهڙا ڪي هڪ هنڌ هجن، تڏهن ئي ڳوٺ وسيل چئجي.“ ۽ مڇن تي ذرا هٿ ڦيرائيندي چيائين: ”ڪهڙو نه سمو اچي ويو آهي!“

تڏهن ڀڳت جي ئي سڻايل آکاڻي ياد اچڻ تي منوهر چئي ڏنو: ”سمو هرو ڀرو اهڙو ڪونهي، ڀڳت ڪاڪا! اها ته رن ويل ئي اهڙي آهي!“ ۽ کلڻ لڳو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀڳت ڏانهن نهاريندي چيائين: ”مار پوين، وَٺ پوين، ڪوئي گانا ڪين ڳائي ته، ڀڳت ڪاڪا! توهين ئي ’سمي‘ جي ۽ ’ويل‘ جي آکاڻي کڻي ٻڌايو - هي سڀ ٻڌن ته سهين!“

پوءِ ته زالن پڻ ڀڳت تي زور ڀريو: ”ٻڌايو ٻڌايو، ڀڳت ڪاڪا، اسانکي به ڪڏهن ته اهڙي آکاڻي ٻڌايو! پهريائين اڃا ڪنهن ڪنهن ڏينهن ٻڌائيندا هئا، پر هاڻي ته توهين به صفا سمي جهڙا ٿي پيا آهيو!“

ٻار ٻچا پڻ ڀڳت جي کٽولي جي آسپاس ٺهي ٺڪي ويٺا. ٿورو پريان بنڊ تي ويٺل ٻن چئن جوانن به هڪڙو کٽولو ريڙهي اچي ڀڳت جي ڀرسان ديرو دمايو. جوانڙيون به سري پري اڳيرو آيون -

ڀڳت هينئر بي وس هو. ٿورو کنگهي آکاڻيءَ جي شروعات ڪيائين:

”سمي نالي هڪڙو آدمي هو. هڪ ڏينهن اهو پاسي واري وڏي ڳوٺ مان ڪوسو دوسڙو وٺڻ ويو. مرچ ٿيا، مصالح ٿيا، سيڌو ٿيو، پاڌو ٿيو، ائين شيون ڳنهندي دير پئجي ويس. سمي تڪڙ ڪئي. انهن لوڻ مرچن وغيره جون پڙيون هڪ ٿيلهيءَ ۾ وجهي ڪنڌي تي کنئي ۽ تيل جو شيشو هٿ ۾ ڪري ڊگهيون ڊگهيون ٻرانگون پائي هلڻ لڳو.

”هلندي هلندي سمي پئي مَن ۾ گهاٽ گهڙيا: ’اڄ ته گهر وڃي اهڙي ڪا سڪي ڀاڄي ٺاهيندس، جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بس! تيل ته ورتو اٿم، ديگڙي ۾ ٻه ڪيويون وجهي، مٿان ٿوري ميٿيءَ جي رائي ڏيئي اهڙي ڪا ڀاڄي ڀڃي تيار ڪبي!' پر سمو ڀڃي ڇا ڪاپار؟ انهيءَ جي گهر اهڙو ڪجهه هوئي ڪو نه، جنهن مان سڪو ساڳ ٺهي سگهي. پر سما ڀائيءَ کي اهڙي ڪا سمڪ ڪانه هئي. کيس ته اڄ مس مس مليل سرسي تيل سان سٺو داڳ ڀڃڻو هو. ان جي مغز ۾ ٿيار ٿيندڙ داڳ جو دونهون ڄڻ نڪ ۾ نه هليو ويو هجي، تيئن سمي کي هاڻي کنگهه به اچي ورايو - پر پوءِ گهر پهچي ڀلي ته هر روز وانگي پيو ديگڙي ۾ ڪيوي ڦيرائي نه!"

ايسيتائين ڳالهه هلندي هلندي، دور ويٺل زالون به ڪير ڄاڻي ڪهڙيءَ گهڙيءَ چري پري ويجهو اچي ٿيون. گربا ڳائيندڙ ڇوڪريون پڻ وجهه وٺي اتي اچي ويٺيون. محلي جي ٻڍن ماڻهن کي انهيءَ وارتا جي هٻڪار آئي، ته اهي به چپ چاپ اچي کٽولي جي ايس کي ٽيڪ ڏيئي ويٺا. هنڊڙي پڻ ڀانءِ ته ڪهاڻي ٻڌڻ ۾ لين ٿي ويئي هجي، تيئن سڌي سنئين لاٽ ڪڍي هڪ ڪري ٿي ٻري. سڀني جون اکيون ڀڳت ۾ کتل هيون ۽ جي هڪڙيءَ ٻڍيءَ جي نظر نه پئجي وڃي ها ته هنڊڙيءَ ۾ ٻرندڙ ڏياڻيءَ جو گيهه ڪهڙيءَ مهل ڪتي پنهنجي پيٽ ۾ ڳرڪايو، تنهنجي ڪل ڪنهن کي ڪانه پوي ها.

حقي جون ٻه ڦوڪون ڇڪي، ڀڳت آکاڻي اڳتي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هلائي. ايتري ۾ وري هيري جهڙو سر وٺائيندڙ بہ اچي سهڙيو. پوءِ تہ ڪهڙي ڳالهہ ڪجي!

”پوءِ تہ سمي ڀائيءَ ’ڪڻڪ جي روٽي پچائيندس، ڪنڪوُ ڀاڀيءَ جي گهران ٿورو گيهہ بہ کڻي ايندس، ۽ .....‘ اهڙيءَ طرح خوب خوب پئي پاڻ ريجهايو، ۽ رستي جو رستي ۾ ئي کاڌو پڻ تيار ڪري ڇڏيائين. ائين ڪندي کائڻ لاءِ وهڻ جو خيال ٿو ڪري تہ ايتري ۾ ان جي ڪن تي ڪنهن زال جي آواز جهڙو پر لاءُ پيو. سمي سوچيو، گهر ۾ تہ ڪا زال آهي ئي ڪانہ، سو هيءَ ڳالهائي ڪير ٿي؟ پٺتي نظر ورائي تہ ڇا ٿو ڏسي هڪ تہ پاڻ ئي سهڪندو پيو رستي تي هلي، ۽ ٻي ساڄي پاسي کان ڪا زائفان پڻ گهلجندي پيئي اچي. سمي ڀائيءَ کي ڍلي ٿيڻ تي من تہ گهڻو ئي پئي ٿيو، پر روب رباب ۾ تڪڙي وک ئي جاري رکيائين.

”زائفان ٻيو دفعو پڇيس: ”ڪهڙي ڳوٺ رهندو آهين؟‘

”سمي ڀائيءَ ٻڌايس، ’اوڌڙيا‘، ۽ اڳتي وڌندو هليو.“

پنهنجي ئي ڳوٺ جو نالو ٻڌي ماڻهو کڙکڙاٽ ڪري کلڻ لڳا: ”هوندو ڪوئي هيرا ڀائيءَ جهڙو.“ تہ ٻئي وري ٻئي ڪنهن جو نالو کنيو.

ڀڳت اڳتي وڌيو: ”اها مائي اسان جي هن ڪاڙيءَ جهڙي زبان جي ڇوٽ هوندي. پڇيائينس، ”پر پنهنجو نالو تہ ٻڌايو؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”سمي ڀائيءَ ’منهنجو نالو آهي سمو،‘ چئي، پنهن جي ڍلي ٿيندڙ من جي لغام کي ڇڪيو. پوءِ وري تيزيءَ سان هلڻ لڳو.

”هن مائيءَ ذرا نخري سان چيس، ’اوهو هو! هيئن گز گز جون ٻرانگون پائي ٿا هلو. جيڪر گڏجي ڪين هلو؟‘

”سمي ڀائيءَ جي پيرن تي ڄڻ ڪنهن لٺ نه ماري هجي، تيئن من ۾ ٿيس، ’ٻه ته ٻارهان‘ ۽ ڍلو پوندي پڇيائينس، ’پر پنهنجو نالو ته مونکي ٻڌاءِ ڪين!‘

مائيءَ ’منهنجو نالو آهي ويل‘، چئي پنهنجون تارن جهڙيون اکيون کڻي سمي ۾ کپايون.

سمو ڀائي ذرا موج ۾ آيو. چيائينس: ’نالو ته چڱو رکايو اٿيئي، هان!‘

پر ويل به ان کان ٻه آڱر وڌ هئي، گهٽ نه هئي. چپن ۾ مشڪندي چيائينس: ’ته توهان جي نالي ۾ وري ڪهڙي ڪوتاهي آهي؟ سمو ڪهڙو نه سندر نالو آهي!‘ چئي، هوءَ سمي ڀائيءَ ڏانهن فريبي نگاهن سان نهارڻ لڳي.

آکاڻي هلائيندي ڀڳت ناٽڪي نموني اشارا به ٿي ڪيا. اهي ڏسي زالون اهڙو ته کلي کلي ٿي کيريون ٿيون، جو پيٽ ۾ پئي سور پين.

ڀڳت اڳتي وڌيو: ”ائين ڪندي ڪندي ٻئي ڄڻا سانجهيءَ ڌاري اوڌڙيا ۾ اچي پهتا. سمي کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويچار آيو، 'واهه ڙي ٻچا، زال زائفان کي سنگ ڏنءِ، سو ته ٺيڪ، پر هاڻي هوءَ ويندي ڪيڏانهن؟' محلي جي ناڪي وٽ ئي سمو ڀائي بيهجي ويو. ويل کان پڇيائين، 'پر تون ويندينءَ ڪيڏانهن؟'

"مائيءَ کي ته عجب لڳو. سمي جي منهن ڏانهن نهاريندي چيائين، 'ڇو؟ توهان ئي ته چيو ٿي آءٌ اوڌڙيا ۾ رهندو آهيان. توهان جو گهر ته هوندو نه؟'

"ڪياڙي کنهندي کنهندي، سمو ڀائي ٻوليو، 'گهر ته آهي! پ ... ر گهر ۾ ته آءٌ ڇڙو ڇانڊ آهيان!'

"ويل چيس ته 'آءٌ به ڇڙي ڇانڊ آهيان نه؟' چوندي، هوءَ اڳتي وڌي."

"ويچارو سمو ڀائي به ڊڄندو ڊڄندو - 'ڪير ڏسي ته ڪونه ٿو؟' ائين هٻڪندو هچڪندو پٺيان هلڻ لڳس."

"سمو پوءِ چيلهه جي زنجيريءَ ۾ ٻڌل ڪنجي ڇوڙڻ لڳو، پر تنهن کان اول ته ويل ئي ڇوڙي وڌي، ۽ ڄڻ پاڻ گهر جي ڌياڻي نه هجي، تيئن گهر کولي اندر گهڙي. سمو ڀائي ائين ته وري شوقين طبع هو! کيسي ۾ تيلين جو پڙو به رکندو هو ۽ شهر مان پئسي جون پان ٻيڙيون به وٺندو آيو هو. ويل تيلي کڻي ڏيئو ٻاريو. اکين ڦاڙي بيٺل سمي جي هٿن مان تيل جو شيشو وٺي، کيس 'وهو هن کٽولي تي!' چئي، شيشو ڀت ۾ لڳل ڪليءَ ۾ لٽڪايائين. سمو ته دنڀ رهجي ويو. 'واهه ٻيٽا! ڪليءَ هوندي به تون شيشو چلهه جي پاسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ڇو رکندو هئين؟ ايترو به ڪين سمجهيءَ؟' پوءِ ته ويل ٿيلهي کڻي مڙي سان گهر ۾ داٻو ڪري ويٺي. ننڍيون ننڍيون پڙيون جاچيندي، 'هن ۾ ڇا آهي؟ هن ۾ ڇا آهي؟' ائين پڇندي، هڪ پٺيان هڪ کوليندي ويئي.

"کٽولي تي ويٺل سمو، 'چاهي ڪيترو به کڻي ڪر، پر گهر ته ڪا زال ئي سنڀالي، سما!' انهيءَ اونهي ويچار ۾ پئجي ويو."

هيري سر وٺايس، "ها وري سما ڀائي!" ۽ لوڪن ڏانهن نهاريندي چيائين: "هڪ ته ڇڙو ڇانڊ مڙس ۽ ٻي وري مليس پوپٽيءَ جهڙي ٻائي، پوءِ ڇو ڪين ائين ٿيندو؟"

ڀڳت اڳتي وڌيو: "پوءِ ته ڀائي سمي جي سنان لاءِ ويل گرم پاڻي تيار ڪيو ۽ سڪا مگ رڌي ٽي ڦلڪا به پچائي ڪڍيائين. سمو کائڻ ويٺو ته ٿيڻ لڳس، 'مڃ ڪي نه مڃ، سما، پر هيءَ ته ڪا اڳئين جنم جي ساٿڻ ٿي لڳي!"

"توهالکي ائين لڳندو ئي!" ڪاڙيءَ آهستي چيو.

ڀڳت چوڻ لڳو: "ويل ويٺي جاچيو ته ڪڏهن ٿو سمي جي ٿالهيءَ ۾ ڦلڪو پورو ٿئي ته ٻيو وجهانس. پر ڦلڪو به کائجي ته پورو ٿئي نه؟ کائيندڙ ته اڄ خوشيءَ ۾ ئي ڪونه ٿي ماپيو سمايو. هڪڙو گرهه وات ۾ وجهي وري وري پيو ويل ڏانهن نهاري. ويل چوڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سواءِ رهي نہ سگهي: 'ڇڏيو نہ، ڇا جي ڌانڌل لڳائي ويٺا آهيو؟'.

"سمي کلي چيو: 'ههڙي ويل هن جنم ۾ وري ڪڏهن ....' پر 'ايندي' چوي ئي چوي، تنهن کان اڳ ئي، 'ويل تہ اچي ويئي آهي نہ؟ من ٿانئيڪو ڪري کائو نہ ماٺ ميٺ ۾!' ويل چئي ڏنس."

هيري کان نڪري ويو: "ڏٺو لچيءَ جي هوشياري! ڪهڙي نہ چالاڪ ٻائي آهي!"

"چالاڪ تہ بيشڪ آهي!" چئي لوڪ کلڻ لڳا.

"پوءِ ڀڳت ڪاڪا؟" منوهر پڇيو.

"ذرا حقو تہ پيئڻ ڏيو." چئي، ڀڳت بہ چار سوُٽا هڻي، حقو وري ڦيرائي رکيو. چيائين: "پوءِ تہ کائي پي واندا ٿي ٻئي ڄڻا ڳالهيون ڪندا ڪندا سمهي پيا!"

ڀر ۾ پيل کٽولي تان ڪنهن جوان جو سوال آيو: "گڏجي ڪين جدا جدا!" ۽ انهيءَ سوال سڄيءَ سنگت کي تہ ڇا پر ڀڳت کي بہ کلائي وڌو. ڀڳت جواب پڻ ڏيئي ڇڏيو: "اهو تہ سڀڪي پاڻ ئي سمجهي ڇڏيو، ڀائي! سمي جهڙي اڪيلي سر وٽ مهمان ئي ڪهڙا ايندا ويندا هئا جو بہ چار کٽولا رکي؟" ۽ اهو ٻڌنديئي وري ٻيهر لوڪ اڳ کان بہ وڌيڪ زور سان کلڻ لڳا.

"ٻيو ڏينهن ٿيو تہ ماڻهن کي انهيءَ ويل اچڻ جي خبر پيئي. ٿورن ڏينهن لاءِ تہ لوڪن ائين پئي سمجهيو تہ هوندس ڪا مٽياڻي مائٽياڻي. پر ڪهڙي بہ مٽياڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مائٽياڻي هجي، تڏهن به رهي رهي کڻي ٻه چار ڏينهن رهندي، ڏهه پندرهن ڏينهن ٿوروئي رهندي؟

”۽ هاڻي ته سمي ڀائيءَ جي روُش پڻ بلڪل ئي بدلجي ويئي. نه وڃي پاڻي ڀرڻ، نه رهيس ڪو ڇڙڻ ڏرڻ جو ئي بوجو. سنان ٺاهه پاڻي به ويل ئي ڀري آڻيندي هئي.

”پاڻيهارن کان رهيو نه ويو، سو ويل کان پڇيائون: ’اَئي ويل، تنهنجي ۽ سمي جي پاڻ ۾ ڪهڙي مائٽي آهي؟‘

”ويل به جهڙين سان تهڙي ٿي ملي. چوين، ’سو ته توهين سمي کان ئي پڇو نه!‘

لوڪن وري سمي کان پڇيو، ’اي سما، تنهنجي گهر هيءَ ڪير اچي لٿي آهي؟‘

”کٽولي تي آڏو ليٽي حڻي کي ’ٻڙ ٻڙ ٻرڙ‘ ڪرائيندي سمي جواب ڏنو، ’ويل وري، ٻي ڪير اچڻ واري هوندي؟‘

”’اڙي، ويل! سو ته اسين به ٿا سمجهون، پر تو ۽ انهيءَ جي وچ ۾ ناتو ڪهڙو آهي؟“ هيري جهڙي مڇڏوءَ پڇيس.

”انهيءَ کي سمي پڻ اهو ئي جواب ڏنو، ’سو ته توهين ويل کان ئي پڇجو نه!“

۽ جيڪي ڀڳت کي چوڻو هو، سو ئي ڳوٺ جي زالن چئي ڏنو: ”واهه جو پٽيو سمو به پنهنجو مٽ پاڻ نڪتو!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايتري ۾ زبان تائين اکر آڻي روڪي بيٺل منوهر اُڇل سان چئي ڏنو: ”انهيءَ ۾ ويچارو سمو ڇا ڪري؟ اها ته رن ويل ئي اهڙي آهي!“

تڏهن ڀر مان مکيءَ ٻوليو: ”ڀائي ڪنهنجو به ڏوهه ڪڍڻ اجايو آهي. سمو ۽ ويل ٻئي هڪجهڙائي آهن.“

۽ ڀڳت آکاڻيءَ کي سماپت ڪندي ڀوڳ پاتو: ”تنهن ڏينهن کان وٺي سمو ۽ ويل هڪ ٿي ويا آهن.“

ماڻهن کي به ڄڻ هاڻ ئي سمجهه ۾ آيو. سو چيائون: ”ها ڙي ڀائي! سمو چئو يا ويل چئو، آهن ته ٻئي ساڳئي جا ساڳيائي“ ۽ ”اڙي باپ ڙي، منهنجي ته پيرن کي ننڊ اچي ويئي!“ ڪندا، اُٿي کڙا ٿيا.

پر ايتري ۾ ڀڳت چئي ڏنو: ”ائين ڪو به هليو نه وڃي. اڄ سڀ ڪٺا ٿيا آهيو ته گانا ڳائي پوءِ ئي ڌار ٿيو. آکاڻي ڪا مون ائين ئي ڪانه ٻڌائي اٿيمانو، سمجهو ڪي؟“

عام ڪنهن ڏينهن تي به ڀڳت کي ناراض ڪرڻ جي ڪنهن کي همٿ ڪانه ٿيندي هئي، سو اڄ وري ڪيئن ٿي ڪير ساري سگهيو؟ تنهن سواءِ هاڻ سڀيئي ڳائڻ جي اُتساهه ۾ به هئا. اُن گهڙيءَ ۾ ئي ڌن مچي ويئي.

آڏو ليٽي حقي جي ٻڙ ٻڙ ڪندي، ڀڳت هنن جوانن جوانڙين کي گربي جي ڌن ۾ ڏسي، من ۾ ويچار ڪرڻ لڳو: ”تڏهن ڇا؟ جوانيءَ جا اهي پنج سال ئي ته ڳائڻ نچڻ جا آهن!“ ۽ هڪ اونهو ساهه کڻي وڌيڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيائين: ”پوءِ تہ ڪير ڪنهن کي چوندو ته ڪين ٿـ اُئي ڳاءِ وڃاءِ.“

ماڻيءَ جا نندا نندا پنج اوراٽا ڳايائون، تنهن کانپوءِ تہ جوان روڪ ٽوڪ کان ٿي ٻاهر نڪري وياء. پير بـ هاڻي ٿي مستيءَ ۾ اچي وين ۽ نڙي ۾ ڪلي پيئي هوَن. چئن جوانن ڳاڙايو ٿي، باقي جوان ۽ استريون سر ملائي رهيا هئا:

”پيما سڳوڙ جي گهٽي، پيما سـوڙهي او ڪيڏي،
پيما ڍڳـو جـي وٺـان، آءٌ هيڪلي او هيڏي،
ٿهنجو وانجهارو تـ پيما، رهي تـو پرديس ڙي،
اڌ جوانـي ڪـوهـيءَ پيما، ڪير هڪليس ڙي؟“

ڪير ڄاڻي ڪيئن پڳت کـي اوچتو ڪانجيءَ جي ياد اچي پيئي، ۽ جيئن ٿي هڪڙو اونهو ساهہ اندر ڪڍي اهو ٻاهر ٿي ڪڍيائين تہ ايتري ۾ ڪو چوڪرو خبر ڪڍي آيو: ”ڪانو ڀائي اچي ويو آهي. اٿي جيڪي وينا هئا، تن سيني جي ڪنن تائين اها ڳالهہ پهچي ويئي. گانن ڳائيندڙ هيري ٻڌ بڌي، جهت ٻاهر نڪري ويو. ٻـر پڳت ڪيس روڪيو، ”تون ڳائيندو ٿيءَ تـ ڪيس هتي ٿي تا سڏايون.“ ۽ پڳت ايترو واتان ڪڍيو مس تہ هڪ جي بدران ٿي چوڪرا ڊوڙي ته ويا.

ڳوٺ جي زالـن پنيان ڪروندڙي ٿي ڪير ويٺي هئي. ڀاءِ تہ پوهہ جي سر ڊين ۾ سڪي نہ ويئي هجي! ڪانجيءَ جي خبر بڌندي اُن ڪنڌ مٿي ڪنيو. اٿڻ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوشش ڪيائين پر اٿي نہ سگهي. ايتري ۾ ڪانجي ڏسڻ ۾ آيو. انهن سڀني مان شايد انهيءَ ئي کيس پهريائين ڏٺو هجي. اهو ئي لال پٽڪو ۽ اُهي ئي خميس ۽ ڪوٽ. هلڻ چلڻ بہ اصل جهڙو تيز تڪڙو هوس. شڪل ٿوري سڪل ٿي لڳس. ٿي سگهي ٿو تہ اوندهہ جي ڪري ائين ٿي لڳو. پر اهو سڀ ان هڪ ئي پل ۾ جاچي ورتو هو. ٻي نظر ڊوڙائيندي تہ هوءَ اُٿي کڙي ٿي ۽ ٻانهون ٻڌي، منهن هيٺ ڪري ۽ پير دٻائيندي هلندي ٿي.

هڪڙيءَ زال تہ پٺيانئس نٿتچيني بہ ڪئي: ”ٻڙي، مڙس مئي پورو مهينو بہ ڪونہ ٿيو اٿس ۽ رن آئي آهي گانا ٻڌڻ! ڪا لڄ بہ اچيس ٿي؟“

تڏهن وري جيويءَ جي محلي ۾ رهندڙ هڪ مائيءَ چئي ڏنو: ”توهين تہ ڳالهيون ڪري ڄاڻو، پر هيءَ ويچاري ڇا ڪري؟ ڪن ئي سيڪاٽجي وڃن، اهڙيون گاريون رات ڏينهن ڪيئن ٻڌي سگهي، ڀيڻ؟ انهيءَ کان هتي اچي ٻہ گهڙيون وهي تہ من تہ ٻيءَ پويس. پاڻ کي ڪٿي ڳائڻو هوس، جو لڄ ڪري؟ ٻڍيءَ جي ڪڙاڪن کان تہ هاڻي سڄو محلو ’توبهہ توبهہ‘ ڪري پيو پڪاري.“

هوڏانهن ٻئي پاسي ڀڳت ڪانجيءَ کي ڏسندي ئي چئي رهيو هو: ”اوهو هو! هيترو دير سان رات جو ٿون ڪٿان، ڀائي؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀڳت کي گڏجي، 'رام رام' ڪري، ڪانجيءَ وراڻيس:
"سج لٿي ته موٽر منگد ۾ لاٿو، پوءِ دير ته پوندي نه؟"
سڀني سان ملڻ بعد ڪانجي ڀڳت وٽ اچي ويٺو،
پر منوهر ۽ ٻين جوانن اُنکي ڳائڻ لاءِ آگرهه ڪيو:
"ٿڪجي ته پيو هوندين، ڪانا ڀائي؛ پر هڪ ٻه گيت
ته توکي ڳائڻا ئي پوندا. اسان به اڄ ئي شروع ڪيا آهن."
ڀڳت کي پڻ اها ڳالهه وڻي. ڪانجيءَ کي حڪي
جون ٻه ڦوڪون ڏياري، پاڻ ئي اُٿاريائينس: "تو سواءِ
ته سڀ ڀينگ هئي. هنن سڀني کي گيت ڪيئن ڳائجن
سو ته ذرا سيکار، اُٿ زوراور!"
ڪانجي اُٿيو ۽ هيري جي گلي ۾ ٻانهن وڌائين.
هيري وري منوهر جي گلي ۾، ۽ منوهر چوٿين ڪنهن
جي. اهڙيءَ طرح نچندي نچندي، گر ٻي جي چوڌاري
چار پنج چڪر ته ائين ئي ماريائون. ڪانجيءَ هيري
سان صلاح ڪري ورتي: "ڪهڙو ڳايون؟" ٻن چئن
گيتن جا نالا کنيائين. پر هيري 'اهي ته ڳايا اٿئون'
چئي، نابري واري. آخر ڪانجيءَ نئون هڪ گيت
آرنڀ ڪيو. هيري کي ان سٽ ڳائي ٻڌائي، سر ۽ ٿلهه
جو خيال ڏنائينس. منوهر ۽ ٻيو هڪ جوان ٻئي پاسي
ٿيا. سامهون وارا جيسيتائين سر وٺائين، تيسيتائين ڪانجي
ٻي سٽ هيري کي چئي ٿي ٻڌائي:
"راجوڻ، هڪ پنبڻيءَ سان اُڇليو مٿي،
ٻيءَ سان جهٽي وڌائين ڙي!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪانجيءَ جي انهيءَ هڪ ئي سٽ ماڻهن جي دلين کي بيتاب ڪري ڇڏيو. ٻيو دفعو اها ساڳي سٽ دهرائي واتاورڻ کي جڻ پنهنجي قبضي ۾ آڻيندو هجي، تيئن هٿ ڪنن کي ڏيئي، ٻي سٽ ڳايائين:

”کير جهڙيون اَڇيون اَکڙيون اوجل ڌوتائين،
ڪجل سان پوءِ ڪاريون سي خوب ڪيائين ڙي.“

۽ ٽينءَ سٽ چوندي ڀانءِ ته هو خود ماڻهن کي به ڪين وساري ويٺو هجي، ائين هٿن جا اشارا ۽ واٽ جا اُچارا هڪ تان ۾ اچي ويس:

”راجوڻ، ڪوڏ سان پنهنجي بدن تي ڪڏايو،
پر ڇاتيءَ تان دور ڪري ڦٽو ڪيائين ڙي.
راجوڻ، آڱر سان اچڻ جو ته ڪيو اشارو،
پر آڱوٺي دوکو ڏيئي ڌڪي ڪڍيائين ڙي.“

۽ پويون سٽون ڳائيندي ڳائيندي، ڄڻ ته ڪنهنکي هو منائي رهيو هو. ڌيمي ڌيمي لڏندڙ انهيءَ آواز ۾ اهڙو ته درد ٿي ڀاسيو، ڀانءِ ته سندس آتما پگهرجي ان ۾ سمائجي نه ويئي هجي! آسمان ۾ هڪ بادلڙي به الاجي ڪٿان اچي پرگهٽ ٿي هئي:

”راجوڻ، پري ڀڄان ۽ توکي ڇڏيان،
پوءِ چوندو وتان سؤر ستايو ڙي؛
راجوڻ، ڏينهن جو کلان، راٽ رئندو رهان،
ڇو ڦندي ۾ تو آ ڦسايو ڙي؟
آءٌ عرض ڪريان، پنهنجي نيڻن ۾،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون سرمي جيئان مون سماءِ ڙي.
ڪارين پنهنجي ڪٽارين سان،
اڄ کان ڪين ڪهاءِ ڙي!"

گيت پوري ٿيڻ سان کن ڀر لاءِ اهڙي ته گنڀير شانتي ڦهلجي ويئي، جو پاسي واريءَ ڀت وٽان ڪنهنجي جهيڻن سڏڪن جهڙو به ڪي ٻڌڻ ۾ آيو. تنهنڪري ته هڪڙيءَ مائيءَ ورجايو: "ٻڙي هن گهر ۾ ڪنهنجو ٻار ٿو روئي ڇا؟"

"هوندو ڪنهنجو نه ڪنهنجو" چوندي، ٻي هڪ مائي اُٿي کڙي ٿي.

"اڙي هاڻي ته ڪڪڙ به ٻانگ ڏني. اُٿو سڀيئي." چئي، ٽين مائي به اُٿي. پر ايتري ۾ وري چئن پنجن ڇوڪرين سان گڏ ڪاڙيءَ کي اڀو ڪندو ڏٺائون. اُن ناٿيءَ سان ڪا صلاح ڪئي؛ پوءِ مشڪندي گربي ۾ شامل ٿي ڦرڻ لڳي. هڪڙيءَ مائيءَ ته چئي ڏنو: "ڇوڙي، اڃا تون باقي رهجي ٿي ويئينءَ ڇا؟"

ٻي هڪ مائي مرڪندي ٻولي: "نڪو، پر ڪانجي ڀائيءَ کي واپسي جواب ڏيڻ کانسواءِ ڪا هيءَ رهندي؟"

ڪاڙي به ڳوٺ ۾ 'گانن جو گاڏو' ڪري ليکبي هئي. ڪانجيءَ جي گاني ۽ سو به وري اهڙي گاني جي جواب ڏيڻ کانسواءِ هوءَ ڪيئن ٿي رهي سگهي؟ ڪانجي ماڻهن جي چوڻ پرماڻي پاڻ ڪوتائون ٺاهيندو هو ته ڪاڙي وري ڪنهن الڪ ملڪ مان سکي ايندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي، ۽ انهيءَ پنهنجي آتم وشواس جي ٻل جو ثبوت نہ ڏيندي هجي، تيئن ڪاڙيءَ سٽ ڳائي:

”گيت اڌ ۾ ڪين ڇڏجانءِ، او ڙي بالما،
گيت اڌ ۾ ڪين ڇڏجانءِ ڙي.“

ٽہ تاڙي تار سان ڦرندڙ ڪاليءَ جي ناز ۾ ڪو عجيب راز هو. سڌو سنئون کڙي ٿي، پوءِ جو وراڪو ٿي ڏنائين تہ سندس بدن جي بيهڪ ۽ ٽنگن جي پنين کي چهٽندڙ گهاگهري جو گهيرو ۽ تن سان گڏ وري گلي جو سريلو آواز، انهن سڀني جي ميلاپ جي ڪاميابي تہ فقط هڪ ڪاڙيءَ جي ئي ڪرامت هئي.

ڪانجيءَ حقو ڇڏي، گيت پاسي ڪن ڏنو:

”دل ۾ اٿئي سو ظاهر ڪجانءِ، او ڙي بالما،
چپن تي اٿئي، سو ٻاهر ڪڍجانءِ. ڙي گيت اڌ ۾....“

۽ انهيءَ ۾ ڄڻ اڃا ڪوتاهي هئي، سو ڪاڙيءَ ڪانجيءَ ڏانهن ٿورو منهن ڦيرائيندي ٻي ڪڙي ڳائي:

”دلڙين سان نہ راند رمجانءِ، او ڙي بالما،
ڀورڙن سان نہ کيل کيلجانءِ ڙي، گيت اڌ ۾....“

ڪانجيءَ هڪ لنبو ساهہ کنيو ۽ ان کان پوءِ واري ڪڙي ٻڌي، هو ساهہ کڻڻ بہ ڀلجي ويو.

”اوري سڏي پوءِ نہ ڌڪو ڏجانءِ، او ڙي بالما،
دل کان دور نہ ڌڪو ڏجانءِ ڙي. گيت اڌ ۾....

۽ آخرين ڪڙي ٻڌي تہ ڪانجي روئي رهيو هو، يا کلي رهيو هو، سو سندس منهن مان سمجهڻ مشڪل هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”دل کان ڪڏي نہ پري ڪجانءِ، او ڙي بالما،
دل سان ڪين چريا کيلجانءِ ڙي!
انهيءَ کان پوءِ تہ ڪاڙيءَ سان گڏ ڪانجيءَ جي دل
پڻ ڳائي روئي رهي هئي:
”گيت اڌ ۾ ڪين ڇڏجانءِ، او ڙي بالما،
چپن تي آيل ڪين ٿڏجانءِ ڙي!“
ڪانجيءَ جي اکين ۾ پاڻي هو ۽ ڪاڙيءَ ڏانهن
منڊيل ماڻهن جي اکين ۾ آشچريہ ۽ آنند ٻئي هئا. زالن
کي ڏندين آگريون هيون.
”ڪير ڄاڻي رن ڪٿان ڪٿان ٿي سکي اچي! هڪ هڪ
ڀلئون تي ڀل ٿي ڪڍي!“ تہ ڪن وري ڪانجيءَ کي
بہ ٿي داد ڏنو: ”تڏهن ڪانو ڀائي بہ ڇا ۾ گهٽ آهي؟
الک ڄاڻي، پنهنجو پاڻ ٿو ناهي ڪي الائي ڪنهن
پستڪ مان ٿو ڪڍي؟“ ۽ اهڙيءَ طرح ڳالهيون ڪندي
ڪندي، زالون ڇڙو ڇڙ ٿيڻ لڳيون.
ڀڳت ۽ هيري ڀيڳو هلندڙ ڪانجي بہ گهر طرف
وريو. مغز ۾ تہ اهو ”گيت اڌ ۾ نہ ڇڏجانءِ“ ئي وڄي
رهيو هوس.
اويري رات تائين جاڳندي پئجي رهيل ڪانجيءَ
کي تہ ائين پئي لڳو تہ: ’ڀلا اهو جيويءَ تہ ناهي جوڙيو؟‘
۽ هڪ ٿڌو ساهہ کڻي پاسو ڦيرائيندي چيائين: ’گيت
اڌ ۾ ڇڏڻ جهڙو ئي تہ ٿيو آهي نہ!‘

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرڪرڻ ويهون

آيو ٿيو نہ سجايو

پرهہ ڦٽي باکون ڪڍيون. ڀڳت جي آڳنڌ واريءَ سگريءَ ۾ ٻہ پٿر ۽ هڪ ٻرندڙ لڪڙي اٿهن ٽن چيزن تي ٻاٽلو رکيل هو. ٻاٽليءَ ۾ پاڻي، ڳڙ ۽ چانهہ اهي ٽيئي شيون گڏجي مسجي پئي ڪڙهيون.

گهر واريءَ چلهہ تي چاڙهيل هنڊيءَ ۾ دال وجهي ڀڳت ٻاهر آيو. سگريءَ پاسي نظر ڪندي چپر جي هيٺان بيهي پڪاريائين: ”اڙي هيرا! ڪيتري دير اٿيئي؟“

”اجهو آيس ڀڳت،“ وراڻي ڏيندو هيرو کير جو لوٽو لوڏيندو، پهچي ويو. ڪمري ۾ پير پائيندي، ڀڳت پريان رتن جو هٿ پڪڙي ڪانجيءَ کي پڻ ايندو ڏٺو. سامهون منوهر بہ ري سڏائي اچي سهڙيو ۽ چانهہ ڇاڻيندي ڇاڻيندي تہ کيت جا لانگهائو ٻيا ٽي جڻا بہ ڀڳت جي ٿوري ئي اشاري تي ڊاٻو ڪري اچي وينا.

پتل جي ڪوپن ۽ بسين جا فقط بہ ٽي جُتَ موجود

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئا. پر هرڪنهن لاءِ ڪوپ به هجي ۽ بسي به هجي، تڏهن ئي چانهه پي سگهجي، سو ڪو ٿوروئي لازمي هو؟ باقي ڪانجي ته هاڻي شهري هو، سو انهيءَ کي ته ڪوپ ۽ بسي ٻئي ڏيڻ ضروري هئا. پر ٻين لاءِ ته ڪوپ يا بسي ٻنهي مان جيڪي آيو سو ٺهيو، ٽن ڄڻن کي چانهه ڏيڻ کان پوءِ هيرو وهلور وڃڻ لڳو ته اهي ڪوپ بسيون جيسين خالي ٿين، تيسين جيڪڏهن ويهي رهبو ته جنهن جي هٿ ۾ ڏوئي، بک مرندو سوئي. هو وڏيون ٻرانگون ڀريندو گهر مان ٻه وٽيون ۽ تسري کڻي آيو. ڀڳت ۽ ٻئي هڪڙي کي وٽيون ڏنائين، منوهر کي تسري ۽ پاڻ جئين اڃا لوٽو ئي پئي وات ۾ وڌائين ته ايتري ۾ ٻه ڪوپ ۽ بسي به خالي ٿي آيون. (ڪانجي واريءَ بسيءَ ۾ رتن چانهه پي رهي هئي) پر انهن ڌوئڻ ڪرڻ جي خفي کان هيئن ئي ٺيڪ آهي، اهو خيال ڪري هيرو ڀنگ نه ڳرڪائيندو هجي، تيئن ٻانهن اوچي ڪري لوٽو پنهنجي وات ۾ اوتيائين.

ڪانجيءَ ته چيس به سهين: ”هاڻي هيءَ بسي وٺ نه، سڙي نه وڃين!“

هيري وات جي ڪپي ۾ ڀريل چانهه جي ڳيت ڪندي، چيو: ”توکي وري ٻيٽ به ڪهڙي آهي؟ اڌ ٻيٽ پڄري وڃي، اهڙي گرم چانهه جو نه پيئجي، تنهن کان ته لسي ڇو نه پيئجي؟“ ۽ باقي رهيل چانهه وات ۾ ڳرڪائڻ کان اڳ چيائين: ”ايتري لاءِ بسيءَ ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تسريءَ جي ڇا وات ڏسڻ ويهي رهان؟" چئي، وري وات جي ڪوپ ۾ لوٽو اونڌو ڪري، خالي لوٽو پاسيرو ڪري رکيائين. هيري جيئن وات ۾ چانهه ٿي وڌي، تيئن ڏانهنس ڏسندي، ڪانجيءَ کان به نڪري ويو: "پر سچ پڇين هيرا! ته تنهنجو وات ڪو ڪوپ کان ننڍڙو ته ڪونهي. ڪيئن! توکي خيال آيو هوندو، ته ڪوپ ۾ چانهه ٽمٽار ڪري ڀريندس ته گهڻي ڏسڻ ۾ ايندي، تنهن کان وجهه نه لوٽو ٻوٿ ۾."

"انهيءَ ۾ ته ڪو شڪ ئي ڪونهي، ڪانجي!" چئي، ڀڳت وڌيڪ ٻوليو: "ٻن ڏينهن کان ته مانجهي مڙس چانهه بڻائي رهجي ويو هو، سو جي اهو ليکو ليکجي ته اها ڪا گهڻي ڪين چئبي،" چئي، ڀڳت ٻن ڏينهن پهريائين جي ڳالهه ڪرڻ لڳو.

پر هنن کيت ۾ وڃڻ وارن ماڻهن کي وڌيڪ وقت وهڻ ڏکيو ٿي لڳو. هڪ ڄڻي چلم جي ڦل ۾ اگر وڌا، باقي ٻن مان هڪڙي چيو: "چڱو، ڀڳت، اسان ته اٿون ٿا، نه ته توهان جون ڳالهيون هليون ته 'ماءُ جي ليکي پٽ ويو آهي کٽڻ، پر ٽنگيو پيو آهي بندرابن ۾' اهڙي ڪار ٿيندي،" چئي، ڏاڻا کڻي ٽهڪ ڏيندا ٽيئي ڄڻا رستو وٺي راهي ٿيا.

"اڙي، مونکي به ته اٿڻو ئي آهي نه!" چئي، ڀڳت حقي پيئڻ لاءِ نئڙيو.

هيري منوهر ڏانهن ٻاٽلو، ڪوپ وغيره سوريندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اڙي ڏسو ته سهين، هي سڀ ڀڳت ڪاڪا جي سر تي مڙهي ٿا وڃن!“ چئي، منوهر جي سر تي مڙهي ڇڏيائين. ڀڳت کان حقو وٺندي، ”ڏيو نه ڀڳت! ذرا ٻه ڦوڪون ته هڻڻ ڏيو.“ چئي وڏا ٻه سوٽا چاڙهي اٿي کڙو ٿيو.

ڪانجيءَ هيري ڏانهن نهاريندي چيو: ”توهين سڀيئي ته پنهنجي پنهنجي ڌنڌن ۾ غلطان آهيو، پر ڀڳت جي ڪا ديکڀال به ڪندا آهيو ڪين نه؟“

”ڀڳت جو ته هاڻي هڪ ئي کيت آهي، ٻيو ڇا؟ سڀاڻي ته ڪين، باقي پرهينءَ ڀڳت جي کيت پاسي وڃڻو آهي.“ چئي، هيرو هلندو ٿيو.

ڀڳت ٻه ڍڳا رکيا هئا سو برابر، پر گهڻي ڀاڱي ته سندس کيتيءَ جو سمورو ڪم ڳوٺ ئي ڪري ڏيندو هوس.

ڪانجيءَ کي جيتوڻيڪ اُبهرائي ته هئي، تڏهن به کيس ڀڳت سان ڪي ڳالهيون جو ڪرڻيون هيون، سو ڪجهه چوڻ تي هو ته ايتري ۾ ”آءٌ ذرا دال جو سماءُ ڪري اچان،“ چئي، ڀڳت کي اٿندو ڏٺائين. ڪانجي ”ڀلي“ چئي، چپ ٿي ويو.

ٻئي ٽنگون کٽولي تي رکي، مونڊن جي چوڌاري ٻانهون ٻڌي، ڪانجي ويٺو هو. سندس نظر سامهون واري گهر ۾ وڃي اڙي هئي. جيويءَ کي اُن به ٽي دفعا ڏٺو هو، پر پوري شڪل ڏسڻ جو وجهه ئي ڪونه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مليو هوس. پوءِ اک سان اک ملڻ جي ته بات ئي ڪهڙي؟

انهيءَ کان اڳ ۾ ڪانجيءَ کي ڳوٺ جي خبرن چارن ڏيندي، گهڻن ماڻهن ساڻس جيويءَ جون ڳالهيون ڪري ڇڏيون هيون. پر انهن ڳالهين ۾ ڌڪار جي ورتڻ يا غصي وارين گارين جو ورتانت ڪونه هو. بلڪ، ”رن کي ڪرڻو هو، سو ته ڪري چڪي، پر هاڻي پنهنجي پاپين ٿي کهه ٿئي. توهين ڏسجو ته سهين، ڪيترو نه سڪي ڪنڊا ٿي ويئي آهي! نه ٿي ڪنهن سان ڳالهائي ٻولهائي ۽ نه ٿي ڪم هاج ۾ ڪوڌيان ڏئي. ڪڏهن ڪڏهن کڻي کلندي ته جڻ اصل ڏائڻ وانگر ڀؤ وٺي وڃي، بس ائين!“

انهن سڀني ڳالهين تي غور ڪندي، ڪانجيءَ جي دماغ ۾ اڃا اهو ڪونه ٿي ويٺو ته جيويءَ ڪو زهر ڏنو هوندو.

ڀڳت کي اچڻ ۾ شايد وقت لڳندو ۽ ڳالهيون ڪندي ڪندي ته ماڳهين وڌيڪ دير ٿي ويندي، سو ڪانجيءَ ڀرسان ئي کيڏندڙ رتن کي سڏي چيو: ”وڃ ٻيٽي، پنهنجي ماءُ کي وڃي ٻڌاءِ ته ڪاڪي لاءِ ڪين ترسجو. هو پر ٻاهرو کيت ۾ ويندو.“ ۽ اهڙيءَ طرح ان کي برابر ياد ڪرائي، گهر ڏانهن روانو ڪيائين.

ڪاڪي جي آندل نئين گهگهري ۽ اوڍڻي مٿي تي کڻي، چڱيءَ طرح سنڀاليندي، رتن ڀڳت جو اڱڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ته پسار ڪيو، پر ايتري ۾ گهر کان ٻاهر نڪرندڙ جيويءَ
تي وڃي سندس اک پيئي. خوش خبري ڏيڻ کان
رتن رهي به ڪيئن سگهي؟ ڀڳت سان ڳالهيون ڪندڙ
ڪاڪي ڏانهن نظر ڪري، وري جيويءَ پاسي ٻه قدم
ڀري، ٻوڪ ڪيائين: ”ڪاڪي، او ڪاڪي! ڏس
ته هوڏانهن ڪاڪا....“

ڪانجيءَ جي ڪنن تي اهو آواز پيو ته هڪدم
ڌمڪايائينس: ”وڃين ٿي، ڪين اچان؟“ رتن کان
وڌيڪ ڊپ ته جيويءَ کي لڳو. منهن ورائي ڪانجيءَ
ڏانهن نظر ڪيائين، پر ٻنهي جون اکيون هڪ ٻئي سان
ملي ڪين سگهيون. اڃا تائين ڪانجي ڪاوڙ ڀريءَ
نگاهه سان رتن جي پٺيءَ ڏانهن نهاري رهيو هو. ڪم
۾ رڌل جيويءَ کان هڪ ٿڌو ساهه نڪري ويو.

ڪانجيءَ کي ڀڳت کان ڪجهه پڇڻو هو، پر اها ڳالهه
ڪير ڄاڻي، اُن ڪڍيس ئي ڪانه. هڪ ٻي ڳالهه
پڇيائينس: ”مونکي ڌوليي جي گهر اعزاپرسيءَ لاءِ
وڃڻو آهي ڀڳت! سندس ڀاءُ اتي ويٺو هوندو؟ نه ته
توهين .....“

”انهيءَ ڇوڪري جو ڪو ٺڪاڻو ڪونهي، تنهن کان
ته آءٌ ٿو هلي پٿر تي وهان،“ چئي، ڀڳت اٿيو. جيويءَ
۽ ٻڍي نانيءَ کي خبر ڏيئي، پاڻ ڇاپري ۾ اچي
رودن تي ويٺو. سامهون ڪانجي پڻ اچي ويو.

شوڪ جا حالي احوالي ئي ٻئي ڄڻا ڌوليي جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اکيڙ ۾ وڃي ويٺا ته سهين، پر ٽاڻيءَ ٻڌيءَ جا ور لاڀ ٻڌي خود پڳٽ جهڙو ماڻهو به سوچڻ لڳو ته هتي ڪين اچي ويهجي ها ته بهتر هو. ”آءٌ ذرا چلهه ڀاسي اچان ڇئي، هو اُٿي به ٻيٺو، پر ڪانڀي ’آءٌ به اٿان، ڪين ٽاڻي ڪاڪي ماءُ ڪري ته ساڻس گڏجاڻي ڪري ٻوءِ وڃان؟‘ انهيءَ ٻڌڻ ۾ اُٿي ڪونه سگهيو.

جوان جماڻ ۽ گهر جو راڄ مهاڄڻ سنيالينڊڙ ڇوڪرو اوچتوئي اوچتو گذاري وڃي، سو ڪهڙي ماتا هوندي جا سهن ڪري سگهندي؟ ۽ ٽاڻيءَ ٻڌيءَ جي ڪنڌ تي ڪال ٻيٺو هو، تنهنڪي جي وڏ پون ته انهيءَ ۾ ڪهڙو عجب ڇئبو؟ سو به وري اڄ ته فرياد ڪرڻ جو خاص وڃهه مليو هوس. ٻوءِ سندس زبان توڙي دل ڪهڙيءَ ريت جهلجي ٻيهي؟

ڀاڙائن ڪيندي، ٻڌي چوڻ لڳي: ”ڙي پٽڙا! لالن لڪڻي دوست کي..... ڪل خوشيءَ سان وٺي ڏنءِ وڻڙي، ٻڌ ڪڻي!.....ڙي ٻچڙا! اڌ راٽ ويلي تن کي تسيو ڏيئي ٽوڪي پرڻايائين وڻڙي، ٻڌ ڪڻي!..... ڙي پٽڙا! سو تنهنجو سائي اڄ ملڻ آيو اٿئي پردئس مان، ٻڌ ڪڻي! ڙي ٻچڙا! ڪير هن جو آءُ ڀاءُ ڪري، ڪير هنڪي ’اڄ‘ چوي؟.....“

۽ ٻوءِ وري ڪروڌ ۾ اچي ٻڌي گهٽ وڌ ڳالهائڻ ۾ اچي ڇڙي: ”تو زال وٺي ڏنس، ڀائي! شل تنهنجو پلو ٽٽي.....رن ته آياڳ نڪتي..... اڙي منهنجي ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگي ئي زهر ڪيائين!"

هوڏانهن جيوءَ ته ڏولهي جي موت کان پوءِ اڄ ئي پهريون دفعو ڏاڍو زور سان ٿي رنو. انهيءَ روڏن ۾ نه هو ڪو پاراتو، نه ڪو سياپو، نڊي ٻار وانگر سڏڪا ڀري، اوچنگارون ڏيئي، روئي رهي هئي.

هنن ٻن ڇٽين جي وچ ۾ ڪانجيءَ جي حالت ڏاڍي وڇتر هئي. ٻڌيءَ پنهنجي پاراتن ۾ جيوءَ مٿان جيڪي چوهه ٿي چنڊيا، سي ان جي اوچنگارن ۾ ٿي الوب ٿي ٿي وڃا. ٻڌيءَ جي ورلاپن جو ڀو جيوءَ جي سڏڪن جو خود آءٌ ٿي ڪارڻ آهيان، ڪانجي اهو محسوس ڪري، پنهنجو پاڻ تي ڏمرجڻ لڳو. وڏيڪ وقت لاءِ وهڻ ۽ ڀاري ٿي پيس.... وٿرت وبچار ڪي هڪ ٿڌي ساهه سان اُڏائي اٿي ڪڙو ٿيو. پڳت جي گهر وڃڻ بدران سڌو پنهنجي گهر جو رستو ورتائين. منوهر جي ٻيءَ ته اٿرو پڻ چيس: "ٻڌيءَ جي شانت ۾ اچڻ تائين ته وهڻ گهر ٻو هوءِ، پائي!"

ڪانجيءَ جي بدران ڇيٽن ٿڦيندڙ هڪ ماڻيءَ جواب ڏنو: "وهڻ لاءِ مرضي ۽ ڪيئن ٿئي پلا! ٻه گهڙيون جنهن سان ڪا ڳالهه ٻولهه ڪري ها، سو ته ويو هليو. پوءِ اٿي من ۽ ڪيئن لڳيس؟".....

"ها وري!" چئي، ڪانجي گهر وڃڻ جي بدران سڌو ڪيت پاسي ٿي لڙي ويو. ڪير جاڻي ڇو ٻو ڪيس نوڪريءَ تان اچڻ ڪري ڏاڍو گهڻو پڇتاءُ ٿيو. ڪيئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دفعا پنهنجو پاڻ کان هڪڙي جو هڪڙو ئي سوال پڇندو رهيو: 'پر آءٌ جو هتي آيس، سو آيس ڇا جي لاءِ؟'

سڙندي پڄرندي پڻ کيس نانيءَ ٻڍيءَ تي ديا ٿي آئي: 'سچ پچ، ويچاريءَ جي زندگي ئي زهر ڪيائين.' هڪ وار خيال آيس ته جيڪر جيويءَ سان ملي ساڻس خوب لڙي اچان.

اونهو ساهه ڀري، من ۾ چيائين: 'اڙي ڙي هچاري! مون آندءِ، منهنجي ته ڪا لڄ پت رکين ها! آءٌ هاڻي ڪيئن ڪي ڪڇي سگهندس؟ اهو ڄاڻي آءٌ ڪهڙو منهن کڻي سگهندس، ايترو به ويچار توکي ڪونه آيو؟'

پر ٻئي پاسي جيويءَ جو دل ڏاڙيندڙ رودن، سندس هڏن نڪري آيل پڃري جهڙو سرير وغيره سنڀاليندي ته کيس ائين پئي ٿيو: 'تون ڪيترو به روئين، ڪيترو به پڇتائين، پر هاڻي اُنهيءَ مان ڇا ورندو، ڇا سرندو، ڙي پڳلي؟ آءٌ سمجهي سگهان ٿو ته بلڪل لاچار ٿي تو ههڙو پير کنيو هوندو، پر تنهنجو اهو سور آءٌ سليان ڪنهن کي وڃي؟ هاڻي جيڪي ڪيو اٿيئي، تنهنجو ڪرم ويٺي ڪٽ!

ڪنهن ڪرت ۾ ڪانجيءَ جو جيءُ ڪونه ٿي لڳو. جيئن تيئن ڪري ڏينهن پورو ڪيائين، ۽ تنهن سان گڏ من ۾ فيصلو به ڪري ڇڏيائين: 'سڀاڻي نه ته پريهن هتان نڪري ئي وڃڻ گهرجي.'

رات جو سندس ماني هيري وٽ هئي، کائي پي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻئي ڄڻا حقو ڇڪي رهيا هئا. هيري نوڪريءَ جو ٿي واءُ سئاءُ پڇيس: ”ڪهڙي نوڪري اٿيئي؟ ڪجهه ٻڌاءِ ته سهين!“

”هاڻي ته هڪڙيءَ مل ۾ نوڪري ملي آهي، پر تنهن کان اڳ واري نوڪريءَ جي ڳالهه توکي ٻڌايان ته تون اعتبار ئي ڪونه ڪندين.“

”تڏهن به ڪهڙي هئي؟ ٻڌاءِ ته سهين.“

”ڪهڙي وري ڪهڙي، زائفائن جي پڙين ڌوئڻ جي!“ چئي، ڪانجي ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳو.

”وڃ ڙي وڃ. منهنجي مسخري ڇو ٿو ڪرين؟ ٻيو ڪير ڌوئي به کڻي، پر تون ته ڪڏهن .....“

”ڪڏهن ته ڇا پر خاصا ٻه مهينا ڌوتم، سي به صابڻ لڳائي!“ چئي وري ڪانجي کلڻ لڳو.

ٿورو پرتي ويٺل ٻار کي ڪڏائيندڙ ڪنڪو چوڻ کان سواءِ رهي نه سگهي: ”هلو ڙي هلو! اهڙا ٺاهه نه ٺاهيو ته ڇا ٿئي، ڪانجي ڀائي؟ شهر ۾ رهي آيو، تڏهن به توهان جي عادت ته اهڙي جي اهڙي ....“

”سچي ٿو چوان، ڀاڀي، جي ڪوڙ ڳالهائيندو هجان ته مونکي پنهنجو قسم .....“

”ڀلا ماٺ ڪيو نه هاڻي، اجايو قسم نه کڻو!“ اُتي ته الاجي ڇا ڪندا هئا، پر هتي ته اهڙيون ئي ڳالهيون ڪندؤ.“

”نه ته وري!“ ۽ ڪنڪوءَ کي چپ ڏسي چيائين:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڪوئي ٻانهن نہ ڏيندو، بس ايترو ڪي ٻيو؟“

”توهان لاءِ ايڏي وڏي تہ ڪهڙي گهر ۾ سانڍي رکي هوندي جو ڏيندؤ، پر ڪنهن کي ٻيءَ تي وجهڻ جو خيال هجي، تہ اُها بہ هوند ڪانہ مليؤ.“

گوندي ڀرسان ويٺل ناٿيءَ تہ اهو سڀ وسهيو ئي ڪونہ ٿي. هيري ڳالهہ ڦيرائڻ جي ارادي سان چيو: ”تڏهن هاڻي تہ تون مل ۾ ئي آهين نہ؟“ تنهن کانپوءِ پگهار ۽ موڪلن جو پڻ پڇيائينس: ”هينئر جو آيو آهين، تہ ڏياريءَ تائين رهندين نہ؟“

”نہ ڙي! هي تہ ائين ئي رونگ!..... مون چيو وٺ تہ ذرا سڀني سان گڏجي اچان، سو بنا موڪل جي هليو آيو آهيان.“

”تڏهن بہ پنجن ستن ڏينهن لاءِ يا؟ .....“ هيري جي وچ ۾ ئي ڪانجيءَ چيو: ”منهنجو تہ خيال آهي تہ سڀاڻي ڪو ڏينهن ڪڍي هليو وڃان.“

”تڏهن تون اوچتو ئي اوچتو آئين ڪيئن ۽ موٽي ڪيئن ٿو وڃين؟ ڀاڙي جو خرچ بہ اجايو! ائين هو تہ ڏياريءَ تي ئي اچين ها نہ؟“

”اچي نڪتس، بس!“ ڪانجيءَ چيو، ۽ اٿندي ٻولياءِ: ”هاڻي هل نہ، ڀڳت جي گهر ذرا چڪر ماري اچون. اُتان ٿي پوءِ گربن تي هلنداسين.“

مگر حقيقت اها هئي تہ ڪانجيءَ کي هيري سان اڪيلائيءَ ۾ بات چيت ڪرڻي هئي. ڀڳت جي گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڃڻ بدران ”توکان ڪجھ پڇڻو آھي ھيرا،“ چئي، آھر جي پاسي آيا. ٻئي ڄڻا ھڪ پٿر تي ويٺا. ھيري ڳالھ جي شروعات ڪندي پڇيو: ”اھڙي وري ڪھڙي ڳالھ ھئي، جو اصلي آھر وٽ وٺي آيو آھين؟“ ۽ ھيري کي جنھن ڳالھ جو ڊپ ھو، اھائي ڪانجيءَ پڇيس: ”اڙي ھيرا، تون اھو سچ ٿو سمجھين ته جيويءَ ڌوليي کي زھر ڏنو ھوندو؟“

”ڌوليو زھر سان مري ويو، تنھن ڳالھ ۾ ته ڪوڏيءَ جي به ڪاڻ ڪانھي، ڪانجي! ھاڻي تون ئي ويچار ڪري ڏس. سندس گھر جي جھڳڙن رڳڙن جي ته خبر ائيئي، سو ائين نه سمجھجي ته ٻيو ڇا سمجھجي!“ ۽ ئورو ھٻڪي وري ٻوليائين: ”پر ھاڻي جا ڳالھ گئي گذري ۽ پوري به ٿي ويئي، تنھن جي منجھ ڪڍڻ جو فائدو ڪھڙو، ڪانجي؟ جيڪو ٿيڻو ھو، سو ته ٿي چڪو!“

”نه نه، آءٌ ته .... اھو ته رڳو جانڪاريءَ لاءِ ٿو پڇانءِ. انھيءَ ۾ اسان جو ھاڻي ڇا وڃي؟ ڳنڌ ڳري سالي جي. باقي اھو ته اسان جي سر تي ڪلنڪ مڙھيو نه؟ منھن تي کڻي ڪير نه به ڪڇي، پر پٺيان ڪنھن ماڻھن جا وات بند ڪيا آھن؟ چوندا ڪين ھوندا ته ڪانجيءَ ۽ ھيري ٻائڙي ته وٺي ڏنس، پر ائين ڪري اُلٽو ويچاري جو جنازو کڻايائون!.....“

”چوندا ته ھوندا، ڪانجي! پر اُنھيءَ مان ھاڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇا ورندو ڇا سرندو؟ اڄ کان وٺي ايترو سکياسين تہ هونءَ جو ڪنهنجي ڪاريہ لاءِ وچ ۾ ٽپي پوندا هئاسون، سو پٽڻ پنهنجو ڪم ڪونهي." ۽ پاراتن ڪڍندڙ ناني ٻڍيءَ جي آواز ڪنن تي پوڻ جي ڪري يا الاجي ڇا جي ڪري، چيائين: "پر مونکي تہ هن ويچاريءَ پوڙهيءَ تي ٿو قياس اچي. جو ڪمائي کارائيندو هوس، سوئي راهہ رباني وٺي رمندو رهيو، باقي بچيو اٿس هو ننڍڙو، اهو ساماڻجي ٻڍيءَ جا ڪي گهڙا ڀريندو، سو تہ جيڏي رات، تيڏو سپنو!"

ڪانجيءَ زور سان ساهہ کڻندي چيو: "تہ پوءِ هوءَ ٻائي بہ وري هاڻي ڪهڙو سک ماڻيندي؟ هتي هن سس جا مهڻا ٿي سهي ۽ هتي وري اٿس ماٽيجي ماءُ. جتي هوندي، اتي جان جيئندي اهو ڪارنهن جو ٽڪو تہ هميشہ لڳندو ئي رهندس!" چئي، ڪانجي هڪ تيلي کڻي ڏند کوٽڻ ويٺو.

"ڪٽيندي ڪرم! پنهنجو! جهڙي ڪرڻي، تهڙي ڀرڻي، تنهن ۾ پاڻ ڇا ٿا ڪري سگهون؟ ڀلا هاڻي اُٿي گيت ڳائڻ هلون." چئي، هيرو اٿي بيٺو. کيس ڪانجيءَ تي ٿوري چڙ بہ چڙهي هئي.

"تون هلندو ٿيءُ. ايتري ۾ آءٌ ذرا ڀڳت وٽان ٿيندو ٿو اچان." چئي، ڪانجي ڀڳت جي گهر پاسي وريو. ناني ٻڍيءَ جي آواز ٻڌڻ تي مرضي ڪانہ هيس، تڏهن بہ ڪنن ۾ ڪپهہ ٿوروئي وڌي هئائين جو ٻڌڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ نہ اچيس؟

”او ڀڳوان، هاڻي هن ٻائيءَ کان تہ آءٌ ٿڪجي لوٿ ٿي پيئي آهيان. رن مري جو وڃي تہ منهنجي گهر مان ڪا بلا ٽري. وري ماڻس رن بہ ڪانہ ٿي پاڻ وٽ گهرائي. جتي ٿي وهي، اتي ڳوهہ وانگر ٿي چهٽي پوي. سو سڀ ڪير ڏسي، ڪير سهي؟ رن کي کائڻ لاءِ تہ ڀريو ٿالهہ گهرجي، باقي ڪم ڪرڻ مهل ٻرو پيو چڙهندس!....“

۽ اهو اڃا ڄڻ ڪافي ڪين هو، سو جيويءَ جي ڏير جو ڪڙاڪو آيو: ”اُٿ ڙي، اَن راجا کي ٿي ڌڪو ڏي- کائي وٺ جي کائڻو هجيئي، نہ تہ ڪتو ٿالهي چٽي ويندءِ- پوءِ ڪلهہ وانگر بکي رهجي ويندينءَ! هي تہ ڏس ڀائي! ڪاٺ ٿي ڪيئن ويهي رهي آهي! راڻيءَ کان ڪي اُڻڻ بہ پڄي ٿو؟“...

ڀڳت جي گهر تائين پهچي ڪونہ ويو هجي ها تہ ڪانجي شايد پنتي پير ڪري وڃي ها، پر آخر ۾ ڀڳت کي ساڻ ڪري اٿڻ سان ئي ان جو موک ٿيو. ٿورو اڳتي وڌيا تہ ڀڳت کان پڇيائين: ”اي ڀڳت، نت جو نت ئي هتي اهڙي گهپي لڳي پيئي هوندي آهي ڪيئن؟“

”اڙي، اهو تہ ڪجهہ ناهي ڀائي، ڪنهن ڪنهن ڏينهن تہ ويچاريءَ تي مارڪٽ بہ پوندي آهي.“ چئي، ڀڳت پڇيس: ”ڀلا هنن ڏينهن ۾ موڪل ڪيئن مليءِ؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”موڪل ته ڪانه ملي آهي، پر آءٌ ائين ئي هليو آيو آهيان، ڀڳت!“ چئي، ٻيهر ڪانجي ڪنهن ويچار ۾ ٻڏي ويو. ٿورڙيءَ دير بعد وري ڪڇيائين: ”ڙي ڀڳت! انهيءَ سموريءَ ڪنجهڪار جو ڪارڻ ته آءٌ ئي ليکبس ڪي نه؟“

”ڇا جي ڪنجهڪار؟“

”انهيءَ ٻائيءَ جي وري،“ ۽ ٿڌو ساهه ڀريندي، هيٺ ڪيل ڪنڌ هوندي ئي ان پڇيس: ”بي سمجهيءَ ۾ نه ڪرڻ جهڙو ڪي ڪري ته ويٺي، پر هاڻي سندس جيون ۾ رهيو به باقي ڇا هي؟ ان کي ته .....“

ڀڳت ٻوليو: ”ڏس ڪانجي، دنيا ۾ گهڻو اونهي وڃڻ جو ضرور ئي ڪونهي. اهڙا اهڙا ته دنيا ۾ ڪئين دکيا پيا آهن.“

”اهي ڳالهيون کوٽيون - جيڪڏهن نه ليکجي ته ڪوئي ڪنهنجو جوابدار ڪونهي، ۽ جي ليکجي ته هرڪو ئي - سڄي آدم ذات هرڪنهن لاءِ جوابدار آهي. انهيءَ ڪري هن گورک ڌنڌي ۾ پئجي ئي ڪين ته واهه واهه!“ چئي، ڀڳت قدم کنيو.

ڪانجيءَ جو آواز قدري ڍرو پئجي ويو: ”ڙي ڀڳت، توهين ههڙا سمجهو شخص ٿي ڪري به ٿا اهڙيون ڳالهيون ڪريو!“ ڀڳت کي اٿي بيهڻو پيو - ڪانجي وڌيڪ چئي رهيو هو: ”توهان کي خبر آهي ڀڳت؟ جيوي جو هتي آئي سو ڪنهن جي ڪري؟ ڪنهن جا ...“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”نہ رڳو مون هڪڙي کي پر سڄي ڳوٺ کي خبر آهي. مگر هاڻي انهيءَ ۾ تنهنجو مطلب ڪهڙو؟ ۽ ايتري ديا تہ اسان ۾ بہ آهي - جنهن ڏينهن سندس سس روٽي ڪانہ ڏيندس، تنهن ڏينهن اسين ڪو ان کي بکيو مرڻ ڪونہ ڏينداسون، ۽ نيٺ تہ ان جو جيءُ بہ جاءِ ايندو، چريا! پوءِ تون ڇو ٿو ناحق هيئن ڏکن ڏولاوَن جي ڀري مٿي تي کڻي ڦرندو وتين؟“

ڪانجيءَ کي هن ٽاڻي ڀڳت سان سچو قصو ئي ڪرڻو هو، پر ڀڳت تہ وک وڌائيندو ويو ۽ ان کي پڻ تکو هلائيندو ويو. چيائين: ”هاڻي هل، مهل سر آيو آهين تہ ٻہ ٽي نوان جهونا گيت تہ هلي ٻڌاءِ.“

ڪانجي ويو تہ سهين پر گيت هڪ بہ نہ ڳائي سگهيو. ويهي رهڻ بہ مشڪل ٿي لڳس، سو ڀڳت جي پنيان کٽولي تي ڊگهو ٿي سمهي پيو - حجت پائي هڪ ٻہ جوان گيتن ڳائڻ لاءِ سڏڻ بہ آيس تہ انهن کي پاڻ رهڙ ڪڍيائين: ”ڇڏيو نہ منهنجي پچر، توهان کي ڳائڻو هجي تہ ڳايو، نہ تہ وجهو کوهہ ۾، کڏ ۾.....“

”پر انهيءَ ۾ ويچارن گربن کي ڇو ٿو کوهہ ۾، کڏ ۾ وجهين؟“ کلي ڀڳت چيس. اک جي اشاري سان هنن جوانن کي پڻ پرڀرو هٽايائين - من ۾ ئي ٿيس: ’هن غريبڙيءَ جو تہ اڌ مغز چرخ ٿي ويو آهي، تنهن سان گڏ متان هن جو بہ نہ چرخ ٿي وڃي!‘ ۽ پوءِ تہ ڀڳت نوڪريءَ جا ۽ ٻيا جهڙا تهڙا سوال پڇي، کيس ڳالهين ۾ رنڀائڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڪوشش پڻ ڪئي. پڇيائينس: ”گهڻا ڏينهن رهندين، ڪانجي؟‘ هاڻي ته ڏياري ....“

”نه، شايد سڀاڻي ئي هليو وڃان.“ ڪانجيءَ جي من ۾ ڪداچت ائين هو ته ڀڳت وائڙو ٿي ويندو، ڪداچت هو ڇڏيندو به ڪونه. پر ڀڳت ته هيڪاري خوش ٿي چيس: ”موڪل ڪانه اٿيئي ته وڃڻ ئي گهرجي نه؟ جي ائين آهي ته ڏياريءَ جي ٻن ڏينهن جي موڪل وٺي اچج ۽ اچي....“

ڪانجيءَ وچ ۾ ئي چئي ڏنو: ”ڏياريءَ تي وري هتي ڇا ٺهرايو اٿو، ڀڳت؟“

”جيڪو آڳي پيڇي جو خيال ڪندو، سو ته ائين ئي ڪندو. گهڙيءَ گهڙيءَ ڀاڙن جو خرچ ڪڍڻو ۽ مٿان وري پگهار جو به ٽوٽو وجهڻ!“ ڀڳت ورجايس.

پر ڪانجيءَ اُلٽو ڀڳت کي کيجايو- مٿان ڪجهه گهٽ وڌ نه ڳالهائي وهان، تنهن ڊپ کان ماڳهين اتان اٿي ويو هجي، سو به ڪير ڄاڻي! ”منهنجي مٿي ۾ سور آهي ڀڳت، آءٌ گهر وڃي ٿو سمهي پوان.“ چئي هو هلندو ٿيو.

گهر وڃي اڱڻ ۾ پيل کٽولي تي ليٽي پيو- پر ڪانجيءَ کي چئن ئي ڪونه ٿي آيو. کٽولو ٻاهر پڌر ۾ کڻي آيو، ۽ تارا تڪڻ ويهي رهيو. پر سندس پراڻا سنيهي تارا به کيس خوشي ڏيئي ڪونه سگهيا. اڃا ان جي ڀڳت تي ڪاوڙ گهٽي ڪانه هئي، الٽو وڌندي ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويس - ڀڳت کيس اڻ وهيي ڍڳي جهڙو ٿي ڀاسيو. من ۾ ٿي سوچيائين: 'سڄي حياتي جيڪو ڇڙو ڇانڊ رهيو، تنهن کي پنهن جو ڇا، ۽ پرائو ڇا؟ ڪوئي دکي هجي ته ڇا ۽ ڪوئي سکي هجي ته ڇا؟ جنهن کي مايا ئي لڳل ڪانه هجي ۽ اهو گيتا جي اُپديش انوسار مايا کان مڪت رهي ته انهيءَ ۾ عجب ئي ڪهڙو آهي؟..... ۽ سڀاڻي وڃڻ جي پنهنجيءَ ڪيل ڳالهه ۾ ڀڳت جو 'ها' ڪئي هيس، تنهن ۾ ته کيس ڀڳت جو ڪوئي سوارٿ به ڏسڻ ۾ آيو: 'ها وري! ڪانجيءَ وٽ ڪي ٻه ٽڪا هوندا ته انهيءَ کي ئي ڪنهن ڏينهن ڪم ايندا نه؟'

وچ وارين جاين جي هن پاسي، مهاساگر آنند جون ڇوليون اُڏائيندو، ڀانءِ ته بود ۾ ڀرجي ويو هو، هن پاسي ڪانجي آهون ڀريندو پئجي رهيو هو. اوچتو ئي اوچتو جڻ ڪو فيصلو نه ڪري چڪو هجي، تيئن اُٿي وهندي هو چوڻ لڳو: 'سڀاڻي هلي وڃڻ ئي جڳائي!' تڏهن ٻئي پاسي سندس من پڇيس، 'تون آئين ڪيئن ۽ وڃي ڪيئن ٿو؟'

گهڙيءَ ڀر وري ائين پڻ خيال آيس: 'وٺ ته انهيءَ کي ڀڄائي کڻي وڃان.' پر ٻيءَ گهڙيءَ ئي کيس کل اچي ويئي: 'تو ۾ جي همٿ هئي ته انهيءَ وقت ڪجهه ڪين ڪيءِ ۽ هاڻي؟ هن ويچاريءَ جي حالت ڪهڙي ڪري ڇڏي اٿيئي، سو ته ڏس!....'

سندس اکين اڳيان اها چوڏيل واري جيوي اچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڙي ئي ٻيني. نوڪدار نيٺن ۾ ڪارو ڪجل، پنڻ ۾ ٿارن جي سپ ٽانگ واري ٽڙڦٽي، ڪنن ۾ جهومندڙ سونيون جهومريون، پيرن ۾ ڇم ڇم ڪندڙ گهنگهرن واريون گجريون، ديل جهڙي شاندار هلڻ جي چال، گلاب جي گلن جهڙا ڳل، چهنبڙي پاڻ سان رت نڪري اچي، اهڙو بدن - ۽ انهيءَ وقت وارو قوهه جوانيءَ جو جوبن - ڇڪي ٻڌل ڪٽي جي چوليءَ ۾ جڻ سرڪيءَ طرح سمايو ئي ڪونه ئي!

۽ تنهن سان گڏ سامهون اچي ٻيني هاڻوڪي جيوي، هڏن جي ڀچري جهڙي صورت، ڳلن ۾ ڪڏون، مرجهايل اکيون، ٻيابان ۾ لڳندڙ لڪ جهڙي نظر ۾ ڪوئي گهلي هلائيندو هجيس، اهڙي رفتار سان - سندس زبان مان نڪري ويو، 'هن ۾ هاڻي ڇيو ئي ڇا آهي؟"

۽ انهيءَ بعد وري، 'اهو سڀڪي ڪرڻ ڪرائڻ وارو نه آءٌ ئي ڪين ٻيو ڪو؟' اهڙي خيال اچڻ ئي نه جي وس پڇيس ها نه انهيءَ دم ئي ڳوٺ ڇڏي هليو وڃي ها.

'آخرڪار ڪڏهن نه صبح تئي ۽ ڪڏهن نه هن گهمسان مان ڇٽان،' اهڙيءَ ٻي آراميءَ ۾ سمهڻ جي ڪوشش ٻه ڪيائين، پر نند اچڻ جي بدران وري سوال جاڳيس: 'ڪيس هڪ وار ڏڪجان ٻه ڪين ڇا؟' ايتري ۾ خيال آيس: 'ڪهڙو منهن ڪٽي مان ڏڪجڻ وڃانس؟ ۽ جي ڏڪجانس ٻه ڪٽي نه ان کي چوان ٻه ڇا؟ ڳالهايانس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻه ڇا؟ اوُن هوُن، نه گڏجڻ سو ئي ٺيڪ آهي....“

۽ اهڙيءَ ريت نيٺ بنا گڏجڻ جي ئي اسهڻ جو پهه پڪو ڪري ڇڏيائين. سچ پڇو ته جيويءَ سامهون هو اک به کڻي ڪونه ٿي سگهيو، پوءِ ڳالهائي وري ڪهڙيءَ طرح سگهيس ها؟

ٻئي ڏينهن ڀاءُ ڀاڄائيءَ کان اُن اک جي اشاري سان ئي موڪل ورتي- هيري کي به گڏجڻ لاءِ گهرايو هئائين. ڀڳت کي پڻ ڪوٺائي ها، پر ’ٺهيو، آءٌ ئي ٿو ٻه پير ڀري وڃانس،‘ ائين ويچاري ڀڳت کي ملڻ لاءِ ويو- ڳچ دير تائين اوڀاريون لهواريون ڳالهيون ڪري، جڏهن اُن سان گڏجي ٻاهر آيو ته جيويءَ کي گهر مان نڪرندو ڏسي ئي هو ٻاهر آيو هو. ٻنهي جون اکيون مليون نه ملڻ جهڙيون ۽ وڇڙي به وييون.

اڳئين ڀيري وانگر ڪي ٻڌڻ لاءِ جيويءَ ڪداچت ڪن به ڏئي ها، پر اُن کي اها خبر ڪٿي هئي ته ڪانجي ٻن ئي ڏينهن ۾ موٽي پرديس ڪوچ ڪري ويندو؟ ازانسواءِ ڪانجي پڻ هن دفعي ماٺ ئي هو.

هن ڀيري موڪلائڻ لاءِ ڪانجيءَ گهڻي دير ڪانه لڳائي.

اڳئين دفعي واريءَ آنسن ڀريءَ شڪل جي ڀيٽ ۾ هن دفعي واري شڪل قدري اوُر هئي. اها اُداس چئي ٿي سگهجي. هن دفعي کيس ڀاءُ ڀاڄائيءَ سان قرب جهڙو خاص ڪجهه ڪين ٿي ڀاسيو. ساڳيءَ طرح

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀڳت ۽ هيري کان ڏار ٿيڻ مهل بہ دگ جهڙو ڪجهہ محسوس ڪونہ ٿي ڪيائين. حقيقت انهن سڀني مان کيس هڪ قسم جي نفرت اچي ويئي هئي. هرڪو سکي هو. کين پنهنجي نيات هئي، مٽ مائٽ هئا، گهر ۽ زمين جائداد پڻ هون، پر ڪانجيءَ کي ائين ٿي لڳو تہ 'منهنجي لاءِ ڪجهہ اهڙو آهي ڪونہ! پنهنجو ڪير چئي سگهجي، سو بہ ڪوئي ڪونهي. ٻيا تہ ڇڏيو، پر ڀڳت جهڙو شخص بہ مون کي ڇڏي ڄڻ هنن ماڻهن جي جماعت ۾ وڃي شامل ٿيو آهي،' سڄي دنيا ئي کيس خود مطلبي ٿي لڳي. اهڙي سوارٿ ڀرئي واتاورڻ مان جيترو جلد ٿي سگهي، اوترو جلد ڀڄي نڪرڻ جي اڇا هئس. پر ساڳئي وقت سندس مغز ۾ ٻيو بہ هڪڙو ويچار ٿي ڊوڙيو: 'آءٌ تہ ائين ڪري هتان نڪري آجو ٿي ويندس، پر هوءَ ويچاري ڪيئن پنهنجا پلوَ آجا ڪرائي ڀڄي سگهندي؟' وري غصو بہ ٿي آيس، 'انهيءَ کان تہ ڀڳوان ان کي ماري ڇڏي ها تہ جهنجهٽ کان ئي ڇٽي پئجي ها!'

ڪانجي ڀاءُ، ڀاڄائيءَ ۽ ڀڳت کان تہ موڪلائي نڪتو، پر هيرو اڃا ساڻ هوس. سندس پٺ وٺي ٿورو دور نڪري اچڻ تي ڪانجيءَ چيس: "تون ڇو ٿو اچين هيرا؟ وڃ نہ، موٽي وڃ."

"پر مونکي تہ اچرج ٿو لڳي، تہ تون هيئن اصل اهڙو ڇو ٿي ويو آهين؟ ڇتي ڪتي وانگر گهڙيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نوڪريءَ تي ٿو وڃين ته گهڙيءَ وري گهر واپس ٿو اچين- ائين ڇو ٿو ڪندو وَتين؟"

ڪانجيءَ جي اکين ۾ پاڻي اچي ويو. مشڪليءَ سان چئي سگهيو: "تون هينئر مون کان ڪجهه نه پڇ هيرا!" ۽ آنسن جي ڌارا وهائيندي چيائين: "سڀني کي سڌ ته آهي، پوءِ به مون کان پڇ پڇ ڇا جي لڳائي اَٿو؟ سچ پڇو ته توهين ئي منهنجا اڳئين جنم جا ويري آهيو!" ڇا پئي وڦليو، تنهن جو ڪانجيءَ کي به شايد پتو ڪونه ئي پيو.

هيرو ته ڊڄي ويو: "هيءُ تون چوين ڇا پيو، ڪانجي؟ اسان توکي ڇا ڪيو آهي جو هيئن ٿو بڪين؟" چئي، ڪانجيءَ ڏانهن اکيون ڦاڙي ڏسڻ لڳو.

ڪانجي هيڪاندو نه هوش ۾ آيو هجي، تيئن چوڻ لڳو: "نه نه، آءٌ توهان کي ڇو ڏوهه ڏيان؟ ڏوهه ته خود منهنجو ئي آهي، ۽ جي ڪجهه هوندو ته وڌاتا جو ئي هوندو. توهان کي ڇو ڪي آءٌ چوان!"

هيري کي شڪ ته هو ئي- پر پڪ ڪرڻ لاءِ پڇيائينس: "مگر وڌاتا به تنهنجو ڇا بگاڙيو آهي؟

"ڪجهه به ڪين، جيڪي بگاڙڻو هوس، سو ته بگاڙي رکيائين. هاڻي ڪي چئجي ته ڇا ۽ نه چئجي ته ڇا؟" چئي، ڪانجيءَ هڪ اونهو ساهه کنيو، روئڻ به جهڪو ٿي ويو هوس.

"ته پوءِ ائين چؤ نه! ڇو ٿو روئي رڙي رت جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻي ڪرين؟ .... اڄ ته ٿورو تماڪ ڀريون." چئي، هيرو اٿي بيٺو. هيٺ ويهي، چلم صاف ڪندي چيائين: "جيڪي ٿيڻو هو سو ته ٿي گذريو، هاڻي انهيءَ لاءِ پڇتاءُ ڪرڻ مان ڇا ورندو؟ ڇا سرندو؟"

ڪانجيءَ چئي ڏنو: "اڃا ڪجهه بگڙيو ناهي، هيرا! پر توهين منهنجو ڪٿي ٿا ٻڌو، ڪٿي ٿا مڃو؟ تون ته هاڻي جيئن تيئن پر ڀڳت جهڙو ماڻهو به ڪچو نڪتو. پوءِ باقي ڳالهه به ڪهڙي ڪجي!" چئي، چپ ڀڪوڙيندو، اٿي بيٺو.

"ڪير ڄاڻي تون ڪهڙيون ٿو پروليون ڏين؟ ڪا سڌي ڳالهه ڪرين، تڏهن به ...."

"ڪڏ وجهيس، کهه وجهيس، هاڻي هل؛ ٻه ڦوڪون ته سنيون هڻڻ ڏي." چلم جون ڦوڪون ماري، اها هيري ڏانهن ڦيرائيندي، چيائينس: "ڀلا آءُ ته هاڻي موڪلاڻي ڪري ڇڏيون."

ڀاڪرن بعد هيري اکيون اُگهندي چيو: "هي سڀ نڪميون ڳالهيون ياد ڪري اجايو نه پيو رودن راڙو ڪجانءِ. خط پٽ پيو لکجانءِ. متان وري وساري ڇڏين. ڏسجانءِ!"

پالهيءَ دل ۾ دم ڀريندي، ڪانجيءَ چيو: "انسان تي ڪهڙو ڀروسو، هيرا! هڪ ڏينهن ته سڀ ڪي وسارڻو ئي آهي! پر توکي هو ڏوهيڙو ياد آهي؟" چئي، شروع ڪيائين:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڀُلائي ڀليا پيڪا ۽ ساهرا،
ڀلي وڃبا ناناڻا ڏاڏاڻا؛
ڀلجي ويندا سون ديا ڌرتيءَ جي،
ڀلنداسون خود پنهنجوئي پاڻا،
(وري) ڀلي وڃبيون ڪي ڪمبختيون،
ڀلائي ڀلبي پڻ پريت جي ريت؛
(پر) نه ڀلجي سگهندو ڪو هڪ ايترو:
ته ڪنهن ڏينهن ڪئي مون هئي ڙي پريت!“

”ائين، اٿيئي هيرا!“ چئي، ڀانءِ ته اکين ۾ وري آنسون ٿي ڀرجي آيس، تنهن ڊپ کان وک وڌائيندي، چيائين: ”چڱو ڀلا، ڪنهن ڏينهن ياد ڪجو، ٻيو ڇا؟ ۽ ڀڳت کي چئجانءِ. چئجانس ته توکي ڏاڍو ساريندو سنڀاريندو ويو اٿئي.“ چئي، ٿورو پٺي ورائي ڏٺائين. چوڻ تي مرضي ڪانه ٿي ٿيس پر چوڻ سواءِ رهي ڪونه سگهيو: ”هيرا، هن اڀاڳڻ جي ذرا سار سنڀال لهندو رهجانءِ. ۽...“ پر وڌيڪ ڪجهه ڪڇي ڪونه سگهيو ۽ پٺي ڦيرائي هلندو ٿيو.

نديءَ جي هيڏانهن هوڏانهن نهاريندو ۽ چپ ڀڪوڙيندو، اڳتي وڌيو. ڪناري تان چڙهندي، ڪرنڊن جي وَڻ پاسي لڙي، هڪ نظر ڦيرائي ڏٺائين. پٺي ٿي ورايائين ته ڇا ڏسي جو ڀڳت ٿي لاهيءَ تان هيٺ لٿو. سندس ڪلهي تي ڪپڙا ڏسي خيال آيس: ’اهي ته هو ڌوئڻ آيو هوندو.‘ من ۾ اڇا اتپن ٿيس ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيڪر بيهي رهان، پر ان کي هڪليندي، چيائين: 'هل نه، اڃا اجهو ته گڏياسون، هرگهڙيءَ ڇا گڏجبو؟' پر ايتري ۾ ڀڳت جو آواز ڪنن تي پيس: "ڪانجي، ذرا بيهه ته سهين."

ڪانجي بيهي رهيو.

ويجهو اچڻ سان ئي ڀڳت چوڻ لڳس: "چڱو ٿيو جو تون گڏجي وئين. هونءَ توکان موڪلائي گهر ته ويس، پر منهنجي من مونکي آرام ئي وٺڻ ڪونه ڏنو." چئي ڪانجيءَ ڏانهن ڏسندي، ذرا آهستي آواز ۾ چيائينس: "ڪانجي، آءٌ تنهنجي دل جي ڳالهه، تنهنجو سور، سڀڪي ٿو سمجهان. پر اهي قصا اهڙا ته اونڌا آهن جو.... خير، ڇڏ انهن قصن کي. پر مون کي توسان هڪڙي ڳالهه ئي ڪرڻي هئي ته ڌوليو زهر جي ڪري مري ويو، سا ڳالهه سچي آهي، پر هن ڇوريءَ ويچاريءَ ته پنهنجي واسطي ئي اهو ڦلڪو پچايو هو. مگر....."

ڪانجيءَ وچ ۾ چيو: "مون به سمجهو ٿي، ڀڳت، ته ان ڪاوڙ جي ئي وس ٿي ڌوليي کي زهر ڏنو هوندو، باقي....."

"پر ان ته ڪاوڙ جي وس ٿي به ڏنوئي ڪونهي،" چئي، ڀڳت ٿوري ۾ سڄي ڳالهه ڪري ٻڌايس: "پر ڀائي، اُن جي ڪپڙيءَ جا ڪڻا پورا ٿي آيا هوندا، تنهن ڪري ئي ههڙيءَ ريت ئي سندس سواس سکالا ٿيا."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ڪانجيءَ جي ڦاٽل اکين ۾ ويچار جو وهڪرو ڏسي چيائين: ”انهيءَ ۾ ڪنهن جو به دوش ڪونهي، ڪانجي! ناحق انهيءَ ڇوريءَ ويچاريءَ تي کڻي ڏوهه مڙهيو اٿن. پر تنهنجو به اُپاءُ وري ڪهڙو آهي؟ کوهن جا واٽ بند ٿي وڃن، پر ماڻهن جا واٽ ڪير بند ڪري؟“ چئي، ذرا ترسيو ۽ ڪانجيءَ کي ”ها وري“ چئي چپ ٿي ويل ڏسي، ”بس مونکي ايتروئي توکي ٻڌائڻو هو.“ چئي، بوتي جيئن بيٺل ڪانجيءَ جي پٺيءَ تي هٿ رکي، چيائينس: ”هاڻي ڀلي وڃ، دير نه ڪر.“ ڀڳت پوءِ کيس سهج ئي دڳ لائي ڇڏيو.

”ڏاڍو سٺو ڪيوَ، ڀڳت! توهان نيٺ مونکي ايتري سچي ڳالهه ته ٻڌائي.“ ۽ ارٿ ڀرين اکين سان ڀڳت ڏانهن نهاريندي، چيائين: ”پر ڀڳت!.....“

”ڏس، هاڻي وري ڳالهين ۾ پوندين ته اجائي دير ٿيندءِ. آءٌ به ڍڳن کي کيت جي منهن وٽ ڇڏي آيو آهيان، ڪنهن ٻئي جي کيت ۾ گهڙي ويندا ته....“

ڪانجيءَ نماڻا نيڻ کڻي وري ڀڳت ڏانهن نهاريو. ڀڳت دور دور کيتن پاسي اکيون ڦيرايون. هڪڙو ٿڌو ساهه کڻي، پٺي ورائيندي، ڪانجي فقط ايتروئي چئي سگهيو، ”چڱو ڀڳت، وڃان ٿو.“ پوءِ ڪنڌ هيٺ ڪري هلندو ٿيو.

ڀڳت گهڻيءَ دير تائين ان جي پٺيءَ ڏانهن نهاريندو رهيو. پوءِ هڪڙو اُڀو ساهه کڻي، پٺي ورائيندي، ٻوليائين: ’ڪير ڄاڻي دل ۽ دماغ ٻئي گڏ ڏيئي ڀڳوان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ته انسان سان ڀلائي ڪئي آهي الاجي برائي؟'

هوڏانهن هميشه واريءَ وات جو سونهون، ڪانجي جيئن پيچرو لتاڙيندو ٿي ويو، تيئن سندس دل جي دشا ڪجهه اؤر ٿيندي ٿي ويئي. ان جي من ۾ هڪ ئي ويچار هو: 'ڇا هوءَ زهر کائي مري وڃي ها؟ ائين ساهه پورو ڪري ڇڏي ها؟ سو به وري پنهنجي هٿن سان پاڻ ئي؟' ڪانجيءَ جو منهن صفا لهي ويو، لاچار بڻجي پيو. اونهو ساهه کڻندي چيائين: 'ته پوءِ آءٌ دنيا ۾ ڪهڙو منهن کڻي گهمان ها؟ منهنجو منهن ڏسندڙن کي به پاپ ٿي لڳي ها!'

ڪانجيءَ وري واپس ورڻ، جيويءَ سان ملي کانئس معافي وٺڻ ۽ تنهن بعد ان کي پاڻ سان گڏ وٺي اچڻ جي اَتي پر ٻل اڇا اتپن ٿي. پر وڏي شدمد سان موڪلائي نڪتل ڪانجي پنتي نه موٽي سگهيو، ۽ پوءِ ته متان خود بخود نه ڦري وڃان، تنهن ڊپ کان ان وک به تيز وڌائي. ڀڳت تي وري کيس چڙ آئي: 'چڱا مڙس، اها ڳالهه ته مونکي اول ئي ٻڌايو ها نه!'

اصل رت نڪري اچي، اهڙي زور سان چپن کي چڪ پائيندي، ڪانجي سوچ ڪري رهيو هو: 'اڙي ڙي مٺي! آءٌ ته اهڙو ٿيس، پر تون به مونکي ڪانه ملينءَ؟' ۽ آخرڪار کيس پنهنجي پاڻ تي ئي کل آئي: 'پر تون به ته ڏس، پنهنجي ڳالهه ڪانه ٿو ڪرين! هيترو سارو ڀاڙو خرچي جو تون هتي آئين، سو ڇاجي لاءِ؟'

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرڪرڻ ايڪيهون

ملڻ هو مهانگو

پر هوڏانهن جيويءَ جي آتما، ان جو اندر ڇا بولي رهيو هو، سو ته جيوي ٻڌائڻ وهي، تڏهن به ٻڌائي ڪانه سگهي. ڀڳت جي گهران ڪانجيءَ کي نڪرندو ڏٺائين، پر کيس ڇا معلوم ته هو پرديس وڃي رهيو آهي؟ سو به کيس ملڻ کان سواءِ ڪنهن خبرچار ڏيڻ وٺڻ کان سواءِ، اهو هوءَ مڃي به ڪهڙيءَ طرح سگهي؟ سو ته جڏهن ناٿيءَ پاڻي ڀري واپس ورندي پڇيس: ”ڪانو ڀائي توکي گڏيو، جيوي ڀاڀي؟“ ۽ جيويءَ ”نه“ جواب ڏنو، تڏهن ناٿي پڻ وسميءَ ۾ پئجي وئي. چيائينس: ”توکي گڏجڻ بنا ئي هليو ويو؟ نه نه، ڪوڙ ڇوٿي ڳالهائين؟“

جيوي هڪدم ٽٽار ٿي ويئي، اکيون ڦاٽي ويس. پڇيائينس: ”سچ ويو؟“ ۽ ناٿيءَ چيو، ”تڏهن ڇا ڪوڙ ٿي چوان؟“ ائين چوندي چوندي سندس منهن تي انيڪ قسمن جا ڀاؤ پرگهٽ ٿي ويا. سر تي گهڙو هوس، سو ڀارو ته مٿي هوا ۾ ڪافور ٿي اڏاي ويو هو. اندر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي آگ تارونءَ دواران نڪرڻ جي نہ جاکوڙ ڪندي هجي، تيئن مغز بنهہ اُڏ اُڏان لڳائي ڏني هئي ۽ سندس موڳو منهن ڏسي ناٿي تہ ذرا ڊڄي بہ ويئي. چيائينس: ”هل نہ، هينءَ چرين وانگر ڇا پيئي ڪرين؟“

جيويءَ پير تہ چوريا پر بيهوشيءَ ۾ ئي، ”سچ هو ويو هليو؟“ اهو سوال هن ڪيترا دفعا پڇيو، تنهن جو حساب ناٿي بہ رکي ڪانہ سگهي. پر هاڻي تہ سندس پلوُ ڇڏائڻ بہ ناٿيءَ لاءِ مشڪل ٿي پيو.

آسمان جي گنبذ هيٺان جيوي هينئر اڪيلي هيڪلي پئجي ويئي. هن مهل تائين هوءَ ڀانءِ تہ هڪڙي ئي ڪارڻ زندهہ رهي هئي. ڪانجيءَ کي پنهنجي دل جي احوال، ”مون زهر ڪونہ ڏنو هو، هان!“ رڳو ايتري ٻڌائڻ لاءِ. ڪانجيءَ کي آيل ڏسي تہ هوءَ ڪي قدر خوش ٿي هئي، همٿ بہ آئي هيس، مگر هيءُ سماچار مليس تہ پوءِ آءٌ ڪيڏانهن وڃان، ڇا ڪريان، تنهنجي بہ ڪا ٻوجهہ سوجهہ ڪانہ ٿي پيس.

گهڙو لاهي، جيوي ٻاهر آئي. ڪپڙا سڪائي، ڀڳت اندر ٿي ويو تہ اُتس نظر پئجي ويس. جيوي سڌو وٽس آئي. ٿنڀي جي آڏو بيهي پڇيائينس: ”اي ڀڳت ڪاڪا، توهان جو دوست ويو هليو؟“

انهيءَ آواز ۾ ئي اهڙو ڪي هو جو ٻڌي ڀڳت تہ ڇا پر وڏن وڏن رشين منين جا بہ لڳ هوند ڪانڊارجي وڃن. پهريائين تہ کيس ڇڙب ڏيڻ جو خيال آيس، پر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ هڪدم ئي اونهو ساهه ڀري زبان کي روڪي وڌائين. ٿڌي نموني چيائينس: ”ها ويو.“ ڀڳت کي ڊپ هو ته هاڻي هيءَ ڇوري رودن شروع ڪري ڏيندي، يا شايد بيهوش به ٿي وڃي. پر اهو سندس بي سوُد ثابت ٿيو.

واپس موٽي ويندڙ جيويءَ جي آهه جو پڙاڏو ٻڌڻ ۾ آيو، ۽ تنهن سان گڏوگڏ ئي ڀڻ ڀڻ جا اکر پڻ: ”مون کي گڏيو به ڪين“. گهر پهچندي پهچندي ته جيويءَ جون ٻه به وييون، ڇهه به وييون. سندس ڏاڍي زور سان دڪ دڪ ڪندڙ دل اهوئي هڪ سوال پڇي رهي هئي: ’مونکي گڏيو به ڪين؟‘ پيرن هيٺان زمين ڄڻ کسڪندي ٿي ويس، اُڀ جي گنبذ گول گول ڦيريون پاتيون، ڪن ٻوڙا ٿي ٻڌڻ کان جواب ڏيئي بيٺس. پاءُ پلڪ جيويءَ سوچيو، ’آءٌ ڪٿي آهيان؟ ڪير آهيان؟‘ تنهنجو به سماءُ بلڪل ڪونه ٿي پيس.

زمين هاڻي کسڪي وڃي ته ڇا ۽ جي نه کسڪي تڏهن به ڇا؟ آسمان پڻ ڀلي هزارين ڦيريون پائي! ۽ ڪانجي پاڻ به هاڻي جيون ڀر نه ملي، تڏهن به هن جي لاءِ ڇا هو؟ هوءَ ته هاڻي سچي آنند جي ڪڙيءَ تي پهچي ويئي هئي.

سنسار ۾ سوريه جيئن اُڀرندو آهي، تيئن ئي ٿو اُڀري ۽ هر روز جي نيم سان لهي به ٿو وڃي. اُهي ئي وڻ، اهائي ندي ۽ آڪاس جا تارا پڻ ساڳي جا ساڳيا، اُهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ئي آهن. ماڻهن جي ڪار ڪرت پڻ اهڙي جي اهڙي. اهي ئي ڳالهيون ۽ اهي ئي آشائون. ڪجهه به نئون ڪونهي.

باقي جيويءَ کي ته ڪڏهن سوريه اُڀرندو هجي ته لهندو ٿو ڀاسڻ ۾ اچي ۽ وري برابر ٻن پهرن جو آسمان ۾ ڄڻ تارا بيٺا آهن، سو اکيون مٿي کڻي ڀڪ ٽڪ نهاريندي ٿي رهي. جڏهن ڳالهائڻ ۾ ٿي پوي، تڏهن برهم گيانيءَ وانگر اونهيون پيچيديون باتيون ڪرڻ ٿي لڳي ۽ ڪنهن وقت وري سن ۾ پئجي افق جو عجيب ڪو منجهه ڪڍڻ ۾ نه مگن هجي، تيئن ويٺي ڏسجي.

ماڻهو هڪ ٻئي سان ڳالهيون ڪن: ”هنکي ته ڀائي ڌوليو ئي ڀوت بڻجي اچي لڳو آهي!“ ته ڪن وري ريشمي وٽان ڄڻ منجهه نه ڪڍي آيا هجن، تيئن ٿي چيو: ”اڙي، اهي سڀ ڳالهيون کوٽيون. ڌوليي ته پنهنجي جيئري ئي کيس جادو وجهارايا هئا. نه اعتبار اچيو ته وڃي ريشمي کان پڇي اچو. انهيءَ کان ئي هڪ دفعي جادو وجهائڻ ويو هوس .....“

بماڻهو ويچار ۾ پئجي ٿا وڃن: ”تڏهن ته اهو سچ هوندو! انهيءَ جادوءَ جي اثر هيٺ ئي جيويءَ کيس زهر ڏنو هوندو، تنهن ۾ ڪهڙو شڪ؟“ چئي، هرڪو پنهنجي پنهنجي ڪم تي چڙهي ٿي ويو.

رلندي ڀٽڪندي، جيوي ڪنهن ويل کيتن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اچيو سهڙي. ماڻهو کانئس به درڪار ٿا ڪن: ”اڙي ٻڙي، تو پنهنجي ڌڻيءَ کي ڇو زهر ڏنو؟“

ڪڏهن ڪڏهن جيوي ”ڌڻي“ لفظ کي ئي چهٽي ٿي پوي. چوڻ تي لڳي: ”منهنجو ڌڻي؟ اهو ته پرديس ڪمائڻ ويو آهي.“ چئي لجا ڀريءَ مرڪ سان ننڍڙي ٻار وانگر ٿي ٻولي: ”منهنجي لاءِ نوان ڪپڙا آڻيندو. سونيون ڪنگڻيون آڻڻ لاءِ به چئي ويو آهي.“ ته ڪنهن وقت گاريون ڏيڻ به ٿي لڳي: ”ڪين ڳنهو نه انهيءَ ڪارمنهين جو نالو! ؤٺ پويس. مونکي گڏيو به ڪين. گڏجي ته سهين، ڏسي وٺنديسانس نه!“ ۽ اهڙيءَ ڌن ۾ هوندي ته ڪنهن رستي لانگهائوءَ کي وينتي به ڪرڻ ٿي لڳي: ”چئجوس نه وڃي ته جيوي توکي ڏاڍو ٿي ساري سنڀاري. توهان نوڪريءَ تي ٿا وڃو نه؟ مونکي به ڪين جيڪر وٺي هلو. مون کي اُن سان ملڻو آهي.“ ۽ اُهي واٽهڙو: ”هٽ چري!“ چئي، ڪڏهن ته مارڻ به ٿا لڳنس. نه ماريندس ته گهٽ ۾ گهٽ ڌڪو ڏيئي پري ته ڪرڻو ئي پوندن.

رات جي وڳڙي بعضي نانيءَ ٻڍيءَ جي اڱڻ ۾ ئي گول مول ٿي سمهي پوندي ته ڪڏهن وري ڪنهن ديالوءَ جي گهر روٽيءَ ٽڪر کائي، انهيءَ جي ئي اڱڻ ۾ ڪنڊ پاسي ڪرونڊڙي ٿي پئجي رهندي. ڪپڙا ڦاٽي ليڙون ٿي ويا اٿس. مٿي جا وکريل وار، ڌوڙ ڀريا. بلڪل اڇا ٿي ويا اٿس. سنان ته ڪير ڄاڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن ڪيو هوندائين! ڪيترائي دفعا ڳرٺ جا ڇوڪرا پنيانئس پئي کيس ستائيندا آهن: ”اڙي ڀوتڙي ٿي اچيو، جيوي چري. ڪتي ٿي چڙهي، ڪتي جو پڇ لڏي، جيوي پيئي ڌڏي!“

اهو سڀ ڏسي ڀڳت کان به هڪ اڌ آهه نڪري ٿي وڃي. چوندو: ’اڙي ڀڳوان! اهو به ڏينهن هو، جڏهن چڱا چڱا جوان هن جي اک پوين، ته پنهنجا ڀاڳ ڀليرا ڀانئيدا هئا، ساڻس ٻن حرفن ڳالهائڻ جو وجهه ملين ته فخر سمجهندا هئا، اڄ انهيءَ جي ههڙي حالت؟ ڪٿي جنمي؟ ڪٿي دل لڳايائين؟ ڪٿي وڃي پرڻي؟ ۽ اڄ ڪٿي وڃي پهتي آهي؟‘ ۽ پنهنجو ويچار نه ڦيرائيندو هجي، تيئن من کي سمجهائيندو: ’نه نه ڀڳوان! ماڻهو ٺاهيءَ سو ته ٺيڪ، پر زال جي دل ٺاهڻ ويل تو بيگر جو ڪم ڪيو ٿو ڏسجي!‘

ڏياريءَ ۾ پنج ڇهه ڏينهن آهن. ڪانجيءَ وٽان ڪنهن جواب نه ملڻ ڪري وڏو ڀاءُ وري ٻيهر ڀڳت وٽ خط لکائڻ لاءِ آيو آهي. ”ڀڳت، ڪانجيءَ وٽان ڪو خط پٽ ئي ڪونه آيو آهي، ۽ اسان ته سندس مڱڻو ڌن تيرس تي رکيو آهي. توهان صاف صاف لکوس ته ڀوري پٽيل جي ڌيءَ روپيءَ سان تنهنجي مائٽي ڪرڻي آهي، سو فورن هليو آءُ. ڇا جي ڪري ڳالهه ڳجهي رکجي؟.....“

انهيءَ ۾ وري ڀڳت جي ڪن ۾ ڪجهه چئي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيرو ٿو گڏائيس: ”۽ اڳوپوءِ اهو به لکي ڇڏيوس نه ته جيوي چري ٿي پيئي آهي. سو ائين، سندس من ۾ ڪجهه هوندو ته هڪ هيڪاڻي ٿي پوندي.“

ويچاري ڀڳت کي اُنهيءَ مهل ڪجهه سمجهه ۾ ئي ڪونه ٿي آيو. گهڙيءَ ۾ انهن ٻنهي جو چوڻ برابر ٿي لڳس ته گهڙيءَ ۾ وري اصل غلط ٿي لڳس. انهيءَ ڪري ئي ته اڳئين ڀيري ڳالهه گول مول ڪري ڪانجيءَ کي فقط ’تو ۾ ڪو ڪم پيو آهي، سو جلدي هليو آءُ،“ ايترو لکيو هئائين. پر اها پنهنجي ترڪيب ڪارگر نه ڏسي، هن ڀيري ته اُن ’جيڪي ٿيڻو هجي، سو وڃي ٿئي‘ جو فيصلو ڪري، جيڪي هنن لکايس، سوئي لکي ڇڏيائين.

ڏن تيرس گذري ويئي ۽ ڏياري پڻ اچي چڙهي پر نڪو ڪانجي آيو، نڪو سندس خط پٽ ئي آيو. الٽو نانو ڪٽارو اها خبر کڻي آيو ته ڪانجي ڏياريءَ تي گهر اچڻو ڪونهي. وڏي ڀاءُ، ڀڳت توڙي هيري کانئس تمام گهڻا سوال پڇيا، پر سڀني کي جواب ٽنڪا ۽ گهڻو ڪري هڪ ڪرائي ڏيندو رهيو. ڪئين ڀيرا ته ڪانجيءَ جي باري ۾ ڪا ڳالهه نڪري مس ته هو اُٿي هليو وڃي.

ڏياريءَ جي ڏينهن هيري جي گهر ماني کائي ڀڳت پنهنجي اڱڻ ۾ اچي ويٺو. ايتري ۾ ”چري ڙي! چري ڙي!“ اهڙيون ڇوڪرن جون رڙيون ۽ ڦٽاڪن جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آواز سندس ڪنن تي پيا. جهٽ ڀڳت اٿي کڙو ٿيو ۽ وڏيون ٻرانگون پائي ڇوڪرن جي ٽوليءَ وٽ وڃي پهتو. ڇوڪرن کي دڙڪو داب ڏيئي دور ڪيائين ۽ جيويءَ کي وٺي هيري جي گهر ويو. ڪنڪوءَ کي چئي، ان کي کائڻ لاءِ وهاريائين. ٻاهر نڪرندي، چيائينس: ”ڪنڪوُ، هن پڳليءَ جي ذرا سنڀال رکندي ڪج. ٻيو ڪي نه ته ڪنهن ڏينهن روٽيءَ جي مهل هجي ۽ هيءَ نظر چڙهيئي ته کيس سڏي روٽيءَ ٽڪر ڏجانس. بس، ايترو انهيءَ لاءِ ڪيءَ سو به گهڻو ڪي ٿيو.“ چئي، ٻاهر نڪرندي وري جيويءَ ڏانهن هڪ ڀيرو نهاريائين. سندس حالت ڏسي ڀڳت کان هڪڙو وڏو شوڪارو نڪري ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرڪرڻ ٻاويهون

دليون پاڻ ۾ مليون

ڪارتڪي پورڻما دن ٻه دن ويجهو پوندي ٿي ويئي. ٻارهين ٻارهين مهني جا ڳندڙ ٻائوجي ديو جي نغارن جي نوبت آسپاس وسندڙ ماڻهن جي ڄڻ ته اصل ڪنن ۾ ٿي وڃي - تنهنڪري اهي پنهنجيءَ ڪار ڪرت مان فارغ ٿيڻ جي تڙ تڪڙ ڪري رهيا هئا. ڳوٺ مان ڪير ڪير ويندا ۽ ڪهڙا ڪهڙا ڪپڙا پهري ويندا وغيره، اهڙا فيصلا پڻ ٻه ڏينهن اول ئي ٿيڻ لڳا. پاپ جي خيالن وارا پاپ ڌوئڻ ٿي ويا، ۽ بن اهڙن خيالن وارا پاپن وڌائڻ لاءِ به وڃي رهيا هئا. پر آخر ۾ ٿيو ڇا ٿي جو پاپ ڌوئڻ وارن جا پاپ جيڪي سوڌي ٿي ويا ۽ وڌائڻ لاءِ آيلن جا آسانيءَ سان ڌوپجي ٿي ويا. ڪي وري ناگڌارا نديءَ ۾ سنان لاءِ وڃي، ٽٻي ڏيئي ڪريا ڪرم کان پنهنجا پلو آجا ڪرڻ ٿي ويا ۽ پنهنجي مطلب سڌ ڪرڻ لاءِ ويندڙ به ڪي گهٽ ڪونه هئا.

’دنيا ۾ جيڪي به تيرٿ آهن، سي سڀ پنهن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اندر ۾ ئي آهن.' اهڙيءَ مانيتا وارا سنت به هن پورٽما جي ميلي تي ري چڪيي ويندا. ٻيا ڳوٺ جا اڃا ٻن ٽن ڏينهن ۾ ئي واپس ورندا، پر هي ته اَٺ ڏهه ڏينهن کپ کوڙي وهندا. هن سال پڻ انهن جي ٽولي تمام وڏي هئي. هيرو ۽ منوهر ته هئا ئي، تن سواءِ ٻيا به ڪي پندرهن ويهه ڄڻا ڪرڙوڍ ۽ جوان وڃڻ لاءِ تيار ٿيا هئا.

نانا پڻ ڪارتڪ جي ميلي تان ٿي پر ٻاهرو وڃڻ جو ارادو ڪيو هو- ماڻهن کانئس پڇيو به ٿي: "هن سال ته تون جلدي جلدي پئي آيو آهين، نانا! ۽ سو وري هيءَ ويهن ڏينهن جي موڪل ته هن هڪ ڦيري ۾ ئي خلاص ڪري ڇڏيءَ."

نانا کلي ٿي جواب ڏنو: "سو وري ڪيئن؟ ڀائرن سان گڏ گهارڻ لاءِ جيترا ڏينهن ملن، اوترا واهه واهه- موڪلون ملنديون هجن ته ڇو ڪين وٺجن؟"

"ڀلي ڀائي، ڀلي" چئي، ماڻهن نانا جي سياڻپ جي ساراهه ٿي ڪئي ۽ هڪٻئي کي ٿي چيائون آکيائون: "سچي ڳالهه آهي ڀائي، نيٺ ته آهي پرديس جو ڪم. ڪير مئو، ڪير بچيو، ڪهڙي خبر، آهي ڪي ناهي؟"

سج لهي سانجهي ٿئي تنهن کان اڳ ۾ پهچي وڃجي. انهيءَ خيال کان ڳوٺ جو جٿو تيرس ڏينهن ڀينڀرڪي جو ئي روانو ٿي چڪو هو. پر اُنهيءَ جٿي مان ٻن چئن جوانن کي نانا "اڙي، هنن پوڙهن جي سنگ ۾ ڍٻڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڍٻڪ ڪري هلڻ اسان کان ڪيئن پڄندو؟ سڀاڻي ڪڪڙ جي ٻانگ ٽاڻي نڪرون ته ٻن پهرن کان پهريائين هلي ٻاؤجيءَ ٺڪاءُ ڪريون - پاڻ هڪ ڏينهن گهر جي ڪم ڪار لاءِ به ملندو!" ائين چئي، پنهنجي ٽوليءَ ۾ ڀائيوار ڪيو هو.

نانا کي ڄڻ اوچتو ئي اوچتو ڪين سجهيو هجي، سو هڪ ٻن هنڌ ڳالهه ڇيڙيائين: "ويچاريءَ هن جيوليءَ کي ته ڪوئي ٻاؤجيءَ وٺي ئي ڪونه ويو! ناگڌارا ۾ سنان ڪرڻ جو پرڀاءُ ته ايترو سارو آهي، جو جيڪر اُهو چرين بنائڻ وارو ڀوت به پڇ پائي پڄي وڃيس."....

تڏهن سامهون واري ماڻهوءَ وٺايس: "ها ڙي ڀائي، ويچاريءَ کي وٺي وڃن ها ته وڏو پڄ کٽن ها." ۽ مکي ته نانا جي ئي گلي پئجي ويو: "اڃا تون ته وڃڻو آهين نه، نانا؟ ٻه چار ڄڻا پاڻ ۾ آهيو ته ويچاريءَ کي وٺي وڃو نه! چئو ته ان جي کاڌي خوراڪ لاءِ سيڌو سامان آءٌ پنهنجي هڙان وٺي ڏيانؤ. مونکي ته ويساهه آهي ته ٺيڪ ٿي پوندي. سمجهيءِ، نانا؟ منهنجي پڦيءَ جي حالت اصل انهيءَ جهڙي ٿي ويئي هئي؛ پر ناگڌارا ۾ ٽٻي ڏنائين ته روپئي مان اٺ آنا فرق پئجي ويس. سو ايترو ته ڪرڻ ئي گهرجي! فرق پيس ته سندس يا نصيب، ۽ جي فرق نه پيس ته ٻين ڳوٺن وارن سان واپس پٺي ڏجوس." ۽ وري ذرا هٻڪندي ٻوليو: "مون کي ته ماٺ ٿي لڳي، ههڙو ڀڳت جهڙو ماڻهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيئن ڀلي ويو؟"

نانا قبوليت ڏني: "چڱو، مکي ڪاڪا، پر کيس رات جو تڏهن توهين پاڻ وٽ سمهاري ڇڏجو! نه ته ڪڪڙ جي ٻانگ ٿي ته ڪٿان ڳولهيندا وتنداسونس؟ هڪوار ڳوٺ کان ٻاهر نڪري، پوءِ رستي ۾ اسين کيس آتاري اوتاري وٺي ويندا سون....."

"اڙي، اهو ڪم اسان جو،" چئي، محلي جي ماڻهن به انهيءَ پنچ جي ڪم ۾ هٿ وڌو.

ڪڪڙ ٻانگ ڏني ته جيويءَ کي ساڻ ڪري اُهي چار جوان ميلي تي وڃڻ لاءِ روانا ٿي ويا.

نانا وات تي جيويءَ کي بات چيت ۾ بهلائڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. ڪنهن لڳا هوءَ آڏي ابتي هلڻ لاءِ هوڏ ڪري بيهي ٿي رهي، ته ڪنهن لڳا هوءَ لڙڻ ٿي آئي: "ماريا پٽيا! شهر ۾ ٿا وٺي هلونءِ؛ ائين چئي ٿا مون کي ٺڳيو، ڪيئن؟" چئي، جنب کڻڻ ٿي ويئي. پر نانا وري پرچايس ٿي: "اڙي نه ڙي جيوي ڀاڀي! اسين ته توکي پنهنجي پيڪي ٿا وٺي هلون." جيوي يا ته بود ۾ ڀرجي ٿي ويئي، يا ته وڌيڪ ڪاوڙ ۾ اچي ٿي ويئي. پر انهيءَ وچ ۾ کائڻ ڇوڙي ڏيڻ تي وري هوءَ چپ ٿي ٿي ويئي. روٽيءَ جو گرهه چٻاڙيندي، پئي وڦلي: "اڙي، مون کي وٺي ته هلو ٿا پر توهين کيس سڃاڻو سهين؟ توهان کي ڏسندو ته ماري رکندو، ڙي! سچ ٿي چوانو، هلي وڃو، ٽري وڃو!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نانا کان سواءِ بيا سڀئي ٺهڪڙي ۾ اچي ٿي چئيا. پڇڻ لڳندس: "تنهنجو 'ڪيس' ڪٿي آهي؟ ويچاري کي زهر ڏيئي ماري نه ڇڏيءَ."

۽ زهر جو اکر آيو نه جيويءَ جو مغز هڪدم گرم ٿي ويو: "زهر نه تنهنجي ماءُ ڏنو هوس." وري ڪن ساعت ۾ روئڻ ۾ اچي چڙي: "هاءِ هاءِ، ڪيس زهر ڏنم؟" ۽ اهڙيءَ طرح رستي تان لنگهندڙ واٽهڙن کي ڪڏهن روڪاريندي نه ڪڏهن وري ڪلائي ڪلائي پيٽ ۾ سور وجهائيندي، جيوي سج لهندي سان ٻاڙهيءَ جي مڙهيءَ وٽ اچي ڀهتي.

جيلن جي ماڻريءَ ۾ نه فقط ايشور جو اوتارو ۽ ڪيئ سچو ساروِ ۽ آدمين جي آگمن ڪري چمڪيو ٿي، ٻهڪيو ٿي. پنجويهه ٽيهه ڪن نه ٻڙاون ٻڌجي ويون هيون، ۽ انهن ٻڙين ۾ نه رڳو چيزون، ۽ چيزون وڪڻندڙ ۽ نوان، وڏا وڏا شهري واپاري هئا. جهاني راند ڪا نه جاچي ڏسبا هجن، تيئن هزارين ماڻهو انهن دوڪانداران ۽ سندن چيزن کي لڀاسي ڏسي رهيا هوا. وري پيسي پيسي واري 'جرمن ڪا راجا ديکو' جي بدران ٻردي ٿي طوفاني سمنڊ کان وٺي ويندي چلم جي دونهين تائين ڏيکاري، اهڙيءَ 'سنيما' جي مقان نه ساروِ ڏيهن پيهان پيهه لڳي پيئي هئي. رام ليلا ۽ چونڪيءَ جي بدران 'ويڙا ويليءَ' جو کيل ڪيڏو هو راهت جو انين ٻجي، ۽ ماڻهو اچي انهيءَ لاءِ ڳاهت ٿي وينا هئا، شام جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چئين ڀڄي ڪان وئي، ۽ مهانگي ۾ مهانگي بن رويين واري ٽڪيٽ ۾ خلاص ٿي ويئي هئي.

سوير صبح ڪان وٺي چڪري چڙهيل پندرهن چوڏهن، راڄ پڻجي ويئي تڏهن ۽ اڃا زمازم چالو هئا. ۽ انهن مان ۽ ٻنهه آسمان سان ٽڪر ڪائيندڙ وڏن چوڏهان وٽ ته اڳهر ئي ماڻهن جي پيڙان پيڙ لڳي پيئي هئي. تنهن ڪان سواءِ هن شينهن کي ٻڪري ٻڌائيندڙ- جادوءِ سان ئي هوندو- سرڪس واري ٻڌل شاميانو جو در ته ماڻهن جي وچ وارين وٽين مان ڏسو، تڏهن ئي مس ڏسي سگهجو.

وري 'ڳالهائيندڙ ڏڙ' ۽ 'چرندڙ مٽي' وغيرهه جا چمتڪاري اَڏا ۾ آدمين سان اُياڻي رهيا هئا. مٺائيءَ جي دوڪانن، هوٽلن ۽ اهڙين جڳهين ئي ٻيو قسمت سانگي ڪا شيءِ شڪل ئي ملي، هونءَ ته ڏڪا ڏاڍا ڪائي هرڪنهن کي پنتي موٽو ئي پيو، ۽ ٻاڙجيءَ جي وڏي ۽ ويڪري ڦاٽڪ جي ته ڳالهه ئي ڪهڙي ڪجي؟ ٻاڻيءَ جي برڙ برڙان جن ڏئي هوندي، سي ئي اني جي پيڙ پيڙان جو انداز لڳائي سگهندا.

ليڪن هيءَ ته سموري اندرين وپاڻ جي ڳالهه ئي، اني ڪان چوڻا ماڻهو ته ٻاهر چڪر ماري رهيا هئا. هرڪنهن ٽڪريءَ ئي ڪجهه نه، ڪجهه ته هوئي - ٻيو ڪي نه ته ڪنهن ساڏوءِ جي سماڌي ئي سهين، ۽ جي اني ڪير آنتو ڪين ماري اچي ته هيتريءَ ٻيهاءَ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻاؤجيءَ جو درشن ٿيو، سو به اڪيارٿو! لک چوراسي جوڻين مان بچڻو هجي ته اُتي وڃڻ کان سواءِ چاڙهو ئي ڪونه سمجهو - ساڌارڻ ڏينهن تي جن ٽڪرين تي کنور ڪڍندڙ ڀيلن کان سواءِ ڀاڳيي ڪو انسان ڏسڻ ۾ ايندو هوندو، اتي اڄوڪي ڏينهن پٿر پٿر تي ماڻهو ويٺل هئا. تنهن سواءِ پرئين پاسي جي تري ۾ به جڻ ڪو ڳوٺ نه وسي ويو هجي، تيئن اتي تنبو، گاڏا، گهوڙا ۽ گڏهه وغيره، اچي ڳاهٽ ٿيا هئا. ٻئي پاسي سمنڊ جي ڦيڻ ڪانه چڙهي آئي هجي، تيئن وڪڻڻ لاءِ آيل هزارين ڍڳا اڌيرا ٿي نظر آيا.

سانجهي ٿيڻ تي آئي هئي، تڏهن به موٽرون ته ماڻهن کي لاهينديون ٿي واپس ويون.

نانا هيستائين ته جيويءَ کي جيئن تيئن ڪري وٺي آيو هو، پر سندس سچيءَ سنڀال جي ته هينئر ئي درڪار هئي. گهڻيءَ جا کوڙ بعد ڳوٺ جي ٽوليءَ کي ته ڳولهي لڌائين. ٽهه ٽهه ڪري کلندڙ جيويءَ تي نظر پوندي ئي، ڀڳت چئي ڏنو: ”اڙي، هن چريءَ کي هتي ڪير وٺي آيو؟“

ڳوٺ جا ماڻهو جڻ ڳڻيندو نه هجي، تيئن اک ڦيرائيندي، نانا ڪڪ ئي چيو: ”اڙي ڇا ڪريون، ڀڳت ڪاڪا؟ گهڻو ئي ناڪار ڪئيسون، پر مکي چوي ته وٺي وڃوس. ناگڌارا ۾ ٽٻي هڻندي ته ٻاؤجي نوبنو ڪري ڇڏيندس .....“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اڙي، ڪيس ٻاؤجيءَ نوبنو! ٻاؤجي کي وري نوبنو ڪرڻو هجيس ها ته چريو ئي ڇو ڪيائينس؟“ ڀڳت ڏاڍو اچي چڙيو.

نانا ٻيهر هيڏانهن هوڏانهن اک ڦيرائي. ايتري ۾ وري ڀڳت جو آواز آيو: ”اڙي توهان جي کائڻ پيئڻ جو ڪهڙو بندوبست آهي؟“

نانا پنهنجي ساٿيدارن سان صلاح ڪرڻ کان سواءِ ئي چئي ڏنو: ”اسان وٽ ته روٽيون هيون، سي هاڻي سج لهندي ئي کاڌيون اٿون. وڌيڪ کائڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي.“ ۽ پوءِ وري پري کان هڪ موٽر ڏانهن ڏسڻ لڳو.

هڪ ته سيارو ۽ ٻيو وري چوڌاري پاڻيءَ جو ڇٽڪارو، تنهن چڱو ئي ڪيو هو ٿڌ جو چمڪارو، پر هتي اوڍڻ لاءِ ڪي آڻجي ڪٿان؟ هرڪنهن کي پنهن جي هڪ هڪ جوڙي وڌيڪ ڪپڙن جي مان ئي پهرڻ توڙي پٿرڻ جو پورائو ڪرڻو هو. پر جيويءَ وٽ اهو به ڪين هو. آخرڪار ڀڳت پنهنجي تن کي تسيو ڏيئي کيس پنهنجي ڌوتي پهرائي، سگريءَ جي ڀرسان کڻي سمهاريس- ٻوڪ ڦاڙي ٻه چار دڙڪا ڏيئي، ٻڪ ٻڪ بند ڪرائي ڇڏيائينس. نانا کي به ٿورو ڪجهه ٻڌڻو ته پيو، پر انهيءَ جي عيوض جيويءَ جو بار جهڪو ٿيس سو ئي هن لاءِ گهڻو ڪي هو.

چاندني رات چئني طرفن کان چمڪي رهي هئي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنيما ۽ ناٽڪن کي ٻه پاسيرو ڪري ڇڏين، اهڙين مرد نگن جون منڊليون ڳائي وڄائي رهيون هيون. هوڏانهن وري آسمان جي گنبد هيٺان پلئي ماري وينل نمبوداري پڳڙن جو ڪنڌ ڏرتيءَ تي وينل جو پان پُلائي ڪنهن اگم اگوچر ديس جو درشن ڪرائي رهيو هو:

”منهنجا ڏرتيءَ کي چئو ڙي سلام،
اسين ٽنهه پکيڙا اوچي آسمان جا.....“

پکيءَ لڳ پڳ ساري رات جيويءَ جي سار سنڀار ۽ ويچارن ۾ ئي وتائي - صبح ٿيڻ سان ئي هنن نوجوانن کي ٻه ڳوٺ جي ٻن ٽن روڳين سان گڏ جيويءَ کي ٻه ناگڏارا وني وڃڻو پيو. انهن سيني پاڪبدن ۾ نه مڇيندڙ پکيءَ ڀڻ چپ چاپ هلندو ئي هليو. پر نانا سيني جي پوٽنان ئي هو. اُن ٻه رات جو اوجاگر ڪيو هو، اٿين پئي ان جي اکين مان معلوم ٿيو، ۽ سندس ڪن ته اچا ٻه موٽرن جي آوازن پاسي ئي هئا. هر گهڙيءَ ڪنڌ وراڻي پنيان ٻه پئي ڏنائين.

ناگڏارا ۾ هزارين ماڻهو پيا هئا. ڪن ٿيبون هٿي ئي ڪيليو، ته ڪي وري پاڻيءَ جا چنڊا هٿي ٻين سان ئي راند رميا. هڪ ته ٽڙ ٽڙ ڪاٿيندڙ ٽڻ ۽ ٻيو وري ٻلاءِ وانگر ڪنو ٿيل نديءَ جو سيتل پاڻي! مٿان هيڪاري هتان هتان سر ۾ ڪي ڇيندڙ پاڻيءَ جا ڇڻڪارا! پوءِ پلا انسان ئي ڀوت نه سوار ٿئي ته ٻيو ڇا ٿئي؟ پر جيوي ته نديءَ ۾ گوڙ ڪان ئي ناهري واري وينئي. ڪناري جي ڪِڇڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ئي ويهي رهي. مگر ائين ڪو ماڻهو ٿورو ئي ڇڏڻ وارا هئس؟ هڪڙي ڄڻي ته ڀر واري ٻئي هڪ ڄڻي جو نقل ڪري جيويءَ کي لت به هڻي ڪڍي. ڪنڌيءَ تي بيٺل ڀڳت ڪجهه چوڻ تي هو ته پٺيان آواز آيو: ”اڙي او مورک!“ جان کڻي ڏسي ته لعل لعل اکيون ڦوٽاريندو ڪانجي اچي رهيو هو.

”واهه جو ٿا ڪم ڪرايو، ڀڳت!“ پڪاريندو، سڌو جيويءَ پاسي لڙيو. هو جوان ڄڻ ڪانجيءَ کان ڇرڪندا نه هجن، سو اُهي الڳ ٿي کسڪي ويا. ڪانجيءَ جيويءَ کي ٻانهن کان وٺي اُٿاريو. سندس منهن ڏانهن کن ڀر نهاريندو رهيو. جيويءَ جون اسٿر اکيون ڏسي ان کان هڪڙو اونهو شوڪارو نڪري ويو. کيس ڪناري تي وٺي آيو. ڳلن تان مٽي اُگهندي، ”پنهنجو حال ته ڏس؟“ چئي، سامهون بيٺل ڪاڙيءَ کي چيائين: ”ڪاڙي، پنهنجا ڪپڙا بدلائي هنکي پاراءِ نه ذرا.“ ائين چئي، ڪانجيءَ کيس ڪاڙيءَ جي حوالي ڪيو. ڀڳت کانسواءِ هي پنجويهه ڄڻا ڪانجيءَ جو جيويءَ سان هيئن اصل پنهنجي پياريءَ وَنيءَ جهڙو ورتاءُ ڏسي وسميءَ ۾ پئجي ويا. پر ڪانجيءَ جو ورتن ته بلڪل سڀاويڪ هو. ڀڳت ڏانهن ڦري پڇيائينس: ”ڪڏهن آيا آهيو، ڀڳت؟ اوهو! هيرو به آيو آهي نه؟“

”هنن سڀني ۾ منهنجو ته ملهه ڪير ڪري ئي ڪونه ٿو!“ انهيءَ خيال ڪندي نانا چئي ڏنو: ”اڙي واهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪانا ڀائي! آءٌ ته ڪلهه رات کان وٺي تنهنجي واٽ پيو واجهايان."

"ڇا ڪريان، ڀائي! موٽر ۾ به جڳهه ملي نه؟" چئي، ڪانجيءَ نانا طرف نهاري بيوس نموني کليو. سامهون ايندڙ موٽر تي نظر پوڻ تي ڪاڙيءَ کي چيائين: "ڪاڙي، ذرا جلدي ڪندينءَ، تڏي ...."

هيري ٻوليو: "پر تون هيئن اوچتو ڪٿان اچي سهڙئين؟ نه ڪڏهن خط پٽ جو جواب ڏين ۽ نه ڪڏهن گهرايونءَ ته به اچين!" چئي، ننڍي ٻار کي نه ريجهائيو آهي، تيئن چيائينس: "تون اصل اهڙو ڇو ٿي پيو آهين، ڪانجي؟"

"پر آءٌ آيو ته آهيان. پاڻ ۾ سڀيئي گڏ ياسين، باقي ٻيو ڇا گهرجي؟" چئي، ڪانجيءَ ڀر ۾ ڪپڙن پهرائيندڙ ڪاڙيءَ پاسي منهن ورائي ڏٺو. نانا ڏانهن نهاريندي پڇيائينس: "ڪيئن نانا، هلين ٿو هاڻي، ڪين سڀاڻي؟"

ڀڳت کي شڪ ته تڏهن ئي پيو، جڏهن جيويءَ کي ڪالهه نانا سان گڏ ڏٺو هئائين. ڪانجي ڏانهن نهاريندي پڇيائينس: "ڇا تون اڄ جو اڄ ئي واپس ٿو وڃين ڇا؟"

"هائو وري، ڀڳت! مون کي ته ڪالهه رات جو ئي واپس وڃڻو هو، پر موٽر دغا ڏيئي ڇڏي! سڀيئي موٽرون 'پيشل' پوءِ اچي به ڪيئن سگهجي؟"

"پر تون هيئن اوچتو آئين ڪيئن ۽ وڃين ڪيئن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿو؟ تنهنجي ڳالهه ئي سمجهه ۾ ڪانه ٿي اچي، ڪانجي!"
چئي ڀڳت رنج ڀريءَ صورت سان ڏسڻ لڳس- پر
انهيءَ سڀ ڏسڻ ٻڌڻ جي ڪانجيءَ کي هن مهل
فرصت ئي ڪانه هئي. کلندي چيائين: "توهين ته
ڀڳت، سڀ ڪي سمجهو، اهڙا آهيو- ٿوري ۾ منهنجا
ڀاءُ ....." چئي، جيويءَ ڏانهن نهاريندي وڌيڪ
ٻولياءِ: "هن جي حالت ته ڏسو، ڀڳت!" ۽ ڪاڙيءَ
جو ڌيان ڇڪائي: "هن کي ذرا هن مهاديو تائين وٺي
هل نه، ڪاڙي! نانا، ڪجهه مدد ته ڪر نه، دوست!"
چئي قدم کنيائين.

منجهي پيل نانا چيس: "پر ڪانا ڀائي، هنکي ته
تو ناگڌارا ۾ ٽٻي ڏيارڻ لاءِ ٿي چيو نه؟ هيڪر ٽٻي ته
ڏيارينس، پوءِ کڻي مهاديو جو درشن ....."

اڀو ساهه کڻندي، ڪانجيءَ وچ ۾ ئي چيو: "چريو
ٿيو آهين کريو؟ ويچاريءَ ساري عمر ته ٽٻيون ئي ٽٻيون
پئي ڏنيون آهن!" ۽ نانا سامهون ڦڪو کلندي چيائين:
"هن جي پاران ۽ ساڻ ساڻ منهنجي پاران به هڪ ٽٻي
تون ئي ڏيئي ڇڏجانءِ نه!" ڪانجيءَ هلندي هلندي
ئي چيو.

"مگر ائين ڪنهن ٻئي جي ٽٻيءَ سان ...."

وري ڪانجي وچ ۾ ٻوليو: "تڏهن ڀلا ڀائي، ائين
ڪنهن جا پاپ ڪنهن جي سنان ڪرڻ سان ڌوپي به
ويندا آهن ڇا؟ هاڻي ذرا تڪڙي وک کڻ نه، ڪاڙي!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪڙي ڀڳت کان سواءِ ٻئي ڪنهنکي به سمجهه ۾ ڪين آيو ته ڪانجي ڇا ٿو چوڻ چاهي. ڪانجيءَ جي پٺيان ڀڳت ۽ سندس ٽولو پڻ بي خيالو هلندا پئي هليا.

تڪڙ ۾ ٿورو اڳتي نڪري ويل ڪانجيءَ ئي پٺي ورائي نهاريو ۽ چيائين: ”توهين ته سمجهي ويا هوندا ته ڀڳت! آءٌ هنکي وٺي وڃڻ لاءِ آيو آهيان.“

ڀڳت هڪ ٿڌو ساهه ڀريو. هو ڳوڙهي خيال ۾ پئجي ويو ٿي ڏٺو. چيائين: ”مونکي خبر هئي، ڪانجي! پر کيس هاڻي هن حالت ۾ وٺي وڃي تون به ڪهڙو سک .....“

ڪانجي ڍرو ٿيو. چيائينس: ”سک جي ته هاڻي ڳالهه ئي ڇڏي ڏيو. تڏهن به ايترو ته آهي ڀڳت، ته هن کي هيئن جتان اچيس، اتان ڳڀي ٽڪر ميڙي سيڙي کائيندو ڏسان، تنهنکان ته هوءَ مون وٽ هوندي ته منهنجي من کي وڌيڪ وسرام رهندو. توهان جو خط مليو، تنهن ڏينهن ئي آءٌ اچان ها پر مونکي لڳو ته توهين سڀ گڙ ٻڙ گهوٽالو ڪندا، تنهنڪري ئي مونکي نانا سان به ذرا حرفت هلائڻي پيئي.“

پٺيان گهلبو ايندڙ هيرو ڄڻ ننڊ مان نه جاڳيو هجي، تيئن پڇيائين: ”ته ڇا تون هنکي وٺي وڃڻ لاءِ آيو آهين، ڪانجي؟“

ڪانجيءَ ساڳي ئي درڍتا ۽ ساڳئي ئي لاچار آواز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ”ها هيرا،“ چئي پنتي پئجي ويل ڪاڙيءَ کي چيو: ”ذرا وک وڌائيندي هل ڪاڙي!“ اچانڪ ڪجهه ياد ايندي، کيسي مان ٽي روپيا ڪڍي ڀڳت کي ڏيندي چيائين: ”هنن پيسن سان ڪاڙيءَ کي هڪ جوڙو ڪپڙن جو وٺي ڏجو.“ ۽ ڪاڙيءَ کي به ٿي اهو ٻڌايائين، تنهن کان اڳ ۾ سندس نظر وڃي اجهو ڇٽڻ واريءَ موٽر تي پيئي.

”اڀي رکجانءِ، اي .....“ وڏو ٻوڪ ڦاڙيائين. موٽر کي بيهندو ڏسي هو ترت ئي پنتي وريو. ٻڪندي وٿاڦيندي هلندڙ جيويءَ کي ٻانهن کان اڳيرو ڪيائين. موٽر وٽ پهچڻ سان ٻنهي هٿن سان جهلي کيس موٽر ۾ چاڙهيائين. ڀڳت ڏانهن اکيون ڪري چيائين: ”ڀڳت! هيرا دوست! حياتيءَ ۾ وري ملون الاجي نه ملون پر ڪڏهن ڪڏهن ياد ڪندا رهجو! ۽ منهن جي وڏي ڀاءُ کان ....“ گلو صاف ڪري - ”منهن جي پاران معافي وٺجو ۽ چئجوس ته ....“ انهيءَ کان وڌيڪ ڪڇي ڪين سگهيو. هڪ دفعو ٻيهر سڀني ڏانهن نهاريائين. بيوقوف ڇسي جهڙي هيري چئي ڏنو: ”اڙي ڪانجي، نه ذات جي، نه پات جي، ۽ ڇا توکي اها ڪيئن گهرجي؟“

موٽر واري واڪو ڪيو: ”هل هاڻي ويهه کڻي؛ پيٽرول ٿو ٻري.“ ڪانجيءَ موٽر ۾ پير رکندي فقط ايترو چيو: ”ڇو، مونکي ڪيئن گهرجي؟ هيرا، تنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏينهن انڌاري رات جو هيءَ اسان جي پٺ وٺي آئي هئي، سو ڪنهن جو منهن ڏسي؟"

ساري جو سارو ٽولو ڦاٽل اکين سان ڄڻ وڄ جي ٺڪاءَ لڳڻ تي "هيءُ ڇا ٿي ويو؟" ائين ويچاريندي ٺپ ٿي ويو هجي، تيئن ڌوڙ اُڏائيندي ويندڙ موٽر کي ڏسندي کڙو هو.

سڀني کان پهريائين سامت ۾ آيل ڀڳت هڪ ٿڌو ساهه کڻي، ايترو چيو: "دليون پاڻ ۾ مليون، پوءِ باقي ٻيو ئي به ڇا ٿو سگهي؟"

هيرو اهي سڀ ڪارناما ڪندڙ ڄڻ نانا ئي نه هجي، اهڙيءَ طرح ان جي طرف غصي ڀريءَ نگاهه سان نهاري رهيو هو. هيڏانهن ڀڳت ڪنئيي ڪونڌر جهڙي ڪانجيءَ سندس آشائن ڀري جيون ۽ انهن سڀني مٿان مڙهجي آيل هن دکدائي بوجي جو ويچار ڪندو، اڃا اُتي ئي بيٺو هو، ۽ ڪاڙي وري پنهنجيءَ ئي چنتا ۾ مائل هئي: "هاءِ هاءِ! رن ته منهنجا ڪپڙا به کڻي ويئي!"

سڀيئي واپس وريا، تڏهن سامهون کان گرجنا ڪندڙ سمنڊ وانگر ماڻهن جي انبوهن جا آواز اچي رهيا هئا. پٺيان پهاڙن جي چاڙهين تي چڙهندڙ موٽرن جو گهوگهاٽ ٿي ٻڌڻ ۾ آيو، ۽ انت ۾ ته اهو پڻ ورتمان جي وهندڙ ڌارا ڀوتڪال جي مهاساگر ۾ نه ملي ويندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هجي، تيئن اصل اونهي اونهي .....

جبان جي وچان سر اوچو آڳاٽ ڪري بيٺل گنبد ڏانهن ڏسي، هڪڙو ٿڌو شوڪارو ڀريندي، ڀڳت چيو: ”واهه ڙي انسان، تنهنجي دل! هڪڙي پاسي زهر جا زوالا تـــه ٻئي پاسي وري پريت جا پيالا!“ ۽ آڪاس ڏانهن آڱر مٿي ڪيل مندر جي شکر ڏانهن نهاريندي، منجهه ڀريو مرڪڻ لڳو!

—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نَسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاڻُو، ڀاڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيe-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌَڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَـنَ) کا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَـنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَـن پاران ڪتابن کي دِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي دِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَـن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَئن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن.....

... ...

هي بيتُ اَتي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڍي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪيِ پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.

ـ اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ نايابورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو سات نيائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book